
مهراڻ
ABC
نمبر 1ء 2 / 2007ع
سنڌي ادبي بورڊ

with best compliments:
SINDHI ADABI BOARD
Jamshoro, Sindh.

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو



**وزيراعليٰ سنڌ جناب ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم**

سنڌ جي نامياري محقق ايم .ايڇ.پنهور جي وفات تي سندس
پُٽ سَني پنهور سان تعزيت ڪري رهيو آهي.
صوبائي وزير عرفان گل مگسي ۽ صلاحڪار نزهت پٺاڻ ساڻس گڏ آهن.

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 57 نمبر 1-2/2007ع نمبر 1-2

مجلس مشاورت

مراد علي مرزا

ڊاڪٽر نواز علي شوق

الطاف شيخ

اياز گل

مدد علي سنڌي

اعجاز احمد منگي

ايڊيٽر

نفيسه احمد شيخ

جوائنٽ ايڊيٽر

طارق عالم ابڙو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو، سنڌ.

(Reged No. NS-20)

**The "Mehran", Quarterly**
Vol: 57, No 1-2/ 2007
(Established in 1955)

.* An age old leading journal of scholarship in Sindhi Language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.

* Contemporary Creative writing, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Lexicography, General Culture of Sindh and translations from World literature are the main topics of material usually published in this periodical.

* Published by *SINDHI ADABI BOARD* for the promotion of Sindhi Literature with the financial assistance of *PAKISTAN ACADEMY OF LETTERS* Islamabad.

Publication contact:
Editor "Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
Fax: 2771602
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tialk Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

[ٽائيٽل: طارق عالم]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

سالياني چندو: ٽي سؤ رپيا — (فون نمبر: 2633679) — في پرچو: پنجهتر رپيا

هيءُ پرچو =/Rs: 150

Printed and Published by Aijaz Ahmad Mangi Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سائين! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪارَ
دوست تون دلدارَ عالم سڀ آباد ڪرين!
[شاهه]

# سوچ - لوچ

## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ سرڪار گذريل آگسٽ ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ انتظامي تبديليون آنديون آهن. نئين جوڙجڪ ۾ سنڌ جي وزيراعليٰ جناب ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم بورڊ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ اُن جي سربراهي سنڀالي آهي. جا اڳ ۾ صوبائي وزيرتعليم وٽ هوندي هئي. ان طرح ميمبرن ۾ به تبديلي آڻي ڪجهه نوان ميمبر مقرر ڪري بورڊ جو نئون انتظام قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ جناب مدد علي سنڌي پهرين وانگر وائيس چيئرمن آهن.

بورڊ جي ان نئين جوڙجڪ کي علمي حلقن ۾ پسند جي نظر سان ڏسندي ان کي بورڊ جي ترقيءَ سان تعبير ڪيو ويو آهي. 1951ع ۾ بورڊ جڏهن "هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر" جي نالي سان ڪم شروع ڪيو تڏهن اُن جو سربراهه به اول وزير تعليم ۽ بعد ۾ سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ٿيو. ان طرح هڪ اڳوڻي خوشگوار روايت کي دهرائي بورڊ جي ترويج لاءِ وڌندڙ انتظام ڪيو ويو آهي. اسان هن موقعي تي سنڌ جي علم دوست ۽ سُڄاڻ وزيراعليٰ جناب ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي تهنيت پيش ڪندي ان اميد جو اظهار ڪريون ٿا ته سندس ادب پروري سان بورڊ پنهنجي مقصدن ۾ خاطرخواه ڪاميابيون ماڻي سگهندو. جن سان سنڌي ادب جو منهن مٿي ٿي سگهندو. خاص طرح سان پاڻ وڏ- وزارت سنڀالڻ کان پوءِ اڳي ئي بورڊ کي ٻن ڪروڙ رپين جي خطير امداد عطا ڪري بورڊ کي پنهنجن پيرن تي بيهاري چڪا آهن. اسان بورڊ جي نون معزز ميمبرن جي آجيان ڪندي بورڊ جي متحرڪ وائيس چيئرمن جناب مدد علي سنڌي جي بورڊ لاءِ علمي دلچسپين ۽ ترقياتي سرگرمين کي به قدر جي نظر سان ڏسون ٿا. جي بورڊ جي فلاح ۽ ترويج سان عبارت آهن.

## لڏيو لطيفن.....!

گذريل چند مهينن ۾ سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت، تعليم، صحافت، تحقيق ۽ تاريخ جي شعبن ۾ وڏا خال پئجي ويا. جو انهن شعبن ۾ مخلصانه ڪم ڪندڙ خدمتگذارن جي هڪ تعداد هي جهان ڇڏيو آهي! جناب ايم.ايڇ.پنهور، جناب حسين شاهه راشدي، شريمان ڪرشن راهي، پروفيسر امينه خميساڻي، سائين الهنواز رڪڻائي، سگهڙ عبدالرحمان مهيسر، سائين مشتاق پرڳڙي، ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙو، تبسم عروج قاضي، ڊاڪٽر رياض الاسلام، سيد صالح محمد شاهه، اي.جي.چانڊيو ۽ نُورالدين سرڪي اسان کان جدا ٿي ويا. سندن وڇوڙن سان سنڌي ادب ۽ ٻولي کي پهتل نقصان جي تلافي ڪانه ٿي سگهندي. اسان سندن جدايئ تي ارمان جو اظهار ڪندي سندن مغفرت لاءِ دعاگو آهيون ۽ پونيرن سان شريڪِ غم! خدا کين جوار رحمت ۾ جايون ڏئي.

ان طرح ننڍي کنڊ جي هاڪاري ليکڪا قرة العين حيدر جي وفات تي سنڌي علمي حلقن ۾ سخت رنج و ملال محسوس ڪيو ويو آهي. جنهن جي بين الاقوامي ادبي حيثيت هڪ مڃيل حقيقت آهي ۽ جديد سنڌي ادب تي سندس اسلوب تحرير ۽ فڪري زاوين جا اڻمٽ نقش هڪ دائمي قدر جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. قرة کي سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرائيندڙ ۽ سندس اهلِ دل عقيدتمند سائين مدد علي سنڌي کي ڇڱي من ۾ پيئي جو لاتعداد مصروفيتن جي باوجود پنهنجي هڪ جامع ۽ تفصيلي تاثر سان مهراڻ کي نوازيو اٿن. جا صحيح معنيٰ ۾ هڪ "هيانءَ نپوڙيندڙ" تحرير آهي. قرة العين حيدر کي پيتا جو اهو پاڳو سندس ئي روشن خيالي ۽ احترام جي ثابتي آهي.
– ن.ا.ش

# سٿاءُ

## وکر سو وهاءِ


هيءَ جا لات لطيف جي

راضي شاهه لکياري 8

محمد فقير کٽياڻ 9

سليمان فقير ڪورائي 10

نبن فقير جيهو 11

وشنداس نهالچند پارواڻي 12


## تحقيق


1. نئين سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس (شهر جو بنياد پوڻ)
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 14

2. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جون علمي خدمتون (هڪ سرسري جائزو)
- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 22

3. ادبي اصطلاحن ۽ نظرين جي لغت-2
- ڊاڪٽر فهميده حسين 29

4. 1819ع کان وٺي ڇپيل سنڌي ڪتابن جو جائزو-13
- ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ 35

5. سنڌ بابت مواد جي فهرست نويسيءَ جو تاريخي جائزو (قسط-1)
- ناسف علي شيراز 69

6. قاضي محمد عرس جي ڪلام جو مختصر جائزو
- ڊاڪٽر نواز علي شوق 103

7. ريڊيو پاڪستان ۽ سنڌي ٻولي
- نصير مرزا 108

8. شاهه لطيف جي شاعري ۽ سنڌي سماج
- ڊاڪٽر ادل سومرو 118


## ڪهاڻيون / ليک


1. ڇوڪري جو پيغام
- حميد سنڌي 124

2. موڪل
- انور ڪليم 128

3. ايماندار
- مارڪ ٽوئين
- سنڌيڪار: طفيل مگسي 130

4. ڳالهيون ڳڻ جهڙيون
- اصغر نذير سيد
- سنڌيڪار: قلب سومرو 133

## ليک


1. پير حسام الدين شاهہ راشدي
(ڪجهہ ذاتي تاثرات)
- ڊاڪٽر عباس علي گهُمرو 136

2. پيٽ جي شاعريءَ جو قافيو تنگ
(احسن الهاشميءَ جي غزل جو جائزو)
- تاج جويو 140

3. شيخ اياز- شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ
جو معترف - ڊاڪٽر قمرجهان مرزا 143

4. ميان مير سنڌي
(سنڌو ماٿريءَ جو منفرد صوفي دانشور)
- امان الله شيخ 147

5. مولانا غلام محمد گرامي
(هڪ تاثر)
- مراد علي مرزا 153


## شاعري


شبير هاتف 158
محبوب سروري، نواز علي شوق، وفا پلي 159
موتي لال جوتواڻي، واسديو موهي 160
امداد حسيني 161
حميد شهيد، محمد اشرف منصور 162
عنايت بلوچ، احمد خان مدهوش 163
اياز گل، مهر خادم 164
ادل سومرو 165
مير عبدالرسول مير 166
سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي 167
مير محمد پيرزادو 168
سوز هالائي 169
ذوالفقار سيال 170
علي آڪاش 171
اسحاق سميجو 172
خاڪي جويو، مريم مجيدي 173
علي دوست عاجز 174
وسيم سومرو 175
روشن گهانگهرو 176
بخشل باغي، ستار سُندر 177
سرمد چانڊيو 178
زاهد دارا ابڙو 179
ابرار ابڙو، حبدار سولنگي 180
رجب پگهيو، جاويد سوز هالائي 181
ڪوثر هالائي 182
انيتا شاهہ، زبير سومرو 183
اسير قريشي، انور ساگر ڪانڊڙو،
قاضي منظر حيات 184
احمد ٽالپر، خليل عارف سومرو،
شبير بروهي، احسان دانش 185
ياسين چانڊيو، مارو جمالي،
اقبال ابڙو، حاجن پنهور 186

ترجما
ممتاز مهر 187
ولي رام ولڀ 188

# وڪڙ سو وهاءُ...

"اسان جو شعور ۽ احساس اڄ نہ فقط اُهو ساڳيو نہ آهي، جو چينائين يا يونانين جو هو، پر اُهو ساڳيو بہ نہ آهي، جو ڪئين سؤ سال اڳ خود اسان جي وڏن جو هو. اسان جو شعور ۽ احساس هينئر اُهو بہ ساڳيو نہ آهي جو اسان جي پنهنجي والدين جو هو، ۽ خود اسين پاڻ بہ جيئن هڪ سال اڳ هئاسين، هينئر ائين نہ آهيون. اِهو تہ ظاهر آهي، پر جيڪا ڳالهہ اهڙي ظاهر نہ آهي، سا هيءَ تہ بس اِهوئي سبب آهي جو اسين ڪڏهن بہ شعر لکڻ بند نٿا ڪري سگهون.

"اڪثر پڙهيل ماڻهو پنهنجيءَ زبان جي وڏن اديبن ۽ مصنفن لاءِ فخر محسوس ڪندا آهن، توڙي جو هنن اُنهن ڪي ڪڏهن پڙهيو بہ نہ هوندو- بلڪ ائين، جيئن هو پنهنجي ملڪ جي بين ڪن اهڙي قسم جي نرالين خصوصيتن بابت فخر محسوس ڪندا آهن. پر، اڪثر ماڻهو اِهو نٿا محسوس ڪن تہ اِهو ڪافي نہ آهي: ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هو مستقل طور نوان نوان وڏا اديب ۽ مصنف، ۽ خاص ڪري وڏا 'شاعر'، پيدا نہ ڪندا رهندا، تہ هنن جي زبان ڪي زوال اچي ويندو، ۽ اها زبان ۽ اهو تمدن شايد ٻئي ڪنهن طاقتور تمدن ۾ جذب ٿي وڃي.

"جيڪڏهن اسان وٽ پنهنجي دور جو نئون ۽ زنده ادب نہ هوندو، تہ اسين پنهنجي ماضيءَ جي ادب کان بہ ڇڄي ويندا سين: جيستائين اسين ادب جي اوسر جو هيءُ سلسلو قائم نہ رکنداسين، تيستائين اسان جو ماضيءَ جو ادب بہ اسان کان جيئن پوءِ تيئن هٽندو پري ٿيندو ويندو- تان جو اهو اسان لاءِ اجنبي ٿي ويندو، جيئن ڪنهن ڌارينءَ قوم جو ادب، ڇو تہ اسان جي زبان بدلجندي ٿي رهي، ۽ اسان جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو نمونو، اسان جي ماحول ۽ بدلجندڙ مادي حالتن جي اثر ۽ دٻاءَ سبب، هر وقت ۽ هر طرح بدلجندو رهي ٿو، ۽ ان حالت ۾ جيڪڏهن اسان وٽ ڪي اهڙا ماڻهو نہ آهن، جيڪي پنهنجي غيرمعمولي احساس ۽ شعور ڪي، لفظن تي غيرمعمولي قدرت رکندي، ظاهر ڪرڻ ۽ پختگي بخشڻ جي صلاحيت رکندڙ هجن، تہ پوءِ ان صورت ۾ نہ فقط اسان جي پنهنجي اظهار جي صلاحيت، بلڪ، سواءِ خسيس کان خسيس محسوسات جي، ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي محسوس ڪرڻ جي طاقت بہ نستي ٿي ويندي."

- ٽي.ايس.ايليٽ

["مهراڻ". 3-4/1960ع]

# محمد فقير کنياڻ

## ڪافي

مئي مدموري جو مخمور، مرڪي مرد پين منصور
طبل وڄائي شاهنشاهي، مانجهي ٿيا مشهور.

سر سنياهي سوره صادق، سنيري ٿيا ساڄا
ساز سرود وڄائي هليا وحدت جا واڄا
ڏڪڙ خنجريون دهل دماما، تاهن ڪيا تاڄا
مرد متا ميدان مدامي، دوئي ڪان ٿي دور.

اناالحق جا هل هلائي، صاحب سرت سبحان
تاج ڪلنگي صاف سروپا پهري ٿيا پروان
اُيري آيا آر اڏيءَ تي عاشق عاليشان
فالم فوج فقر جي ڪيڙو، حاصل حال حضور.

عشق حسن جي حملي هنيڙو نعرو نينهن نواب
گگن منڊل جي گلشن اندر ڪولي راڳ رباب
صوفين سارو سير سهي ڪيو، همدم هوش حساب
بيشڪ ٿيا بهرحال بهادر دانه ڪنهن دستور.

مردن مرڪي موج مچائي، محڪم ٿي مختار
دم قدم اُنائي اڳتي، اُلٽو ڪين آچار
اُلٽي ٻولي، اُلٽي چالي، اُلٽ عجب اسرار
احمد واري مير منور "محمد" ڪيو مذڪور.

("ڪافيون"، جلد ٽيون، ص 1146)

محمد خان ولد حيدر خان، ذات ڪنياڻ، ڳوٺ بوداٿي ڪنياڻ، تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ سنه 1876ع ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان وڏي همت ۽ وڏي ذهن وارو هو. پير صاحب پاڳارن جو سرويچ مريد هو. فقيرن درويشن سان خاص صحبتون ڪيائين. فقير ميانداد لغاري تارڪ جي تنبيه تي، تارڪ ٿي، توڪل جو ترهو ٻڌائين. پوئين دؤر ۾ نواب فقير ولي محمد خان لغاري سان، ۽ پوءِ مخدوم غلام محمد صاحب سان پرت جا پيچ پاتائين. راڳ فقير جي روحاني خوراڪ هو. رندي طريقو اختيار ڪيائين ۽ طعنن ملامتن جا بار پنهنجي سر تي کنيائين. تاريخ 7 محرم سنه 1359هه (1939ع) تي وفات ڪيائين. سندس ڪلام "منطوق محمدي" جي عنوان سان ڇپيو جنهن ۾ 510 ڪافيون ڪلام شامل آهن.

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
[ "ڪافيون"، ص 1144]

# سليمان فقير ڪورائي

## ڪافي

تنهنجي حد حسن جو ناهي دلبر دنگ
اچي عشق ڏيکاريو تي رهبر ونگ.
الست بربڪم آر لڳي
قالوابليٰ قرب ڪار لڳي
يڪي ياراني توسان يار لڳي
ٻولي هنيو تو ڀهڳڻ ٻنگ.
عشق تنهنجي جي وار وڃي
علم عقل جا ويا خيما ڪڇي
بهشت دوزخ جا پوَ پڇي
ڏيل ڏکويو ڏاڍي ڏنگ.
مهڻي ملامت جي مرڪ لڳي
ڪڙم قبيلي جي ٽوڪ لڳي
شهر بحر جهنگ جهوڪ لڳي
نينهن نهوڙيو نيهي رنگ
اهو ذاتي ذوق ضرور اٿن
مليو مطلب منصور اٿن
مِنا ماڳ اهو منظور اٿن
لڪيو لوهه ڪنان اڳيئي انگ
تحقيق تڪي تن تار لڳي
سا بيشڪ بارو بار لڳي
ساري حال حقي هزار لڳي
وحدت وڏو آهي واري ونگ.
رمز انهيءَ ۾ ٿا رند رچن
مرد انهيءَ ٿا ميدان مچن
ڏيئي سورهيه سر "سليمان" اچن
جوان ڪٿي اها جوڏئون چنگ.

("ڪافيون" جلد ٽيون. ص 1170)

سليمان پٽ محراب خان ڪورائي، ويٺل ڳوٺ ٻڍو خان ۽ شاهو خان ڪورائي، تعلقو سامارو. اصل ڳوٺ صوفي فقير جي پڙ ۾ ويٺل هو. سنه 1246هه / 1830ع ۾ ڄائو. سندس ڪچهريون محمد عالم ڏيري پٽ واري، جيوڻ نُون، منٺار فقير راڄڙ، پير فضل علي شاهه ساگري واري ۽ محمد فقير کٽياڻ سان ٿينديون هيون. فضل علي شاهه وٽ شعر چوڻ شروع ڪيائين، ان وقت سندس عمر پنجاهه ورهيه هئي. سنه 1364هه / 1945ع ڌاري وفات ڪيائين.

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
[ "ڪافيون"، ص 1168]

# نبن فقير جيهو

## ڪافي

دنيا جي اسباب مان نڪري،
الله جي آذار آيا سي!

عرب، عجم، ايراني،
يمن يونان توراني،
مليو دل جي اندر جاني،
ناحق پيا مُلڪ ماڻيا سي.

ڇڏياسي دنيا سندا سانگا،
لنگهيا سي لڪَ مڙئي لانگها،
ٻڌي ڇيريون ٿياسي نانگا،
نچي نٿون نيهُن لايوسي.

چوي 'نبن' مليو هيڪاندو،
ميلڻ محبوب لءِ من ماندو،
پرين پيارو الله آندو،
ڪُسڻ وارو ڪاتُ لايو سي.

(مهراڻ- سوانح نمبر- 3-4/1957ع. ص 308)

فقير صاحب جو سچو نالو نبي بخش ولد ڦتوهل ذات جيها آهي. سندس ولادت توڙي وفات ڳوٺ جيها تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. هڪ روايت موجب 1879ع ۾ ڄائو ۽ 1929ع ۾ وفات ڪيائين. ننڍي هوندي کان فقيريءَ ڏانهن لاڙو هئس ۽ اول صوفي ڇتل فقير وٽ ۽ پوءِ قلندر شهباز جي درگاهه تي تصوف جي رنگ ۾ رڱجي ريٽو ٿيو ۽ پنهنجا خيال شاعريءَ ۾ آندائين.

فقير صاحب جو ڪلام نهايت پُراثر ۽ ميناج وارو آهي ۽ تصوف جي باريڪ نڪتن سان پرپور! سندس ڪلام ۾ هي نظريو نمايان نظر ايندو ته "پنهنجو پاڻ سڃاڻجي ۽ حق جي ڳولا لاءِ هت هُت ڀٽڪڻ اجايو آهي. حقيقت ڪي پاڻ ئي پَسي سگهجي ٿو."

"الله سُڃاڻڻ سَهنجو، اهنجو سُڃاڻڻ پاڻ."

- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

("مهراڻ". سوانح نمبر، ص 308)

# تحقيق

"...سومرن جي حڪومت واري دؤر کان وٺي سنڌ ۾ فارسي ٻولي سرڪاري لکپڙهه جي لاءِ ڪتب اچڻ لڳي، انڪري ٻ.وزاني زندگيءَ ۾ توڙي جو سنڌي وهنوار جي ٻولي هئي پر اُن تي فارسي ٻوليءَ جو گهڻو اثر پيو. جيڪو اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ ادبي لکڻين تي نظر اچي ٿو.ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي حڪومت واري دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ تي فارسيءَ جو گهڻي ۾ گهڻو اثر پيو. نه فقط ٻوليءَ تي، پر سنڌي ادب جي ڏارائن ۽ شاعريءَ جي جدا جدا روپن تي به پيو. غزل، رباعي، قصيدا، مثنويون وغيره روپن ۾ شعر رچڻ ۾ سنڌي شاعر فخر محسوس ڪرڻ لڳا. صوفي درويشن جي ڪلام ۾ توڙي جو اسان کي گهڻي قدر نيٺ سنڌي ٻولي ۽ دوها، سورٺا وغيره ڇندن ۾ شاعري ملي ٿي، پر تنهن هوندي به اُنهن جي شعر ۾ فارسي لفظن جو واهپو وڌندڙ نظر اچي ٿو. ٻيو ته هن دؤر جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اُپڀاشائن جا پريوگ به صاف ظاهر آهن. قاضي قادن جي ڪلام جي ٻولي اُتر سنڌ جي ۽ سرائڪي لهجي واري آهي ته ساميءَ جي سلوڪن جي ٻوليءَ تي شڪارپوري عبارت جو گهڻو اثر آهي. شاهه لطيف جي ڪلام جي ٻوليءَ تي لاڙي ۽ وچولي سنڌيءَ جو گهڻو اثر آهي. سوامي پراڻناٿ جي سنڌي واڻي ڪڇي اُپڀاشا کان متاثر آهي. روحل فقير جي سنڌي ڪلام تي هندي سنت ڪوين جي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي. سگهڙن جي لوڪ شاعريءَ تي به هنديءَ جي شرنگار ڪاويه ۽ ٻوليءَ جو گهڻو اثر پيو آهي.

1843ع ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿي. هنن 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عربي- فارسي لکاوٽ کي هڪ "معياري روپ" ڏنو ۽ اُن ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ درسي ڪتاب به تيار ڪرايا. اُن دؤر ۾ حيدرآباد ۽ ساهتيءَ جي تعليمدانن درسي ڪتابَ تيار ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو. اِن ڪري جدا جدا اُپڀاشائن مان وچولي سنڌيءَ اَدبي سطح تي پهچي، ادب جي لکڻين ۾ اظهار جو مکيه ۽ مرڪزي درجو حاصل ڪيو...."

- ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي

["ڪلاچي". 1-2007/2ع، ص 60-61]

واريون رٿائون پوءِ پيش ٿيون. انهيءَ ڪري سنڌ يونيورسٽي شهر جي رٿا زير بحث رهي. مون کي 31 مئي 1953ع تي ڪراچي موڪليائون ته آءٌ مسٽر آفتاب قاضيءَ سان ملان ۽ "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي رٿا سمجهايان. ان وقت هو سنڌ حڪومت جو مالي سيڪريٽري هو (۽ پڻ علامه صاحب جو عزيز). آءٌ آفتاب صاحب سان وڃي مليس ۽ علامه صاحب جن جي هدايتن موجب سڄو ڪيس سمجهايم ته جيئن هن نئين شهر قائم ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ جي مالي امداد ۾ اضافو ٿئي. اهو پهريون پيرو هو جو يونيورسٽي شهر جي رٿا سنڌ حڪومت جي مالي سيڪريٽري آڏو مڪمل رڪارڊ ۽ سڀني لوازمات سميت پيش ٿي. آءٌ هاشم رضا صاحب سان به مليس ۽ ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي لاءِ قاضي صاحب جن جي ڪنيل قدمن کان آگاهه ڪيم. هو ان وقت سنڌ جو اليڪشن ڪمشنر هو ۽ عنقريب مرڪزي حڪومت ڏانهن وڃڻ وارو هو. علامه صاحب لاءِ ڪيس عزت هئي.

1954 - 1955ع ۾ فيڊرل گورنمينٽ جو هڪ خاص ادارو "پاڪستان پلاننگ بورڊ" هو. جنهن جي تعليمي شعبي (Education Section) ۾ تعليمي ترقي ۽ مالي امداد جي بحالي جا فيصلا ٿيندا هئا ۽ ميٽنگن ۾ وائيس چانسلر به شريڪ ٿيندا هئا. علامه صاحب جن پاڻ سرڪاري ڪاتن جي اهڙين ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيڻ پسند نه ڪندا هئا، پر يونيورسٽيءَ جي تعليمي ترقي ۽ ڪيمپس واري رٿا جي بحالي خاطر (راقم جي خاص گذارش تي) پاڻ هليا، ۽ مون کي گڏ هلڻ لاءِ چيائون. ٻن ميٽنگن ۾ سندن شرڪت جو ذڪر ڪجي ٿو. علامه صاحب جن وائيس چانسلر هئا، پر پنهنجي لاءِ موٽرڪار ڪانه ورتي هئائون جو چيائون ته جيڪو به پئسو بچت ٿئي سو يونيورسٽيءَ جي ترقيءَ ۾ صرف ٿئي. ڪراچيءَ ۾ 17- جنوري واريءَ ميٽنگ لاءِ، 16- تاريخ ڪوٽڙي مان 12 بجي منجهند جو بولان ميل ۾ چڙهياسون. ٻئي ڏينهن پاڻ ميٽنگ ۾ آيا. ان وقت تعليمي شعبي جو چيئرمن مسٽر هاشمي (سابق پرنسپال ٽريننگ ڪاليج لاهور) هو. جنهن سان منهنجي به ڏيٺ ويٺ هئي. مون کيس علامه صاحب جن جي عظمت کان آگاهه ڪري ڇڏيو هو. ۽ علامه صاحب جن آيا ته هو نهايت نيازمنديءَ سان مليو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي مالي ضرورتن لاءِ سفارشن جو فيصلو به ٿيو. پوءِ علامه صاحب مون کي فيڊرل گورنمينٽ جي مالي سيڪريٽري مسٽر ممتاز حسن ڏانهن موڪليو. جو ولايت مان يونيورسٽيءَ لاءِ اپائن لڪن جو سائنسي سامان خريد ڪرڻ لاءِ گهربل ليسن (لائسنس) جي ضرورت هئي. ان لاءِ شام جو 6 بجي، مسٽر ممتاز حسن پاڻ علامه صاحب جن سان گڏجي مسٽر زاهد حسين وٽ هليو، جيڪو "پلاننگ بورڊ" جو چيئرمن هو. علامه صاحب جن کي خاطري ڏنائين ته بورڊ جي ميٽنگ ۾، جيڪا پوءِ جون ۾ ٿيڻ واري هئي، تنهن ۾ ليسن جا توڙي ٻيا سڀ فيصلا ٿي ويندا. 28- مئي تي مون علامه صاحب جن کي گذارش ڪئي ته پلاننگ بورڊ جي ميٽنگ 2- جون تي ٿيڻ واري آهي ۽ پاڻ هلڻ. قبول ڪيائون ۽ پهرين جون تي چيف انجنيئر جماڻي صاحب جي گاڏيءَ ۾ ساڻس گڏ ڪراچي پهتا. ٻئي ڏينهن ميٽنگ ۾ مون انتظار ڪيو ۽ پاڻ پوري ڏهين بجي آيا. ان ميٽنگ ۾ بورڊ جو ڊائريڪٽر مسٽر گانٽ (آمريڪي) به شريڪ ٿيو. علامه صاحب پنهنجي خطاب ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي نئين شهر واري رٿا جي ضرورت سمجهائي ۽ پڻ زوردار مشورو ڏنو ته يونيورسٽيون سياسي اثر کان آزاد رهن. اهو سندن عالمانه خطاب هو. ائين پاڻ وقت بوقت، روبرو يا خط و ڪتابت ذريعي، سنڌ حڪومت توڙي مرڪزي حڪومت آڏو "سنڌ يونيورسٽي شهر" واري رٿا جي منظوريءَ لاءِ زور ڀريندا رهيا.

هن رٿا جو ٻيو مسئلو اهو هو ته نئون يونيورسٽي شهر ڪٿي هجي. 1952ع کان وٺي پهرين صلاح جنهن جي پنيرائي پئي ٿي، سا هيءَ هئي ته ڦليلي جي پريان

تہ ڪوٽڙي بئراج جو ڪم شروع ٿيو آهي ۽ بئراج واري پُل وٽان "يونيورسٽي شهر" ويجهو ٿيندو. پاڻ چيائون تہ: مون کي ڏيکاريندين؟ مون خوش ٿي جواب ڏنو تہ حاضر. ان کان پوءِ ٽئين چوٿين ڏينهن هلڻ جو پروگرام رکيائون. مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي انچارج انجنيئر مسٽر احمد علي خوجہ کي چيو تہ پاڻ بہ گڏجي هلي. گاڏيءَ جو انتظام ٿي ويو. شام جو 6 بجي ڌاري روانا ٿيا، ڪوٽڙيءَ واري پُل تان ٽپي، اڳتي اولهہ وارو ڦاٽڪ ٽپي اڌ ڪلاڪ کن ۾ يونيورسٽيءَ واريءَ جاءِ تي پهتاسون ۽ مون کين موجوده انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري کان وٺي آرٽس فيڪلٽي تائين هموار سطح ڏيکاري. پاڻ ڏسي خوش ٿيا، چيائون تہ هي مٿاهين سطح واري جيڪا گولائي آهي اُتي يونيورسٽيءَ جا ڊپارٽمينٽ سهڻا ٺهندا ۽ سامهون اوڀر طرف جيڪا هيٺاهين آهي، اُن ۾ شهر ٿيندو ۽ وچ ۾ وڏي اچي مسجد هوندي. ائين هي نظارو چنڊ تاري وارو ٿيندو.

بس، ان ڏينهن پنهنجو فيصلو پڪو ڪيائون ۽ ان بعد سنڌ گورنمينٽ کي لکيائون تہ هي زمين سرڪاري آهي، جيڪا "سنڌ يونيورسٽي شهر" لاءِ منظور ڪئي وڃي. سنڌ حڪومت طرفان بہ اصولي طور منظوري ملي وئي. 1955ع وارو سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي لاءِ فائدي وارو ثابت ٿيو. اُن جو هڪ سبب اهو هو جو کهڙو صاحب ان وقت چيف منسٽر هو ۽ علامہ قاضي صاحب لاءِ کيس بيحد عزت هئي. 8 اپريل 1955ع تي سنڌ يونيورسٽي سينيٽ جي صدارت کهڙي صاحب ڪئي ۽ ان ۾ پهريون ڀيرو سنڌ يونيورسٽيءَ جي ساڍا ٻارهن لک بجيٽ منظور ٿي. بجيٽ جي فائدي ۾ مون انگن اکرن سان زوردار تقرير ڪئي جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان چڱ هڪ نمائنده شاهدي هئي.

جڏهن "يونيورسٽي شهر" لاءِ گهربل زمين جو نقشو ٺاهيو ويو تڏهن علامہ صاحب جن چيو تہ هيٺ واهہ لڳ واري زمين ان ۾ شامل ڪريو جو اهو نباتات جو باغ (Botony Garden) ٿيندو. اها زمين جيئن تہ ڪاٽيدارن جي هئي تنهن ڪري ان کي پوءِ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ خاص رقم شايد ست هزار روپيا يا وڌيڪ يونيورسٽيءَ طرفان پهرين قسط طور ادا ڪيا ويا. پر مسئلو هو تہ سر زمين تي عمارتن جي اڏاوت شروع ٿئي، جيئن "يونيورسٽي شهر" جو پڪو بنياد پئجي وڃي. ان سلسلي ۾ علامہ صاحب جن جيڪي قدم کنيا تن مان بہ وڏي اهميت وارا هئا.

### ڊاڪٽرن جي بنگلن ۽ ڪوارٽرس جو نهڻ

هڪ اهو جو معلوم ٿيو تہ سنڌ حڪومت لياقت ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪرڻ واري آهي. علامہ صاحب جن طرفان اختياري وارن کي آگاهہ ڪيو ويو تہ اهو ڪاليج هن زمين تي ٺهي. جڏهن معلوم ٿيو تہ ڪاليج جي عملي جي رهائش لاءِ ڪي ڪوارٽر ٺهڻ وارا آهن تہ علامہ صاحب جن ضروري سمجهيو تہ اهي هن زمين تي ٺهن. ميڊيڪل ڪاليج لاءِ "يونيورسٽي شهر" جو اترين پاسو تجويز ڪيو ويو. 22- 20 جون 1955ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس هو ۽ وزير هت آيل هئا. پير علي محمد راشدي روينيو منسٽر هو. مون کي ٻڌايو ويو تہ ڊاڪٽرن جي ڪوارٽر ٺاهڻ لاءِ روينيو وارا زمين ماپيندا. مون علامہ صاحب کي عرض ڪيو تہ پير علي محمد راشدي کي چون تہ جيئن ڪوارٽر ٺاهڻ جا مسئلا حل ٿين. ان وقت حسام الدين راشدي بہ مون وٽ مهمان طور ٽڪيل هو ۽ 21- جون شام جو اسان علي محمد شاهہ سان مليا هئاسون. جڏهن علامہ صاحب ساڻس ملڻ قبول ڪيو تہ مون حسام الدين کي چيو تہ هي وقت آهي جو علي محمد شاهہ يونيورسٽيءَ جي مدد ڪري، هل تہ گڏجي هلون ۽ کيس علامہ صاحب جن وٽ وٺي هلون. وياسون ۽ وزير صاحب اسان سان گڏجي هليو ۽ علامہ صاحب جن کيس "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي اهميت سمجهائي. جڏهن ڊاڪٽرن جي ڪوارٽرن ٺهڻ جو ذڪر آيو تہ راشدي صاحب، علامہ صاحب کي خاطري ڏني تہ هو سڀ مسئلا حل ڪندو.

ڪوارٽرن لاءِ زمين جو فيصلو ٿيندو ۽ پئسا ڏنا ويندا تہ اُتي ئي ڪوارٽرن ٺاهڻ جو ڪم شروع ٿئي. اهو واعدو پورو ٿيو ۽ يونيورسٽيءَ جي شهر ٺهڻ لاءِ نيڪ فال بڻيو.

ٻيو وڏو ڪم علامہ صاحب جن پاڻ ڪيو، جنهن جي اسان کي پوءِ خبر پئي. يونيورسٽيءَ جي سائنس ڊپارٽمينٽن لاءِ ولايت مان سڌو سامان خريد ڪرڻ لاءِ اڍائي لکن روپين جو لائسنس مليو هو. ۽ پڻ 8- اپريل تي سينيٽ ۾ يونيورسٽيءَ لاءِ ساڍن ٻارهن لکن جي بجيٽ پاس ٿي هئي. علامہ صاحب جن پوءِ خود پاڻ يونيورسٽيءَ مان موڪل وٺي لنڊن روانا ٿيا تہ اتان ليبارٽرين جو سامان آڻين تہ سائنس ۾ تعليم زور وٺي. ولايت ۾ سندن وڏي عزت هئي ۽ اڍائي لکن ۾ ڪين ڏهن لکن جو سامان مليو. ٽي مهينا اُتي رهيا ۽ انهيءَ عرصي ۾ وقت بچائي جرمني ويا ۽ اتي سٽوگارٽ يونيورسٽي ۾ تعميري سٽائن ۽ تجويزن جي ماهر (Architect and Planner) ڊاڪٽر ڊاڪر (Dr. Jng Richard Docker) سان مليا ۽ ساڻس "سنڌ يونيورسٽي شهر" جي سر زميني سٽاءَ (Site Plan) ۽ خاص طرح فزڪس ۽ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽن جي عمارتن جي تفصيلي سٽاءَ بابت ڳالهايائون. اتي بہ علامہ صاحب جن لاءِ وڏي عزت هئي جو پاڻ جرمن شاعر "گوئٽي" جا شارح هئا. ڊاڪٽر ڊاڪر سنڌ يونيورسٽي شهر لاءِ "آرڪيٽيڪٽ ۽ پلينر" ٿيڻ قبول ڪيو ۽ پنهنجي معاوضي طور فقط هڪ في صد في وٺڻ تي آماده ٿيو. ان کان اڳ، علامہ صاحب جڏهن هت حيدرآباد ۾ ڪن سان ڳالهايو هو تہ گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽي في صد معاوضو گهريائون.

"يونيورسٽي ڪئمپس شهر" لاءِ، جرمني ۾ ڊاڪٽر ڊاڪر سان اهو معاهدو ۽ معاوضو علامہ صاحب جن ڊسمبر 1955ع ۾ طئي ڪيو ۽ اتان سندن ارشاد پهتو تہ آءٌ ڪراچي ۾ فائننس سيڪريٽري مسٽر ممتاز حسن سان ملان ۽ ڊاڪٽر ڊاڪر سان طئي ٿيل معاهدي وارا ڪاغذات ڏيان ۽ يونيورسٽي طرفان درخواست ڏيان تہ ڊاڪٽر ڊاڪر جو هڪ في صد في وارو معاوضو ڪيس "جرمن مارڪ" (سڪي) ۾ ادا ڪرڻ جي منظوري ڏني وڃي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ "يونيورسٽي شهر جي تعمير" واري رٿا ۾ ان وقت اسان جي يونيورسٽي رجسٽرار جي آفيس جو ڪردار نهايت ڪمزور هو. بهرحال، مون علامہ صاحب جن جي ارشاد تي ڪاغذ تيار ڪرايا ۽ 6- جنوري 1956ع تي ڪراچيءَ ۾ مالي سيڪريٽري محترم ممتاز حسن سان مليس. ڪيس علامہ صاحب لاءِ بيحد عزت هئي ۽ سنڌ سان بہ محبت هئي جو هڪ ڀيري مون کي ٻڌايو هئائين تہ سندن خانداني رڪارڊ موجب سندن وڏا اصل ۾ سنڌ جي گاديءَ واري شهر منصوره جا هئا، جتان هجرت ڪري هند ڏانهن ويا هئا. خاطري ڏنائين تہ جرمن آرڪيٽيڪٽ جي في جرمن سڪي "مارڪ" ۾ ڏيڻ منظور ٿيندي. ان بعد ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر مسٽر ايس. ايم. شريف سان مليس ۽ يونيورسٽيءَ جي ساليانہ گرانٽ ۽ "يونيورسٽي شهر" جي ڇهن ڪروڙن واري جامع رٿا بابت ساڻس ڳالهايم تہ پاڻ فائدي ۾ سفارش ڪري.

20- تاريخ جنوري 1956ع تي علامہ صاحب جن سامونڊي جهاز "ڪيليڊونيا" ذريعي ڪراچي پهتا ۽ شان مان سان سندن استقبال ڪيو ويو. پاڻ چيائون تہ هتي ڪم پورو ڪري پوءِ حيدرآباد هلنداسون. مون کي رهائي ڇڏيائون تہ 23- تاريخ تي ساڻن گڏ حيدرآباد هلان. ڪين "يونيورسٽي شهر" جي تعمير جي اون هئي. مون ڪين ٻڌايو تہ سيڪريٽري ممتاز حسن قبول ڪيو آهي تہ انجنيئر کي سندس "هڪ في صد" معاوضو "جرمن مارڪ" ۾ ڏيڻ منظور آهي. 22 تاريخ آءٌ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر ڊاڪٽر امداد حسين کي علامہ صاحب وٽ وٺي آيس ۽ پاڻ يونيورسٽي جي مالي ضرورت بابت ڪيس آگاهہ ڪيائون. انهيءَ ڏينهن شام جو 6 بجي پاڻ وزير اعظم سان ملاقات لاءِ ويا. ڪين سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي ۽ مالي مشڪلاتن جو فڪر هو ۽ سيني سان پئي مليا. 23- تاريخ 3 بجي

تي (3) "بي - ڪلاس" ۽ چوڏهن (14) "سي ڪلاس" بنگلا ٺهڻ شروع ٿيا. علامہ صاحب جن پاڻ سر زمين تي اڏاوت جي ڪم کي ڏسڻ هلندا هئا. تخمينو هو تہ اپريل 1958ع تائين انهن ٻن ڊپارٽمينٽن جي اڏاوت ايتري حد تائين مڪمل ٿي ويندي جو جولاءِ 1958ع ۾ سائنس فيڪلٽي نئين ڪيمپس تي ڪم شروع ڪري سگهندي.

1958ع ۾ نئين ڪيمپس تي تعميري ڪم جاري رهيو. علامہ صاحب جن جي ڪم تي نظر هئي. ڪين تعميري ڪم جي نگراني لاءِ ڪنهن ڄاڻو انجنيئر جي ضرورت محسوس ٿي ۽ پاڻ انجنيئري ڪاتي جي ڪن صاحبن (جماڻي صاحب وغيره) کي چوندا رهيا پر ڪٿان بہ ڪنهن "ها" ڪانہ ڪئي، جنهن تي علامہ صاحب کي افسوس پئي ٿيو. تعميري ڪم جي پيشہ وراڻہ نگراني ۽ چڪاس کان سواءِ ڪم ايترو تڪڙو هلي نہ سگهيو، جيترو علامہ صاحب جن چاهيو ٿي. سائنس فيڪلٽي کي نئين ڪيمپس تي منتقل ڪرڻ ۾ دير ٿي وئي. پاڻ تعميري ڪم جي نگراني لاءِ ڪنهن سينيئر انجنيئر کي آڻڻ لي گهريائون. اهو مسئلو اڃا حل نہ ٿيو هو جو هڪ ٻئي وڏي مسئلي منهن ڪڍيو. 7- آڪٽوبر 1958ع تي سڪندر مرزا "مارشل لا" جو اعلان ڪيو. آءُ 8- تاريخ لاهور ۾ ميٽنگ تان موٽيس ۽ شام جو علامہ صاحب جن وٽ ويس تہ پاڻ "مارشل لا" جو ذڪر ڪيائون ۽ چيائون تہ نئين ملڪ پاڪستان جي ترقي لاءِ هي اعلان هاڃيڪار آهي. ڪين ڄڻ هڪ ذاتي صدمو پهتو هو. ان ڏينهن کان وٺي آءُ روزانو شام جو وٽن وڃڻ لڳس جو سندن زندگيءَ جي اعليٰ اصولن جي مدنظر مون کي خدشو هو تہ پاڻ يونيورسٽي ڇڏي هليا نہ وڃن!

16- آڪٽوبر تي آءُ آفيس ۾ هوس جو معلوم ٿيو تہ علامہ صاحب جن چانسلر کي تار ڪري رهيا آهن تہ ڪين "وائيس چانسلر" جي عهدي کان فارغ ڪيو وڃي. آءُ فوراً سندن آفيس ۾ ڪين ملڻ لاءِ ويس ۽ ملڻ جي مون کي اجازت ملي. پاڻ اڪيلا ويٺا هئا. مون عرض ڪيو تہ: "حڪومت ۾ مٿي تبديليون اينديون رهنديون پر يونيورسٽي جي اندروني انتظام تي ايترو اثر ڪونہ پوندو. پاڻ جيئن مناسب سمجهن تيئن فيصلو ڪن. پر مالي سيڪريٽري مسٽر ممتاز حسن ۽ ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر مسٽر عترت حسين زبيري جيڪي عقيدتمند آهن تن سان صلاح ڪجي تہ بهتر. ان کان وڌيڪ اها ڳالهہ تہ يونيورسٽي ڪيمپس ۽ شهر، جنهن لاءِ اوهان سالن جا سال ڪوشش ڪئي آهي ۽ جنهن جو پهريون مرحلو مڪمل ٿيڻ وارو آهي، سو اوهان کان سواءِ اڌورو رهجي ويندو". پاڻ ٻُڌائون ۽ تار کي روڪيائون. منهنجي خيال ۾ خاص طرح "يونيورسٽي شهر- ڪيمپس" جي اڏاوت واري خيال جي ڪري پنهنجي فوري استعفيٰ وارو فيصلو بدلايائون. مون کي ان وقت ڪراچيءَ موڪليائون تہ مسٽر ممتاز حسن سان ملان ۽ خاص طرح يونيورسٽي بابت "مارشل لا" جي امڪاني پاليسين جي روشني ۾ ڪانئس علامہ صاحب جي رهڻ يا نہ رهڻ بابت صلاح پڇان. آءُ فوري طور تي اڌائي بجي واري پيسنجر ٽرين ۾ ڪراچي ويس ۽ وڃي مسٽر ممتاز حسن سان مليس. جنهن مون کي رات جو ساڍي ٻارهين بجي تائين پاڻ وٽ ويهاري ڇڏيو ۽ تفصيل سان سمجهايو ۽ تاڪيد ڪيو تہ علامہ صاحب جن پنهنجي عهدي تان بلڪل استعفيٰ نہ ڏين. ٻئي ڏينهن، آءُ حڪومت پاڪستان جي محڪمہ اطلاعات ۾ پبليڪيشن آفيسر عبدالمجيد خان سان مليس، ۽ "مارشل لا" جي امڪاني پاليسين بابت گفتگو ٿي. ان بعد وزارت تعليم ۾ ڊاڪٽر عترت حسين زبيري وٽ ويس ۽ پڇيم تہ "مارشل لا" هيٺ تعليمي نظام بابت ڪهڙي پاليسي جو امڪان آهي. چيائين تہ تعليم جو نظام بدستور وزارت تعليم ذريعي هلندو. علامہ صاحب جن لاءِ سلام چيائين ۽ تاڪيد ڪيائين تہ پاڻ يونيورسٽيءَ جي ڀلي خاطر وائيس چانسلر جي عهدي تان استعفيٰ نہ ڏين. آءُ 17- تاريخ شام جو حيدرآباد پهتس، ۽ علامہ صاحب جن وٽ ويس ۽ ڪين مسٽر ممتاز حسن ۽ مسٽر زبيري جي طرفان ڏنل صلاح ۽ سلام پهچايم. پاڻ ٻڌائون ۽ پوءِ تاڪيد ڪيائون تہ يونيورسٽي ڪيمپس شهر واري ڪم کي وڌائجي.

27- آڪٽوبر تي يونيورسٽي ٽائون شپ لاءِ مقرر ڪيل "بلڊنگ ڪميٽي" جي ميٽنگ سڏايائون، جنهن ۾ تعمير جي ڪم لاءِ نگران انجنيئر جي ضرورت جو ذڪر ڪيائون. شام جو آءُ ڪين بنگلي تي ملڻ ويس تہ ساڳيو ذڪر آيو.

## سنڌ يونيورسٽي (علامہ آءِ. آءِ. قاضي ڪئمپس ڄامشورو) اڏاوت کان اڳ



سن 1955ع ۾ پروفيسر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نئين سنڌ يونيورسٽي شهر اڏڻ لاءِ جاءِ ڏيکاري رهيو آهي.
علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ خانبهادر غلام علي نانا مجوزه ماڳ جو معائنو ڪري رهيا آهن. پُٺيرو بيٺل يونيورسٽيءَ جو انجنيئر مسٽر خوجہ آهي
[موجوده انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽ واريءَ جاءِ وٽ ورتل فوٽو]

[stamp]



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ڊاڪر (جرمن انجنيئر)، علامہ آءِ. آءِ. قاضي ۽ خانبهادر غلام علي نانا



ڊاڪٽر بلوچ، علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب جن کي نئين سنڌ يونيورسٽي شهر اڏڻ لاءِ دليل ڏيئي رهيو آهي. خانبهادر غلام علي نانا کبي طرف بيٺل آهي.

(خيالن جي ڏي وٺ)



علامه آءِ. آءِ. قاضي، ڄام شوري ۾ ابتدائي اڏاوتن دوران ڪيمسٽري ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽس جو تعميراتي ڪم ڏسي رهيا آهن





علامہ آءِ. آءِ. قاضي ڄامر شوري ۾ ابتدائي اڏاوتن دوران ڪيمسٽري ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽس جو تعميراتي ڪم ڏسي رهيا آهن



ان وقت انجنيئر شيخ عبدالرحمان بہ ڪين ملڻ آيو. علامہ صاحب چيو تہ: عبدالرحمان اسان وٽ اچي تہ بهتر. مسٽر عبدالرحمان پڏو پر سرڪاري نوڪري ۾ رهڻ بهتر چاتائين. علامہ صاحب جن پاڻ ٻيو دفعو تعميري ڪم ڪي ڏسڻ هليا. ڪيمسٽري ۽ فزڪس ڊپارٽمينٽ جو ڪم ڪافي ٿي چڪو هو. مون کي چيائون تہ ڪنهن ڄاڻو انجنيئر کي ڪم ڏيکاريو. صلاح بيٺي تہ مسٽر محمد سليمان لاڙڪ، سپرنٽينڊنگ انجنيئر کي ڪم ڏيکاريو وڃي.

مون لاڙڪ صاحب سان ڳالهايو. 24- ڊسمبر تي مسٽر لاڙڪ ۽ مسٽر علي حسن بلوچ سان گڏجي يونيورسٽي ڪئمپس ويس. معائني بعد، ڪم کي وڌيڪ تڪڙو هلائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ان ڏينهن مون پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو تہ: "افسوس جو يونيورسٽي جي تعمير طرف سواءِ قبلہ علامہ صاحب جي ٻئي ڪنهن کي بہ اونءَ ڪانهي". انهن لفظن لکڻ مان اندازو ٿئي ٿو تہ علامہ صاحب جن کي نئين ڪئمپسن جي تعمير جي گهڻي ڪا اونءَ هئي. پهرين جنوري 1959ع تي علامہ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي عملي کي خطاب ڪيو، جنهن ۾ اهو ارشاد ڪيائون تہ نئين يونيورسٽي شهر ۾ ڪيمپس کي جلد آباد ڪجي. عارضي طور ننڍو انجنيئر علي حسن بلوچ ان وقت تعمير جي نگراني ڪري رهيو هو. آءٌ ساڻس گڏجي نئين ڪيمپس تي ويس ۽ جيڪي ڪوارٽر ٺهي رهيا هئا تن جو معائنو ڪري علامہ صاحب جن کي رپورٽ ڏنم.

12- فيبروري تي مون کي چيائون تہ آءٌ انجنيئر عباسي (ڊاڪٽر عباسي جو ڀاءُ) وٽ وڃان ۽ ڪيس آماده ڪريان تہ هو يونيورسٽي ڪيمپس ۾ تعميري ڪم جي نگراني (Supervision) ڪري. عباسي صاحب تازو نوڪري مان رٽائر ٿيو هو. آءٌ شام جو عباسي صاحب سان مليس ۽ ڪيس ٻڌايم تہ: "علامہ صاحب جن کي گهڻي اونءَ آهي تہ يونيورسٽي ڪيمپس جي تعمير واري ڪم جي صحيح نموني ۾ نگراني ٿئي ۽ پڻ تڪڙو هلي. ان لاءِ سندن دلي خواهش آهي تہ جيڪر اوهان اچو ۽ اها ذميواري قبول ڪريو". ڪيس پنهنجي طرفان بہ چيم تہ رٽائر ٿيڻ بعد يونيورسٽي جي خدمت اوهان لاءِ شاناٿي ٿيندي.

بالآخر دلاسو ڏنائين ۽ چيائين تہ آءٌ سڀاڻي علامہ صاحب جن سان ملندس. ٻئي ڏينهن آءٌ حاضر ڪونہ هوس. پر پوءِ معلوم ٿيو تہ عباسي صاحب علامہ صاحب جن سان مليو ۽ ڪيس يونيورسٽيءَ جو انجنيئر مقرر ڪيو ويو. هاڻي يونيورسٽي ٽائون شپ جي تعميرات جو ڪم باقاعدي هلڻ لڳو. علامہ صاحب جن پنهنجي نظر رکندا رهيا. 2- مارچ تي شام جو مون کي بنگلي تي سڏيائون. انجنيئر عباسي صاحب بہ آيو ۽ ڪيمپس تي تعميرات بابت عباسي صاحب تفصيل سان ٻڌايو. علامہ صاحب جن مطمئن ٿيا پر تاڪيد ڪيائون تہ هر ڪم وقت تي پورو ڪيو وڃي. هي آخري گڏجاڻي هئي جيڪا علامہ صاحب جن انهيءَ لاءِ ڪئي تہ يونيورسٽيءَ جي نئين شهر ۾ ڪيمپس بابت سندن انتظار ۽ تاڪيد جو حق ادا ٿئي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ علامہ صاحب جهڙي محب وطن ۽ عظيم وائيس چانسلر لاءِ بہ هت يونيورسٽي جي خدمت ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار نہ رهيون. اصولي طور پاڻ ملڪ ۾ "مارشل لا" هيٺ ڪابہ سرڪاري ذميواري قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. جيتوڻيڪ پنهنجن رفيقن ۽ خيرخواهن جي چوڻ تي بروقت استعفيٰ ڪانہ ڏنائون. ڪين اها اونءَ هئي تہ يونيورسٽي شهر ۾ ڪيمپس جو ڪم پورو ڪجي. سو پاڻ يونيورسٽيءَ جي خدمت خاطر ڪجهہ وقت رهيا. پر ڪي صاحب سندن عظمت ۽ خدمت جي جذبي کي سڃاڻي نہ سگهيا. انهن ڪوتاهہ انديشن، جيئن اڳ تيئن هن وقت بہ چانسلر (گورنر) کي علامہ صاحب جن جي خلاف درخواستون موڪلڻ شروع ڪيون. 11- فيبروري 1959ع تي 2- بجي سيني پروفيسرن کي پنهنجي آفيس ۾ سڏيائون ۽ درخواستن جو ذڪر ڪيائون. پاڻ گهڻو پريشان نظر آيا. ان بعد فيبروري ۽ مارچ ۾ وقفي وقفي سان پاڻ بيمار رهيا ۽ اي. ايل. شيخ صاحب ايڪٽنگ وائيس چانسلر طور ڪم ڪيو. اپريل ۾ انجنيئر مسٽر عباسي کين عمارتن جي ڪم بابت تفصيل سان آگاهہ ڪيو ۽ پاڻ مطمئن ٿيا. آخر 12- مئي تي چانسلر (گورنر) کي پنهنجي استعفيٰ ڏياري موڪليائون.

رهڻ پسند ڪيو. هو سرچارلس نيپئر جي ڏينهن ۾ بـ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر رهيو هو. هي سڄو احوال ڊاڪٽر جيٽلي پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڏنو آهي. ڪتاب ۾ شامل لوڪ ڪهاڻيون اڳ ٻين ليکڪن ڇو پنهنجن ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ نـ آنديون. جو اُنهن ۾ ڪي سنڌ جا ڄاتل سڃاتل ڪردار نـ آهن. فقط سورٺ راءِ ڏياچ ڪهاڻي ڊاڪٽر بلوچ صاحب شامل ڪئي آهي. ٻيون اهڙيون ڳالهيون يا آکاڻيون آهن، جن جي سٽاءَ ۽ مضمون معمولي نوعيت جو آهي. انهن ۾ البت ناصحانـ موضوع آهن. اهي آکاڻين جي عنوان هيٺ اچن ٿيون. ٻهريون ٿي بلڪل مختصر آهن. پهرين آکاڻي هڪ ٻار لاءِ ٻن عورتن جي دعوٰي بابت آ هي، جيڪي قاضيءَ وٽ فيصلي لاءِ وڃن ٿيون. هو جڏهن عقل هلائي ٻار ڪي بـ ٽُڪر ڪرڻ لاءِ چوي ٿو تـ هڪڙي عورت دعوٰي ڇڏي ٿي ڏئي. قاضي پروڙي ٿو وٺي تـ حقيقت ۾ ٻار جي ماءُ اها ئي آهي ۽ ڪيس ٻار ڏياري ٿو. هيءَ ڪهاڻي / آکاڻي پراڻن سنڌي درسي ڪتابن ۾ آيل آهي.

ٻي ڪهاڻي ٻن ماڻهن بابت آهي، جيڪي پرڏيهـ ويندي، پنهنجي پونجي هڪ ٻڍڙيءَ وٽ رکندي چونس ٿا تـ جڏهن گڏجي اچون تڏهن واپس ڪجانءِ. ٿوري گهڻي ڏينهن هڪڙو آيو ۽ چيائين تـ منهنجو ساٿي مري ويو آهي. مائي اعتبار ڪري رقم ان کي ڏني. جڏهن ٻيو آيو تـ مائي حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. هو هيءَ حالت ڏسي قاضيءَ وٽ داد فرياد خاطر ويو. ان بـ چيو تـ ٻئي ساٿيءَ کي وٺي اچ تـ فيصلو ڪريون!

ٽين ڪهاڻي هڪ ڇوڪر بابت آهي جيڪو واڻئي کان پڳڙا وٺڻ لاءِ هٽ ڊگهاري ٿو. پر جو مُنيءَ ڪي پاڪر پايو بيٺو آهي تنهنڪري هٽ کولي نٿو تـ پڳڙا وٺي نٿو سگهي. ويا ڏاهرين جي سردار وٽ، ان چيو ڇت پٽيو ۽ زمين کوٽيو تـ ڇوڪر آجو ٿي پوندو! ائين ڪيائون تـ معاملو نبري ويو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏاهرين جي چڱي مڙس کي لال بجهڪڙ


ڊاڪٽر جيٽلي

چيو ويو آهي، جيڪو هندي / اردوءَ جو ڪردار آهي. سنڌيءَ ۾ ان جي برابر ڪاڪي آچار جو ڪردار مقبول آهي. جڏهن اٺ جو ڪنڌ ديڳڙي ۾ ڦاسي پيو تـ ڪاڪي آچار کي وٺي آيا. ان چيو تـ اٺ کي ڪهو ۽ ديڳڙو ڀڃو تـ اٺ جو ڪنڌ نڪري ايندو!

چوٿين ڪهاڻي شهزادي املهـ ماڻڪ ۽ حسيني پريءَ جي آهي. هيءَ البت تفصيلي ڪهاڻي آهي. هن کي چين جي ڪهاڻي سڏيو ويو آهي. پنجين معروف ڪهاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي آهي، جيڪا لوڪ ادب سلسلي ۾ نشانبر آهي. شاهـ عبداللطيف ۽ ٻين شاعرن هن کي ڳايو آهي. هن متن ۾ ڪي بيت بـ شاهـ جي رسالي جا ڏنا ويا آهن.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر جيٽلي ڪن غلط فهمين کي دور ڪيو آهي، جي ڪن ليکڪن پيدا ڪيون هيون. هي ڪتاب ۽ خاص طور ان جو مهاڳ ڊاڪٽر جيٽلي جي تحقيق جو هڪ نمونو آهي. سنڌ ۾ هڪ روايتي پبلشر هيءَ ڪتاب بنا اجازت شايع ڪيو ۽ ليکڪ کي هڪ ڪاپي موڪلڻ بـ گوارا نـ ڪيائين (ڏسو ڊاڪٽر جيٽلي جو خط).

## سنڌي پهاڪا ۽ محاورا (1993ع):

هي حقيقت ۾ سنتداس پنهونمل ڪشناڻيءَ جي ساڳئي نالي واري ڪتاب جو مهاڳ آهي، جو ڊاڪٽر جيٽلي لکيو ۽ وري اُن کي جدا شايع ڪيو. ذڪر ڪيل ڪتاب جو ايڊيٽر بـ ڊاڪٽر جيٽلي آهي. هي مقدمو تفصيلي آهي. هن

۾ پهرين لوڪ ساهتيہ (ادب) ۾ پهاڪن ۽ محاورن جي اهميت تي لکيو ويو آهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي تہ ساهتيہ يا ادب سماجي زندگيءَ ۾ ڪيئن ڳتيل ۽ ڳنڍيل آهي. لوڪ ثقافت (سنسڪرتي) حقيقت ۾ ڇا آهي؟ ان ۾ انساني زندگي ۽ اظهار جا طريقا ڪهڙي اهميت رکن ٿا. اهو اظهار ڪهڙن جدا جدا ذريعن سان ٿئي ٿو. انهن ۾ هنر بہ آهن جيڪي روزگار جو ذريعو آهن ۽ لوڪ ڪٿائون، شاعري، ناٽڪ، ادب ۽ مصوري وغيره وري وندر جو ذريعو آهن. هنرن توڙي ادبي اظهار ۾ زندگيءَ جو عڪس ڇٽو آهي.

مهاڳ وارن چند صفحن ۾ جيٽلي صاحب اڳ شايع ٿيل پهاڪن ۽ محاورن جي ڪتابن جو تذڪرو ڪيو آهي. انهن ۾ پهريون مجموعو ديوان ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ (1844- 1916ع) جو آهي، جيڪو هن "سنڌي پهاڪا" نالي ڪتاب ۾ 1889ع ۾ ڇپايو. ان کان سواءِ ڪيولرام، مرزا قليچ بيگ، پيرومل، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ٻين عالمن جي ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

پهاڪن جي انهن ڪتابن ۾ جن صنفن جو ذڪر آهي، سي ڪل چار آهن. (1) پهاڪا (2) اصطلاح يا محاورا (3) چوڻيون (4) ورجيسون. ڊاڪٽر جيٽلي هنن صنفن جو مثالن سان وستار ڪيو آهي. اڪثر اڻ ڄاڻ ماڻهو هر مصدر کي بہ اصطلاح چون ٿا. انهن لاءِ ڊاڪٽر جيٽلي جون بيان ڪيل وصفون نهايت ڪارآمد ۽ رهنمائي ڪندڙ آهن. انهن مان هڪ هڪ جو مثال هن ريت آهي:

- پهاڪو: گدڙ ڊاک نہ پڄي، اکي ٿو کٽا.
- چوڻي: ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو، ننڍو وڏو ڇيڙ مٿو.
- محاورو/اصطلاح: ڪير ڪنڌ ٿي وڃڻ.
- ورجيس: چور چڪار.

ٻوليءَ جي سونهن واريون هي صنفون نهايت معنيٰ خيز آهن. انهن جي لفظي سٽاءَ ڪيئن بہ هجي، معنيٰ خوبصورت پيدا ڪن ٿيون.

## ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي: سنڌس جيون چرتر ۽ رچنائون (1983ع):

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي جنم شتابديءَ (ڄمڻ جي هڪ صدي) تي ڪوٺايل سيمينار جي موقعي تي شايع ڪيو ويو آهي، جو سيمينار جي مڪمل رپورٽ ۽ ڪن مضمونن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جا سمپادڪ (ايڊيٽر) آهن: ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي. هي ادبي ميڙ (سيمينار) 22-23 ۽ 24 سيپٽمبر 1982ع تي دهليءَ ۾ سڏايو ويو هو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڄمڻ جو ڏينهن 8 مارچ 1883ع هو، پر هي ميڙاڪو اندازاً اصل سالگره 8 مارچ 1983ع کان پنج ڇهہ مهينا اڳ رکيو ويو. هنن افتتاحي اجلاسن ۽ مقالن جي ميڙن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي علمي خدمتن جي مختلف پهلوئن جو جائزو ورتو ويو. ڊاڪٽر جيٽلي جي تفصيلي مهاڳ ۽ رپورٽ کان سواءِ هن ڪتاب ۾ هيٺيان مقالا شامل آهن:

1- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو جيون چرتر ۽ رچنائون (ڊي. ڪي. منشاراماڻي)
2- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (تاراچند منگهن مل گربخشاڻي)
3- ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي: هڪ ڀاشا وگياني (ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي)
4- ڊاڪٽر گربخشاڻي: هڪ ادبي نقاد (هيرو شيوڪاڻي)
5- ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تيار ڪيل شاهہ جي رسالي جي اهميت (ارجن شاد)
6- ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو لکيل ناول "نورجهان" (پرم ابيچنداڻي)
7- ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي: درشن جو وياڪتا (ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻي)
8- شاهہ جي رسالي ۾ آيل سنڌي لوڪ ڪهاڻين بابت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي سمجهاڻي (ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي)

9- شاهه جو رسالو، ڪڇي ۽ گجراتي ٻولين جي حوالي ۾ (جينٽ ريلواڻي)

آخر ۾ ڪتاب ۾ شامل ڪيل مقالن جي ليکڪن جا مختصر سوانحي خاڪا ڏنل آهن. ڪتاب ۾ شامل ٽن مقالن جو مختصر تعارف ۽ تت هن ريت آهي: ڊاڪٽر جيٽلي جو مقالو گربخشاڻيءَ کي بحيثيت ماهر لسانيات (ڀاشا وگياني) متعارف ڪرائي ٿو. اول اڳ وارن لسانيات جي ماهرن جو ذڪر ڪري ٿو جن ۾ ٽرومپ، بيمس، جهمٽ مل وسٽائي، ڏيارام ميرچنداڻي ۽ گريئرسن اچي وڃن ٿا. انهن اسڪالرن زبان جي ماهيت، گرامر، لفظن جي ذخيرن بابت لکيو هو. گربخشاڻي انهن جي ڪيل ڪم ۽ اُن سان گڏ هن سنسڪرت سکي. اهڙيءَ ريت هن ۾ سنڌيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهڻ جي قوت پيدا ٿي ۽ اُن جي نتيجي ۾ شاهه جي رسالي جي زبان کي معنوي سطح تي پروڙيو.

ڊاڪٽر جيٽلي لکي ٿو تہ: "ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تيار ڪيل شاهه جي رسالي مان صاف ظاهر آهي تہ کيس ڀاشا وگيان جي اصولن جي چڱي خاصي ڄاڻ هئي. سنڌي ٻولي ۽ خاص ڪري شاهه جي ٻوليءَ جو هن ڳوڙهو اڀياس ڪيو هو." هيءَ ڳالهہ وڌيڪ صاف ۽ چِٽي ڪرڻ لاءِ جيٽلي صاحب چئن ڀاڱن ۾ ورهائي بحث ڪيو آهي. اُهي آهن:

1- ڀاشا وگيان تي ٽيل تحقيقي ڪاريہ (ڪم) جو اڀياس

2- سنڌي ٻوليءَ جي بڻ- بنياد بابت ويچار

3- سنڌي ٻوليءَ ۽ شاهه جي سنڌيءَ جو اڀياس

4- سنڌي لفظن جا اشتقاق ۽ سندن تاريخي اوسر

انهن نڪتن مان هر هڪ جي وڌيڪ اُپٽار ڪندي ڊاڪٽر جيٽلي هي موضوع ڪاميابيءَ سان نڀايو آهي.

ٻيو مقالو تاراچند منگهنمل گربخشاڻيءَ (ڄمر 1904ع) جو آهي جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ڀائيٽو آهي. هن جو عنوان: "ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي" آهي. هي مقالو خانداني پس منظر ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڏاڏي، والد ۽ ٻين عزيزن جي ذڪر سان شروع ٿئي ٿو ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تعليم، ملازمت، علمي قابليت ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي روشني وجهي ٿو.خانداني ذريعن سان لکيل آهي، اِن ڪري مستند آهي.

ٽيون مقالو جيڪو مون کي ذڪر لائق لڳو اُهو ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ جو آهي. عنوان اٿس: "ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، درشن جو وياکياتا." هن مقالي ۾ ڊاڪٽر جوتواڻيءَ، گربخشاڻيءَ جي رسالي جي مختلف پهلوئن جو بيان ان ريت ڇاٽايو آهي تہ هو موضوعن کي صاف ۽ شفاف انداز ۾ بيان ڪري ٿو. ان ريت گربخشاڻيءَ، شاهه جي سوانح، تصوف ۽ ويدانت توڙي موضوعن جو بيان چٽو ۽ غير مبهم ڪيو آهي. انهن نڪتن کي وزن ڏيندي ڊاڪٽر جوتواڻي مقالو مڪمل ڪري ٿو. هو اِهو واضح ڪري ٿو تہ گربخشاڻي پراڻي انداز ۽ فرسوده اعتقادن کان پري رهيو ۽ شاهه عبداللطيف کي هڪ اعليٰ شاعر جي حيثيت ۾ ڏٺائين.

## لالچند امرڏنومل (1985ع):

هيءَ ڪتاب ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، سنڌي ادب جي هڪ قداور شخصيت ڪاڪي لالچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ جي سوانح ۽ علمي خدمتن جي باري ۾ لکيو آهي. لالچند (1885-1954ع) سنڌيءَ جو هڪ امر ليکڪ آهي. هن ڪتاب کي چئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. آخر ۾ حوالا ۽ لالچند جي چونڊ لکڻين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پهريان ٻہ باب اُن وقت جي پسمنظر ۽ لالچند جي زندگيءَ ۽ شخصيت بابت آهن. اها حقيقت آهي تہ وڏا ماڻهو رڳو لفظن ۽ تقريرن سان نٿا بنجن، بلڪ عمل ۽ منفرد شخصيت سان بنجن ٿا. ڪاڪي لالچند جي زندگيءَ جي ڪهاڻي انساني خدمت جي ڪهاڻي آهي. هن جيڪي لکيو ۽ جيڪا عملي ۽ علمي خدمت ڪئي اُن ۾ انساني خدمت جو جذبو اول هو.

هو 25- جنوري 1885ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو. اسڪول ۾ وڃڻ وارو تجربو هن لاءِ دکدائڪ هو. پيءُ ۽ ڏاڏي هن

ڪيو ويو (ص 12- 13)".

"سورلي نالي هڪ انگريز جج (پوءِ ڊاڪٽر ايچ.ٽي. سورلي) جي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو. پوليس جيڪي گواهه پيش ڪيا تن انهيءَ بيت جي معنيٰ سمجهائيندي چيو تہ انهيءَ ذريعي عوام کي بغاوت ڪرڻ ۽ قتل عام ڪرڻ لاءِ سڏ ڏنو ويو آهي. سورلي ويچارو اُن زماني ۾ سنڌي ٻولي ايتري نہ ڄاڻندو هو، جو اُنهيءَ بيت جي صحيح مفهوم کي سمجهي سگهي. گواهن جي غلط سمجهاڻين تي ويساهہ ڪري، هن چينمل کي ڇهن سالن لاءِ قيد جي سزا ڏني (ص 13)".

چينمل سال کن سزا ڪاٽي تہ سياسي ناهہ سبب آزاد ٿي آيو ۽ سنڌس زبردست آجيان ٿي. ڊاڪٽر جيٽلي لکي ٿو تہ: "چينمل تہ قيد جي سزا کان آجو ٿيو، پر ٻئي طرف سورلي صاحب کي شاهہ لطيف اهڙو تہ قيد ۾ ٻڌو جو يا عمر اُن مان آجو ٿي نہ سگهيو. (ص 13- 14)".

نيٺ سورلي رسالي جو اڀياس ٻنيو ۽ ڪتاب (ٿيسز) Shah Abdul Latif of Bhit لکي پي ايچ.ڊي جي ڊگري ورتائين. هيءُ ڪتاب 1940ع ۾ آڪسفورڊ مان ڇپيو. اُن کان پوءِ ٻيو ڪتاب "Musa Pervagans" لکيائين، جنهن ۾ شاهہ عبداللطيف کي دنيا جو عظيم ترين شاعر ڪري مڃيائين. بهرحال چينمل جي عظمت سندس علمي ادبي، سياسي ۽ سماجي خدمتن ڪري سنڌ جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي.

## ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ (1999ع):

هيءُ ڪتاب جيٽلي صاحب سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لپين جي مڪمل وضاحت طور لکيو آهي. اِن سلسلي ۾ هن پراڻين سنڌي لپين ۽ عربي توڙي فارسي لپيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. ڪتاب لکڻ جي مقصد جي اپٽار ڪندي لکي ٿو تہ: "اسان مان ڪن ٿورن کي ڄاڻ هوندي تہ سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي هڪ ڏيهي نرالي لپي بہ آهي. اُن کي عام طور سنڌي لپي سڏيو ويجي ٿو. هندو- سنڌي لپيءَ جا الڳ الڳ نمونا آهن. هن لپيءَ جي جيڪڏهن اوسر جاچبي تہ انهيءَ جو اتهاس هندوستان جي آڳاٽين لپين (موهن جي دڙي جي لپي، براهمي ۽ کروشتي لپي) سان وڃي ٿو ملي(1)".

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي، البيرونيءَ جي حوالي سان وڌيڪ لکي ٿو تہ: "اها نهايت ئي افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اسان سنڌين پنهنجي انهيءَ جهوني ورثي کي وساري ڇڏيو آهي. يارهين صدي عيسويءَ جي مشهور عرب عالم البيرونيءَ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ نرالي لکاوٽ کي سيندب (سينڌو) جي نالي سان سڏيو آهي. سنڌ ۾ ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد جي کوٽائيءَ مان انهيءَ لکاوٽ جا جهونا نمونا مليا آهن(2)."

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ديوناگري لپيءَ جي حق ۾ راءِ ظاهر ڪئي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اُن راءِ ۾ سازش جو شڪ ظاهر ڪيو. هن پس منظر جي زير اثر ڊاڪٽر جيٽلي هيءُ ڪتاب لکيو. هاڻي تہ عربي رسم الخط اختيار ڪيو ويو آهي، پر ماضيءَ جي هن ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ بہ ضروري هو. هن ڪتاب ۾ ليکڪ هيٺيان باب قائم ڪيا آهن: ٻوليءَ جو سرشتو، ٻولي ۽ لکاوٽ، لکاوٽ جو اتهاس، سنڌي ٻوليءَ جون لپيون، عربي- سنڌي لپي، انگريزن جي دور ۾ عربي- سنڌي لکاوٽ ۽ آزاديءَ کان پوءِ عربي- سنڌي صورتخطي. اُن کان سواءِ ڪتاب ۾ 41 عڪسي پليٽون بہ ڏنيون ويون آهن، جي لکاوٽن جا نمونا ظاهر ڪن ٿيون.

ڪتاب ۾ لکاوٽ جي تاريخ ڏيندي اُن جي مختلف دورن ۽ قسمن جو بيان ڪيو ويو آهي. اُنهن ۾ چٽر لپي (Pictography)، ڀاوَ ليک (Ideography)، آوازي ليک (Phonetic writing) ۽ اکري لکاوٽ (Syllabic writing) جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. ڀارت ورش ۾ اِنهن لپين ۾ بہ بنيادي لپيون آهن. اُهي آهن سنڌوسڀيتا جي لپي ۽ براهمي لپي.

براهمي لپي ڀارت جي ٻين ڏيهي (علاقائي) لپين جي بنياد جو درجو رکي ٿي. سنڌيءَ لاءِ جيڪي لپيون ڪم آيون، اُهي آهن ديوناگري- سنڌي ۽ عربي- سنڌي. پوئين مسلمانن جي اڪثريت سبب قائم ٿي ويئي ۽ هندو ليکڪن بہ گهڻي ڀاڱي اختيار ڪئي. قديم سنڌي لپيءَ جو بيان ڪندي ڊاڪٽر جيٽلي سير حاصل بحث ڪيو آهي ۽ پنهنجا دليل ڏنا آهن.



# 1819ع کان وٺي ڇپيل سنڌي ڪتابن جو جائزو-13

ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ

## [هندو/ٻڌ ڌرم ۽ ڌرمي سوانح]

| سيريل نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ ۽ ناشر | سن | صفحا | قسم | تعداد | قيمت | پريس |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 473. | آريه سماج جو چماتڪر | ڏيارام هيمراج، ڪراچي: [خود] | 1915ع | 34 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| 474. | آس جي وار چنتن ۽ شبدن سان | چوهڙمل، ڪراچي: [خود] | 1915ع | 54 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| 475. | آنند صاحب ڀاڱو ٻيو | فتحچند مينگهراج آڏواڻي، حيدرآباد: ساهتيه بوڪ ڊيپو | 1915ع | 30 | ٽائيپ | 2000 | 2 آنا | اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 476. | اڄڪلهه جو سڌارو ڀاڱو پهريون | هرومل پريمچند، ڪراچي: سناتن ڌرم سڀا | 1915ع | 149 | ٽائيپ | 4000 | 1 روپيو | هارون پريس ڪراچي |
| 477. | ارجن گيتا ڪو يسر مهراج ڏيارام جي | حيدرآباد: [خود] | 1915ع | 8 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | مهتاڻي پرنٽنگ پريس حيدرآباد |
| 478. | انيوسر (ديوناگري) | مينگهسنگ شولداس، شڪارپور: [خود] | 1915ع | 48 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 479. | پچن بهار ڀاڱو پهريون | ڪيشوداس داسامل، شڪارپور: شولداس ٽانورداس | 1915ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | ڪرشنا پريس سکر |
| 480. | پچن بهار ڀاڱو ٻيو | ڪيشوداس داسامل، شڪارپور: شولداس ٽانورداس | 1915ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | ڪرشنا پريس سکر |
| 481. | پچن رامائڻ (گرمکي) | سکر: شولداس سنز | 1915ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | جارج پريس سکر |
| 482. | پچن سار (گرمکي) | مينگهراج شولداس، شڪارپور: [خود] | 1915ع | 48 | ٽائيپ | 500 | 3 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 483. | پچن مالا | پنڊت ڀاشارام شرما، لاڙڪاڻو: [خود] | 1915ع | 72 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .515 | ستيارٿ پرڪاش ڀاڱو چوٿون سملاس يارهين جو قصو پهريون (گرمکي) | شڪارپور: اڌارام فتحچند | 1915ع | 124 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | لڪشمي پريس شڪارپور |
| .516 | سکن لاءِ سوکڙي | نارائڻداس ڪندنمل. لاڙڪاڻو: [خود] | 1915ع | 26 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | پتريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| .517 | سکمني صاحب (گرمکي) | ليلارام وطنمل لعلواڻي. حيدرآباد: وسٽمل ڪشنچند | 1915ع | 88 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |
| .518 | سلوڪ پنڊت تولارام جا (گرمکي) | سکر: بولچند | 1915ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 3 پايون | جارج پريس سکر |
| .519 | سلوڪ ڪبير ڀڳت جا | سکر: شولداس سنز | 1915ع | 36 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | ڪرشنا پريس سکر |
| .520 | سنت ڌرم سمرتي مول (گرمکي) | سوامي هيمراج چڏاڪاشي. حيدرآباد: دولترام چڏاڪاشي | 1915ع | 138 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | ودياساگر پريس حيدرآباد |
| .521 | سنڌي سچڻ (گرمکي) | پنڊت ڏيٺلداس. شڪارپور: مترجنڌلي | 1915ع | 7 | ٽائيپ | 2000 | مفت | ايبورڊ پريس سکر |
| .522 | سنگيت جي سوکڙي | نارائڻداس ٽوپٽداس. لاڙڪاڻو: [خود] | 1915ع | 10 | ٽائيپ | 1000 | مفت | لاڙڪاڻ گزيٽ پريس لاڙڪاڻو |
| .523 | سوامي ويڪانند جو جيون چرتر | پهلاجراءِ تلوڪچنديراماڻي. ڪراچي [خود] | 1915ع | 24 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| .524 | سيتا ۽ راوڻ يا سيتا جو ست | دوارڪاداس. ڪراچي [خود] | 1915ع | 34 | ٽائيپ | 1000 | مفت | ايبورڊ پريس سکر |
| .525 | شبد نوين مهل مول (گرمکي) | پنڊت ڏيٺلداس. شڪارپور: متر منڊلي | 1915ع | 58 | ٽائيپ | 2400 | مفت | ڪرشنا پريس سکر |
| .526 | شبد نانڪرام | چوهڙمل گدواڻي ڪراچي: [خود] | 1915ع | 67 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .527 | شبد | نانڪرام چوهڙمل گدواڻي. ڪراچي: [خود] | 1915ع | 67 | ٽائيپ | 1000 | مفت | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .528 | شري ٻال رکيا چاپو ٻيو | سوامي هيمراج حيدرآباد: بولچند تولارام | 1915ع | 76 | ٽائيپ | 2000 | 2 آنا 6 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .529 | شري ٻال رکيا | حيدرآباد: بولچند تولارام | 1915ع | 77 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .564 | بناگرو جي الت مايا جو درشن | رامچند هاسامل. حيدرآباد: [خود] | 1916ع | 48 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | وديا ساگر پريس حيدرآباد |
| .565 | بيت پنڊت تولارام جا | پنڊت تولارام. سکر: ڏاسنگ سنز | 1916ع | 20 | ٽائيپ | 2000 | 1 آنو | وڪٽوريه پريس سکر |
| .566 | پارهن ماهه | اُڌارام فتحچند. سکر: [خود] | 1916ع | 8 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .567 | پارهن ماهه (گرمکي) | لاڙڪاڻو: چترسنگ بلند راءِ | 1916ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | وشن پريس جيڪب آباد |
| .568 | پچن مالا | هوندراج ويرومل. ڪراچي: [خود] | 1916ع | 36 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .569 | پنجابي مهاجڻ جي ڏيتي ليتي بابت بندي | ڪراچي: ريواچند ولپداس | 1916ع | 16 | ٽائيپ | 250 | مفت | هارون پريس ڪراچي |
| .570 | پوج سهتن جي پنچائت جي نون سٽاريل نهرائن جي بندي | ڪراچي: چاندومل تارا چند | 1916ع | 9 | ٽائيپ | 100 | مفت | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .571 | پوچاري پربوڌ | ڏيارام پرسرام. ڪراچي: خانچند بولچند | 1916ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | وديا ساگر پريس حيدرآباد |
| .572 | پيپي ۽ ڏني ڀڳت جا جيون چرتر | فتحچند مينگهراج آڏواڻي. حيدرآباد: آي. ايچ آڏواڻي | 1916ع | 48 | ٽائيپ | 2000 | 3 آنا | اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .573 | پيپي ۽ ڏني ڀڳت جا جيون چرتر (گرمکي) | فتحچند مينگهراج آڏواڻي. حيدرآباد: آي. ايچ آڏواڻي | 1916ع | 41 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .574 | جپ صاحب | چوهڙسنگ بلند راءِ. لاڙڪاڻو: [خود] | 1916ع | 38 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | پتريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| .575 | جوتش سار | هيرانند هاسانند. روهڙي: [خود] | 1916ع | 62 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | ايڊورڊ پريس سکر |
| .576 | جيون چرتر شري ڪبير صاحب جن جا | فتحچند مينگهراج آڏواڻي. حيدرآباد: آر. ايچ آڏواڻي | 1916ع | 188 | ٽائيپ | 1000 | 12 آنا | اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .577 | چڱن ڀڳتي ڪيرتن | چڱنمل بولمل. شڪارپور: [خود] | 1916ع | 26 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | ڪرشنا پريس سکر |
| .578 | چڱن ڀڳتي ڪيرتن (گرمکي) | چڱنمل بولمل. شڪارپور: [خود] | 1916ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | ڪرشنا پريس سکر |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 579. | دياڻند جي ودوتيا | گوبندرام ڪلومل جڳهه. جيڪب آباد: سناتن ڌرم سڀا | 1916ع | 24 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | وشن پريس جيڪب آباد |
| 580. | ڌرهو چرتر | مهراج گرڌاري لال. شڪارپور: [خود] | 1916ع | 84 | ٽائيپ | 1000 | 10 آنا | شري گوپالداس پريس شڪارپور |
| 581. | ڏياري جو ڏيو | هيمراج نيٽو اگناڻي. سکر: [خود] | 1916ع | 24 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | وڪٽوريه پريس سکر |
| 582. | سچ پنڊار_ سنتن جا وچن | سکر: چوهڙسنگ بلندراءِ | 1916ع | 64 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | جارج پريس سکر |
| 583. | سچ ڪو ڪڍهن لکڻ وارو آهي | پنڊت ڪشنچند سکر: حڪيم منگتراءِ | 1916ع | 12 | ٽائيپ | 500 | مفت | جارج پريس سکر |
| 584. | سچي گئو رکيا | چنديرام آريا. لاڙڪاڻو: شريمت مهنت ڪنڊنداس | 1916ع | 14 | ٽائيپ | 1000 | مفت | پتريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| 585. | سچي گئو رکيا (گرمکي) | خيرپور ميرس: مورجمل | 1916ع | 12 | ٽائيپ | 250 | مفت | پتريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| 586. | سنسچر استوتر | هيرانند چيتانند. ڪراچي: [خود] | 1916ع | 15 | ٽائيپ | 1000 | مفت | سنڌ آبزرور پريس ڪراچي |
| 587. | سکيءَ جو سينگار | حيدرآباد سک ينگ مئن ائسوسي ايشن | 1916ع | 28 | ٽائيپ | 2000 | 9 پايون | اسٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 588. | سلوڪ ۽ پچن | چيتانند واڌورامائي ٺڪر. جيڪب آباد: وشنداس | 1916ع | 10 | ٽائيپ | 500 | 6 پايون | وشن پريس جيڪب آباد |
| 589. | سلوڪ پنڊت تولارام جا حصو پهريون | پنڊت تولارام. سکر: ڦڏا سنگ سنز | 1916ع | 40 | ٽائيپ | 2000 | 1 آنو | وڪٽوريه پريس سکر |
| 590. | سلوڪ پنڊت تولارام جا حصو ٻيو | پنڊت تولارام. سکر: ڦڏاسنگ سنز | 1916ع | 40 | ٽائيپ | 2000 | 1آنو | وڪٽوريه پريس سکر |
| 591. | شجره خاندان استرائي | سيد گلباز شاهه. سکر: شيخ عبدالعزيز محمد سليمان | 1916ع | 66 | ٽائيپ | 500 | 6 آنا | وڪٽوريه پريس سکر |
| 592. | شري آتم ڦلواڙي | بولچند تولارام (مترجم) | 1916ع | 467 | ٽائيپ | 1000 | ڏيڍ روپيو | اسٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 593. | شري ٻاون اکري يا ٻارهن ماهو نئين سکيا (گرمکي) | مينگهراج ميٺارام. لاڙڪاڻو: [خود] | 1916ع | 28 | ٽائيپ | 500 | مفت | پتريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| 594. | شري ڀڳوت گيتا جو ارڙهون اڌياءُ | سکر: شولداس سنز | 1916ع | 62 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | وشن پريس جيڪب آباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 595. | شري چيتن ديو جو جيون چرتر | ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي. حيدرآباد: آر. ايچ آڏواڻي | 1916ع | 65 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا 6 پايون | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 596. | شري گرو اشٽا پيٽ (گرمکي) | ڀڳوانداس چمنداس. شڪارپور: بابا غريبسنگ | 1916ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | ڪرشنا پريس شڪارپور |
| 597. | شري نارائڻ ڪواچ مهاتم سميت (گرمکي) | چوهڙ سنگ بلندراءِ. لاڙڪاڻو: [خود] | 1916ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | جارج پريس سکر |
| 598. | شري وندنا اشٽڪ (گرمکي) | هنساداس جي. حيدرآباد: سنيداس | 1916ع | 12 | ٽائيپ | 500 | مفت | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 599. | ڪٿا نارائڻ داس جي ڇاپو ٻيو | ديوان پرتمداس چندناڻي. سکر: شولداس سنز | 1916ع | 38 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | وشن پريس جيڪب آباد |
| 600. | ڪنول مالا | حيدرآباد: ولڀداس پريداس | 1916ع | 26 | ٽائيپ | 1000 | 9 پايون | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 601. | ڪوهنور اڻوا ولاس ڪماري | گنومل. حيدرآباد: شيوارام واڌومل | 1916ع | 107 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 602. | ڪيرتن سهلا | فتحچند مينگهراج آڏواڻي. حيدرآباد: جيوترام ٺڪرداس | 1916ع | 23 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 603. | گرو ڪهڙو ڪجي | دياسنگ لال سنگ. لاڙڪاڻو: [خود] | 1916ع | 20 | ٽائيپ | 500 | 9 پايون | پٽريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| 604. | گرونانڪ صاحب جن مسلمان هئا ڇا؟ | ڏيارام پرسرام ميرچنداڻي. ڪراچي: [خود] | 1916ع | 30 | ٽائيپ | 1000 | مفت | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| 605. | گلابي هار | سلامتراءِ سيرومل. سکر: ڪڪومل ميٺومل | 1916ع | 14 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | ايڊورڊ پريس سکر |
| 606. | گلابي هار (گرمکي) | سلامتراءِ سيرومل. سکر: ڪڪومل ميٺومل | 1916ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | ايڊورڊ پريس سکر |
| 607. | گڻو پڪار | شريمن جيوڻ لال. شڪارپور: تاراچند دي گاجرا | 1916ع | 34 | | 1000 | 2 آنا | پٽريڪا پريس لاڙڪاڻو |
| 608. | گڻو پڪار | گرمکداس. شڪارپور: [خود] | 1916ع | 8 | ٽائيپ | 1000 | مفت | شري گوپالداس پريس شڪارپور |
| 609. | گٽيءَ جا گڻ | هوندراج ٽڏارام. شڪاربو: [خود] | 1916ع | 106 | ٽائيپ | 2000 | مفت | شري گوپالداس پريس شڪارپور |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 610. | لال امرت راماڻ (گرمکي) | ڪنيالال ڪوڙامل. سکر: [خود] | 1916ع | 76 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | جارج پريس سکر |
| 611. | ميران بائي | چيتمل پرسرام گلراجاڻي. حيدرآباد: پرسرام جهانگيمل | 1916ع | 94 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 612. | مها انڌاري رات | گرڌنومل ٽهلسنگ. ميرپورخاص: [خود] | 1916ع | 25 | ٽائيپ | 1200 | 1 آنو | ميرپورخاص گزيٽ پريس ميرپورخاص |
| 613. | نانڪ پرڪاش ڀاڱو اٺون اٿوا سورج پرڪاش حصو چوٿون | چيتانند ماتاڏنومل. حيدرآباد: [خود] | 1916ع | 268 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | وديا ساگر پريس حيدرآباد |
| 614. | نانڪ پرڪاش ڀاڱو نائون اٿوا سورج پرڪاش حصو پنجون | چيتانند ماتاڏنومل. حيدرآباد: [خود] | 1916ع | 275 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | وديا ساگر پريس. حيدرآباد |
| 615. | نيوگ جو بنيادي پٿر | ڏيارام هيمراج. ڪراچي: [خود] | 1916ع | 72 | ٽائيپ | 1000 | مفت | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| 616. | آسادي وار چنتن ۽ شبدن سميت ڇاپو ٻيو | نانڪرام چوهڙمل. ڪراچي: [خود] | 1917ع | 80 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| 617. | آپت ڪال ۽ ديس ڀڳتين جي مهما | چمنداس مينگهراج ٺڪر. شڪارپور: [خود] | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 750 | 6 پايون | لڪشمي پريس شڪارپور |
| 618. | اروگيا وگيان ڇاپو ٻيو | اير. اير. ڀاڳچنداڻي. بمبئي: [خود] | 1917ع | ؟ | ٽائيپ | 2000 | 6 آنا | برٽش انڊيا پريس بمبئي |
| 619. | اورگيا وگيان ڇاپو ٽيون | اير. اير. ڀاڳچنداڻي. بمبئي: [خود] | 1917ع | ؟ | ٽائيپ | 5000 | 6 آنا | برٽش انڊيا پريس بمبئي |
| 620. | استنو ترڪتا شنيشورجي (گرمکي) | سکر: شولداس سنز | 1917ع | 17 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | جارج پريس سکر |
| 621. | امبرت مالا | سکر: ايسرداس ڊبليو راء سنگهاڻي | 1917ع | 70 | ٽائيپ | 1000 | 1-آنو | ايڊورڊ پريس سکر |
| 622. | ايشور ويچار | ميرپورخاص: گرڌنومل ٽهلسنگ | 1917ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | ميرپورخاص گزيٽ پريس ميرپورخاص |
| 623. | برهمو ڌرم جا مول متا (گرمکي) | ٽهلرام ليلارام. حيدرآباد: [خود] | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | قيصريه پريس حيدرآباد |
| 624. | بندي سونارن جي پنچائت جي | ميرپورخاص: رام رکيومل | 1917ع | 12 | ٽائيپ | 250 | مفت | پريميئر پريس حيدرآباد |
| 625. | ٻارهن ماھ | سکر: بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1917ع | 8 | ٽائيپ | 1000 | 9 پايون | جارج پريس سکر |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .626 | پائي جوڳا سنگهه | ليلارام وطنمل لعلواڻي. حيدرآباد: آر. ايچ. آڏواڻي | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .627 | پچن هار | سکر: هيمنداس سنز | 1917ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | البرٽ پريس سکر |
| .628 | پچن هار ڇاپو ٽيون (گرمکي) | سکر: هيمنداس سنز | 1917ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | وڪٽوريه پريس سکر |
| .629 | پڳت مالا- 3 | ڪندنمل ڏيپچند، حيدرآباد: [خود] | 1917ع | 158 | ٽائيپ | 1500 | 14 آنا | قيصريه پريس حيدرآباد |
| .630 | پڳت مالا-4 | ڪندنمل ڏيپچند. حيدرآباد: [خود] | 1917ع | 144 | ٽائيپ | 1000 | 12 آنا | قيصريه پريس حيدرآباد |
| .631 | پڳت مالا-5 | ڪندنمل ڏيپچند. حيدرآباد: [خود] | 1917ع | 124 | ٽائيپ | 1000 | 10 آنا | قيصريه پريس حيدرآباد |
| .632 | ٽجوڙي جي ڪنجي | تاراچند ڏيئومل گاجرا. شڪارپور: [خود] | 1917ع | 50 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | شري گوپالداس پريس شڪارپور |
| .633 | ٽنڊڙي جي سوکڙي | سکر: سندر شيوڪ سڀا | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | مفت | ايڊورڊ پريس سکر |
| .634 | ٽنڊڙي جي سوکڙي (گرمکي) | سکر: سندر شيوڪ سڀا | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | مفت | ايڊورڊ پريس سکر |
| .635 | پاڪ بپتسما، خدائي ڪاج ۽ بين ريتن جي ترتيب ۽ دعائون | ڊي. ايس. هارپر. حيدرآباد: [خود] | 1917ع | 289 | ٽائيپ | 500 | 8 آنا | قيصريه پريس حيدرآباد |
| .636 | جپ صاحب ڇاپو ٻيو | سکر: مينگھراج سنز | 1917ع | 32 | ٽائيپ | 4000 | 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .637 | جيو آنند پاڳو نائون انسان ۽ حيوان جي گفتگو | جيوڻ لال راڌا ڪرشنا. سکر: سنت لال جيوڻ لال | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .638 | جيو آنند پاڳو ڏهون- ڏڻ وار ۽ هاٺوڪو گرهست | جيوڻ لال راڌا ڪرشنا. سکر: سنت لال جيوڻ لال | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .639 | ڇٺيءَ جي وڌي | نارائڻ سنگ دريانومل منسڪاڻي. حيدرآباد: فتحچند مينگھراج آڏواڻي | 1917ع | 27 | ٽائيپ | 500 | 2 آنا | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .640 | خداآبادي عامل | حيدرآباد: وسٽمل ڪشنچند | 1917ع | 74 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |
| .641 | ڌرم اوتار | حيدرآباد: سک ينگ مئن ائسوسي ايشن | 1917ع | 18 | ٽائيپ | 6000 | 3 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .658 | سلوڪ سوامي صاحب جا ڇاپو ٻيو | ٽلورام. شڪارپور: پوڪرداس | 1917ع | 204 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | البرٽ پريس سکر |
| .659 | سنڪيت پرتر پوتر آتما پاونداس کوبچند آڏواڻي حن جا | ٿهلرام ليلارام. حيدرآباد: [خود] | 1917ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .660 | سوامي يانند جو جيون چرتر | ميرپورخاص: گرڏنومل ٿهلسنگ | 1917ع | 63 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .661 | شبد امبرت روپي نوان (گرمکي) | چيتانند. سکر: [خود] | 1917ع | 76 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | جارج پريس سکر |
| .662 | شبد امبرت روپي نوان پرياتي ۽ آشا | سکر: مينگھراج سنز بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1917ع | 52 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | جارج پريس سکر |
| .663 | شبد امبرت روپي نوان | ڊي. ايچ. سڌاڻي (مرتب) سکر: بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1917ع | 48 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | جارج پريس سکر |
| .664 | شري ڀڳوت گيتا جو ارڙهون اڌيا | دولترام اير. سڌاڻي. سکر: بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1917ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .665 | شري ساڌ ٻيلي جي صورت (گرمکي) | پنڊت تولارام. سکر: ٽڏاسنگ سنز | 1917ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | جارج پريس سکر |
| .666 | شري سکمني صاحب | سکر: هيمنداس سنز | 1917ع | 174 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | البرٽ پريس سکر |
| .667 | شريمد ڀڳوت ڇاپو ٻيو | گورڌنداس ڪيلداس ۽ مولچند خانچند. شڪارپور: پوڪرداس | 1917ع | 806 | ٽائيپ | 1000 | 7 رپيا | ايڊورڊ پريس سکر |
| .668 | شهيد نامو ڀاڱو-1 | ڏيارام پرسرام مير چنداڻي. حيدرآباد: شيرسنگ پرتابراءِ | 1917ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | قيصرِ پريس حيدرآباد |
| .669 | شهيد نامو ڀاڱو-2 | ڏيارام پرسرام ميرچنداڻي. حيدرآباد: شير سنگ پرتابراءِ | 1917ع | 40 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .670 | شهيدن جو سرتاج | حيدرآباد: سک ينگ مئن ائسوسي ايشن | 1917ع | 36 | ٽائيپ | 2000 | 6 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .671 | گورباڻي | گوپالداس فتحچند. ڪراچي: [خود] | 1917ع | 155 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .672 | لاٽاني اڳواڻ | حيدرآباد: سک ينگ مئن ائسوسي ايشن | 1917ع | 28 | ٽائيپ | 4000 | 6 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 689. | پائي مهانگو ۽ مائي سهانگو | ليلارام وطنمل لعلواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1918ع | 96 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 690. | پچن رامائڻ يا رام ليلا رام بنواس | سکر: مينگھراج سنز بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1918ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | جارج پريس سکر |
| 691. | تيغ بهادر شري مهنت گروھدايت نامود (گرمکي) | مٺياڻي: پائي پرسرام | 1918ع | 12 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | ايڊورڊ پريس سکر |
| 692. | پرارٿنا ڏهن گروئن جي | ڀائو گرڌنومل. ڪراچي: [خود] | 1918ع | 8 | ٽائيپ | 500 | مفت | سنڌ آبزرور پريس ڪراچي |
| 693. | پرارٿنا يا پريم جو پرساد | ڪي. ڪي. منوهر لال. پريا: [خود] | 1918ع | 60 | ٽائيپ | 500 | 3 آنا | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 694. | جيون آنند ڀاڳو ڀيو- هولي پچن ڀائي جيوڻ لال راڌا ڪرشنا | سکر: هريسنگ سنز | 1918ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 6 پايون | هريسنگ پريس سکر |
| 695. | دک پچن ست گرو | حيدرآباد: سک ينگ مئن اشوسي ايشن | 1918ع | 34 | ٽائيپ | 2000 | 9 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 696. | ڌرم داتا | حيدرآباد: سک ينگ مئن اشوسي ايشن | 1918ع | 32 | ٽائيپ | 2000 | 9 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 697. | رامداس | آء. ڊبليو. راء سنگھاڻي. حيدرآباد: [خود] | 1918ع | 18 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | سنڌ ڀاسڪر پريس حيدرآباد |
| 698. | ريتن رسمن جو بنياد | پيرومل مهرچند آڏواڻي. حيدرآباد [خود] | 1918ع | 104 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 699. | ستيا وڪتيا | هيمراج اگناڻي. سکر: [خود] | 1918ع | 56 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | هريسنگ پريس سکر (اختلافي آريہ سماج مخالف) |
| 700. | سڌني پڳت جو ڌرمي کيل | گيانچند مولچند ڀاٽيا. سکر: [خود] | 1918ع | 26 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | جارج پريس سکر |
| 701. | سڌ | گگومل ليکراج. ڪراچي: [خود] | 1918ع | 22 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | پريميئر پريس حيدرآباد |
| 702. | سکيءَ مهما | حيدرآباد: سک ينگ مئن اشوسي ايشن | 1918ع | 36 | ٽائيپ | 2000 | 9 پايون | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 703. | سلڇڻي نهن چاپو ڀيو | حيدرآباد: سک ينگ مئن اشوسي ايشن | 1918ع | 96 | ٽائيپ | 1500 | 4 آنا | اسٽئنبرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 704. | سلوڪ ڪبير ڀڳت جا | سکر: مينگهراج سنز بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1918ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | جارج پريس سکر |
| 705. | سينڌيا واند ويڌي چاپو ٻيو | نارائڻ لوٽيدرام ورما. ڪراچي: پريوگ ڌرم سڀا | 1918ع | ؟ | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | سنڌ سماچار پريس ڪراچي |
| 706. | شري سکمني صاحب 124 شبد | شڪارپور: شولداس ٿانورداس | 1918ع | 184 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | جارج پريس سکر |
| 707. | شري ڪرشن ليلا (گرمکي) | پيرومل مهرچند آڏواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1918ع | 80 | ٽائيپ | 1500 | 4 آنا | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 708. | شري گرونانڪ ڌرم | حيدرآباد: سک ينگ مئن اسوسي ايشن ڏيارام پرسرام | 1918ع | 84 | ٽائيپ | 2500 | 2 آنا | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 709. | شهيد نامو ڀاڱو ٻيو | ڏيارام پرسرام. حيدرآباد: شيرسنگ پرتابراءِ | 1918ع | 84 | ٽائيپ | 1000 | مفت | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 710. | غريب آباد جو گل آهو جراج | موٽومل اجواڻي. سکر: مکي گوبندرام | 1918ع | 16 | ٽائيپ | 300 | مفت | ايڊورڊ پريس سکر |
| 711. | غريب آباد جو گل آهو جراج (گرمکي) | موٽومل اجواڻي. سکر: مکي گوبندرام | 1918ع | 16 | ٽائيپ | 2000 | مفت | ايڊورڊ پريس سکر |
| 712. | گورٻاڻي | گوپالداس فتحچند. ڪراچي: [خود] | 1918ع | 210 | ٽائيپ | 2000 | 8 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |
| 713. | گوسوامي تلسيداس جا جيون چرتر ۽ ڏوهيڙا | دولترام مينگهراج سڌواڻي. سکر: بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1918ع | 33 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | جارج پريس سکر |
| 714. | مهربان سائين | حيدرآباد: سک ينگ مئن اسوسي ايشن | 1918ع | 28 | ٽائيپ | 4000 | 6 پايون | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 715. | ناري سکيا (گرمکي) | مهراج واسديو ڀڳوانداس. پريا: [خود] | 1918ع | 100 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | ايڊورڊ پريس سکر |
| 716. | نانڪ پرڪاش ڀاڱو ٻارهون حصو اڌون | چيتانند ماتاڏنومل حيدرآباد: [خود] | 1918ع | 216 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 717. | هردي بهار چاپو ٻيو | سکر: هريسنگ | 1918ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | هريسنگ پريس سکر |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .718 | هردي بهار | سکر: مينگهراج سنز بوڪ پبلشنگ سوسائٽي | 1918ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .719 | آرتي | فتحچند مينگهراج آڏواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1919ع | 62 | ٽائيپ | 500 | مفت | پارت پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .720 | آريه سماج ڇا کي چئجي؟ | هيمراج. شڪارپور: [خود] | 1919ع | 28 | ٽائيپ | 1000 | مفت | هريسنگ پريس سکر |
| .721 | استاتي دريا شاهه (گرمکي) | سيٺ دوارڪاداس پريومل. شڪارپور: [خود] | 1919ع | 84 | ٽائيپ | 250 | مفت | شيام سندر پريس شڪارپور |
| .722 | اصل وڏي ڪٿا پهلاد ڀڳت جي | سکر: هيمنداس سنز | 1919ع | 28 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | البرٽ پريس سکر |
| .723 | اصل وڏي ڪٿا چندر هاس ڀڳت جي | سکر: هيمنداس سنز | 1919ع | 86 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | جارج پريس سکر |
| .724 | اصل وڏي ڪٿادرو ڀڳت جي | سکر: هيمنداس سنز | 1919ع | 58 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | جارج پريس سکر |
| .725 | اوتارن ۽ ڀڳتن جا مهما | ديوان ليلاسنگ وٽڻمل لعلواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1919ع | 22 | ٽائيپ | 600 | 1 آنو | مسافر آرين پريس حيدرآباد |
| .726 | ايشور جو ڏس | مولچند ڪيشوداس منشاراماڻي. روهڙي: شيوا منڊلي | 1919ع | 24 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .727 | برڌ پالڪ سائين | حيدرآباد: سک ينگ مئن اسوسي ايشن | 1919ع | 50 | ٽائيپ | 2000 | 1 آنو | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .728 | برهم پٽ نيات سڌاري جا اپاءَ | سترام منگهنداس پٽ شرما. ڪراچي: [خود] | 1919ع | 16 | ٽائيپ | 100 | 4 آنا | هريسنگ پريس سکر |
| .729 | بندي ڏيتي ليتي جي (گرمکي) ڇاپو بيو | سکر: تانومل ڪيولرام | 1919ع | 65 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | ايڊورڊ پريس سکر |
| .730 | ٻچن هار ڇاپو بيو | سکر: هيمنداس سنز | 1919ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | جارج پريس سکر |
| .731 | ٻچن هار (گرمکي) | سکر: هريسنگ | 1919ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | هريسنگ پريس سکر |
| .732 | ڀڳت رويداس جا چمتڪاري چرتر | منوهر لال ڪوڙومل ڪلناڻي. شڪارپور: [خود] | 1919ع | 20 | ٽائيپ | 500 | 2 آنا | شيام سندر پريس شڪارپور |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .747 | سنڌي شري سارڪتاولي سناتن ڌرم جا پراتن نيم | جهامنداس پرسرام. سکر: سيٺ ڏنراجمل سيٺ نارائڻداس | 1919ع | 86 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنا | ايڊورڊ پريس سکر |
| .748 | سيلونتي نهن ڀاڱو پهريون | حيدرآباد: سک ينگ مئن ائسوسي ايشن | 1919ع | 214 | ٽائيپ | 2000 | 8 آنا | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .749 | سيلونتي نهن ڀاڱو ٻيو | حيدرآباد: سک ينگ مئن ائسوسي ايشن | 1919ع | 82 | ٽائيپ | 2000 | 8 آنا | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .750 | شراڌنا ڪرڻ گهرجن چا؟ | هوندراج ڏيرومل. سکر: [خود] | 1919ع | 48 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | هريسنگ پريس سکر |
| .751 | شري سسويد يا سنڌيا پريوگ درشا | ڪراچي: رگهوداس هيمنداس | 1919ع | 28 | ٽائيپ | 1000 | مفت | سنڌ سماچار پريس ڪراچي |
| .752 | عاملن جو احوال | پيرومل مهرچند آڏواڻي. حيدرآباد: ڪنولسنگ پوهومل | 1919ع | 151 | ٽائيپ | 500 | 10 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |
| .753 | غريب آباد جو گل بيتن ۾ | پنڊت تولارام. سکر: [خود] | 1919ع | 12 | ٽائيپ | 1000 | مفت | هريسنگ پريس سکر |
| .754 | عامل رهبر | گگومل ليکراج شهاڻي ڪراچي: [خود] | 1919ع | 220 | ٽائيپ | 500 | 1 روپيو | ڪراچي پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .755 | گنُوڪا سنديش (گرمکي) | ڀائي گنگارام. شڪارپور: [خود] | 1919ع | 8 | ٽائيپ | 1000 | مفت | شيام سندر پريس شڪارپور |
| .756 | من نارو دل بهار پچن ڀاڱو پهريون | تاراچند جيرامداس واڌواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1919ع | 24 | ٽائيپ | 500 | 9 پايون | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .757 | من نار و دل بهار پچن ڀاڱو ٻيو | تاراچند جيرامداس واڌواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1919ع | 24 | ٽائيپ | 500 | 9 پايون | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .758 | نانڪ پرڪاش ڀاڱو تيرهون حصو نائون | چينانند ماتاڏنومل. حيدرآباد: [خود] | 1919ع | 218 | ٽائيپ | 500 | 1 روپيو | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .759 | آستڪ يا ناستڪ جو جهيڙو | ڏيارام بلاڻيلال. سکر: ٽيڪچند تاراچند ڪتب فروش | 1920ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | جارج پريس سکر |
| .760 | املهه رتن | گنومل ماڪيجاڻي. سکر: [خود] | 1920ع | 24 | ٽائيپ | 250 | مفت | البرٽ پريس سکر |
| .761 | ٻارهن ماهه (گرمکي) ڇاپو ستون | موتيرام جمناداس. سکر: هيمنداس سنز | 1920ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | جارج پريس سکر |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .822 | ڀڳوت گيتا | ڏرمداس هوتچند. سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 358 | ٽائيپ | 1000 | سوا ٻه روپيا | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .823 | ڀڳوت گيتا (گرمکي) | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 262 | ٽائيپ | 1000 | 3 روپيا | جارج پريس سکر |
| .824 | پراڻ پرڪشيا | پتنگ. شڪارپور: اي. پي. سپا | 1921ع | 80 | ٽائيپ | 500 | 3 آنا | شڪارپور پرنٽنگ پريس شڪارپور |
| .825 | پنج گرنٿي (گرمکي) | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 434 | ٽائيپ | 2000 | 1 روپيو | جارج پريس سکر |
| .826 | پنجڙا امر لال جا ڇاپو ٽيون | ليلارام وطنمل لعلواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1921ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | ايڊورڊ پريس سکر |
| .827 | 108 پنجڙا امر لال جا | مولچند پوڪرداس. سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 12 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | جارج پريس سکر |
| .828 | پوٽي جپ صاحب ڇاپو پنجون (گرمکي) | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 64 | ٽائيپ | 4000 | 2 آنا | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .829 | پوپ جي پلٽي بازي | موتيرام سهجراءِ پرياڻي. سکر: هنسراج هريسنگ | 1921ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | هريسنگ آرين پريس سکر (اختلافي چوپڙي) |
| .830 | پهلاد ڀڳت ڇاپو چوٿون | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | جارج پريس سکر |
| .831 | جپ صاحب | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 56 | ٽائيپ | 1000 | 10 آنا | جارج پريس سکر |
| .832 | جپ صاحب ڇاپو پنجون | سکر: هنسراج هريسنگ | 1921ع | 36 | ٽائيپ | 2000 | 1 آنو 6 پايون | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .833 | جپ صاحب ڇاپو ڇهون | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 32 | ٽائيپ | 10000 | 1 آنو | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .834 | جپ صاحب ارٿ سميت | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 52 | ٽائيپ | 1000 | 8 آنا | جارج پريس سکر |
| .835 | جپ صاحب ارٿ سميت ڇاپو چوٿون | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 48 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .836 | چيتانند جي پڇن مالا (گرمکي) | چيتانند ٿانورداس. سکر: هنسراج هريسنگ | 1921ع | 64 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا 6 پايون | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .837 | دردوندن جي دانهن (گرمکي) | پنڊت تولارام. سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | هريسنگ پريس سکر |
| .838 | ديس پريمي چمنداس | سکر: چوٿرام وليچا | 1921ع | 26 | ٽائيپ | 500 | 2 آنا | ايڊورڊ پريس سکر |
| .839 | راجا وڪرماجيت جون 32 پتليون | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 124 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | هريسنگ آرين پريس سکر |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .856 | سکمني صاحب (گرمکي) | حيدرآباد: ڀائي تولارام | 1921ع | 115 | ٽائيپ | 2300 | 3 آنا | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .857 | سکمني صاحب (گرمکي) | سکر: اترداس ۽ شري پرڪاشوسجي | 1921ع | 174 | ٽائيپ | 1000 | مفت | امر پريس سکر |
| .858 | سکمني صاحب (گرمکي) | شڪارپور: ٽڏا سنگ سنز | 1921ع | 32 | ٽائيپ | 10000 | 1 آنو | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .859 | سکمني (گرمکي) | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 308 | ٽائيپ | 1000 | 12 آنا | جارج پريس سکر |
| .860 | سکن جي حيرت انگيز شهيدي | بلونتسنگ لوڪرام. شڪارپور: [خود] | 1921ع | 28 | ٽائيپ | 500 | مفت | شيام سندر پريس شڪارپور |
| .861 | سوامي سداوج ۽ راڻي شولنڪا ڇاپو ٻيو | سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | ؟ | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | جارج پريس سکر |
| .862 | شبد امرت روپي | ڀائي حڪيم چيتانند. سکر: هيمنداس سنز | 1921ع | 40 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | جارج پريس سکر |
| .863 | شبد امرت روپي توان | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 54 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | هريسنگ پريس سکر |
| .864 | شري امر لال جا پنجڙا (گرمکي) | پوڪرداس مولچند. سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | هريسنگ پريس سکر |
| .865 | شري ڀڳوت گيتا (گرمکي) | ڏاندومل خانچند بلواڻي. شڪارپور: [خود] | 1921ع | 52 | ٽائيپ | 1000 | مفت | شيام سندر پريس شڪارپور |
| .866 | شري ڀڳوت گيتا (گرمکي) | چوهڙسنگ مولسنگ شڪارپور: جيرامداس هوتچند | 1921ع | 314 | ٽائيپ | 600 | 12 آنا | گوپال پريس شڪارپور |
| .867 | شري سکمني صاحب ڇاپو ڇهون | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 196 | ٽائيپ | 1000 | 6 آنا | هريسنگ پريس سکر |
| .868 | ڪٿا نارائڻ جي ڇاپو پنجون (ڪرمکي) | سکر: هنسراج هريسنگ | 1921ع | 64 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .869 | ڪرشن ولي (گرمکي) | سکر: هريسنگ سنز | 1921ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | هريسنگ آرين پريس سکر |
| .870 | مختصر جنم ساکي شري امر اڏيرولال صاحب | ڪي. ٽي. سجاڻسنگهاڻي. حيدرآباد: آر. ايس ڪيولرام تلسيداس | 1921ع | 38 | ٽائيپ | 500 | 4 آنا | ڀارت اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس ڪراچي |
| .871 | نامگي ليلا (گرمکي) | ڀائي فقير بخش. حيدرآباد: خوبچند پرمانند | 1921ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | مفت | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| .872 | نانڪ پرڪاش ڀاڱو ارڙهون حصو چوڏهون | جي. ايم. سانولاڻي. حيدرآباد: [خود] | 1921ع | 220 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 931. | پارٽ درپن | ڪراچي: ست ڌرم سڀا | 1923ع | 197 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | پريميئر پريس حيدرآباد |
| 932. | ڀڳت مالا | ڪنڌنداس ڏيپچند. سکر: هيمنداس سنز | 1923ع | 154 | ٽائيپ | 1000 | 2 رپيا | جارج پريس سکر |
| 933. | تلسي رامائڻ (گرمکي) | سکر: مولچند هريسنگ | 1923ع | 240 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو 14 آنا | هريسنگ پريس سکر |
| 934. | پراچين گرو اپديش ڇاپو ٻيو (گرمکي) | جي. ڪيمچند. سکر: پوڄا راء امر داسجي اداسين | 1923ع | 318 | ٽائيپ | 1000 | سوا روپيو | شري امر پريس سکر |
| 935. | پرارٿنائون ڀاڱو ٻيو ڇاپو ٻيو | ديوان هسومل گجومل. حيدرآباد: ڪيمچند شيوڪرام آڏواڻي ڪتب فروش | 1923ع | 50 | ٽائيپ | 1200 | 7 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |
| 936. | پنجن پيرن جي ڳاڻ | پنڊت جيوڻ لال. فتحپور: رميشور ديال ويش | 1923ع | 16 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو | شري امر پريس سکر |
| 937. | پوڙي پريجا ڀاڱو ٻيو | سکر: هيمنداس سنز | 1923ع | 20 | ٽائيپ | 1000 | 3 آنا | جارج پريس سکر |
| 938. | پوڙي پنج گرنٿي (گرمکي) | سکر: سڳنچند ڏيارام | 1923ع | 308 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | تلڪ پريس سکر |
| 939. | پورب جوتي (گوتم ٻڌ جي حياتي) | جيٺمل پرسرام گلراجاڻي (مترجم) حيدرآباد: [خود] | 1923ع | 61 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو 2 آنا | پارتواسي پريس حيدرآباد |
| 940. | پنچائتن جا فرض | سنڌوجا (مورو): هيرانند ڪٽشمل | 1923ع | 23 | ٽائيپ | 500 | 2 آنا 6 پايون | پارتواسي پريس حيدرآباد |
| 941. | پنچائتي ڪشوشالا وارا ڦري ويا | سيٺ چيلداس رامداس. شڪارپور: [خود] | 1923ع | 30 | ٽائيپ | 1000 | 2 آنا | شري امر پريس سکر |
| 942. | جپ صاحب | اين. وي. ٿڏاڻي. حيدرآباد: سنڌ جوينائل ڪوآپريٽو سوسائٽي | 1923ع | 51 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | پارتواسي پريس حيدرآباد |
| 943. | جنم ساکي شري اڏيرو لال صاحب | هيرانند گلراجمل ٺڪر. ڪراچي: ڪيولرام هرچندراء ٺڪر | 1923ع | 109 | ٽائيپ | 500 | 1 روپيو | پارت اليڪٽرڪ پريس ڪراچي |
| 944. | چونڊيل پرڀاتي ۽ امرت روپي پچن | هوند راڄ مولچند. حيدرآباد: [خود] | 1923ع | 32 | ٽائيپ | 1000 | 5 آنا | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 960. | شري چندر جي مهراج (گرمکي) | سکر: سريچند ٽرڪٽ سوسائٽي | 1923ع | 41 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | شري امر پريس سکر |
| 961. | شريمد ڀڳوت گيتا | نانڪرام وسٽمل ٿڌاڻي. حيدرآباد: سنڌ جوينائل سوسائٽي | 1923ع | 169 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | پارت اليڪٽرڪ پريس ڪراچي |
| 962. | شريمد ڀڳوت گيتا (ديوناگري) | ڪراچي: هوتچند سنگومل | 1923ع | 324 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو 2 آنا | شري امر پريس سکر |
| 963. | شري جپ صاحب | جيومل لوڪسنگ. حيدرآباد: گرسنگت | 1923ع | 126 | ٽائيپ | 1000 | ؟ | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 964. | شري ساڌ ٻيلي تيرٿ جو مختصر اتهاس | شري اشور آنند اداسين ۽ بنسيرام سکر: شري ساڌ ٻيلا تيرٿ ٽرسٽ | 1923ع | 142 | ٽائيپ | 100 | مفت | شري امر پريس سکر |
| 965. | شري سکمني ڀاڳو پنجون | ديوان ڀڳوانداس اداسين. حيدرآباد: [خود] | 1923ع | 255 | ٽائيپ | 1000 | 1 روپيو | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 966. | شري سکمني جوسار ڇاپو ٽيون | ڏيارام گدومل. حيدرآباد: ڪيولرام | 1923ع | 64 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | ڪرشنا پريس حيدرآباد |
| 967. | شري ڪرشن چند آنند ڪند | حيدرآباد: ڪيمچند شيوڪرام آڏواڻي | 1923ع | 15 | ٽائيپ | 1100 | 2 آنا | پريميئر پريس حيدرآباد |
| 968. | شري نانڪ پرڪاش (گرمکي) | ساڌو ڀڳوانداس اداسين. حيدرآباد: مائي ڪندي ٻائي | 1923ع | 25 | ٽائيپ | 1000 | 4 آنا | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 969. | شري يوگ واشسٽ ڀاڳو ٻيو | چنديرام مورجمل واسواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1923ع | 865 | ٽائيپ | 1000 | 3 روپيا | چندن پرنٽنگ پريس حيدرآباد |
| 970. | شيخ فريد صاحب جا سلوڪ (گرمکي) | حيدرآباد: شريمت ستي ٻائي | 1923ع | 49 | ٽائيپ | 1000 | مفت | مهتاڻي پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |
| 971. | ڪلجگ سمي سنڌي (گرمکي) | هرنامداس جي ٽيپسوي | 1923ع | 26 | ٽائيپ | 1000 | 1 آنو 6 پايون | شري امر پريس سکر |
| 972. | ڪلنگي دار ولاس | روچيرام حڪومتراء آڏواڻي. حيدرآباد: [خود] | 1923ع | 400 | ٽائيپ | 1000 | 2 روپيا | اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدرآباد |

# سنڌ بابت مواد جي فهرست نويسيءَ جو تاريخي جائزو

## (قسط-1)

ناسف علي شيراز

[نوٽ: ڪافي وقت اڳ مون سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ "سنڌي ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين" متعلق ٻه مضمون لکيا هئا، جيڪي نوي واري ڏهاڪي ۾ شايع ٿيا. انهن مقالن ۾ 1850ع کان 1990ع تائين ڇپيل ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين جو ذڪر ڪيل آهي، جن جو ڳڙيل تعداد 40 کن ٿيندو. ان کان پوءِ پندرهن سالن جو طويل عرصو آهي، جنهن ۾ ڪي نوان ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون شايع ٿيون آهن. ان کان علاوه ڪن ٻين ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين جي ڄاڻ بعد ۾ حاصل ٿي، جيڪي اڳين مقالن ۾ لکجڻ کان رهجي ويون. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو" ۾ درج مقالي "سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد" جي صفحي 18 تي لکيو آهي ته "ڪهڙو نه بهتر ٿئي جو ڪو صاحب تڪليف وٺي، هن نوعيت جي ڪيٽلاگن ۽ فهرستن جو مفصل جائزو پيش ڪري". ڊاڪٽر لاکي صاحب جي ڳالهه کي مدنظر رکندي مون پنهنجن اڳين مقالن جي ترتيب ۾ تبديلي آندي ۽ مواد ۾ خاطر خواهه واڌاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن انهن نون ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين جي ڄاڻ پڙهندڙن تائين پهچائجي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نين راهن سان روشناس ڪرائجي. روشن رهي ته سنڌ بابت مواد جي فهرست نويسيءَ متعلق پهرين ڪوشش سنڌ جي قابل صد احترام هاڪاري محقق ۽ دانشور پير حسام الدين راشديءَ جي ڪيل آهي ۽ ٻي ڪوشش ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي آهي. هيءَ ٽين ڪوشش آهي، جنهن ۾ يقينا ڪن ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين تائين منهنجي پهچ نه ٿي سگهي هوندي، جنهن لاءِ معذرت ٿو گهران. ان جو بنيادي سبب پاڻ صديءَ کان وٺي وطن کان ڏور آمريڪا ۾ اقامت آهي. "ٻلان ٻليءَ جو ڪو ڇيهه ئي ناهي". اميد ته ڪو ٻيو صاحب هن موضوع ۾ واڌارو ڪندو ۽ نئون مواد پڙهندڙن تائين پهچائيندو. ن. ع. ش]

حوالاجاتي نوعيت جي ڪم ۾ "فهرست نويسي" هڪ خاص مضمون تسليم ڪيو ويو آهي. دنيا جون ترقي يافته قومون هن علم ۾ اسان کان تمام گهڻيون اڳتي آهن. ايتري قدر جو هنن فهرستن جون به فهرستون مرتب ڪيون آهن. هن علم جي ماهرن فهرست نويسيءَ متعلق لکيو آهي ته: "ڪنهن دور يا ڪنهن علم يا ڪنهن مصنف يا ڇپائيندڙ جي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لکڻين کي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ کي 'فهرست نويسي' چئبو آهي".

فهرست مرتب ڪرڻ جو اهم مقصد تاريخي يا ادبي لکڻين کي ترتيب ڏيئي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ آهي. فهرست لکڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته ڪنهن ٻولي ۾ جيڪو مواد جمع ٿيو هجي، ان کي ترتيب وار ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ته جيئن ان مواد جي باري ۾ وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌارو به انهيءَ ۾ آهي ته جيڪي ڪجهه لکيو وڃي ان کي فهرست طور مرتب ڪيو وڃي، ته جيئن کوجناڪارن لاءِ آساني پيدا ٿي سگهي.

هن علم ۾ پهرين فهرست ڪهڙي لکي وئي، ان بابت ڪا خبر ناهي. البت اسلامي دنيا ۾ هن علم بابت مسلمانن ۽ مغربي عالمن جون ڪيتريون ئي فهرستون مرتب ڪيل آهن. محمد بخش واصف "خزينة العلوم جلد-1" (1) ۾ اهڙين سَو کان مٿي فهرستن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان ٽن مشهور فهرستن جو مختصر احوال هيٺ پيش ڪجي ٿو:

(1) فهرست ابن النديم: محمد بن اسحاق (ابن النديم) جي هيءَ فهرست اسلامي دنيا ۾ مشهور آهي. هن فهرست ۾ اسلامي علوم جي مشهور ڪتابن ۽ انهن جي مصنفن جو ذڪر تفصيل سان ڪيل آهي.

(2) فهرست ڪشف الظنون عن اسلامي الڪتب والفنون: هيءَ فهرست ترڪيءَ جي هڪ عالم حاجي خليفه چلپيءَ جي لکيل آهي. هي عظيم الشان فهرست پهرين ڇهن جلدن ۾ شايع ٿي، پوءِ وري ٻن جلدن ۾ شايع ٿي. مصنف 1568ع ۾ وفات ڪئي.

**1. ڪنهن ملڪ يا خاص علائقي بابت ببليوگرافي:**

ان قسم جي ببليوگرافين ۾ ڪنهن ملڪ يا ڪنهن خاص خطي متعلق ڪتابن، مقالن ۽ مختلف ٻولين ۾ ڇپيل مواد جي ڏسڻي شامل هوندي آهي. هن ببليوگرافيءَ جو مثال اين.ايم. بليموريا جي سنڌ متعلق ببليوگرافي آهي، جيڪا پهريون دفعو سال 1929ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿي.

**3. قديم يا پراڻن ڇاپي ڪتابن بابت ببليوگرافي:**

ان قسم جي ببليوگرافين ۾ قديم ڇپيل ڪتابن متعلق مڪمل ڄاڻ ۽ انهن جي فهرست ڏنل هوندي آهي. ان جو مثال سيد حسام الدين راشديءَ جو مقالو. "قديم ڇاپي سنڌي ڪتاب" آهي، جيڪو رسالي "نئين زندگيءَ" جي سال 1952ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي.

**4. تجارتي قسم جي ببليوگرافي:**

ان قسم جي ببليوگرافين ۾ تجارت سان تعلق رکندڙ ادارن ۽ انهن متعلق ڇپيل ڊائريڪٽرين جي مڪمل ڄاڻ ڏنل هوندي آهي.

**5. خاص مضمونن بابت ببليوگرافي:**

ان قسم جي ببليوگرافين ۾ ڪنهن خاص مضمون متعلق ڪتابن جي فهرست ڏنل هوندي آهي. مثلاً تاريخ، جاگرافي، سائنس، فلاسافي، سوشل سائنس وغيره. سنڌي ٻوليءَ ۾ به مختلف مضمونن تي ببليوگرافيون ڇپيل آهن، جن ۾ ماڪجي بيجنجي پٺاوالا جي سنڌ جي جاگرافي متعلق ۽ عبدالحسين سومري جي سنڌ جي تاريخ متعلق اهميت جوڳيون آهن.

**6. تشريح ڪيل ببليوگرافي:**

هن قسم جي ببليوگرافين ۾ ڪتابن جي مڪمل معلومات ڏيڻ کان سواءِ ان ڪتاب متعلق تشريح پڻ ڪيل هوندي آهي. ان قسم جي ببليوگرافي جو مثال ڊاڪٽر محمد قاسم سومري جي "سنڌ: تشريحي ببليوگرافي" آهي، جيڪا سال 1981ع ۾ شايع ٿي.

**7. آن لائين ببليوگرافي:**

هي دور اليڪٽرانڪ ميڊيا جو آهي، جنهن ۾ انٽرنيٽ ذريعي هرڪا ڳالهه آساني سان ڳولي سگهجي ٿي. ڪافي ادارن جون ببليوگرافيون انٽرنيٽ تي ڏنل آهن، جن جي ذريعي انهن ادارن جي شايع ٿيل ڪتابن کي آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڪيترائي ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون مختلف موضوعن تي شايع ٿيون آهن، جن ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ شخصيت جهڙا اهم موضوع شامل آهن. اهي ببليوگرافيون ۽ ڪيٽلاگ سنڌي، انگريزي، اردو ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ ڇپيل آهن. انهن ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين جي تفصيلي ذڪر ۽ انهن جو مختلف دورن ۾ مفصل تاريخي جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**1850ع کان 1899ع تائين سنڌ بابت فهرست نويسيءَ جو جائزو:**

1850ع کان پهرين مشهور انگريز مستشرق سر هينري مائر ايليٽ (Sir Henry Miers Elliot, 1808-1853)، سنڌ جي تاريخي ماخذن لاءِ ننڍي جي ڪتبخانن ۾ رکيل فارسي ۽ عربي قلمي ڪتابن جو سروي ڪرايو هو، جيڪو هن وقت ايليٽ جي فائلن ۾ "فهرست ڪتبخانہ سنڌ" جي نالي سان موجود آهي(4). ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ ايليٽ جي انهن فهرستن راشدي صاحب کي مير علي شير قانع جي ڪتابي ذخيري ۽ مير مائل جي تذڪري "مجمع البلغا" جي نشاندهي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏني(5). سنڌ بابت فهرست نويسيءَ جي ڏس ۾ ايليٽ جي انهن فهرستن کي "اوائلي ڪوشش" چئي سگهجي ٿو(6).

انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي تہ هنن سنڌي ٻولي ۽ ان جي علم و ادب جي واڌاري ۽ سڌاري ڏانهن پڻ اهميت جوڳا قدم کنيا. سڀ کان پهرين هنن سنڌي الف ب جي پٽي عربي خط ۾ مڪمل ڪري رائج ڪئي. سنڌي الف ب جي ٺهڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن ڇپجڻ جو سلسلو شروع ٿيو. جيئن ئي سنڌي ڪتاب شايع ٿيا، تيئن ئي انگريزن انهن جي ڪيٽلاگن ناهڻ ڏانهن توجہ ڏيڻ شروع ڪيو. ان ڏس ۾ انگريز حڪومت بنگالي ٽرانسليٽر پادري جان رابنسن (Rev. John Robinson) کي 1855ع کان 1863ع تائين مقامي ٻولين ۾ ڇپيل رسالن ۽ ڪتابن جو ڪيٽلاگ تيار ڪرڻ لاءِ ڪم سونپيو. ان ڪيٽلاگ جو ڪم اڳ ۾ ٻي پادري جان لانگ (Rev. John Long) شروع ڪري ڏنو هو(7). ان ڪيٽلاگ متعلق وڌيڪ ڄاڻ ملي نہ سگهي آهي. ان ڪيٽلاگ جي ڇپجڻ کان پوءِ بمبئي حڪومت ٻاران 31- ڊسمبر 1864ع تائين مقامي ٻولين ۾

چيپل ڪتابن جو هڪ ٻيو ڪيٽلاگ "ڪيٽلاگ آف دي نيٽو پبليڪيشن ان دي بامبي پريزيڊنسي" جي نالي سان سر گرانٽ اي. بارٽ (Sir. Grant A. Bart) 1865ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ڪيو(8). هن ڪيٽلاگ جو ٻيو ڇاپو 30- جون 1867ع ۾ بمبئيءَ مان جاري ٿيو، جنهن ۾ ڪتابن جون درستيون ۽ ٻيو اضافي مواد شامل ڪيو ويو(9).

سر گرانٽ کان پوءِ بمبئي حڪومت سر جيمس بريٿويٽ پئيل (Sir James Braithwaite Peile, 1833-1906) کي بمبئي پرڳڻي ۾ شايع ٿيل ڪتابن جي ڪيٽلاگ ٺاهڻ جو ڪم سونپيو. هن ڪيٽلاگ ۾ بمبئي پرڳڻي (سنڌ بہ شامل) ۾ پهرين جنوري 1865ع کان 30- جون 1867ع تائين مقامي ٻولين ۾ شايع ٿيل مواد شامل آهي. هي ڪيٽلاگ بمبئيءَ مان (Catalogue of the Native Publications in the Bombay Presidency) جي نالي سان 1969ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو(10). هن ڪيٽلاگ ۾ ٻيو مواد بہ شامل ڪيو ويو، جيڪو سر گرانٽ کان رهجي ويو هو. هن ڪيٽلاگ جي تياريءَ ۾ سر جيمس بريٿويٽ جو ٻانهو ٻيلي ڪرشنا شاستري چپلانڪر هو. 30- سيپٽمبر 1867ع جي آخر تائين ڇپيل ڪتابن جو هڪ ٻيو ڪيٽلاگ، "ڪيٽلاگ آف بُڪس پرنٽيڊ ان دي بامبي پريزيڊينسي ڊيورنگ دي ڪوارٽر اينڊنگ...." جي نالي سان بمبئيءَ مان 1868ع ۾ شايع ٿيو(11). ڪراچيءَ ۾ سنہ 1869ع ۾ نمائش منعقد ٿي. اُن نمائش ۾ رکيل شين جو ڪيٽلاگ (Catalogue of the Kurrachee Exibition) 1870ع ۾ ڪراچيءَ جي پريس "سنڌين" مان شايع ٿيو(12). بامبي پريزيڊنسيءَ جا اهي آڳاٽا ڇپيل ڪيٽلاگ آهن، جن ۾ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڇپيل ڪتابن جو اندراج ٿيل هجي، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ان وقت بمبئي پرڳڻي سان شامل هئي. وڌيڪ خبر انهن ڪيٽلاگن کي ڏسڻ کان پوءِ پئجي سگهي ٿي.

گرانٽ ۽ بريٿويٽ جي ڪيٽلاگن جي شايع ٿيڻ کان پوءِ بمبئي حڪومت 1868ع کان باقاعدگيءَ سان صوبي اندر ڇپجندڙ ڪتابن جا ڪيٽلاگ "ڪوارٽرلي ڪيٽلاگ آف بُڪس پرنٽيڊ ان دي بامبي پريزيڊنسي" جي نالي سان شايع ڪرڻ شروع ڪيا(13)، جن ۾ ٻين ٻولين جي ڪتابن سان گڏ سرڪاري تحويل ۾ ڇپجندڙ "سنڌي ڪتابن" جو اندراج پڻ ٿيل آهي. اهي ڪيٽلاگ برٽش لئبرري لنڊن ۾ موجود آهن. انهيءَ دور ۾ هڪ انگريز عالم جيمس ايڊورڊ ٽائرني ايچيسن (James Edward Tierney Aitchison, 1835- 1898) جو انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب "سنڌ ۽ پنجاب جي ٻوٽن جو ڪيٽلاگ" لنڊن مان 1869ع ۾ شايع ٿيو(14). هن ڪيٽلاگ جو نئون ڇاپو هندوستان مان بشن سنگهہ ۽ مهندر پال 1982ع ۾ شايع ڪيو آهي. ان ڪيٽلاگ جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، هڪ ٻئي انگريز عالم ايڊورڊ آرٿر بٽلر (Edward Arthur Butler) ڪڇ ۽ سنڌ جي پکين جو ڪيٽلاگ بمبئيءَ مان 1879ع ۾ شايع ڪيو(15). هن ڪيٽلاگ ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي پکين جي فهرست ڏنل آهي. سال 1894ع ۾ وليم اليگزينڊر (William Alexander Talbot) سنڌ ۽ بمبئيءَ جي وڻن ۽ ٻوٽن جي جامع لسٽ "سسٽيميٽڪ لسٽ آف دي ٽريز، شربس اينڊ ووڊي- ڪلائيمبرس آف دي بامبي پريزيڊنسي" جي نالي سان بمبئيءَ مان شايع ڪئي(16). سنڌ بابت مواد جي فهرست نويسيءَ جا اهي ئي آڳاٽا ڪيٽلاگ لکيل آهن، جيڪي سنڌ جي وڻن، ٻوٽن ۽ پکين جي باري ۾ ڄاڻ مهيا ڪن ٿا.

اُنهن ڪيٽلاگن کان علاوه جارج بولر يا ٻيوهلر (George Johann Buhler, 1837-1898) 1871ع ۾ بمبئي، گجرات ۽ سنڌ جي خانگي لئبررين ۾ رکيل سنسڪرت جي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ "اي ڪيٽلاگ آف سنسڪرت مينيواسڪريٽ ڪنٽينڊ ان دي پرائيويٽ لائبرريز آف گجرات، ڪاٺياواڙ، ڪڇ، سنڌ اينڊ ڪاندا" جي نالي سان شايع ڪيو(17). هن ڪيٽلاگ ۾ سنڌ جي هندو عالمن جي ذاتي لئبررين ۾ رکيل سنسڪرت جي قلمي نسخن متعلق ڄاڻ ڏنل آهي. هن ڪيٽلاگ جو ٻيو جلد 1872ع ۾ ۽ ٽيون فيسيڪل سنہ 1873ع ۾ شايع ٿيو. انڊيا آفيس ۾ رکيل عربي ڪتابن جو ڪيٽلاگ ڊاڪٽر آٽولاٿ (Dr. Otto Loth, 1844-1881) مرتب ڪيو. هي ڪيٽلاگ لنڊن مان 1877ع ۾، فهرست ڪتب عربي قلمي" جي نالي سان شايع ٿيو(18). هن ڪيٽلاگ جو ذڪر محمد بخش واصف

سنڌي ڪتابن جي داخلا ڏنل آهي. هن ڪيٽلاگ جو ٻيو ڇاپو 1997ع ۾ آسٽن، ٽيڪسس بڪ ليب (Austin Taxas Booklab) وارن شايع ڪيو آهي(27).

**1900ع کان 1946ع تائين سنڌ بابت فهرست نويسيءَ جو جائزو:**

برٽش ميوزيم ۽ انڊيا آفيس لنڊن جي ڪتبخاني ۾ رکيل سنڌي ڪتابن جي ڇپيل ۽ اڻڇپيل ذخيري کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ انگريز عالمن ويهين صديءَ جي آغاز ۾ ڪوششون شروع ڪيون. ان ڏس ۾ هندوستاني ٻولين جي ڄاڻو ۽ برٽش ميوزيم جي لائبريرين جيمس فلر بلمهارڊٽ (James Fuller Blumhardt, 1843- 1922) انڊيا آفيس لنڊن ۾ رکيل سنڌي ڪتابن جو ڪيٽلاگ ترتيب ڏنو. هي ڪيٽلاگ "ڪيٽلاگ آف دي انڊيا آفيس لائبرري، واليوم-2. پارٽ- 3: هندي، پنجابي، پشتو اينڊ سنڌي بڪس" جي نالي سان 1902ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو(30). اصل ۾ هي ڪيٽلاگ 1888ع کان 1937ع واري ڪيٽلاگ جو هڪ حصو آهي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون. هي ڪيٽلاگ سال 1989ع ۾ لنڊن مان ٻيهر ڇپيو آهي، جيڪو 1902ع واري ڇاپي جو عڪس آهي(31). هن ڪيٽلاگ ۾ 300 سنڌي ڪتابن جي داخلا ڪيل آهي. ان کان سواءِ ٻيو وڌيڪ مواد به شامل ڪيو آهي.

هن ڪيٽلاگ کان سواءِ جيمس فلر بلمهارڊٽ (James Fuller Blumhardt, 1843- 1922) برٽش ميوزيم لنڊن جي ڪتبخاني ۾ رکيل هندوستان جي مختلف ٻولين جي قلمي ڪتابن جو ڪيٽلاگ پڻ مرتب ڪيو. جنهن ۾ سنڌي ٻولي به شامل آهي. هي ڪيٽلاگ "مرهٽي، گجراتي، بنگالي، آسامي، اُڙيا، پشتو ۽ سنڌي قلمي ڪتابن جو ڪيٽلاگ" جي نالي سان 1905ع ۾ لنڊن مان شايع ٿيو(32). هن ڪيٽلاگ ۾ يارنهن سنڌي قلمي نسخن جي ڄاڻ ڏنل آهي، جنهن ۾ برٽش ميوزيم ۾ رکيل اڳاٽو "شاهه جو رسالو" پڻ شامل آهي. بلمهارڊٽ جي هن ڪيٽلاگ کي ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جديد صورتخطيءَ ۾ ٽه- ماهي مهراڻ جي 3/1988ع پرچي ۾ "برٽش ميوزيم لنڊن ۾ سنڌي قلمي ڪتاب" جي نالي سان شايع ڪرايو آهي. لاکي صاحب جو ساڳيو مقالو سندس ڪتاب "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو" ۾ ٻيهر شايع ٿيو آهي(33). ساڳيو ڪيٽلاگ بليموريا جي ترتيب ڏنل "سنڌ ۽ بلوچستان متعلق ببليوگرافي" ۾ پڻ شايع ٿيل آهي. هي ڪيٽلاگ سنڌي عالمن، جهڙوڪ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ۽ عبدالله ڪڇ واري جي قلمي ڪتابن جي اڀياس لاءِ نهايت ڪارائتو آهي.

انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ فارسي ۽ عربي قلمي ڪتابن جو گهڻو ذخيرو موجود آهي. جنهن جا وقت به وقت ڪيٽلاگ ڇپبا رهيا آهن. فارسي ڪتابن جا ڪجهه ڪيٽلاگ چارلس ريو مرتب ڪيا ته عربي (اڻ ڇپيل) ڪتابن جا ڪيٽلاگ وري ڊاڪٽر آٽولاٿ (Dr. Otto Loth, 1844- 1881) مرتب ڪيا. انهن کان علاوه ڊاڪٽر اي.ڊي راس[1]

[1] مشهور انگريز مستشرق ايڊورڊ ڊينيسن راس 6- جون 1871ع ۾ لنڊن ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم لنڊن يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. 1894ع ۾ اسٽراسبورگ يونيورسٽي مان فارسيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪري 1896ع ۾ يونيورسٽي ڪاليج لنڊن ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو. 1901ع ۾ کيس مدرسه مسلم ڪاليج ڪلڪتي جو پرنسپال مقرر ڪيو ويو. 1911ع ۾ کيس هندوستان جي ايجوڪيشن ۽ گورنمينٽ جي رڪارڊس جو اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. ان کان علاوه هو ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جو فيلو ۽ ايشيئاٽڪ سوسائٽي آف بنگال جو ميمبر پڻ هو. هندستان ۾ رهڻ دوران هن سنسڪرت، چيني ۽ تبتي ٻولين ۾ مهارت ۽ ڄاڻ حاصل ڪئي. راس 1914ع ۾ واپس برطانيه آيو ۽ کيس برٽش ميوزيم جو ٻهريون سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جتي هن اسٽائين جي ڪليڪشن کي ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو. پهرين جنگ عظيم جي موقعي تي هن مليٽري انٽيليجنس ڊپارٽمينٽ ۾ شموليت اختيار ڪئي، جتي هن مختلف ٻولين جون مختصر واڪيبلريز (Vocabularies) ٺاهڻ شروع ڪيون. 1916ع ۾ هن کي نئين کوليل اداري "اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز"، جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. هن کي 1918ع ۾ "سر" جو خطاب مليو. 1939ع ۾ استنبول ۾ برٽش انفارميشن بيورو جو هيڊ مقرر ڪيو ويو. جتي 23- سيپٽمبر 1940ع تي وفات ڪيائين(35).

لائبرريءَ جي ڪتبخاني ۾ رکيل آهن(44). بمبئي حڪومت (سنڌ بہ شامل) جي شايع ٿيل پبليڪيشن جو "جنرل ڪيٽلاگ نمبر-4". سال 1928ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪيٽلاگ ۾ بمبئي حڪومت طرفان شايع ٿيل ٻن هزارن پبليڪشن جو اندراج ٿيل آهي. بمبئي حڪومت جو "جنرل ڪيٽلاگ آف پبليڪيشن آف دي بامبي گورنمينٽ، اپ ٽو دي 13- ڊسمبر 1929ع: نمبر-6" 1930ع ۾ شايع ٿيو. هن حڪومت جو ڪيٽلاگ نمبر -13 ساڳئي نالي سان سال 1940ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جا 118 صفحا آهن(45).

سنڌي ڪتابن ۽ گورنمينٽ پبليڪيشن جي ڪيٽلاگن کان سواءِ هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جون ببليوگرافيون پڻ شايع ٿيون. جنهن ۾ پهرين ببليوگرافي ايس. ايم. بليموريا جي انگريزيءَ ۾ مرتب ڪيل آهي. هيءَ ببليوگرافي "ببليوگرافي آف دي پبليڪيشنس رليٽنگ ٽو سنڌ اينڊ بلوچستان" جي نالي سان 1929ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿي(46). مصنف هن جو ٻيو وڌايل ڇاپو جون 1930ع ۾ ساڳئي شهر مان شايع ڪيو. هن ببليوگرافيءَ جي اهميت ان ڪري بہ گهڻي آهي جو هن ۾ لنڊن، بمبئيءَ ۽ ڪلڪتي مان نڪرندڙ رسالن ۾ سنڌ متعلق انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل مضمونن جو مواد شامل ڪيل آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن ببليوگرافيءَ جو هڪ ٻيو ڇاپو لاهور مان 1977ع ۾ شيخ مبارڪ علي شايع ڪيو آهي(47). مصنف هن ببليوگرافيءَ کي مرتب ڪرڻ ۾ چڱي محنت ڪئي آهي. ان کان علاوه مصنف هن ۾ بلمهاردٽ جا مرتب ڪيل سنڌي ڪتابن جا ڪيٽلاگ پڻ شايع ڪيا آهن. هن ببليوگرافيءَ جي پهرئين ڇاپي ۾ ڪتابن ۽ رسالن جو تعداد 662 آهي ۽ ٻئي وڌايل ڇاپي ۾ 872 آهي. پر ڪن رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل مواد جا وري ذيلي عنوان بہ ڏنل آهن. جنهن ڪري ڪل ڪتابن ۽ مضمونن جو تعداد هزارن تائين پهچي ٿو.

سنڌ متعلق ٻي ببليوگرافي سنڌ جي هڪ نهايت مانائتي محقق ۽ جاگرافي نويس پروفيسر مانڪجي بيجنجي پٿاوالا• جي آهي. سنڌ جي جاگرافيءَ تي پٿاوالا جا ڪتاب ۽ مقالا گهڻي اهميت رکن ٿا. مصنف هيءَ ببليوگرافي 1939ع ۾ "سنڌ جي جاگرافي متعلق مواد جي ببليوگرافي" جي نالي سان ڪراچيءَ مان شايع ڪئي(48). سنڌ جي جاگرافيءَ متعلق هيءَ پهرين ببليوگرافي آهي، جيڪا هينئر ناياب آهي. سترهن صفحن تي

---

• پروفيسر پٿاوالا جو جنم بيجنجي بيچاجي پٿاوالا ۽ سونابائي جي گهر 20- نومبر 1886ع تي ٿيو. ابتدائي تعليم سي.جي.اين زيند مدرسه نواساري ۾ حاصل ڪيائين. ولسن ڪاليج بمبئيءَ مان بي-اي 1909ع ۾ ۽ بي-ايس-سي 1910ع ۾ پاس ڪيائين. پهريون هندوستاني هو جنهن جاگرافيءَ ۾ برڪبيڪ ڪاليج لنڊن يونيورسٽيءَ مان پي.ايڇ.ڊي پاس ڪئي. سال 1940ع ۾ جاگرافيءَ ۾ ڊاڪٽر آف سائنس جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1941ع ۾ کيس بمبئي يونيورسٽيءَ طرفان "موس گولڊ ميڊل ايوارڊ" مليو. هو جهانگير هاءِ اسڪول پوپال ۽ سردار دستور هوشنگ هاءِ اسڪول پونا جو هيڊماسٽر ٿي رهيو. سال 1920ع کان 1946ع تائين (B.V.S) هاءِ اسڪول ڪراچيءَ جو پرنسپل ٿي رهيو. اسڪول ۾ سائيڪل تي ايندو هو. جو ان وقت اها اهم سواري هئي. سنڌ ۾ هو مختلف عهدن تي فائز رهيو. جهڙوڪ ڪراچي اين.اي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج جو آنرري پروفيسر. ڪراچي جاگرافيڪل سوسائٽيءَ جو ڊائريڪٽر. اسلاميہ ڪاليج ڪراچي جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ جو هيڊ. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف سائنس هندوستان جو سينيئر ريسرچ فيلو. سنڌ يونيورسٽي سائنس فيڪلٽي جو ڊين. سنڌ يونيورسٽيءَ جي جيالاجي ۽ جاگرافي ريسرچ جو ڊائريڪٽر ۽ پاڪستان جي منسٽري آف اڪنامڪس افيئرس جو ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر. سندس 50 کان مٿي ڪتاب ڇپيل آهن جن مان سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل "اي فزيڪل اينڊ ايڪنامڪ جاگرافي آف سنڌ" نهايت اعليٰ معيار جي تحقيق آهي. سال 1955ع تائين ڪراچيءَ ۾ هو. ان کان پوءِ بمبئي هليو ويو جتي سندس وفات ٿي.

مشتمل هن ببليوگرافيءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ڪتابن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل سنڌ جي جاگرافي متعلق مواد جي ڏسڻي شامل آهي. پٺاوالا هيءَ ببليوگرافي مصنف- وار ترتيب ڏني آهي. جنهن ۾ ڪل 151 مصنفن جو ذڪر ڪيل آهي. جڏهن تہ مصنف جي داخلا هيٺ ذيلي عنوان پڻ ڏنل آهن. جنهنڪري ڪل مواد جو تعداد 261 بيهي ٿو. هن ڪتاب جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي راقم وٽ محفوظ آهي. راقم بہ سنڌ جي جاگرافيءَ متعلق انگريزي ٻوليءَ ۾ ببليوگرافي Geography of Sindh: A Select Bibliography ترتيب ڏني آهي. جيڪا اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

سنہ 1931ع ۾ بامبي پريزيڊنسي سنڌ ڪميشن، 1857ع واري آزاديءَ واري جنگ جي واقعن جي رڪارڊ جو الف- ب وار ڪيٽلاگ، ڪراچي ڪمشنر پريس مان شايع ڪيو. هن ڪيٽلاگ ۾ انگريز حڪومت جو رڪارڊ شامل آهي(49). سنڌ ڊسٽرڪٽ ۽ ڪمشنر آفيس سنڌ ۾ رکيل رڪارڊ جو هينڊ بڪ ڪراچيءَ مان 1933ع ۾ شايع ٿيو. هن هينڊ بڪ ۾ سنڌ ڪمشنر آفيس ۾ رکيل حڪومت جي سڄي رڪارڊ جو اندراج ٿيل آهي(50). سنڌ ڪمشنر آفيس ۾ رکيل رڪارڊ جي سليڪشن جو انڊيڪس بہ ڇپيل آهي. هي انڊيڪس ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. جنهن ۾ ڇپائيءَ جو سال ڏنل ناهي(51).

بمبئيءَ کان الڳ صوبي ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ صوبي اندر ڇپجندڙ ڪتابن جا ڪيٽلاگ "ڪيٽلاگ آف بُڪس پرنٽيڊ ان دي پراونس آف سنڌ ڊيورنگ دي ڪوارٽر اينڊنگ..."، هر ٽن مهينن کان پوءِ ڪراچيءَ مان شايع ٿيڻ شروع ٿيا. 1936-1947ع وارن سالن ۾ شايع ٿيل ڪيٽلاگ برٽش لائبريءَ ۾ موجود. سيلانا اسٽيٽ، شاهپورا اسٽيٽ ۽ سينٽرل انڊيا ايجنسيءَ جي ڇپيل ڪيٽلاگن سان گڏ مجلد ٿيل آهن(52). 1937ع واري ڪيٽلاگ ۾ 496 ڪتابن جو اندراج ٿيل آهي. 1938ع واري ڪيٽلاگ ۾ سنڌي ڪتابن جو تعداد 452 ڄاڻايل آهي. 1939ع واري ڪيٽلاگ ۾ 435 سنڌي ڪتاب ڏنل آهن. سال 1940ع ۾ شايع ٿيل ڪيٽلاگ ۾ ڪتابن جو تعداد 490 لکيل آهي. سال 1941ع واري ڪيٽلاگ ۾ سنڌي ڪتابن جو تعداد 363 ڏنل آهي ۽ 1942ع ۾ ڇپيل ڪيٽلاگ ۾ سنڌي ڪتابن جا 143 انگ اکر درج ٿيل آهن(53). هنن ڪيٽلاگن جي مائڪرو فلم هن وقت نيويارڪ پبلڪ لائبريءَ ۾ موجود آهي(54).

مٿي ڄاڻايل ڪيٽلاگن کان علاوه سنڌ حڪومت جي پبليڪيشن جا ڪيٽلاگ پڻ ڇپيل آهن. سنڌ حڪومت جي شايع ٿيل پبليڪيشن جو هڪ ڪيٽلاگ Catalogue of Publications, 1939. Corrected up to 1st November, 1939 ڪراچيءَ مان 1939ع ۾ شايع ٿيو. 197 صفحن تي مشتمل هن ڪيٽلاگ ۾ پهرين نومبر 1939ع تائين سنڌ حڪومت طرفان شايع ٿيل ٻن هزارن پبليڪيشنس جو اندراج ٿيل آهي. پهرئين صفحي تي لکيل آهي تہ ڪراچي گورنمينٽ بڪ ڊيپو تي وڪري لاءِ ڪتابن جي لسٽ(55).

**1947ع کان 2006ع تائين فهرست نويسيءَ جو جائزو.**

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ بابت فهرست نويسيءَ ۾ چڱو ڪم ٿيو آهي. سنڌ متعلق پهرين ببليوگرافي، پاڪستان سائنٽيفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل انفارميشن سينٽر (PSATIC)، فلورا آف سنڌ Flora of Sind: References on Grasses and Sedges جي نالي سان ڪراچيءَ مان 1959ع ۾ شايع ڪئي(57). هن ببليوگرافيءَ ۾ سنڌ جي گاهن ۽ ٻوٽن جي ڏسڻي شامل

آهي. سنڌي ادبي بورڊ پاران سال 1959ع ۾ "اسان جا ڪتاب" نالي ڪتابن جي مختصر فهرست ڇپائي ويئي، جنهن ۾ بورڊ طرفان شايع ٿيل ڪتابن جي ڇاڻ ڏنل آهي(58). سنڌ جي تاريخ تي به هڪ مختصر اٺويهن صفحن تي مشتمل ببليوگرافي لکيل آهي. هيءَ ببليوگرافي عبدالحسين سومري جي مرتب ڪيل آهي، جيڪا لائبرري سائنس جي ڊگري لاءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ آف لائبرري سائنس کي سال 1960ع ۾ پيش ڪئي ويئي(59). هن ببليوگرافيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ تي جوڙيل ۽ تشريح ڪيل مضمونن ۽ ڪتابن جو اندراج ڏنل آهي. هيءَ ببليوگرافي اڃا اڻڇپيل آهي. ساڳئي سال آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس طرفان ڇپيل سنڌي ڪتابن جي "فهرست" حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿي(60). هيءَ فهرست منهنجي ڏٺل ناهي ان ڪري تعداد متعلق ڪجهه چئي نٿو سگهجي. آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس طرفان ڇاپيل ڪتابن جا ٽائيٽلز فائل به شايع ٿيل آهن. انهن فائلز متعلق ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي لکي ٿو ته: "آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس وارا انهن فائلن ۾ پنهنجن سمورن ڇپايل ڪتابن جا ٽائيٽلز، آئيم نما فائل ۾ چسپان ڪندا هئا. اهڙا ٻه فائل هن وقت قاسميہ لائبرري (ڪنڊيارو) ۾ موجود آهن"(61).

ويسٽ پاڪستان بيورو آف ايجوڪيشن. سنڌ يونيورسٽي ۾ داخل ڪيل ٿيسز، ڊسرٽيشن، مونوگرافس ۽ ريسرچ رپورٽن تي مشتمل ببليوگرافي 1961ع ۾ لاهور مان شايع ڪئي. هيءَ ببليوگرافي اداري جي ببليوگرافيڪل سيريز نمبر- 7 آهي. جنهن ۾ اهڙن 71 عنوانن جي نشاندهي ڪيل آهي. سنڌ حڪومت 1961ع ۾ گورنمينٽ پبليڪيشن جو ڪيٽلاگ "ڪيٽلاگ آف پبليڪيشنس گورنمينٽ آف سنڌ: 1961ع" جي نالي سان شايع ڪيو(62). هن ڪيٽلاگ ۾ 1961ع ۾ سنڌ حڪومت طرفان شايع ٿيل پبليڪيشن جي ڏسڻي شامل آهي.

1963ع ۾ آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس "فهرست ڪتب آر. ايچ. احمد" جي نالي سان حيدرآباد شهر مان شايع ڪئي. هن فهرست جي هڪ ڪاپي قاسميہ لائبرريءَ ۾ موجود آهي(63). هن ئي سال پاڪستان سائنٽيفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل انفارميشن سينٽر (PSATIC) سنڌ متعلق ٻي ببليوگرافي Bibliography of Sind: Mineral Springs of Sind جي نالي سان لاهور مان شايع ڪئي.

آغا افتخار حسين جو "پارسي، اردو، پنجابي ۽ سنڌي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ" اردو ڊيولپمينٽ بورڊ ڪراچي 1967ع ۾ شايع ڪيو(64). ڪن ببليوگرافين ۾ هن ڪيٽلاگ متعلق لکيل آهي ته اهي قلمي نسخا پيرس ۽ فرانس جي ڪن لائبررين ۾ رکيل آهن. منهنجي خيال ۾ هي ڪيٽلاگ شايد اردو ڊيولپمينٽ بورڊ ڪراچي جي لائبرريءَ ۾ رکيل قلمي نسخن جو آهي. وڌيڪ خبر هن ڪيٽلاگ کي ڏسڻ کان پوءِ ئي پئجي سگهي ٿي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمينٽ آف جيالاجي "جيالاجيڪل ببليوگرافي آف دي فارمر پراونس آف سنڌ" 1968ع ۾ شايع ڪئي(65). هيءَ ببليوگرافي انگريزيءَ ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ سنڌ جي "ارضيات جي علم" يا "ڌرتيءَ جي تاريخ جي علم" يا "طبقات الارض" بابت 450 ڪتابن ۽ مقالن جي ڏسڻي شامل آهي. هٿ سان لکيل هن ببليوگرافيءَ جو مقدمو ڊاڪٽر ايم. زيڊ. فرشوريءَ جو لکيل آهي. هن ببليوگرافيءَ جي مولف جي خبر پئجي نه سگهي آهي. هن ببليوگرافيءَ جو ذڪر ايم. ايچ. پنهور ۽ ڊاڪٽر محمد قاسم سومري ڪيو آهي. شڪارپور مان محمد عظيم اينڊ سنز 1969ع ۾ "فهرست سنڌي ڪتب" شايع ڪئي. هن فهرست ۾ شايد محمد عظيم اينڊ سنز طرفان ڇپيل ڪتابن جي ڏسڻي ڏنل آهي(66). سنڌ ڊپارٽمينٽ آف پبلڪ رليشن، سنڌ مان نڪرندڙ رسالن ۽ اخبارن جي لسٽ ڪراچيءَ مان سال 1970ع ۾ شايع ڪئي(67).

پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي مرڪزي حڪومت جي وزارت اطلاعــات ۽ نشــريات جــي اداري "پاڪســتان پبليڪيشنس" سنڌي ٻوليءَ ۾ ماهوار "نئين زندگي" ڇپائڻ شروع ڪيو. هن رسالي جو پهريون ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي هو. سنڌي ادب جو هي اهم رسالو پنجاهه سالن کان لاڳيتو سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪندو اچي. هن اداري اپريل 1971ع ۾ رسالي ۾ ڇپيل مواد جي فهرست ڇپائي. هن فهرست ۾ فيبروري 1950ع کان اپريل 1970ع تائين ڇپيل مضمونن، مقالن ۽ شعرن جي ڏسڻي شامل آهي. هيءَ هڪ قسـم جـي انـڊيڪس آهـي. جنهـن جـا جوڙينـدڙ شمشيرالحيدري ۽ محمد موسيٰ سومرو آهن(68). سنڌي علم و ادب متعلق کوجنا ڪندڙن لاءِ هيءَ انڊيڪس نهايت ڪارآمد آهي، جنهن مان ادب جا شائقين گهڻو لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا. هن انڊيڪس جو ذڪر ڊاڪٽر غلام محمد لاکي به ڪيو آهي(69).

سيد امداد حسيني ۽ سحر بلوچ جو مرتب ڪيل "سنڌ جي ديني ادب جـو ڪيٽلاگ" مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نگرانيءَ هيٺ انسٽيٽيوٽ آف سـنڌالاجي جنـوري 1971ع ۾ شـايع ڪيــو(70). هــي ڪيٽلاگ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ 7- جنوري 1971ع تي منعقد ڪيل "سنڌ جي ديني ادب" متعلق نمائش جي موقعي تي شايع ڪيو ويو. هن ڪيٽلاگ ۾ ديني ادب تي تقريبا هڪ هزار ڇپيل ڪتابن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ ان کان سواءِ سنڌ جي عالمن جي قلمي ڪتابن جو به تفصيل جوڳو ذڪر ٿيل آهي. 31 جنوري 1971ع تي، سنڌ يونيورسـٽي حيدرآبـاد ڪيمپس ۾ قائم ڪيل انسـٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جـي تحقيقـي ڪتبخـاني ۾ موجـود ڪتـابن کـي باهـه لڳـائي ويئي، جنهن ۾ سنڌالاجيءَ جو وڏي محنت سان گڏ ڪيل ناياب ڇپيل ۽ قلمي مواد ضايع ٿي ويو(71). هن واقعي ۾ سڙي ويـل 2496 ڪتـابن جـي لسـٽ "انسـٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريءَ کي ڏنل باهه ۾ سڙي ويل ڪتابن جي فهرست" جي نالي سان حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪئي وئي(72). هن فهرست جو ذڪر پنهور صاحب به ڪيو آهي ("سورس مٽيريئل آف سنڌ". ص-337.)

سـاڳئي اداري 1972ع ۾ ڪتـاب "علمـي آئينـو" شـايع ڪيو(73). هن ڪتاب ۾ 1972ع دوران ڇپيل ڪتابن جـو وچور ڏنل آهي، جنهن جو سهيڙيندڙ امداد حسيني آهي. هن ۾ ڪيترن ڪتابن جو اندراج ٿيل آهي، تنهن جي خبر پئجي نه سگهي آهي. ساڳئي سال سنڌ يونيورسٽي وارن پهرين ساليانـ سـنڌ سـائنس ڪـانفرنس جـي موقعـي تـي "سوڪڙي" جي نالي سان ڪتاب پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ڇپيل ڪتابن جا تفصيل ڏنل آهن. هن ڪتاب جو مرتب ڪندڙ اعجاز احمد صديقي آهي(74). 1972ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "شاهه جي رسالي جا سرچشما" ڪتاب شايع ڪيو(75). پٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان شايع ٿيل هن ڪتاب ۾ بلوچ صاحب شاهه جي رسالي جي قلمي ۽ ڇاپي نسخن جو تفصيل ڏنو آهي. هيءَ به هڪ قسم جي شاهه جي رسالي جي قلمي نسخن جي فهرست آهي.

1974ع ۾ انسـٽيٽيوٽ آف سـنڌالاجي اداري جـي ريسـرچ سيل ۾ موجـود سـال 1900-1972ع تـائين سـنڌ انـدر شـايع ٿيل رسالن ۽ مخزنن جو ڪيٽلاگ حيدرآباد سنڌ مان شـايع ڪيـو (76) هـن ئـي سـال سـنڌ حڪومـت "ڪيٽـلاگ آف پبليڪيشـن: 1973ع" ڪراچي. مـان شـايع ڪيـو. (77). هي ڪيٽلاگ 233 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ شايد 1973ع ۾ شايع ٿيل سنڌ گورنمينٽ پبليڪيشنس جا انگ اکر ڏنل آهن. ڊاڪٽر غلام محمد لاکي پڻ اهڙي ڪيٽلاگ جي نشـاندهي ڪئـي آهـي. هـن جـي لکـڻ موجـب "سـال 1974ع ۾ سنڌ گورنمينٽ پريـس خيرپـور ميرس مـان هـڪ فهرست شايع ٿي، جنهن ۾ هـڪ صـديءَ دوران جاري ٿيل آرڊيننس، ايڪٽ، گزيٽس ۽ انڪـٿاري رپورٽـس جـو وچـور ملي ٿو. هن فهرست جو نالو "سنڌ گورنمينٽ ڪيٽلاگ آف

سنڌي مينواسڪرپٽ ان دي انڊيا آفيس لائبرري" جي نالي سان لنڊن يونيورسٽيءَ جي اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز جي استاد ۽ ممتاز عالم ڊاڪٽر ڪرسٽوفر شيڪل مرتب ڪيو آهي(87). هيءَ ڪيٽلاگ انڊيا آفيس 1977ع ۾ شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ انڊيا آفيس ۾ موجود شاهه جي رسالي جي نسخي متعلق ڇاڻ پڇ شامل آهي. هن ڪيٽلاگ جو ذڪر ڊاڪٽر غلام محمد لاکي "مهراڻ" (1988/3ع) ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. لاکي صاحب جو ساڳيو مقالو سندس ڪتاب "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو" ۾ پڻ ڏنل آهي(88). شيڪل جي ڪيٽلاگ متعلق وڌيڪ تفصيل ڊاڪٽر لاکي جي مقالي ۾ ڏسڻ گهرجي.

پنجاب جي هڪ لائبررين ايس. فخر عالم نقوي سنڌ متعلق انگريزيءَ ۾ ببليوگرافي "سنڌ: چونڊيل مضمونن ۽ ڪتابن جي ببليوگرافي" راولپنڊيءَ مان 1977ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي. هن ببليوگرافيءَ جي نالي مان ئي ظاهر آهي ته هن ۾ ايترو گهڻو مواد ڪونهي. پر ان جي باوجود مصنف جي سٺي محنت ٿيل آهي(89). هن ببليوگرافيءَ ۾ 130 ڪتابن، 20 ٿيسز ۽ 260 مقالن کي شامل ڪيو ويو آهي. مواد جو ڪل تعداد 411 آهي ۽ آخر ۾ سبجيڪٽ انڊيڪس پڻ ڏنل آهي. جنهن ڪري ببليوگرافيءَ جي اهميت ۾ اضافو ٿي ويو آهي. هن ببليوگرافيءَ متعلق ڊاڪٽر محمد قاسم سومرو لکي ٿو:

"The author has tried to update the bibliography of Sind but fails to confine himself to Sind. In some cases he has included alone items relating to the whole of the Indus valley.(90)"

سهڻي ڌرتي پبلشنگ هائوس جي ڇپيل ڪتابن جي فهرست پڻ ڇپيل آهي. جا حيدرآباد مان 1978ع ۾ شايع ٿي(91). انهيءَ دور ۾ اسلاميه دارالاشاعت، م. ع. ڏيپلائيءَ جي لکيل ڪتابن جي فهرست "ڏيپلائيءَ جا لکيل نهايت عمدا تاريخي ڪتاب حيدرآباد مان شايع ڪئي(92). هن فهرست ۾ ڇپجڻ جو سال لکيل ناهي. لاڙ ادبي سوسائٽي بدين جي ڪتابن جي فهرست به ڇپيل آهي، جنهن ۾ به ڇپجڻ جو سال لکيل ناهي(93). انڊيا آفيس لائبرري ۽ رڪارڊ لنڊن پاران 1979ع ۾ "ڪيٽلاگ آف سنڌي بُڪس: 1900ع" انگريزيءَ ۾ شايع ٿيو آهي. هن ڪيٽلاگ ۾ انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ جمع ٿيل 1900ع کان وٺي ڪتابن جون هٿ سان داخلائون لکيل آهن. ان کان سواءِ هن ڪيٽلاگ ۾ انڊيا آفيس لائبرريءَ ۾ موجود سنڌي ڪتابن جي ڪارڊن جون فوٽو ڪاپيون پڻ لڳايل آهن. هي وڏي سائيز جو ڪيٽلاگ 300 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ ٽن هزارن کان مٿي سنڌي ڪتابن جو اندراج ٿيل آهي. هن ڪيٽلاگ جي هڪ ڪاپي شڪاگو يونيورسٽيءَ جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي(94). 1979ع ۾ "پاڪستان سائنٽيفڪ اينڊ ٽيڪنيڪل انفارميشن سينٽر" سنڌ جي يونيورسٽين مان سائنس جي موضوع تي شايع ٿيل ٿيسز جي انڊيڪس ڪراچيءَ مان شايع ڪئي، جا شميم فرخ ۽ مسز اختر اقبال جي گڏيل ڪوشش آهي(95).

مولانا محمد صديق ماعر ۽ قاري امان الله عباسي سنڌالاجيءَ ۾ موجود قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ ڊاڪٽر الانا جي نگرانيءَ هيٺ ترتيب ڏنو. هي ڪيٽلاگ "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ موجود قلمي نسخن جو تشريحي ڪيٽلاگ" جي نالي سان اداري 1980ع ۾ شايع ڪيو(96). هن ڪيٽلاگ جو ٻيو حصو اڃا شايع ٿيڻو آهي. هن ڪيٽلاگ جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر لاکو لکي ٿو ته: "ڪيٽلاگ تيار ڪرڻ جو ڪم ابتدا ۾ مولانا ماعر جي حوالي ڪيو ويو هو. ڪم اڃا پورو نه ٿيو هو جو مولانا صاحب 6 مئي 1978ع تي وفات ڪري ويو. ان بعد ڪيٽلاگ جي تياري لاءِ قاري امان الله عباسي جون خدمتون حاصل ڪيون ويون."(97)

سنڌالاجي موضوع- وار ببليوگرافي "ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1973ع- 1979ع" ڄام شوري مان شايع

ڪئي. هيءَ ببليوگرافي مانيٽي اوٺي جي مرتب ڪيل آهي، جنهن ۾ 1973ع کان 1979ع تائين سنڌ اندر ڇپيل ڪل 636 سنڌي ڪتابن جو اندراج آهي(98). هن ببليوگرافيءَ ۾ ڇپجڻ جو سال لکيل ڪونهي. ڊاڪٽر لاکي جي لکت موجب هيءَ ببليوگرافي شايد سال 1980ع ۾ شايع ٿي آهي(99).

ڊاڪٽر محمد قاسم سومرو جو به سنڌي فهرست نويسيءَ ۾ چڱو ڪم ٿيل آهي. هن صاحب جي لکيل ببليوگرافي "سنڌ: تشريحي ببليوگرافي" انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري، ڪلچر ۽ تهذيب اسلام آباد 1981ع ۾ شايع ڪئي. هن ببليوگرافيءَ ۾ سنڌ متعلق سنڌي، انگريزي ۽ اردو ٻولين ۾ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن ۾ ڏنل مضمونن جو اندراج ٿيل آهي. انگريزي حصي ۾ ڪتابن ۽ مضمونن جو گڏيل تعداد 478 آهي. اردو واري حصي ۾ انهن جو تعداد 91 آهي، جڏهن ته سنڌي ڀاڱي ۾ 341 ڪتابن ۽ مضمونن جو نچوڙ شامل آهي. هن ببليوگرافيءَ ۾ ڏنل گهڻا ڪتاب اسلام آباد ۽ راولپنڊيءَ جي لائبريرين تان ورتل آهن(100). هن ببليوگرافيءَ جو ذڪر ڊاڪٽر لاکي صاحب پڻ ڪيو آهي.

شاهه لطيف تي ڇپيل مواد جي ببليوگرافيءَ کان پوءِ ٻي ببليوگرافي "سچل سرمست" تي ڇپيل آهي، جا سچل جي هڪ عاشق صادق محمد علي حداد جي سهيڙيل آهي، جيڪا "سچل نيشنل سيمينار آرگنائيزنگ ڪاميٽي" طرفان 1982ع ۾ خيرپور مان شايع ٿي (101). هن ببليوگرافيءَ ۾ سچل تي 1981ع تائين مختلف ٻولين ۾ ڇپيل سندس سوانح، ڪلام ۽ فڪر جي مختلف پهلوئن تي لکيل مواد جي نشاندهي ڪيل آهي. سچل تي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ هيءَ ببليوگرافي نهايت ڪارائتي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي "مهراڻ" جو "فهرست نمبر" 1984ع ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ موضوع- وار ۽ ليکڪ- وار داخلا 1955ع کان 1980ع تائين ڏنل آهي. ثناءُ الله مجاهد جي مرتب ڪيل هيءَ فهرست 453 صفحن تي مشتمل آهي. جڏهن ته ان جو مهاڳ ابوسلمان شاهجهانپوريءَ جو لکيل آهي(102). "نئين زندگيءَ" جي فهرست جيان هيءَ فهرست به کوجناڪارن لاءِ نهايت ڪارآمد آهي. ضرورت آهي ته هن فهرست کي 2006ع تائين وڌائي شايع ڪيو وڃي.

1985ع ۾ ڪراچيءَ جي مشهور ڪتاب گهر "مڪتبہ اسحاقيہ" سنڌي ڪتابن جي فهرست شايع ڪئي. هن فهرست ۾ "مڪتبہ اسحاقيہ" ۾ رکيل ڪتابن جي ڏسڻي شامل آهي(103). سنڌالاجيءَ جي ڪتابن جي فهرست سال 1986ع ۾ ڇپيل آهي. هن فهرست جو ذڪر گل محمد مغل هڪ مقالي ۾ ڪيو آهي(104). هن اداري جي شايع ٿيل ان فهرست متعلق وڌيڪ ڄاڻ ملي نه سگهي آهي. 1987ع ۾ هندوستان جي حڪومت جي رڪارڊ جو ڪيٽلاگ (Selections from the records of the government of India, 1949-1937) لنڊن مان شايع ٿيو آهي. هي ڪيٽلاگ جان ميريمن سمس (John Merriman Sims) جو مرتب ڪيل آهي، جيڪو انڊيا آفيس لائبرري اينڊ رڪارڊ لائبريريءَ گڏجي شايع ڪيو آهي. هن ۾ ٻين صوبن سان گڏ سنڌ صوبي جو به رڪارڊ ۽ برٽش شامل آهي، جيڪو 1849ع کان 1937ع تائين واري عرصي تي مشتمل آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جي 1992ع جي فهرست به ڇپيل آهي. هن متعلق به وڌيڪ ڄاڻ ملي نه سگهي. ساڳئي اداري 1993ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جي فهرست" جي نالي سان ڄام شورو مان شايع ڪئي(105). هن مختصر فهرست ۾ 124 سنڌي، 3 اردو، 7 فارسي، ۽ ٻن عربي ڪتابن کان سواءِ، 14 انگريزي ڪتابن جي داخلا ڏنل آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبي لائبرري سائنس جي ليڪچرار نثار احمد صبحپوٽي جي لکيل ببليوگرافي "List of Thesis submitted to the Department of Library and Information Science, University of Sindh"

1995ع ۾ شايع ٿي آهي(106). انگريزيءَ ۾ لکيل هيءَ ببليوگرافي 45 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن کي لائبرري پروموشن بيورو يونيورسٽي آف ڪراچي شايع ڪيو آهي. هن ببليوگرافيءَ ۾ حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس شهرن جي لائبررين ۾ موجود ڪتابن جون ببليوگرافيون ۽ ڪيٽلاگ ڏنل آهن. اصل ۾ اهي سنڌ يونيورسٽي ڊپارٽمينٽ آف لائبرري اينڊ انفارميشن سائنس لاءِ مختلف سالن ۾ ايم اي لاءِ لکيل ٽرم پيپر آهن. سنڌ جي جامع ببليوگرافي مرتب ڪرڻ لاءِ ان لسٽ ۾ ڏنل ببليوگرافين مان گهڻي مدد ملي سگهي ٿي. هن ببليوگرافيءَ ۾ ڪل مواد جو تعداد 228 آهي. جنهن ۾ 35 ببليوگرافيون ۽ 13 ڪيٽلاگ ڏنل آهن.
سنڌي ادبي بورڊ 1996ع ۾ هڪ مختصر فهرست "سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جي فهرست: 1995- 1996ع" چار شوري مان شايع ڪئي(107). ڪتابن جي هن لسٽ ۾ 160 سنڌي، 3 اردو، 6 فارسي ۽ ٽن عربي ڪتابن ڪان سواءِ ٽيرهن انگريزي ڪتابن جي لسٽ ڏنل آهي. ڪل ڪتابن جو تعداد 184 آهي. سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيل ڪتابن جي فهرست پڻ ڇپيل آهي. هن مختصر فهرست ۾ 94 سنڌي ڪتاب، 12 ٻاراڻي ادب تي ڪتاب، سنڌي رسالا، 6 اردو ڪتاب، 1 پنجابي ڪتاب، 1 عربي ڪتاب، انگريزي رسالا ۽ 26 انگريزي ڪتابن جي ڏسڻي شامل آهي(108). هن فهرست ۾ سال لکيل ڪونهي. سنڌي ادبي بورڊ لوڪ ادب سلسلي جا چاليهه کن جلد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ شايع ڪيا آهن. هن اداري انهن جلدن جي فهرست "فهرست لوڪ ادب" جي نالي سان شايع ڪئي آهي. جنهن ۾ ڇپائيءَ جو سال لکيل ناهي(109).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي شاهه لطيف تي لکيل ببليوگرافيءَ کان پوءِ، شاهه تي ٻي ببليوگرافي ڊاڪٽر درشهوار سيد جي "شاهه لطيف تي ببليوگرافي" جي نالي سان مرتب ڪيل آهي(110). هيءَ ببليوگرافي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 1997ع ۾ شايع ڪئي. هن ببليوگرافيءَ جي تياري ۾ ڊاڪٽر صاحب جي مدد آزاد قاضي، ڪرشن لال ويراڳي ۽ محمد خان شيخ ڪئي. شاهه تي لکيل هيءَ جامع ببليوگرافي سنڌي، اردو ۽ انگريزي مواد تي مشتمل آهي. جنهن ۾ 55 قلمي نسخن، ڇپيل رسالن، 313 ڪتابن ۽ 1051 ڇپيل مضمونن جو اندراج ٿيل آهي. ان کان علاوه اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ به ڇڱو مواد ڏنل آهي. هن ببليوگرافيءَ جو ٻيو حصو اڃا شايع ٿيڻو آهي. راقم جي به شاهه تي انگريزيءَ ۾ ببليوگرافي Shah Abd'al Latif: Works in English Language جي نالي سان تيار ڪيل آهي. جنهن ۾ صرف انگريزي مواد جي نشاندهي ٿيل آهي. ان کان علاوه هن ۾ اهڙو مواد به شامل ڪيل آهي. جيڪو مٿين ٻنهي ببليوگرافين ۾ ڏنل ڪونهي. هيءَ ببليوگرافي اڃا قلمي صورت ۾ آهي.

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سچل سرمست لائبريريءَ مرڪيل قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ "فهرست مخطوطات سچل سرمست لائبرري" جي نالي سان 1997ع ۾ شايع ڪيو آهي(111). جيڪو ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جو مرتب ڪيل آهي. هي ڪيٽلاگ منهنجو ڏٺل ناهي انڪري ان متعلق ڪجهه چئي نٿو سگهجي ته هن ۾ ڪيترن قلمي نسخن جي داخلا ڏنل آهي. ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهري جو "قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير" جي نالي سان ڪتاب مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 1997ع ۾ شايع ڪيو آهي. هي به قرآن شريف جي ترجمن ۽ تفسيرن متعلق هڪ قسم جي ببليوگرافي آهي. شاهه محمد بلوچ سنڌي ٻوليءَ ۾ لائبرري سائنس متعلق ڇپيل مواد جي ببليوگرافي "سنڌي زبان ۾ لائبرري سائنس جي ببليوگرافي: 1901- 1995ع تائين" جي نالي سان مرتب ڪئي جا گلشن پبليڪيشن حيدرآباد 1999ع ۾ شايع ڪئي آهي(112). سنڌي ٻوليءَ ۾ لائبرري سائنس متعلق

هيءَ پهرين ڪوشش آهي. جنهن ۾ لائبرري سائنس متعلق ڪتابن ۽ مضمونن کي يڪجا ڪيو ويو آهي.

2000ع ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي شاهه تي لکيل ببليوگرافي "ببليوگرافي: شاهه تي لکيل ڪتابن جي،" سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي گڏجي شايع ڪئي(113). هن ببليوگرافيءَ ۾ شاهه تي لکيل سنڌي، اردو، انگريزي، پنجابي ۽ عربي جي ڪل 425 ڪتابن ۽ 800 مقالن جو اندراج ٿيل آهي. هيءَ ببليوگرافي مصنف جي 1977ع ۾ لکيل شاهه تي ببليوگرافيءَ جو وڌايل ڇاپو آهي. ڊسمبر 2000ع ۾ محمد پنهل ڏهر رسالي "سرمست" ۾ شايع ٿيل مضمونن جي فهرست "سرمست ۾ شايع ٿيل مواد جي مڪمل فهرست" جي نالي سان سچل ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي شايع ڪئي(114). هن فهرست ۾ سچل سرمست ڪاميٽي طرفان 1981ع کان 1999ع تائين شايع ٿيل "سرمست" جي شمارن ۾ سال بہ سال عرس جي موقعي تي پڙهيل مقالن ۽ مضمونن جي مواد- وار ۽ مصنف- وار فهرست شامل آهي. هن فهرستَ تي تبصرو ڪندي ڊاڪٽر محمد قاسم سومرو لکي ٿو تہ: "ريفرنس مٽيريئل جي تحقيقي لٽريچر ۾ وڏي اهميت آهي. اميد آهي تہ ڏهر صاحب جي هيءَ محنت سچل جي سوانح ۽ فڪر بابت ڪم ڪندڙ اديبن ۽ عالمن لاءِ ڪارائتي ثابت ٿيندي. هن علمي ڪم لاءِ ڏهر صاحب کي مبارڪ باد پيش ڪرڻ گهرجي"(115).

سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ پاران، عبدالواحد انڙ جي تيار ڪيل ببليوگرافي "سکر ڏسٽي: سکر، بکر ۽ روهڙي متعلق مواد" جي نالي سان 2001ع ۾ شايع ٿي آهي(116). هن ببليوگرافيءَ جي نالي مان ٿي پڌرو آهي تہ هن ۾ صرف سکر پرڳڻي متعلق ڇپيل مواد شامل ڪيل آهي. هيءَ ببليوگرافي منهنجي ڏٺل ناهي. انڪري ان جي مواد متعلق ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. اشرف علي سمي جي لکيل ببليوگرافي "ٿر: هڪ تشريحي ببليوگرافي" ببليوگرافين جي ڪيٽر ۾ هڪ نئون اضافو آهي. هيءَ ببليوگرافي ٿر تي شايع ٿيل مختلف موضوعن، جهڙوڪ جاگرافي، لسانيات، تاريخ ۽ لوڪ ادب جي ڪتابن تي مشتمل آهي(117). مصنف هن ببليوگرافيءَ کي ڇهن حصن ۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ پهرئين ڀاڱي ۾ 19 ڪتاب، ٻئي ڀاڱي ۾ 67 ڪتاب، ٽئين ڀاڱي ۾ 80 ڪتاب ۽ چوٿين ڀاڱي ۾ 216 مقالن ۽ مضمونن کي يڪجا ڪيو ويو آهي. ڪل مواد جو تعداد 383 آهي. هڪ سو ٽيهہ صفحن تي مشتمل هيءَ ببليوگرافي، مخدوم بلاول پبليڪيشن طرفان 2005ع ۾ شايع ٿي آهي. هن ببليوگرافيءَ تي امام راشديءَ تبصرو ڪندي لکيو آهي تہ: "ٿر جي حوالي سان اشرف علي سمي جو هيءَ مطالعو بنهہ نئون نڪور آهي هيءَ پنهنجيءَ نوعيت جو انوکو ڪتاب آهي، جيڪو نہ رڳو عام پڙهندڙن لاءِ پر عالمن، اديبن، محققن، تاريخدانن، استادن ۽ شاگردن لاءِ پڻ نهايت ڪارائتو آهي. بيشڪ اشرف علي سمون مبارڪباد جو مستحق آهي...."(118).

1850ع کان 2006ع واري عرصي دوران سنڌي ڪتابن جا مختلف ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون شايع ٿيون آهن. انهن مان ڪي مختصر آهن تہ ڪي جامع. انهن ببليوگرافين ۽ ڪيٽلاگن کان سواءِ فهرست نويسيءَ جي ڏس ۾ مختلف ٻولين ۾ مضمون ۽ مقالا پڻ شايع ٿيا آهن. مقالن کان سواءِ سنڌ اندر ٻين ٻولين ۾ ڪتابن ۽ قلمي نسخن جا ڪيٽلاگ پڻ ڇپيل آهن. انهن کان علاوه ڪي ڪيٽلاگ ڇپائي هيٺ آهن تہ ڪي قلمي صورت ۾ موجود آهن. انهن سڀني جو تفصيلي ذڪر هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**سنڌ ۾ ٻين ٻولين ۾ ڇپيل ببليوگرافين ۽ ڪيٽلاگن جو تفصيل**

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين کان علاوه ٻين ٻولين ۾ بہ ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون شايع ٿيون آهن، جن ۾ اردو ۽ فارسي جا ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون

اهميت جوڳيون آهن. سنڌ جي حوالي سان پهرين ببليوگرافي سيد علي احمد زيديءَ جي مرتب ڪيل آهي. هيءَ ببليوگرافي "فهرست: سنڌ ۾ اردو مخطوطات" جي نالي سان مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1969ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي(119). هن ببليوگرافيءَ جي پهرئين حصي ۾ نظم ۽ ٻئي حصي ۾ نثر متعلق قلمي نسخن جا تفصيل ڏنل آهن، جيڪي سنڌ جي لائبررين ۾ يا ڪن شخصيتن جي ذاتي ڪليڪشن ۾ موجود آهن. پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيل 325 صفحن تي مشتمل هيءَ ببليوگرافي اردو ٻوليءَ ۾ لکيل آهي.

سنڌ جي حوالي سان ٻي ببليوگرافي اسلام اختر ۽ عبدالجميل جي "سنڌ مين اردو مطبوعات" جي نالي سان لکيل آهي. هيءَ ببليوگرافي به مرڪزي اردو بورڊ 1970ع ۾ لاهور مان شايع ڪئي، جنهن جا 507 صفحا آهن. هن ببليوگرافيءَ ۾ پهرين نظم ۽ پوءِ نثر جي ڇپيل ڪتابن جو تفصيل ڏنل آهي(120). هن ببليوگرافيءَ ۾ اهڙن اردو ڪتابن جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪي سنڌ مان شايع ٿيا آهن. مٿينءَ ببليوگرافيءَ جيان هيءَ ببليوگرافي به اردو ٻوليءَ جي مشهور عالم پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿي. مٿين ٻنهي ببليوگرافين جو ذڪر ڊاڪٽر غلام محمد لاکي به ڪيو آهي.

اردو ٻوليءَ جي مٿين ٻن ببليوگرافين کان سواءِ سنڌ ۾ فارسي قلمي نسخن جا به ڪجهه ڪيٽلاگ ڇپيل آهن. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر خضر نوشاهي ۽ ڊاڪٽر عارف نوشاهيءَ جا نالا اهميت جوڳا آهن. انهن ٻنهي صاحبن ڪراچيءَ جي مختلف لائبررين ۽ ادارن ۾ موجود فارسي ۽ عربي قلمي نسخن جا ڪيٽلاگ ترتيب ڏنا آهن. خضر نوشاهي جيتوڻيڪ پنجاب صوبي سان تعلق رکي ٿو، پر سندس دلچسپي سنڌي علم ادب سان به اوتري ئي آهي جيتري اردو ۽ پنجابي ادب سان. هن نوجوان محقق سنڌ جي گهڻن ئي ناياب فارسي قلمي نسخن کي ايڊٽ ڪري شايع ڪرايو آهي، جن ۾ "ڪليات سرفراز"، "تاريخ بلوچي"، "ديوان عطارد" ۽ "معيار سالڪان طريقت" وڏي اهميت رکن ٿا(121).

هن صاحب سنڌ جي ٻن مشهور محققن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ڪتبخانن جا ڪيٽلاگ مرتب ڪيا آهن. ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ڪتبخاني جو ڪيٽلاگ "گنجينۀ شوق" ڪراچيءَ مان 1993ع ۾ شايع ٿيل آهي(122). ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتبخاني ۾ موجود فارسي ۽ عربي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ "فهرست دست نويس هائي عربي و فارسي مجموعہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ در ارشوي سند، ڪراچي پاڪستان" جي نالي سان تهران مان عارف نوشاهيءَ جي نگرانيءَ هيٺ 2004ع ۾ شايع ٿيو آهي(123). ڊاڪٽر صاحب جي ڪتبخاني ۾ رکيل سنڌي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ شايد اڃا شايع ٿيڻو آهي.

مٿين ببليوگرافين ۽ ڪيٽلاگن کان سواءِ ڪراچيءَ جي ڪن ٻين ادارن طرفان پڻ ببليوگرافيون ۽ ڪيٽلاگ شايع ٿيا آهن. جن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

**● انجمن ترقي اردو**

هن اداري مولوي عبدالحق جي نگرانيءَ هيٺ اردو ڪتابن جي ضخيم "قاموس الڪتب اردو" 1961ع ۾ ٽن جلدن جي صورت ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪئي(124). 1967ع ۾ سرفراز علي رضوي انجمن جي ڪتبخاني ۾ رکيل فارسي ۽ عربي خطي نسخن جو ڪيٽلاگ "مخطوطات انجمن ترقي اردو، فارسي- عربي اجمالي فهرست" ڪراچيءَ مان شايع ڪيو. هن ڪيٽلاگ ۾ ڪيترن ئي نسخن جي ڄاڻ ڏنل آهي، ان متعلق وڌيڪ خبر پئجي نه سگهي آهي(125). ساڳئي سال افسر صديقي امروهي انجمن ۾ رکيل نسخن جي فهرست "فهرست مخطوطات انجمن ترقي اردو: اردو" جي نالي سان مرتب ڪئي. هن فهرست ۾ شايد اردو قلمي نسخن متعلق ڄاڻ ڏنل آهي(126). انجمن

جي ڪتبخاني ۾ رکيل قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ "فهرست نسخه هائي خطي فارسي انجمن ترقي اردو ڪراچي"، عارف نوشاهيءَ جو مرتب ڪيل آهي. هي ڪيٽلاگ مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد 1984ع ۾ شايع ڪيو(127).

## ● همدرد فائونڊيشن ڪراچي

همدرد فائونڊيشن جي ڪتبخاني ۾ رکيل خطي نسخن جي فهرست "توضيحي فهرست: مخطوطات ڪتبخانہ همدرد" جي نالي سان فضل الله فاروقي ندوي جي مرتب ڪيل آهي(128). هن جو پهريون جلد 1981ع ۾ ڪراچيءَ مان همدرد فائونڊيشن وارن شايع ڪيو آهي. ساڳئي اداري جي ڪتبخاني ۾ رکيل اردو رسالن جي فهرست "توضيحي فهرست ڪتبخانہ همدرد، اشاعت خاص: اردو رسائل" نعيم الدين زبيريءَ جي مرتب ڪيل آهي. جيڪا ڪراچيءَ مان 1984ع ۾ شايع ٿي(129). ڊاڪٽر خضر نوشاهيءَ پڻ حڪيم محمد سعيد جي ڪتبخانہ همدرد ڪراچيءَ ۾ موجود قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ "فهرست نسخه هائي خطي فارسي ڪتبخانہ همدرد ڪراچي" جي نالي سان مرتب ڪيو آهي، جنهن کي مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد 1988ع ۾ ڇپايو آهي(130). همدرد فائونڊيشن جي قائم ڪيل بيت الحڪمت ۾ رکيل مختلف مواد تي مشتمل ببليوگرافي "ببليوگرافي آف پيپرس: مدينته الحڪمت" ڪراچيءَ مان 1991ع ۾ شايع ٿي(131). هن جو مرتب سيد مهدي حسن آهي. هن اداري جي ڪتبخاني ۾ رکيل ڪتابن جي هڪ ٻي فهرست، "فهرست ڪتب: همدرد نيشنل فائونڊيشن ڪراچي" جي نالي سان1994ع ۾ فائونڊيشن وارن شايع ڪئي(132). هيءَ فهرست 167 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جي مولف جي خبر پئجي نہ سگهي آهي.

## ● ڪراچي يونيورسٽي ڊپارٽمينٽ آف لائبرري اينڊ انفارميشن سائنس

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊپارٽمنٽ آف لائبرري اينڊ انفارميشن سائنس، ببليوگرافين ۽ انڊيڪسن ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انيس خورشيد ۽ سيد ارشاد علي 1965ع ۾ "پاڪستان لائبررينشپ جا پندرهن سال: 1947 کان 1962ع" جي نالي سان ببليوگرافي ترتيب ڏني، جنهن جي ترتيب مضمون- وار ۽ ليکڪ- وار رکي وئي آهي(133). هن ۾ گهڻو تعداد انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي، پر ڪجهہ داخلائون بنگالي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ پڻ ڏنل آهن. 1967ع ۾ ڪراچي لائبرري پروموشن بيورو محمد واجد جي مرتب ڪيل "اورينٽل ڊڪشنريز: اي سليڪٽ ببليوگرافي" شايع ڪئي(134). هن ببليوگرافيءَ ۾ مقامي ٻولين ۾ شايع ٿيل لغتن متعلق ڄاڻ آهي. 1968ع ۾ ڊپارٽمينٽ آف لائبرري پروموشن ڪراچي محمد عادل عثمانيءَ جي مرتب ڪيل، "پاڪستان ۾ ببليوگرافيءَ جو معيار" ڪراچي مان شايع ڪئي(135). هن ۾ 421 ببليوگرافين جي لسٽ ڏنل آهي، جن جو واسطو سنڌي يا اڻ سڌي طريقي سان پاڪستان سان آهي. مصنف ۽ ٽائيٽل انڊيڪس پڻ ڏنل آهي ۽ آخر ۾ پاڪستان ۾ ببليوگرافيءَ جي تاريخ تي هڪ مضمون بہ ڏنل آهي. ساڳئي ڊپارٽمينٽ 1973ع ۾ محمد اظهارالحق ضياءَ جي مرتب ڪيل ببليوگرافي، Bibliography of theses submitted to the Department of Library Science, University of Karachi, 1967-72. ڪراچيءَ مان شايع ڪئي(136) هن ڊپارٽمينٽ، ظهيرالدين خورشيد جي مرتب ڪيل فهرست، "پاڪستان لائبررينشپ جا ڏهہ سال: 1963-1972ع". ڪراچيءَ مان 1974ع ۾ شايع ڪئي(137).
سرور احمد صديقيءَ جو مرتب ڪيل ڪيٽلاگ (Catalogue of rare books)، ڪراچي يونيورسٽي لائبرري ٻن جلدن جي صورت ۾ 1974ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪيو(138). هي ڪيٽلاگ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ رکيل ڪتابن جو آهي ۽ مولف هن کي مضمون- وار ترتيب ڏنو آهي. نسيم فاطمہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي لائبرري سائنس جي شعبي ۾ داخل ڪيل سال 1973- 1975ع

تائين جمع ٿيل ٿيسز جي ببليوگرافي مرتب ڪئي جيڪا ڪراچي مان 1976ع ۾ شايع ٿي(139).

**●نيشنل ميوزيم ڪراچي**

ايران جي اڍائي هزار ساله جشن تاجپوشي جي موقعي تي ڪراچي نيشنل ميوزم ۾ رکيل فارسي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ ڪراچيءَ مان 1971ع ۾ شايع ٿيو. (140) هي ڪيٽلاگ ايس.اي.نقوي جي نگرانيءَ هيٺ محمد اشرف جو ترتيب ڏنل آهي. عارف نوشاهيءَ ۽ رضا الله شاه نيشنل ميوزيم ڪراچيءَ ۾ رکيل قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ پڻ مرتب ڪيو آهي. هي ڪيٽلاگ، "ڪيٽلاگ آف دي پرشن مينواسڪرپٽ ان دي نيشنل ميوزيم آف پاڪستان ايٽ ڪراچي" جي نالي سان 1983ع ۾ مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد شايع ڪيو(141). هن اداري 1991ع ۾ ڊاڪٽر ظفر اقبال جو مرتب ڪيل ڪيٽلاگ "فهرست مخطوطات اردو: قومي عجائب گهر ڪراچي" شايع ڪيو(142).

**سنڌي فهرست نويسيءَ متعلق مضمونن جو جائزو:**

سنڌي فهرست نويسيءَ متعلق رسالن ۾ ڇپيل مضمون ايترا گهڻا نہ ڪونهن، پر جيڪي ڪجهہ بہ ڇپيل آهن سي اسان جي سنڌي ادب جو اهم سرمايو آهن. اسان جي انهن ليکڪن سنڌي فهرست نويسيءَ جي ميدان ۾ انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪو بہ ٿورو گهڻو سرمايو اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي ڏنو آهي ان جو تفصيل هيٺ پيش ڪجي ٿو:

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ متعلق ماخذن ۽ حوالاجاتي قسم جي ڪم ۾ ابتدائي ڪوششون نامياري مؤرخ سيد حسام الدين راشدي صاحب جون آهن. راشدي صاحب جو سنڌ جي تاريخي ماخذن بابت ڪيل ڪم تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. سنڌ متعلق انهيءَ تحقيقي ڪم جو گهڻو حصو پاڻ مڪمل ڪيائون ۽ باقي رهيل ايندڙ محققن لاءِ ڇڏيل آهي. راشدي صاحب جي حوالاجاتي ڪم بابت ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ. "سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌ بابت ببليوگرافيڪل قسم جو ڪم، ابتدا ۾ سيد حسام الدين راشديءَ شروع ڪيو"(143).

ان ڏس ۾ راشدي صاحب جو پهريون مقالو "تاريخ سند کي عربي ماخذ" اردو ۾ لکيل آهي. هن مقالي جو سنڌي ترجمو شمشاد احمد جوڻيجي ڪيو، جيڪو رسالي نئين زندگيءَ جي سيپٽمبر 1952ع ۽ نومبر 1952ع وارن پرچن ۾ ٻن قسطن ۾ شايع ٿيو(144). راشدي صاحب جو ٻيو مقالو، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي فهرست، "سنڌي زبان جا قديم ڪتاب" لکيل آهي. هيءَ فهرست رسالي نئين زندگيءَ جي آڪٽوبر 1953ع واري شماري ۾ شايع ٿي(145). هن فهرست متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿي نہ سگهي آهي. ان کان علاوه راشدي صاحب جو سنڌ جي تاريخ جي فارسي ماخذن بابت اردوءَ ۾ لکيل مقالو "تاريخ سنڌ کي ماخذ" اردو رسالي "رياض" جي جولاءِ 1954ع ۾ ڇپيل آهي. هن مقالي جو سنڌي ترجمو اياز قادريءَ ڪيو، جيڪو رسالي مهراڻ ۾ شايع ٿيو(146). هي ساڳيو مقالو ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ۾ پڻ ڇپيل آهي(147).

منگهارام ملڪاڻيءَ جو مضمون "جهوني ۽ جهونا سنڌي ڪتاب" رسالي نئين زندگيءَ جي سال 1958ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي(148). هن مضمون ۾ بہ شايد سنڌي ڪتابن جي فهرست ڏنل آهي، پر جيئن تہ هي مضمون منهنجو ڏٺل ناهي، انڪري ان متعلق ڪا راءِ قائم ڪرڻ ڏکي آهي. جيرام داس دولترام جو لکيل مضمون، "سنڌي ڊڪشنرين جو اتهاس" بمبئيءَ جي اخبار "هندواسيءَ" جي آڪٽوبر 1962ع واري پرچي ۾ شامل آهي. هن ۾ سنڌي ڊڪشنرين جو احاطو ڪيل آهي.

سيرت نبويءَ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي فهرست ڊاڪٽر گل حسن لغاريءَ جي تيار ڪيل آهي. هيءَ فهرست رسالي "مهراڻ" جي سيرت نمبر (3-4/1980ع) ۾ ڇپيل آهي(149). هن فهرست ۾ سيرت طيبہ تي ڪل 165 سنڌي ڪتابن جي ڏسڻي شامل آهي. جنهن ۾ ڪتاب جو

ماخذن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جن تان سنڌ بابت مواد هٿ ڪري سگهجي ٿو.

1986ع ۾ اختر راهيءَ "مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد" جي تعاون سان ڪتاب "ترجمه هائي متون فارسي به زبانهائي پاڪستان" شايع ڪيو. هي ڪتاب پاڪستاني ٻولين ۾ ٿيندڙ فارسي ترجمن جي ڪتابن جي فهرست تي مشتمل آهي(157). هن ڪتاب ۾ اهڙن ڇٽيهن سنڌي ڪتابن جو ذخيرو شامل آهي، جيڪي فارسي مان ترجمو ٿيل آهن. هن فهرست جي شايع ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي وڌيڪ تحقيق ڪئي ۽ 82 سنڌي ترجمن متعلق فهرست تيار ڪئي، جيڪا "مهراڻ" جي 3/1995ع واري پرچي ۾ شايع ٿي. هن مقالي کان پوءِ ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌيءَ جي 118 سنڌي ترجمن تي مشتمل فهرست "مهراڻ" جي 2-1996ع واري پرچي ۾ شايع ٿي. انهن فهرستن جي شايع ٿيڻ کان پوءِ محمد پنهل ڏهر پڻ قلم کنيو ۽ وڌيڪ 77 ترجمن متعلق ڄاڻ ۾ واڌارو ڪيو. ڏهر صاحب جي اها فهرست "مهراڻ" 3-4/1997ع ۾ شايع ٿي. راقم به ان سلسلي ۾ دلچسپي ورتي ۽ سَو کان مٿي سنڌي ترجمن متعلق فهرست تيار ڪئي جيڪا ساڳئي رسالي جي شماري بهار 4/2004ع ۾ شايع ٿي. اهي به هڪ قسم جون ببليوگرافيون آهن جن ۾ فارسي مان ترجمو ٿيل سنڌي ڪتابن جون فهرستون ڏنل آهن. ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي راقم ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ ڄاڻايو هو ته هن ان سلسلي ۾ الڳ سان هڪ ڪتاب تيار ڪيو آهي، جنهن ۾ ڇهن سون کان مٿي سنڌي ترجمن جو ذڪر ڪيل آهي.

محمد پنهل ڏهر 1995ع ۾ سچل سرمست لائبريريءَ ۾ رکيل قرآن شريف جي ڏهن قلمي نسخن متعلق تشريحي فهرست لکي. هيءَ فهرست رسالي "مهراڻ" جي شماري 4/1995ع ۾ شايع ٿي. هن سلسلي جو هڪ مراسلو به ساڳئي رسالي جي 3-4/1997ع واري پرچي ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ ڏهر صاحب ٻارهن قلمي نسخن جو تعارف ڏنو آهي. ان کان علاوه ڏهرصاحب "خانقاه عاليه پرچونڊي شريف" جي ڪتبخاني ۾ رکيل قرآن مجيد جي 46 قلمي نسخن ۽ ٽن تفسيرن جي تشريحي فهرست "خانقاه عاليه پرچونڊي شريف جي ڪتبخاني ۾ قرآن مجيد جي قلمي نسخن جو ناياب ذخيرو" مرتب ڪئي. هيءَ فهرست رسالي "مهراڻ" جي 4/2000ع واري شماري ۾ ڇپيل آهي. هن تشريحي فهرست ۾ ڏهر صاحب قرآن مجيد جي 46 قلمي نسخن ۽ ٽن تفسيرن جو ذڪر تفصيل سان ڪيو آهي.

مختلف شخصيتن تي ڇپيل ببليوگرافين مان به ببليوگرافيون شاهه لطيف تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ ڊاڪٽر درشهوار سيد جون لکيل آهن. هڪ ببليوگرافي سچل سرمست تي محمد علي حداد جي لکيل آهي ۽ هڪ ببليوگرافي محمد قاسم سومري جي راشدي صاحب تي لکيل آهي، جيڪا رسالي "مهراڻ" 1/1997ع ۾ شايع ٿيل آهي. هن ببليوگرافيءَ ۾ سومري صاحب، راشدي صاحب تي ڇپيل مواد کي پنجن حصن ۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ راشدي صاحب تي لکيل ڪتابن/رسالن جا خاص نمبر، سندس سوانح تي لکيل مضمون ۽ مختلف ٻولين ۾ ڇپيل مضمون وغيره شامل آهن. ان کان علاوه راشدي صاحب ڏانهن منسوب ڪيل ڪتابن جا حوالا پڻ ڏنل آهن. ڪل مواد جو تعداد 179 آهي. مرتب جو خيال آهي ته اڳتي هلي هن فهرست کي وڌيڪ جامع ۽ مڪمل ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويندو. سومري صاحب جي هيءَ سٺي ڪوشش آهي، جيڪا ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيل آهي(158).

راقم جو مقالو "سنڌي لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ". "نئين زندگي" مارچ/1993ع ۾ شايع ٿيو. هن مقالي ۾ 73 سنڌي لغتن جي ببليوگرافي ڏنل آهي. سنڌ ۾ سنڌي لغتن متعلق هي پهرئين قسم جو مقالو آهي. ان کان سواءِ راقم جو ساڳئي موضوع هيٺ وڌيڪ تفصيل سان لکيل

مقالو "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي" رسالي "مهراڻ" ۾ ٻن قسطن ۾ ڇپيل آهي. هن مقالي جي پهرين قسط اونهارو 2004ع ۾ ۽ ٻي قسط سرءُ 2004ع ۾ شايع ٿي. جنهن ۾ 140 کان مٿي سنڌي لغتن جي ببليوگرافي ڏنل آهي. هن سلسلي جو هڪ مراسلو پڻ مهراڻ بهار 2006ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ 30 وڏيڪ لغتن جي ڄاڻ ڏنل آهي. ان کان علاوه راقم جو سنڌي ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين متعلق لکيل مقالو "سنڌي ببليوگرافي (فهرست نويسي) جي مختصر تاريخ" "نئين زندگي" جي مارچ- اپريل 1997ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي. هن فهرست ۾ اهڙي مواد (عدد 14) جي نشاندهي ڪيل آهي، جن تان سنڌ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

1995ع کان ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ 1819ع کان ڇپيل سنڌي ڪتابن جا ڪيٽلاگ "مهراڻ" ۾ شايع ڪرائي رهيو آهي. هيل تائين ان جون 12 قسطون شايع ٿي چڪيون آهن. هن سلسلي جون پهريون چار قسطون "مهراڻ" جي 1995ع وارن ڇهن پرچن ۾ شايع ٿيل آهن. هن سلسلي جي پنجين قسط مهراڻ جي 1999ع واري پرچي (نمبر 1-2) ۾ ڇپيل آهي. ڇهين قسط سرءُ 2004ع واري شماري ۾ شايع ٿي. ستين قسط سيارو 2004ع واري شماري ۾ ڇپيل آهي. اٺين قسط بهار 2005ع، نائين قسط اونهارو 2005ع ۽ ڏهين قسط سرءُ 2005ع ۾ شايع ٿي ۽ هن سلسلي جي ٻارهين قسط سيارو 2006ع ۾ شايع ٿي آهي. هن سلسلي جي ڪتابن متعلق نوٽ ۾ ڄاڻايو ويو ته "انهن مڙني ڪتابن جا وچور بامبي ۽ پنجاب حڪومتن پاران 1867ع کان وٺي شايع ٿيندڙ ڪوارٽرلي ڪيٽلاگ آف بُڪس پرنٽيڊ ان دي بامبي پريزيڊنسي/پنجاب تان اُتارو ڪيل آهن"(159). اهي بہ هڪ قسم جا قيمتي ڪيٽلاگ آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل مضمونن کان علاوه انگريزي ٻوليءَ ۾ بہ سنڌ بابت مواد جي فهرست نويسيءَ متعلق مضمون ڇپيل آهن. اوائلي مقالن ۾ ايچيسن جي ڪيٽلاگ "ڪيٽلاگ آف پلانٽس آف دي پنجاب اينڊ سنڌ" تي هڪ مضمون ڇپيل آهي، جيڪو هڪ طرح سان رويو ۽ ڪيٽلاگ جي سمري (Summary) تي مشتمل آهي. هيءَ سمري جرنل آف رائل ايشيئٽڪ سوسائٽي بامبي برانچ جي واليوم پنجين ۾ ڏنل آهي(160). هندوستان جي شهر دهليءَ ۾ اپريل 1961ع ۾ هند- پاڪستان ثقافتي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾هندوستان ۽ پاڪستان جي اسڪالرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ثقافت، تاريخ ۽ آثار قديمہ تي مقالا پڙهيا ويا. پاڪستان طرفان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي آثار قديمہ تي مقالو پڙهيو، جنهن ۾ هن سنڌ جي آثار قديمہ تي ٿيندڙ تحقيق متعلق نئين مواد جي نشاندهي ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن کي سوئينير جي صورت ۾ دهليءَ مان 1962ع ۾ شايع ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب جو مقالو ان سوئينير ۾ ڇپيل آهي. هڪ مضمون جرمن اسڪالر پروفيسر انيمري شمل جو قرآن شريف جي ترجمن متعلق لکيل آهي. هي مقالو رسالي "اورينس" جي سال 1963ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي. هي ساڳيو مقالو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل ڪتاب "اسٽڊيز آف سنڌ" ۾ پڻ شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ اهڙي مواد جي (تعداد 36) ڄاڻ ڏنل آهي.هن مقالي لکڻ لاءِ ڊاڪٽر شمل علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي مقالي تان گهڻو استفادو ڪيو آهي.
سنڌوماٿر جي آثارِ قديمہ تي اينڊرسن بي (Anderson,B) جو لکيل مقالو "انڊس وئلي سولائيزيشن: اي ببليوگرافي" رسالي "انڊيڪا" جي 1967ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي. هن مقالي ۾ مصنف سنڌوماٿر تي 1954-1966ع تائين ٿيل ڪم کي قلمبند ڪيو آهي. هڪ ٻئي يورپين عالم برنسونگ آر ايچ (Brunswing, R.H.Jr.) جو ساڳئي موضوع هيٺ لکيل مقالو "ڪامپريهينسو ببليوگرافي آف انڊس سولائيزيشن" رسالي "ايشيئين پرسپيڪٽو" (Asian Perspective) جي 1974ع واري شماري ۾ ڇپيل آهي. مٿين ٻنهي مقالن ۾ واديءَ سنڌ متعلق بہ گهڻو مواد شامل آهي.

**سنڌ ۾ اڻ ڇپيل ۽ ڇپائي هيٺ فهرستن جو جائزو:**
ڪنهن بہ خطي جي علمي ترقيءَ جو اندازو ان جي ادبي ۽ ڪتابي ورثي مان لڳائي سگهجي ٿو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌي ادب جي ايتري ترقي ٿي نہ سگهي آهي، جيتري ٿيڻ گهربي هئي. ان ۾ اسان جي غفلت جو بہ وڏو هٿ آهي. ترقي پسند اديبن ادب جي ٻين صنفن ڏانهن متوازن ڌيان ڏيڻ جي بجاءِ صرف فڪشن تي زور ڏنو، جنهنڪري سنڌي ادب جي ٻين صنفن ۾ ايترو واڌارو ٿي نہ سگهيو، جنهن ۾ حوالاجاتي نوعيت جو ڪم بہ اچي وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي جو شروعاتي دور ۾ سنڌي ڪتابن جا ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون ايتري گهڻي انداز ۾ ڇپجي نہ سگهيون. ستر واري ڏهاڪي کان پوءِ، سرڪاري ادارن مان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ حوالاجاتي ڪم طرف ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ان ڏس ۾ سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڪجهہ ببليوگرافيون ۽ ڪيٽلاگ شايع ڪيا آهن. موجوده وقت ۾ اهي ادارا ڪجهہ نوان ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون شايع ڪري رهيا آهن. ان کان علاوه ڪي فهرستون ۽ ڪيٽلاگ قلمي صورت ۾ موجود آهن، جن جو تفصيلي ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**● خزينة العلوم**

سنڌ جي مشهور عالم محمد بخش "واصف" اسلامي علمن تي مشتمل هڪ عظيم الشان فهرست، خزينة العلوم جي نالي سان پنجن جلدن ۾ مرتب ڪئي آهي. مولف هيءَ فهرست 1940ع کان تيار ڪرڻ شروع ڪئي ۽ تقريباً ڏهن سالن جي عرصي ۾ هن کي مڪمل ڪيو. هن فهرست جو پنجون جلد هينئر ناياب آهي. هيءَ فهرست مختلف علمن جي تفصيل تي ٻڌل آهي. هن فهرست جي جلد پهرين ۾علم الحروف، علم اشتقاق، علم اللغت، علم الصرف، علم التجويد ۽ علم النحو جي ڪتابن جو تفصيل ڏنل آهي. جلد ٻئي ۾ علم القرات، علم التفسير ۽ علم الحديث جي ڪتابن جو ذڪر ڪيل آهي. جلد ٽيون علم الفقہ جي ڪتابن تي مشتمل آهي. جلد چوٿين ۾ جاگرافي ۽ تاريخ جي ڪتابن جو تفصيل ڏنل آهي. جلد پنجين ۾ علم الڪلام جي ڪتابن جي ڄاڻ شامل آهي.

هر جلد ۾ ڪتابن کان سواءِ انهن جي مصنفن جي زندگي جا احوال پڻ ڏنل آهن. ان سان گڏ جلد پهرين ۾ هڪ سئو کان مٿي اسلامي دنيا جي مشهور فهرستن جو ذڪر ڪيل آهي. هن فهرست جي ڇهني جلدن ۾ اٽڪل ويهن هزارن ڪتابن جا تفصيل ڏنل آهن ۽ ايترن ئي مشهور فقهي عاملن، حديث جي ڄاڻن، قرات جي قارين، تاريخ نويسن ۽ جاگرافي دانن جا حالات زندگي قلمبند ٿيل آهن.

هيءَ فهرست ابن النديم ۽ ڪشف الظنون جي پايي جي آهي. "واصف" ڪيترن ئي هنڌن تي ڪشف الظنون ۾ ڏنل تاريخن تي گرفت ڪئي آهي. واصف جي مرتب ڪيل هن فهرست ۾ ڪتاب جو نالو، مصنف جو نالو، مصنف جا حالات زندگي، مصنف جي لکيل ٻين ڪتابن جو تفصيل، مصنف جي وفات ۽ ڄمڻ جي تاريخ ۽ جاءِ دفن بيان ٿيل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ پهرين قسم جي ببليوگرافي آهي، جنهن ۾ ايترن ڪتابن ۽ علمن جو تفصيل ڏنل آهي.

اگر "ابن النديم" جي فهرست ڇپجي سگهي ٿي، حاجي خليفي جي "ڪشف الظنون" ڇپجي سگهي ٿي تہ ڇا هڪ سنڌي عالم جي سنڌيءَ ۾ لکيل فهرست "خزينة العلوم" نٿي ڇپجي سگهي؟ پنجاهہ سالن کان وٺي سنڌي ادبي بورڊ جي ڪٻٽن ۾ رکيل هيءَ عظيم الشان فهرست ڇپجڻ جو انتظار ڪري رهي آهي. هن فهرست کي ڇپائڻ سان هيٺيان ٻہ وڏا مقصد حاصل ٿيندا: هيءَ فهرست سنڌ ۽ پاڪستان جي هر ڪتبخاني کان علاوه دنيا جي وڏن ڪتبخانن ۾ رکي ويندي جو هن جو تعلق ريفرنس مٽيريئل سان آهي. سنڌ جي علمي تاريخ ۾ هيءَ پهرين قسم جي فهرست آهي، جنهن ۾ ويهن هزارن ڪتابن جو اندراج ٿيل آهي. هن جي ڇپجڻ سان سنڌي ٻوليءَ جو مان مٿانهون ٿيندو. سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميہ کي منهنجي نماڻي گذارش آهي تہ

هن اهم علمي شاهڪار جي ڇپائڻ جو انتظام ڪيو وڃي ته جيئن اهو ڄڻي سگهجي ته سنڌي ٻولي به دنيا جي قديم ۽ شاهوڪار ٻولين مان هڪ آهي ۽ اسان دنيا کي فخر سان اهو ٻڌائي سگهون ته اسان وٽ ابن النديم ۽ حاجي خليفي جي مقابلي ۽ پايي جو "سنڌي فهرست نگار" موجود آهي.

● **ترجمه هائي متون فارسي بزبان سنڌي (فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما):**

ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي راقم ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ ڄاڻايو ته هو فارسي ڪتابن جي سنڌي ترجمن تي مشتمل الڳ سان ڪتاب لکي رهيو آهي. ان سلسلي ۾ وضاحت ڪندي لکيائين:

"ڪراچي ۾ 14- سيپٽمبر 2002ع تي ڪراچي يونيورسٽي ۽ خانه فرهنگ ايران گڏيل ڪوشش سان "زبان و ادبيات فارسي در سند" جي عنوان سان هڪ سيمينار منعقد ڪري رهيا آهن. انهن مون تي ذميواري رکي آهي ته ترجمه هائي متون فارسي بزبان سنڌي نالي هڪ ڪتاب لکي ڏيان، جيئن انهيءَ موقعي تي پڌرو ڪجي. انهي ڪتاب جي تياري ۾نهايت مصروف رهيم. ڪتاب ماشاءالله جڙي راس ٿيو. جنهن ۾ 686 سنڌي ترجما- فارسي ڪتابن جا- درج ڪيا اٿم". (خط 2002-08-30).

● **مخطوطات علماء السند في مكتبات الحرمين:**

ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي ساڳئي خط ۾ سنڌي عالمن جي عربي مخطوطن جي هڪ ٻي فهرست جي نشاندهي ڪندي ڄاڻايو:

"ڊاڪٽر قاري مولانا عبدالقيوم، اسسٽنٽ پروفيسر ام القري يونيورسٽي مكة المكرمة، هڪ ڪتاب مخطوطات علماء السند في مكتبات الحرمين جي نالي سان لکيو آهي، جنهن ۾ مڪي ۽ مديني ۾ موجود سنڌي عالمن جي مخطوطن جو مفصل احوال ڏنو اٿس. هي ڪتاب اڃا نه ڇپيو آهي."

● **راشدي صاحب جي ڪتبخاني ۾ موجود فارسي مخطوطن جو ڪيٽلاگ:**

پير حسام الدين راشدي جي ڪتبخاني ۾ موجود فارسي مخطوطن جو ڪيٽلاگ پڻ ٺهيل آهي، ان متعلق تفصيل ڏيندي ڊاڪٽر غلام محمد لاکو لکي ٿو ته:

"سيد حسام الدين راشدي صاحب وٽ به اورينٽل نسخن جو وڏو ذخيرو هو. سندن حياتيءَ ۾ اهڙو ڪيٽلاگ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي ڊاڪٽر روشن آرا بيگم تيار ڪيو هو، جيڪو غالباً ڇپجي نه سگهيو. هي ڪم ڪرڻ لاءِ اسان کي پنجاب يونيورسٽيءَ پاران مختلف عالمن جي مخطوطن تي تيار ڪيل فهرستن تان پڻ رهنمائي وٺڻ گهرجي." ("سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو"، ص 28 ۽ 393)

● **آزاديءَ کان اڳ ڇپيل ڪتابن جي ببليوگرافي:**

ڪٿي شايد پڙهيو هئم ته ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پاڪستان کان اڳ ڇپيل ڪتابن جي ببليوگرافي سنڌالاجيءَ لاءِ تيار ڪئي هئي.ان متعلق حوالو ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو آهي. ٻيو ڪو صاحب هن متعلق وڌيڪ ڄاڻ ڏيئي سگهي ٿو.

● **فهرست تاريخ سند**

هن فهرست جو ذڪر ايم.ايچ. پنهور "سورس مٽيريئل آف سنڌ" (ص 190) ۾ ڪيو آهي. هيءَ فهرست قلمي صورت ۾ پير حسام الدين راشديءَ وٽ ڏٺي، ويئي. محمد حسين قادريءَ جي فارسيءَ ۾ لکيل هيءَ مختصر فهرست ٻن صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾سنڌ جي تاريخ جي ماخذن جو ذڪر ڪيل آهي.

● **فهرست مخطوطات سند:**

"فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما" سان گڏ ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي ڄاڻايو ته هو هن وقت سنڌ جي ڪتبخانن ۾ رکيل سنڌي، فارسي ۽ عربي قلمي نسخن جون فهرستون پڻ مرتب ڪري رهيو آهي، ته جيئن سنڌ جي

**● سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريءَ جي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ:**

سنڌي ادبي بورڊ جي لائبريءَ ۾ سنڌ جي عالمن جي رکيل فارسي، عربي ۽ سنڌي قلمي نسخن جو ڪيٽلاگ پڻ ٺهيل آهي. هي ڪيٽلاگ ممتاز عالم پروفيسر ڊاڪٽر نجم الاسلام (وفات: 13- فيبروري 2001ع) ۽ ڊاڪٽر ابوالفتح محمد صغيرالدين جو مرتب ڪيل آهي. هن ڪيٽلاگ جو ذڪر غلام رباني آگري تفصيل سان ڪيو آهي. سال 1957ع ۾ سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي توسط سان غلام رباني آگري صاحب کي ٽيهن چاليهن عربي ۽ فارسي قلمي نسخن جو تحفو سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ لاءِ مليو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه کي اهي قلمي ڪتاب سنڌ مدرسي جي لئبرريءَ لاءِ مليا هئا. جن مان ڪجهه هن اداري جي لئبرريءَ ۾ رکيا ۽ ڪجهه بورڊ لاءِ ڏنا. سنڌي ادبي بورڊ کي اهڙي قسم جو ٻيو تحفو ڊاڪٽر عمر بن محـ ـد دائودپوٽي ڏنو، جنهن ۾ پڻ چاليهارو کن عربي ۽ فارسي قلمي ڪتاب هئا. ان کان سواءِ بورڊ جي لائبرريءَ ۾ رکيل گهڻا قلمي ڪتاب ننڍي جي قديم گهراڻن مان پير حسام الدين راشدي ذاتي ڪشالن سان گڏ ڪري بورڊ ۾ جمع ڪيا. جيئن ته اهي قلمي ڪتاب گهڻي ضعيف حالت ۾ هئا، انڪري بورڊ اهو ذخيرو ڪراچي جي جلد خاني "محبوبيه ڪارخانه جلد سازي" کان مجلد ڪرايو. (خط: شاهه ولي الله دهلويءَ جا مخدوم محمد معين ڏانهن/غلام رباني آگرو. مهراڻ 3/2000ع، ص 45 ۽ 46)

اِڪتي هلي آگري صاحب کي خيال آيو ته انهن ڪتابن جو ڪيٽلاگ ٺهڻ گهرجي، جنهن جو اظهار هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبه اردو جي ريٽائرڊ پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سان ڪيو، جنهن ڪتابن کي ڏسڻ کان پوءِ چيو ته اوهان جو اهو ڪم ٿي ويندو. رباني صاحب ان ڪيٽلاگ متعلق تفصيل ڏيندي لکيو ته:

"ٻئي ڏينهن يونيورسٽيءَ مان شعبهٔ اردو جا ٻه پروفيسر ڊاڪٽر نجم الاسلام ۽ صغير صاحب بورڊ ۾ آيا. انڊيا آفيس لئبرري، برٽش ميوزيم، بالدين لئبرري ۽ ٻين ڪن اهڙن بين الاقوامي شهرت وارن ادارن جا ڪيٽلاگ آندائون ۽ ڪم شروع ڪيائون. بلاناغه روزانو منجهند جو ايندا هئا. گرمي، سردي، واچ، جهولي، برسات ۽ طوفان جي پرواهه ڪونه ڪندا هئا. ماٺ ميٺ ۾ ٽي ڪلاڪ لاڳيتو ڪم ڪري هليا ويندا هئا. منجهند جي ماني به پاڻ سان کڻي ايندا هئا. مون کان سنڌي محاوري وارو "ڇانهه جو ڪوپ" به ڪڏهن ڪونه گهريائون. ٽن ورهين جي لڳاتار محنت کان پوءِ هنن ٻن اشرافن وڏو شاهي علمي ڪيٽلاگ ٺاهي مون کي هٿن ۾ ڏنو. مان ڏهه پندرهن ورهيه اسلام آباد بدلي ٿي ويس. پٺيان ڪنهن ڪيٽلاگ کي ڏٺو به نه. مون رب تي توڪل ڪري، هاڻي سائين جويي صاحب جي صلاح سان ان جي ڇپائيءَ ۾ هٿ وڌو آهي." (خط: شاهه ولي الله دهلويءَ جا مخدوم محمد معين ڏانهن/ غلام رباني آگرو. مهراڻ 3/2000ع، ص 46 ۽ 47)

ڊاڪٽر نجم الاسلام ۽ صغير صاحب جي ٺاهيل هن ڪيٽلاگ جي ڇپائيءَ جو ڪم ڇهه سال اڳ شروع ڪيو ويو هو ۽ يقيناً هاڻ ڇپائيءَ جي آخري مرحلي هيٺ هوندو.

**● ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتبخاني جو ڪيٽلاگ:**

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ذاتي ڪتبخانو قلمي ڪتابن جي لحاظ کان سنڌ جي اهم ڪتبخانن ۾ شمار ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جي ڪليڪشن ۾ اهم مواد "شاهه جي رسالي" جا خطي نسخا آهن. ان کان علاوه فارسي ۽ عربي خطي نسخن جو به گهڻو ذخيرو موجود آهي. ڊاڪٽر صاحب جي انهيءَ ڪتبخاني جو ڪيٽلاگ ڊاڪٽر خضر نوشاهيءَ ترتيب ڏنو آهي. ان مان عربي ۽ فارسي

مخطوطن جو ڪيٽلاگ" "فهرست دست نويس هائي عربي و فارسي مجموعہ ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ در ارشوي سنڌ. ڪراچي پاڪستان" جي نالي سان عارف نوشاهيءَ جي نگرانيءَ هيٺ 2004ع ۾ تهران مان شايع ٿيو آهي.

● انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي:

حوالاجاتي ادب جي ترقي لاءِ سنڌالاجي نهايت ئي مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي. 1970ع کان ونئي هن اداري "ڊاڪيومينٽيشن، انفارميشن اينڊ ريسرچ سيل" قائم ڪيو آهي. جنهن جو مقصد سنڌي ادب ۾ تحقيقي ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۽ ان کي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن تائين پهچائڻ آهي. هن اداري "ريسرچ سيل" تحت هيٺيان ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون شايع ڪيون آهن.

1. سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ (1971ع).
2. سنڌي مخزنن جو ڪيٽلاگ (1974ع).
3. ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي 1947-1973ع تائين (1976ع).
4. سورس مٽيريل آف سنڌ (1977ع).
5. قلمي نسخن جي فهرست (1977ع).
6. لطيفيات (1977ع).
7. قلمي نسخن جو تشريحي ڪيٽلاگ (1981ع).
8. ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي 1973-1979ع تائين (1980ع).

حوالاجاتي ڪم جي اهميت کي نظر ۾ رکندي هن اداري 1993ع ۾ هڪ نئون شعبو "ببليوگرافڪ اينڊ ڊاڪيومينٽيشن سيل" قائم ڪيو آهي. جنهن جو مقصد سنڌ متعلق ٿيل تحقيقي ڪم کي اڳتي وڌائڻ آهي. هن شعبي کي نوان پروجيڪٽ ڏنا ويا آهن. جن جي وسيلي هيٺيان ڪيٽلاگ ۽ ببليوگرافيون شايع ٿي سگهنديون.

1- سنڌي ڇپيل ڪتابن جي 1979ع کان 1994ع تائين ببليوگرافي.
2- سنڌي رسالن ۾ ترجمو ٿيل مضمونن جي ڏسٽي.
3- آزادي کان اڳ ڇپيل ڪتابن جي ببليوگرافي.
4- سنڌالاجي جي تحقيقي ڪتبخاني ۾ موجود رسالن جو ڪيٽلاگ.
5- سنڌالاجي جي تحقيقي ڪتبخاني ۾ موجود قلمي نسخن جو تشريحي ڪيٽلاگ، ڀاڱو-2.
6- سنڌالاجي جي تحقيقي ڪتبخاني ۾ موجود اخبارن جي ڪلپنگ جي ڏسٽي ۽ خلاصو.
7- مائڪرو فلمنگ شعبي ۾ مائڪرو فلمن جي ڏسٽي ۽ خلاصو.

مٿين منصوبن مان پهرئين منصوبي "سنڌي ڇپيل ڪتابن جي ببليوگرافي 1979ع کان 1994ع تائين" متعلق گل محمد مغل لکيو آهي تہ "هن ببليوگرافيءَ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. ابتدائي مرحلي ۾ ڪتابن جي ڪارڊن ٺاهڻ جو ڪم مڪمل ٿيو آهي. ان ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن 3 لک رپيا منظور ڪيا آهن."

هيءَ معلومات مغل صاحب جي "سنڌي ادب" 1-2، 2004ع ۾ ڇپيل مضمون "سيئي جوين ڏينهن" جي ص 244-247 تان ورتل آهي.

● سنڌ جي بزم مشاعرن جي طرحن جي فهرست:

1997ع ۾ راقم هيءَ فهرست ترتيب ڏني هئي. جيڪا قلمي صورت ۾ موجود آهي. ٻارهن صفحن تي مشتمل هن فهرست ۾ سنڌ جي "بزم مشاعرن" جون مختلف سالن ۾ ڏنل ڪل 231 طرحون جمع ڪيل آهن. جن ۾ ڪن جي تاريخ ڏنل آهي تہ ڪن متعلق اڃا تحقيق جي ضرورت آهي.

● مجموعہ الڪتب:

هن فهرست جو ذڪر مولانا محمدصديق ماعر قلمي نسخن جي فهرست ۾ ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪتابن جا نالا ڏنل آهن. مرتب هن کي هڪ قسم جو بياض ڄاڻايو آهي. هن فهرست کي ڏسڻ کان پوءِ ئي ان متعلق ڪجهہ چئي سگهجي ٿو. سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ موجود قلمي

نسخن جي فهرست/مرتب: محمد صديق ماعر. ببليوگرافي، اينٽري نمبر 298، ص 27

**● محمد بخش "واصف" جي ڪتبخاني جي فهرست:**

محمد بخش واصف جي ڪتبخاني جا ڪتاب 1985ع ۾ سنڌالاجيءَ کي تحفي طور ڏنا ويا. اداري انهن ڪتابن جي فهرست ترتيب ڏني، جنهن ۾ هزار کان مٿي ڪتابن جو اندراج ٿيل آهي. هيءَ فهرست 20 صفحن تي مشتمل هٿ سان ٽائيپ ڪيل آهي. هن فهرست ۾ ڏنل ڪتاب عربي، فارسي، سنڌي، سنسڪرت، هندي ۽ اردو ٻولين جا آهن. راقم وٽ هن فهرست جي فوٽو ڪاپي موجود آهي.

## حوالا


1. خزينة العلوم جلد-I، (قلمي) /مولف: محمد بخش واصف، ص 121
2. ڪتبخانن ۾ حوالاجاتي خدمتن جي اهميت/ گرڏنو گانگاڻي، ماهوار نئين زندگي، جولاءِ- آگسٽ، 1996ع، ص 10.
3. حوالو ساڳيو.
4. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 15
5. حوالو ساڳيو، ص 15
6. حوالو ساڳيو، ص 14
7. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Miscellaneous official Publications, Shelfmark: I.S.be. 73)
8. سورس مٽيريئل آف سنڌ/ ايم.ايچ. پنهور، ص 332، ڪالم 2، ڪتاب جو اينٽري نمبر: 4188
9. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Oriental collection, T 10445/ Shelfmark: 14096.ccc.5.)
10. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، Oriental collection, T 10445/Shelfmark: 14096.ccc.6)
11. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: I.S.bo.41)
12. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 54478218 Database: World Cat)
13. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: ORW. 1986.b. 149/6)
14. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 7028.aaa.7.)
15. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 7206.k.2(3).)
16. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 07076.g.27.)
17. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: OIH 011.3.)
18. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: W 951)
19. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 2701.aef.9.)
20. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 14807.f.64.)
21. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: V 19521)
22. (School of Oriental and African Studies Library: main library cwml W3)
23. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 11899.dd.6.)
24. سورس مٽيريئل آف سنڌ/ايم.ايچ. پنهور، ص 69، ڪالم 2، ڪتاب جو اينٽري نمبر: 868
25. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: 15008.c.1)
26. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 66117292 Database: WorldCat)
27. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 37732483 Database: WorldCat)
28. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: ORW. 2000.a.659/1)
29. چارلس ريو جي بايوگرافي هن سائيٽ تان ورتل آهي (http://en.wikipedia.org/wiki/Charles-Pierre Henri-Rieu)-

63. فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما /ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي. مهراڻ 2/1996ع، حوالو 12، ص 71

64. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 474182 Database: WorldCat)

65. سورس مٽيريئل آف سنڌ /ايم.ايچ. پنهور، ص 330، اينٽري نمبر: 4160

66. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947-1973ع /ڊاڪٽر غلام علي الانا. متفرقه باب، ڪتاب نمبر 10، ص 390

67. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 6410566 Database: WorldCat)

68. ڪتبخانن ۾ حوالاجاتي خدمتن جي اهميت /گرڊنو گانگاڻي. نئين زندگي، جولاءِ- آگسٽ 1996ع، ص 10

69. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 19 ۽ 20

70. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947-1973ع /ڊاڪٽر غلام علي الانا، اينٽري نمبر 12، ص 2

71. سيئي جوين ڏينهن: (مضمون) سنڌالاجي /گل محمد مغل، سنڌي ادب، جلد 18، نمبر 1-2/2004ع، ص 212

72. سيئي جوين ڏينهن: (مضمون) سنڌالاجي /گل محمد مغل، سنڌي ادب، جلد 18، نمبر 1-2/2004ع، ح 48، ص 273

73. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947-1973ع /ڊاڪٽر غلام علي الانا. عام واقفيت. ڪتاب نمبر 13، ص 2

74. سورس مٽيريل آف سنڌ /ايم.ايچ. پنهور. ڪتاب جو اينٽري نمبر 4671، ص 369

75. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 20582316 Database: WorldCat)

76. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 50824387 Database: WorldCat)

77. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfinark: ISN 301/15.)

78. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 18

79. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: V 20068.)

80. هن متعلق حوالو ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو آهي.

81. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 40207597 Database: WorldCat)

82. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947-1973ع /ڊاڪٽر غلام علي الانا، پيش لفظ، ص 7

83. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 5830184 Database: WorldCat)

84. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 6424745 Database: WorldCat)

85. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: 18556584 Database: WorldCat)

86. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 6144268 Database: WorldCat)

87. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: BS. 21/94 and W 4371-5 and ORC PAN 1.)

88. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 321-337

89. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Asscession No: OCLC: 7083577 Database: WorldCat)

90. سنڌ: تشريحي ببليوگرافي /محمد قاسم سومرو، ص 9، ڪالم 1، ڪتاب جو اينٽري نمبر 53

91. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1973-1979ع /مانيٽو اوٿو. عام واقفيت، نمبر 1، ص 62

92. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947-

1973ع/ڊاڪٽر غلام علي الانا، متفرقہ باب، اينٽري نمبر 4، ص 390

93. چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947-1973ع/ڊاڪٽر غلام علي الانا، متفرقہ باب، اينٽري نمبر 13، ص 391

94. شڪاگو يونيورسٽي لائبريري، (Call Number: f Z3209. I 541 1980z.c.1)

95. پاڪستان نيشنل ببليوگرافي: 1979ع، مضمون نمبر: 16- 15، ص 2

96. آن لائين ڪيٽلاگ، ورلڊ ڪيٽ، (Accession No: OCLC: 10274790 Database: WorldCat)

97. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 23

98. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: Sind D 647)

99. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 23

100. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 12053080 Database: WorldCat)

101. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 11650061 Database: WorldCat)

102. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 26

103. راقم وٽ هيءَ فهرست موجود آهي.

104. سيٺي جوين ڏينهن: (مضمون) سنڌالاجي /گل محمد مغل، سنڌي ادب، جلد 18، نمبر 1-2/2004ع، ح 84، ص275

105. هيءَ فهرست راقم وٽ موجود آهي.

106. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 35990893 Database: WorldCat)

107. هيءَ فهرست راقم وٽ موجود آهي.

108. هيءَ فهرست راقم وٽ موجود آهي.

109. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جي فهرست: 1993ع، ڪتاب نمبر 120، ص 6

110. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 41754329 Database: WorldCat)

111. برٽش لائبرري انٽيگريٽيڊ آن لائين ڪيٽلاگ، (Shelfmark: SAC. 1998.a.1627)

112. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 48706739 Database: WorldCat)

113. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 52324236 Database: WorldCat)

114. تبصرو/ ڊاڪٽر محمد قاسم سومرو، ٽماهي مهراڻ، نمبر 1، جنوري- مارچ/2001ع، ص 191

115. حوالو ساڳيو، ص 192

116. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 52295839 Database: WorldCat)

117. تبصرو/ امام راشدي، ٽماهي مهراڻ، بهار، 2005ع، 179

118. حوالو ساڳيو، ص 178 ۽ 179

119. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 31899107 Database: WorldCat)

120. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 34992479 Database: WorldCat)

121. تبصرو: ڪليات سرفراز/ محمد پنهل ڏهر، ٽماهي مهراڻ نمبر 1، 1997ع، ص 174

122. حوالو ساڳيو.

123. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 62505143 Database: WorldCat)

124. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 32452822 Database: WorldCat)

125. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 20374636 Database: WorldCat)

126. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، (Accession No: OCLC: 57199210 Database: WorldCat)

127. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 50323161 Database: WorldCat)
128. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 11186845 Database: WorldCat)
129. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 14069155 Database: WorldCat)
130. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 57331068 Database: WorldCat)
131. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 28309500 Database: WorldCat)
132. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 31899944 Database: WorldCat)
133. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 4948630 Database: WorldCat)
134. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 3666242 Database: WorldCat)

نوٽ: هن ببليوگرافيءَ ۾ 345 داخلائون ڏنل آهن، جن ۾ 65 ڊڪشنرين جو تشريحي احوال درج آهي. هن ۾ عربي، بلوچي، بنگالي، گجراتي، هندي، هندوستاني، ڪشميري، فارسي، پنجابي، پشتو، سنسڪرت، سنڌي، ترڪي ۽ اردو ٻولين جي ڊڪشنرين جو ذڪر ڪيل آهي. گدواڻي هن ببليوگرافي متعلق لکيو آهي ته: (There are serious omissions and lack of consistency in rendering compiler's names)
گدواڻي/ ڊڪشنريز ان انڊين لينگويجز، ص 7

135. هن جو حوالو ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو آهي.
136. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 1092942 Database: WorldCat)
137. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 1490381 Database: WorldCat)
138. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 2439353 Database: WorldCat)
139. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 4136766 Database: WorldCat)
140. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 660347 Database: WorldCat)
141. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 38310992 Database: WorldCat)
142. ورلڊ ڪيٽ آن لائين ڪيٽلاگ، Accession No: (
OCLC: 27113792 Database: WorldCat)
143. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 18
144. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: راشدي مرحوم جو منتشر ادبي ذخيرو / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 410
145. سورس مٽيريئل آف سنڌ /ايم.ايچ. پنهور، ڪتاب جو اينٽري نمبر 4761، ص 377
146. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: راشدي مرحوم جو منتشر ادبي ذخيرو /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 409
147. حوالو ساڳيو.
148. سورس مٽيريل آف سنڌ /ايم.ايچ. پنهور، ڪتاب جو اينٽري نمبر 1671 ۽ 4738، ص 133 ۽ 375
149. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 23
150. حوالو ساڳيو
151. حوالو ساڳيو، ص 19
152. شاهه لطيف تي ببليوگرافي/ڊاڪٽر درشهوار سيد، ص 218
153. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: راشدي صاحب جو علمي مان مرتبو .../ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 394
154. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: حسام الدين راشدي جو منتشر ادبي ذخيرو / ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 410
155. راشدي صاحب جو ڪتابي ورثو/ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، مهراڻ 2/1997ع، ص 57
156. سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو: سنڌ بابت حوالاجاتي نوعيت جو مواد /ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ص 28



# قاضي محمد عرس جي ڪلام جو مختصر جائزو

ڊاڪٽر نواز علي شوق

**سونهاري** سنڌ ۾ ڪيترين ئي اهڙين خانقاهون آهن، جيڪي اسلامي تبليغ ۽ روحاني رهبريءَ سان گڏ علم ادب جي ترقي ۽ ترويج جو به مرڪز رهيون آهن. انهن مان لُواري شريف واري درگاهه عاليه هڪ خاص اهميت رکي ٿي. هتان جي روشن ضمير ۽ نيڪنام بزرگن ۽ سندن مريدن معتقدن ديني خدمتن سان گڏوگڏ علم ادب جي واڌاري لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

لُواري شريف جا بزرگ نه فقط وڏا روحاني رهبر هئا، پر ان سان گڏ اهلِ دل صوفي، عارف، عالم، فاضل ۽ شاعر پڻ هئا. سندن سرپرستيءَ ۾ ڪيترائي شاعر شاعريءَ جي دنيا ۾ مشهور ٿيا. ڪن سنڌي کان علاوه عربي ۽ فارسي ۾ پڻ شعر چيو، پر افسوس جو زماني جي دستبرد سبب اهو سمورو ڪلام اڄ محفوظ نه آهي. ان سلسلي ۾ سلطان الاولياءَ خواجه محمد زمان قدس سره، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحه، خواجه محمد سعيد قدس سره ۽ حمل فقير لغاري کي گهڻي شهرت ملي، باقي ٻيا ڪيترائي شاعر اهڙا آهن. جيڪي گمنام رهيا ۽ اڄ انهن جو تمام ٿورو ڪلام ملي ٿو. اهڙن شاعرن ۾ مير نظر علي خاڪي ۽ حڪيم حافظ قاضي ابوالحسن فارسي زبان جا وڏا شاعر هئا، ته حضرت خواجه گل محمد قدس سره، مرحوم مير فتح محمد ٽالپر، مرحوم قاضي محمد "عرس" ۽ قاضي "گل" سنڌي زبان جا سٺا شاعر هئا. انهن جو به اڄ تمام ٿورو ڪلام محفوظ آهي. اڄوڪي صحبت ۾ قاضي محمد "عرس" جي شاعريءَ بابت ٻه چار ڳالهيون عرض ڪجن ٿيون.

قاضي محمد عرس ولد قاضي محمد يوسف جي ولادت سنه 1873ع ڌاري لواري شريف ۾ ٿي. قرآن مجيد، فارسي ۽ سنڌي جي تعليم اتي ئي حاصل ڪيائين. ان وقت لواري شريف ۾ وڏو علمي درسگاهه هو. وڏا وڏا عالم فاضل، شاعر، اديب، طبيب، علم جفر ۽ رمل جا ماهر اتي رهندا هئا. لواري شريف جي ادبي ماحول ۽ جمالياتي مزاج سبب قاضي محمد عرس کي شاعريءَ جو شوق ٿيو. سندس سوٽ قاضي گل محمد ساڻس گڏ پڙهندو هو. ٻنهن جو هڪ ٻئي سان تمام گهڻو پيار هو. گڏجي راند روند ڪندا هئا. هڪ ٻئي کي پنهنجو ڪلام ٻڌائيندا هئا. قاضي عرس ڪن غزلن ۾ پنهنجي محبوب جو نالو "گل" تخلص طور آندو آهي. ڪٿي ڪٿي اهو ذو معنيٰ ۾ نظر ايندو. مثال خاطر هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:

"عرس" توکي عندليبن ڏس چمن ۾ ٿي چيو،
"گل" غنيمت آهي توکي، هي حسن هر هنڌ هوءِ.

قاضي محمد عرس جي رهائش لواري شريف ۾ هئي، پر جڏهن ٺر جي شيخن جي هڪ ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين ته پوءِ لواري شريف ڇڏي وڃي ٺر وسايائين. پر اڪثر لواري شريف ايندو رهندو هو.

"عرس" هميشه ريشمي لباس پهريندو هو. مٿي تي لُنگي هوندي هيس. پنهنجن عزيزن ۽ دوستن کي چوندو هو ته جڏهن سندس جسم تي ريشمي ڪپڙا نه ڏسو ته پڪ سمجهو ته هينئر عرس جو پورين پهر آهي ۽ هو موڪلائڻ وارو آهي. واقعي ٿيو به ائين. هڪ پيري هو بافتي جو وڳو پهري آيو. مٿي تي لُنگي بجاءِ ململ جو پٽڪو ٻڌل هوس. سندس دوست محمد يعقوب ڪنڀار (1) کيس چيو ته "عرس! اڄ ريشم ختم" چيائين ته "هائو".

زلف زنجيرن مثل جي بي دلين کي بند ڪن
ناهي چمبر چست ٻيو ڪو وار جي ور ڪان وڌيڪ
رنج انهيءَ ۾ تون رقيبا ڇو منافق ٿو مرين
ڪيو اپاڳا "عرس" سان تون خرخسو خر ڪان وڌيڪ

غزل

سدا ٿو سونهين صحن بستان ۾ گل
اڳيان مون هجي شالَ ايوان ۾ گل
رکي عندليبن سان الفت اصل کان
گذاري گهڻو نت گلستان ۾ گل
پڇي بلبلن جيئن اچي باغ ۾
ڏسي جي ڪبڪ ڪائوهستان ۾ گل
اجهو آسمان انجمن ۾ اسان جي
محل ماهه جي تاج تابان ۾ گل
هئين تي هميشه هجي هار هردم
پساهن پُڄڻ مهل پهران ۾ گل
هجي خنده رُو خاتمي وقت مون سان
شب گور شعلم شمعدان ۾ گل
مري تو منافق سڙيو سوز ۾
ڏسو مست مون ساڻ مئخان ۾ گل
اکر هي ڏنو "عرس" استاد توکي
لکي دل جي دفتر ۽ ديوان ۾ گل

حوالا ۽ واڌارا:

(1) محمد يعقوب ڪنڀار لواري شريف جو رهواسي هو. قاضي محمد عرس جو گهرو دوست هو. عرس اڪثر وٽس ويندو رهندو هو. ٻئي دوست پاڻ ۾ قربائتيون ڪچهريون ڪندا هئا. عرس جڏهن شادي ڪرڻ کان پوءِ لواري شريف مان لڏي ويو ته ڪيس پنهنجي پياري دوست يعقوب جي ياد ڏاڍو ستايو ۽ بي اختيار چئي ڏنائين:

اي صبا نئي ڏي سنيهو، يار مون "يعقوب" کي
عرض منهنجو ڪج اُتي، تون ماهرو محبوب کي

(2) حضرت خواجه محمد سعيد رحه درگاهه لواري شريف جو پنجون سجاده نشين هو. سندن ولادت سنه 1264هه ۾ لواري شريف ۾ ٿي. پنهنجي دور جا جيد عالم، فاضل فقيه ۽ عارف ڪامل هئا. خواجه صاحب سنڌي، فارسي ۽ عربي زبانن ۾ شعر چيو آهي. سندن عربي فارسي تصنيفات ۾ "تحقيقات اللواري"، "صقائل الضمائر" ۽ "شرح تڪملة الورد المحمدي" مشهور آهن. ڪين به فرزند هئا (1) خواجه احمد زمان رحه (2) خواجه محمد اشرف رحه. ست پيرا حج جي سعادت حاصل ڪيائون. آخري پيرو حج ڪرڻ کان پوءِ مڪي شريف ۾ تاريخ 2 محرم الحرام سنه 1324هه ۾ وصال ڪيائون ۽ جنت المعليٰ ۾ آرامي ٿيا. پاڻ ڪامل ولي هئا ۽ سندن تعلق نقشبندي سلسلي سان آهي. حضور رسالت مآب ﷺ جا عاشق صادق هئا. جيئن پاڻ فرمايو اٿن:

"از آب عشق احمد صه شد خاک ما خمير"

سندن فارسي ديوان استاد محترم پروفيسر پير سعيد حسن 1965ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

(3) مير الهه بخش ٽالپر جي ولادت ٽنڊي محمد خان ۾ 16- مئي 1864ع تي ٿي. هو وڏين خوبين جو مالڪ هو. 1895ع کان 1905ع تائين بمبئي ڪائونسل جو ميمبر رهيو. سٺو شاعر هو. سندس تخلص "معروف" هو. وڏو سخي مرد هو. ڪيس باغن لڳائڻ جو تمام گهڻو شوق هو. هڪ ڀيري بمبئيءَ مان هڪ ماهر مالهي کي وٺي آيو ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ جديد طرز تي 30 ايڪڙن ۾ باغ لڳرايائين، جنهن ۾ قسم قسم جا وڻ، گل ۽ ٻوٽا هوندا هئا. افسوس جو هينئر اهو باغ اُجڙي ويو آهي. مير صاحب جي وفات 18 آگسٽ 1916ع صبح جو ڏهين وڳي حيدرآباد ۾ ٿي. سندن مزار لواري شريف واري درگاهه جي پيرانديءَ ۾ ڏاکڻين طرف آهي.

مير الهه بخش "معروف" ۽ ٻيا ٽنڊي محمد خان وارا شاهواڻي ٽالپر لواري شريف وارن بزرگن جا قديمي مريد آهن. مرشدن جا خليفا ميرن وٽ ايندا رهندا هئا. قاضي محمد عرس به مير الهه بخش خان وٽ ايندو هو ۽ نذر نياز وٺي ويندو هو. مير صاحب وٽ مير عبدالحسين خان سانگي، سيد غلام محمد شاهه گدا، ميون وڏل حيدري ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي پڻ ايندا رهندا هئا. مرتضائي مير صاحب جو وڏو مداح هو. هن مير صاحب جي شان ۾ ڪيترائي شعر چيا آهن، جيڪي "ديوان مرتضائي" ۾ موجود آهن.

مير الهه بخش خان "معروف" شاهواڻي جو ڏاڏو مير غلام شاهه شاهواڻي مياڻيءَ جي جنگ ۾ شهيد ٿيو. مرتضائيءَ جو ڏاڏو همت علي شاهه ۽ غلام شاهه پاڻ ۾ گهرا دوست هئا. ٻئي هٿ هٿ ۾ ڏئي مياڻيءَ جي ميدان ۾ ڪاهي پيا ۽ شهادت ماڻيائون.

ميراثيءَ جو ڳايل دودي سومري جو داستان. نشر ٿيندو آهي تہ، سندن آواز جي گجگوڙ تي ايئن ايئن پيو پائبو آهي:

دریاھ اندر جا دهشت آ، ڪنهن روز قيامت ٿي ويندي،
تون مان تہ رڳو هِن سنتوءَ ۾، ڪا لهر اُڀاري ويناسين.

۽ اها بہ ڪيڏي نہ سٺي روايت قائم ڪئي وئي تہ، ڪچهريءَ ۾ ڪچهري ڪندڙن جا ريڊيائي نالا بہ عبدالقدوس يا قطب الدين رکڻ بدران ٺُيٺ سنڌي نالا فتح خان، ميرڻ خان، جڙيل خان ۽ سارنگ خان وغيره تجويز ڪيا ويا.

سنڌ... سنڌي ٻولي... ادب، تحقيق، آثار قديمہ کي متعارف ڪرائڻ جي سلسلي ۾، ريڊيو جي خدمتن جو ذڪر ڇيڙبو تہ دفتر کُلندا ويندا. ان ڏس ۾ ستر واري ڏهاڪي ۾ سنڌ دوست براڊڪاسٽر ۽ ڊائريڪٽر الياس عشقيءَ جي صلاح سان مراد علي مرزا "يادگار ليڪچرز" جو هڪڙو سلسلو شروع ڪيو هو ۽ انهن ليڪچرز جا نالا، هُن، هِن ريت رکيا: شاهہ لطيف يادگار ليڪچر، مرزا قليچ بيگ يادگار ليڪچر، حسن علي آفندي يادگار ليڪچر، علامہ عمر بن محمد دائودپوٽہ يادگار ليڪچر، علامہ آءِ. آءِ. قاضي يادگار ليڪچر ۽ جن نامور عالمن ۽ صاحبن سنڌ جي تاريخ، تمدن، ثقافت، آثارِ قديمہ ۽ ادب بابت اهڙن ريڊيائي پروگرامن ۾ اچي ليڪچر ڏنا، اُهي هئا: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا غلام محمد گرامي، ڊاڪٽر قاضي نبي بخش، علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، مخدوم اميراحمد، ايم.ايچ.پنهور، قاضي عبدالمجيد عابد، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ غلام رباني آگرو وغيره.

ساڳئي وقت 1972ع ڌاري غلام حسين شيخ خالص لوڪ صنفن جي پرچار ۽ لوڪ موسيقيءَ جي ڦهلاءَ لاءِ پروگرام شروع ڪيو: "ساهڙ جا سينگار". ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب ان پروگرام جو مکيہ ماهر هوندو هو ۽ شيخ محمد اسماعيل ۽ ممتاز مرزا ان پروگرام جا ساٿي ميزبان هوندا هئا. سنڌ جي تاريخ ۾ هي اهو پروگرام هو جنهن لوڪ ادب اسڪيم کان پهرين، سنڌ جي عوام کي ٻڌايو تہ سنڌ دنيا جي عظيم ثقافتي ورثي جي مالڪ آهي ۽ لوڪ ادب، لوڪ موسيقي ۽ لوڪ ڏاهپ جي هيرن جواهرن سان مالا مال آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ سندس ساٿين جي ان دور جي اهڙين بي مثال خدمتن کي ڏسجي ٿو تہ پنائي صاحب جو هي شعر ٿو ياد اچي:

اي گت غواصن، جو سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين.

آئون ڀانيان ٿو تہ ان ڏس ۾ اسي واري ڏهاڪي ڌاري پروڊيوسر نثار ميمڻ جي ڪراچي ريڊيو تان شروع ڪيل شاندار ادبي پروگرام: "رسالو" جون سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتون بہ سدائين ياد رکيون وينديون.

ريڊيو حيدرآباد جي قيام کان پهرين، سنڌي ٻوليءَ ۾ اصلوڪا ريڊيو ڊراما لکڻ جي ڪابہ روايت موجود ڪانہ هئي. برابر 1880ع کان مرزا قليچ بيگ آپيرا ۽ اسٽيج ناٽڪ، 1929ع تائين مسلسل لکيا هئا. ۽ برابر ان دور ۾ سندس ڪن ٻين همعصرن بہ ڊراما لکيا پئي، پر ظاهر آهي تہ اُهي سڀ اسٽيج لاءِ هئا. ننڍي کنڊ ۾ ريڊيو ٽيهن واري ڏهاڪي ۾ آيو ۽ ريڊيو آل انڊيا جي قيام سان، ڪرشن چندر، سعادت حسن منٽو ۽ راجندر سنگهہ بيدي وغيره اردوءَ ۾ ان اسٽيشن باعث ريڊيو ڊراما ٽيڪنيڪ تي وڏو ملڪو حاصل ڪري ورتو. پر هيڏانهن سنڌ ۾ ۽ سنڌي ريڊيو ڊراما جي ڏس ۾، 1955ع کان پوءِ ئي ڪم شروع ٿيو. ۽ سڀ کان پهرين اردوءَ جي ڊرامن جي ٽيڪنڪ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ۽ اردوءَ مان سنڌي ڊرامن جا اهڙا پهريان سنڌيڪار هئا: عبداللطيف عباسي ۽ سيد منظور نقوي. تنهن بعد سڀ کان وڌيڪ سنڌيءَ ۾ ڊراما سيد منظور نقوي لکيا ۽ هُو ان ڏس ۾ روماني، اخلاقي، سماجي ۽ جاسوسي ڊرامن لکڻ جو موجد بڻيو. بعد ۾ ان کيپ ۾ ابن الياس سومري جو اضافو ٿيو. 1962ع کان پوءِ نئين نبار سنڌيءَ ۾ ممتاز مرزا ريڊيو لاءِ ڊراما لکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ريڊيو حيدرآباد پاران منعقد ٿيندڙ پهرين جشنِ تمثيل ۾ حصو ورتو ۽ پهريون

پيرو سنڌ جي تاريخي ڪردار "لاکي ڦلاڻيءَ" تي تمثيل لکي. اپريل 1964ع ڌاري هن "آخري رات" جي نالي سان "موهن جي دڙي جي تباهي" بابت هڪ شاهڪار ڊرامو لکيو. جنهن کي مراد علي مرزا پيش ڪيو. چاهجي ته ممتاز مرزا جي ان ڊرامي "آخري رات" کي ائين ئي ڪلاسڪس ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، جيئن اردو ۾ امتياز علي تاج جي ڊرامي "انارڪلي" کي سمجهيو ويندو آهي.

سنڌي ثقافت، تهذيب، تمدن، لوڪ ادب، نيم تاريخي ڪردار ممتاز مرزا جي پسند جا موضوع هئا ۽ پهريون پيرو ريڊيو تان اهڙن موضوعن تي تمثيلون لکي هن سنڌ واسين کي سنڌ دوستيءَ جو شعور ڏنو. "لاکو ڦلاڻي" کان پوءِ 1966ع ۾ "پنرو بدام" پيو اهم ڊرامو لکيائين.

"پنرو بدام" ڪاڇي جو سرڪش... پر وطن پرست سردار هو. جيڪو شاهه بيگ ارغون سان مهاڏو اٽڪائيندو رهندو هو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ تي ڌارين ۽ اُنهن جي ٻولين جي يلغار کي نظر ۾ رکندي، ممتاز مرزا اها تمثيل لکي ۽ پنري جي وطن پرستيءَ ذريعي حب الوطنيءَ جو درس ڏنو. انهي ريڊيو ڊرامي ۾ هڪ هنڌ پنرو غيرت ڏياريندي چوي ٿو:

"جيڪڏهن اسان ۾ ستُ هوندو. ته حالتن جو مقابلو ڪري، پنهنجو حق حاصل ڪنداسين ۽ جيڪڏهن اسان ائين نه ڪيو. ته پوءِ اسان به وقت جي وهڪري ۾ وهي الاهجي ڪٿي وڃي پهچنداسين. شايد اسان جو نالو به نه رهي."

1964ع ڌاري آغا سليم جو لکيل ڊرامو نشر ٿيو هو "روپ بهروپ". ڇا ته سنگيت رس ٻولي آهي ان ڊرامي جي. هن ڊرامي جو مکيه ڪردار هڪ ڊراما نويس آهي. جيڪو پڻ "سنڌ" ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترجماني ڪندي چوي ٿو: "مان فنڪار آهيان، مان ڊراما نويس آهيان، مان انسان جي اڏمن جو آواز، ٽهڪڙن جي سنگيت جو موسيقار ۽ سڏڪن جو پڙاڏو آهيان، مان پهرين پيار جو اُهو جذبو آهيان، جيڪو ڪنول جيان ڪنواريءَ جي هيانوَ ۾ ٽڙندو آهيان. مان دنيا جي ساري سونهن کي سلام ٿو ڪريان. پيار جي اُن پُراسرار قوت کي سلام ٿو ڪريان، جنهن هي سارو مانڊاڻ مڙيو آهي."

1960ع ڌاري، جنهن وقت ريڊيو حيدرآباد کي قائم ٿئي ڪجهه سال مس ٿيا هئا ۽ اردو جو مشهور شاعر حفيظ هوشيارپوري هتي ڊائريڪٽر هو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ ڊراما نگاري لاءِ شوق پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾ ريڊيو تان مسلسل جشن تمثيل جو رواج وڌو ۽ ائين مراد علي مرزا ۽ ان کان پوءِ آغا سليم، زيب عاقلي ۽ امر جليل سنڌيءَ ۾ ريڊيو ڊراما ٽيڪنڪ کي عروج بخشيندا ويا ۽ پويان ايندڙن لاءِ نقشِ قدم ڇڏيندا ويا.

جيتوڻيڪ ريڊيو تي ريڊيائي سنڌي ڊرامن جو بنياد سيد منظور نقوي وڌو هو پر 1970ع واري ڏهاڪي ۾ اهو مراد علي مرزا ئي هو. جنهن ڊراما پروڊيوسر جي حيثيت ۾ بلڪل ڦوهه جوان علي بابا کي ريڊيو ڊراما ٽيڪنڪ جي سکيا ڏيئي ان کان "تموچن" ۽ "رڃ جا راهي" جهڙا شاهڪار ڊراما لکرايا. ۽ ان ئي تسلسل ۾ هُن عبدالقادر جوڻيجي جي فني تربيت ڪئي ۽ کيس سنڌيءَ ۾ ڊرامي لکڻ لاءِ آماده ڪيو. آئون ڀانيان ٿو ته علي بابا ۽ عبدالقادر جوڻيجي کي مراد علي مرزا ريڊيو ڊراما لکڻ جي لاءِ اهڙي تربيت ۽ ترغيب نه ڏني ها ته اُهي اڄ برابر ته سنڌي ٻوليءَ جا وڏا افسانه نگار ضرور هجن ها، پر شايد ماهر ڊراما ليکڪ هو قطعي نه شمار ڪيا وڃن ها.

فني سطح تي سنڌي ڊرامي جي ترويج ۽ مقبوليت جي ڏس ۾ ريڊيو حيدرآباد جي خدمتن کي نظر انداز ڪري ئي نٿو سگهجي ۽ چاهجي ته، ريڊيو تان نشر ٿيندڙ اهڙن ريڊيائي ڊرامن جون ڪئي اينٿالاجيز شايع ڪرائي سگهجن ٿيون. اگرچه ان ڏس ۾ "زيب ادبي مرڪز" پاران ممتاز مرزا جي اهڙن شاهڪار ڊرامن جو مجموعو "آخري رات" ۽ قاضي خادم جي ريڊيائي ڊرامن جو مجموعو: "لڙڪ لڙڪ زنجير" سنڌالاجيءَ پاران شايع ٿيل آهي. پر ان ڏس ۾ سرڪاري اشاعتي ادبي ادارن کي اڳيان وڌي پنهنجو ڪردار ضرور ادا ڪرڻ گهرجي.

ريڊيو پاڪستان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پس منظر ۾ هن گفتگوءِ جي پڇاڙي ڏانهن وينديس... آئون ٿورو ريڊيو ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت جي حوالي سان ذڪر پنهنجو به ڪندس.

1984ع ۾، جنهن وقت آئون ريڊيو پروڊيوسر ٿي ريڊيو

# شاھ لطيف جي شاعري ۽ سنڌي سماج



ڊاڪٽر آدل سومرو

دنيا جي سڌريل ٻولين کي پنهنجا پنهنجا عظيم شاعر آهن. اِهي عظيم شاعر ئي ٻولين ۽ قومن جي سڃاڻپ برقرار رکڻ جو سبب هوندا آهن. اها ٻـ مڃيل حقيقت آهي تـ ٻولي بچائڻ وارا شاعر ئي هوندا آهن. اُهي ئي ٻوليون، پنهنجو بچاءُ ڪري سگهنديون آهن، جن جي ڳالهائيندڙن جو وڏو تعداد تخليقي صلاحيتون رکندڙ هجي. سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جي سڃاڻپ، عظيم شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي آهي. شاھ جي اِها عظمت اسان جي ساڻس جذباتي وابستگيءَ جي ڪري نـ پر عقلي ۽ فڪري سببن جي ڪري آهي. لطيف جي مهانتا اهڙن روايتي راين ۽ اندازن کان گهڻو مٿي آهي، اِهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر سورلي کي لکڻو پيو تـ: "ادب ۾ پسند ناپسند (ماڻهو جي) ذاتي ذوق تي منحصر آهي. عظيم شاعرن جي تخليقن تي تبصرو ڪندي اِها ڳالهـ چوڻ مناسب نـ آهي تـ هيءُ شاعر، هُن شاعر کان وڏو آهي. ماڻهو انهيءَ ڳالهـ ۾ هميشـ هڪٻئي سان اختلاف ڪندا رهندا ۽ اِهو صحيح بـ آهي. پر منهنجي خيال ۾ دنيا جي ڇهن مختلف زبانن جي ٽيرهن سچن پچن شاعرن جي هن چونڊ ۾ عظمت جي لحاظ کان سنڌ جو شاھ عبداللطيف پهرئين نمبر تي آهي."

هي اُهو ساڳيو سورلي آهي، جنهن پنهنجي انهيءَ راءِ(1) کان اڳ ۾، هڪ مئجسٽريٽ جي حيثيت سان، شاھ جي هڪ عاشق، چيتمل پرسرام کي هڪ مضمون ۾ شاھ لطيف جي بيتن لکڻ جي حوالي سان، ڪورٽ ۾ سزا ٻڌائي هئي.

ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن شاھ جي اهميت ۽ عظمت کي مڃيو آهي، جنهن لاءِ ٻـ رايا ڪڏهن بـ سامهون نـ آيا آهن. اها بـ حقيقت آهي تـ سنڌي سماج جو سڀ کان وڏو نبض شناس شاھ عبداللطيف ئي آهي، پر اِهو بـ سچ آهي تـ هن جديد دؤر ۾ جتي فن ۽ فڪر جا ماڻ ماپا ۽ معيار تبديل ٿي ويا آهن، اُتي لطيف سائينءَ جي سڃاڻپ واري معيار ۾ هن جي شاعرانـي حيثيت کان پير وارو رتبو، اڄ بـ مجموعي طور تي مٿانهون آهي.

شاھ جي شخصي زندگيءَ وارو پاسو اڄ بـ ڏندڪٿائن ۽ مفروضن جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهي. ڪاتبن کان ٿيل عبارتي غلطيون دور ڪرڻ، ڌاريو ڪلام ڌار ڪرڻ ۽ غير منطقي حوالن کان بچيل سندس سوانح حيات تيار ڪرڻ جهڙا ڪم، هيتري عرصي گذرڻ بعد بـ اڌورا نظر اچن ٿا. شاھ جي ڪلام ۾ اضافن ۽ واڌارن وارين ڪوششن جي پيٽ ۾ اِها ڳالهـ وڌيڪ اهم آهي تـ لطيف جي فن ۽ شخصيت کـي ڏندڪٿـائي ورن وڪڙن، مغالطن ۽ مفروضاتي غلافن کان آجو ڪجي. لطيف سنڌ ۽ سنڌي سماج ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سڃاڻپ ڏني، پر اسان اڄان لطيف کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسان جا مٿاڇرا ۽ روايتي تحقيقي انداز لطيف سائينءَ کي اڃا مشڪوڪ بڻائيندا پيا وڃن. لطيف جي شاعريءَ تي لکڻ کان اڳ ۾ اسان کي پنهنجن مخصوص نظرياتي عينڪن ۽ مسلڪن کي پاسيرو رکڻو پوندو.

سنڌي سماج جو ڳُوڙهو اڀياس ۽ مشاهدو شاھ لطيف کان وڌيڪ ڪنهن بـ تخليقڪار نـ ڪيو آهي. هن ئي اسان کي سماجي ماڻهپي، عزت ۽ احترام جا معيار ٻڌايا آهن ۽ اسان انهن جي ڄاڻ رکڻ جي باوجود اُنهن کان لنوائي رهيا آهيون، ڇو تـ اسان فقط لطيف سائينءَ جو احترام ڪريون ٿا، اُن جي فڪر سان اسان سهمت ناهيون. لطيف جي نظر ۾ سماج ۾ عزت لائق اُهي فرد آهن، جيڪي پنهنجي عمل

ذريعي سماج کي سهڻو ۽ خوبصورت بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ڪوري، ڌوٻي، لوهار، هاري، راڄا وغيره ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي کي بهتر بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اِهي سڀئي ڪمي ڪاسبي، جيڪي سماج کي سونهن بخشين ٿا، اُهي اسان جي سماج ۾ زندگيءَ جي حُسن، عزت ۽ احترام کان محروم آهن. پوءِ ڪيئن ٿو چئي سگهجي ته سنڌي سماج روشن خياليءَ جو آئينه دار آهي. اهڙو سماج جتي لطيف جون سورميون پيرن جون جُتيون بڻيل هجن، جتي منافق ۽ موذي ڪردار موجن ۾ هجن ۽ ڪوبه شريف ۽ نيڪ انسان سدائين پنهنجي عزت نفس مجروح ٿيڻ جي ڊپ ۾ وڪوڙيل هجي، اهڙو معاشرو ڪنهن به ريت ترقي يافته ۽ سڌريل نٿو چئي سگهجي. روشن خيال سماج ۾ تنگ نظري ۽ تعصب جي گنجائش نه هوندي آهي، ڌرمي مسلڪن جي بنياد تي انسانن سان نفرت نه ڪئي ويندي آهي، بهتر روايتن جو احترام ڪيو ويندو آهي ۽ عورتن کي برابريءَ جي بنياد تي حق حاصل هوندا آهن. سنڌي سماج جي تجزئي مان معلوم ٿئي ٿو ته ان مان بهتر روايتون ختم ٿينديون پيون وڃن ۽ مجموعي طور تي اُن ۾ هيٺيون اوڻايون موجود آهن:

1. پورهئي ۽ هنر کان نفرت
2. تعصب ۽ ڪٽرپڻو
3. عورتن سان غير انساني ورتاءُ
4. خواهشن جي حاصلات لاءِ سولي رستي جي ڳولا
5. مجموعي قومي مسئلن کان لنوائڻ
6. غير ضروري ڪچهرين ۾ وقت وڃائڻ
7. ذاتي مفادن کي قومي مفادن تي ترجيح ڏيڻ
8. پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ ڏيکاءُ جو رجحان
9. گروهي مفادن لاءِ قبيلن جون سرداريون تشڪيل ڏيڻ
10. جاگيرداري ڪلچر جي مضبوطي ۽ ڦهلاءُ
11. پنهنجي تهذيبي، ثقافتي ۽ علمي ادبي ورثي کان لاتعلقي ڏيکارڻ.

شاندار ماضيءَ جي روايتي ڪوهيڙي کي هٽائي ڏسبو ته اسان جو سنڌي سماج ڏينهون ڏينهن پستيءَ ڏانهن وڌندو پيو وڃي ۽ هڪ وڏي انتشار ۽ بحران جو شڪار آهي. انهيءَ بحراني صورتحال ۾ لطيفي فڪر اسان جي رهنمائي جو وڏو وسيلو آهي. پر اسان جو اُن ڏانهن رويو به مٺاڙرو ۽ ڏيکاءُ وارو آهي. اسان لطيف کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي سلسلي ۾ به مجموعي طور تي گهٽي دلچسپي ڪونه ڏيکاري آهي. شاهه لطيف سنڌي سماج کي سڃاڻپ ڏني آهي ۽ اسان هن کي سڃاڻڻ کان لنوائي رهيا آهيون. سنڌ جا تقريباً اسي سيڪڙو پڙهيل لکيل ماڻهو، ڪامورا، اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا اُستاد، لطيفي فڪر کان دور آهن. هنن جي گهرن ۾ شاهه جو رسالو موجود ڪونهي. ڪنهن موسيقيءَ جي محفل ۾، هو ڪنهن راڳيءَ جي معرفت شاهه جو ڪلام ٻڌي، ساڻس ٿوري عقيدت ظاهر ڪرڻ کي ئي سنڌ ۽ لطيف دوستي تصور ڪن ٿا. اهڙين حالتن ۾، فڪري اعتبار کان پٺتي پيل سنڌي سماج، ترقي يافته شڪل ڪهڙي ريت اختيار ڪري سگهندو. انهيءَ نسبت سان تنوير عباسي لکي ٿو ته:

"انهن تاريخي ۽ سماجي تبديلين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ رڳو ڏاها، فنڪار جاجڪ ڪافي نه آهن. جو ته جيستائين عام ماڻهو انهن نون خيالن کان واقف ٿي اُنهن کي قبول نه ٿو ڪري، تيستائين سماج جو تبديل ٿيڻ ناممڪن آهي. هڪ سڄاڻ دورانديش ۽ محب وطن ڏاهي جي حيثيت ۾، شاهه لطيف سنڌ جي ماڻهن کي وير، وروڌ ۽ نفرت کان پري رکي، اُنهن ۾ ايڪي، ڀائيچاري، پيار ۽ وطن دوستيءَ جي جذبن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي."(2)

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾، سنڌي سماج جي ترقيءَ ۾ حصو وٺندڙ ڪردارن کي واکاڻيو آهي ۽ اُنهن کي ئي احترام لائق سمجهيو آهي. جڏهن ته عام طرح اهڙا ڪردار هميشه نظرانداز ڪيا ويندا آهن. اهڙا ماڻهو جيڪي ذخيره اندوزي ذريعي ۽ بين نڳيءَ جي طريقن وسيلي مال ميڙين ٿا، پر سماج کي اڳتي وٺي وڃڻ ۾ انهن جو ڪو حصو ناهي، تن تي لطيف ڦٽڪار ڪئي آهي.

ڏڪاريا ڏِيهه مان، موذي شال مرن

اهڙن عوام دشمن ۽ استحصالي فردن لاءِ موذيءَ جو استعارو استعمال ڪيو ويو آهي. اڄ جو سنڌي سماج، پورهئي ۽ محنت واري گس تي هلڻ بجاءِ اهڙن ئي استحصالي رستن جي تمنا ٿو ڪري. جيڪا روايت لطيفي فڪر جي اُبتڙ آهي. لطيف جي شعري سماجي منشور ۾

خوشين، احساسن، جذبن ۽ اُمنگن جو وسيلو نہ بڻجي سگهي. اهڙي انفراديت فقط شاهہ جي ٻوليءَ کي ئي حاصل رهي. ضرورت انهيءَ ڳالهہ جي آهي تہ هڪ تسلسل ۾ ان کي اڳتي وڌايو وڃي. جيئن علامہ آءِ.آءِ قاضيءَ اظهار ڪيو هو تہ: "سنڌي زبان جي بقا جو فقط هيءُ هڪ واحد طريقو آهي تہ سنڌين ۾ قوتِ فڪر پيدا ٿئي، جيئن هو نئين خيال ۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلمبند ڪن. ائين ڪرڻ سان هوند زبان جي زندگي ۽ بقا جو سوال پاڻهي حل ٿي وڃي."(6)

علامہ صاحب نئين خيال ۽ نئين معنيٰ کي قلمبند ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، يعني قوم جي فردن ۾ تخليقي ۽ اظهار جي صلاحيت جو پيدا ٿيڻ زبان جي بقا لاءِ نهايت ضروري آهي. قوتِ فڪر پيدا ٿيڻ سان ئي اسين لطيف کان پري وڃي نہ سگهنداسين.

هونئن تہ ڪيترين ئي ٻولين آهن ۽ اسان پنهنجي ٻوليءَ جي برتري جي خمار ۾ مبتلا ٿي ڪنهن ٻي ٻولي کي ڪمتر يا گهٽ ڪونہ ٿا سمجهون. پر وابستگيءَ جي آڌار تي اِهو ضروري آهي تہ اسين پنهنجي سماجي زندگيءَ ۾، پنهنجي ٻوليءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏيون. ائين ڪرڻ سان ئي اسان پنهنجي ڌرتيءَ جو حق ادا ڪري سگهنداسين.

لطيف جو ڪلام تاثر جي ابديت ۽ فڪري افاديت سبب هر دؤر ۾، سماج تي هڪجهڙو ۽ هڪجيترو اثرانداز رهيو آهي. اُهو اڄ بہ ٻناڪنهن مونجهاري جي اسان جي رهنمائي ڪري ٿو. احتجاج ۽ مزاحمت جي سگهہ رکي ٿو، ماڻهن کي ڄرڪائي ٿو. ڪيترين ئي ڏُرين اڄ بہ لطيفي فڪر کان لنوائن ٿيون.

شاهہ لطيف هڪ آدرشي مفڪر جي حيثيت سان پنهنجون سماجي ذميواريون پوريون ڪيون. هن فڪري رهنمائي ڪئي ۽ زندگيءَ جي صحيح واٽ ٻڌائي. پر اسين لطيفي فڪر کان سطحي طرح متاثر ٿيا آهيون. اسان جن تحريرن ۽ تقريرن ۾ روشن خيالي تہ موجود آهي، پر عملي زندگي ۾ اُها گهٽ نظر ٿي اچي. اُتي اسان جاگيردارانہ روايتن جي ٻوٿواري ڪندي نظر اچون ٿا.

لطيفي فڪر اڄ بہ اسان جي تاريخي، تهذيبي ۽ لساني روايتن جو بچاءُ ڪيون بيٺو آهي ۽ اهڙي فڪري رهنما جي موجودگيءَ ۾ جيڪڏهن سنڌي سماج جي اوسر رڪجي وڃي تہ ان کان وڌيڪ کهڙي بدنصيبي ٿي سگهي ٿي.


حوالا

(1) سورلي، ايڇ.ٽي: "ڀٽ جو شاهہ". مترجم عطا محمد ڀنڀرو. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1992ع.

(2) تنوير عباسي: "شاهہ لطيف جي شاعري". روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2000ع، ص 95.

(3) ڪلياڻ آڏواڻي: "شاهہ جو رسالو". مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچي، 1976ع.

(4) حوالو ساڳيو.

(5) حوالو ساڳيو.

(6) علامہ آءِ.آءِ.قاضي. ٽماهي "مهراڻ"، 4/1962ع، سنڌي ادبي بورڊ.




منهنجي آتم ڪٿا هڪ اهڙو بيان آهي، جنهن ۾ مون پنهنجي حياتيءَ ۾ ڇا ڏٺو. منهنجي آسپاس ڇا رهيو ۽ واپريو. اُن جو تذڪرو آهي. هن ڪتاب ۾ مون هڪ زماني جي تهذيبي ۽ ثقافتي تاريخ جي جهلڪ ڏيکاري آهي. بس، سادي سودي ۽ اهوجهہ زندگي مگر پوءِ بہ سچا ۽ صحيح اباڻن جا قصا بہ ٻڌايا اٿم. پنهنجي پرخلوص دوستن ۽ سچن همدردن جو ذڪر خير بہ ڪيو اٿم. انسان خطا جو پتلو آهي. ان ڪان ڪيئي خطائون ۽ ڏوهہ گناهہ سرزد ٿي چڪا هوندا آهن. مگر ان کي بيان ڪرڻ وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ وسري ويندو آهي. اصل ۾ شرمندگي ۽ ڊپ لکڻ واري جي اندر ۾ هجي ٿو. جيڪڏهن لکڻ واري جو پنهنجو ذهن صاف هجي. هن جي نفسيات ڏوهہ جي احساس کان آجي هجي تہ پوءِ هو انهيءَ موضوع تي لکي سگهي ٿو. جيڪو انساني تاريخ جو املهہ خزانو ٿئي ٿو. هي جهان، اتفاقن، حادثن، واقعن، ڏوهن، ثوابن ۽ خطائن جو هڪ سماج آهي. هڪ وڻ وڌڻ يا سُڪي وڃڻ سان پڪي پنهنجو آکيرو ٻئي وڻ تي ڪٺي ويندو آهي. اهڙي طرح ماڻهو بہ وقت ۽ حالتن کان متاثر ٿي پنهنجو جهڳو تبديل ڪندو رهيو آهي.

-ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

(آتم ڪٿا "روح رهاڻ". ص 14)

پروفيسر چيتن مارئي والا سنڌ جي اِتهاس جو اونهو
اڀياس ڪيو آهي ۽ ڪن اهم مسئلن تي کوجنا
ڪري نئين روشني وڌي اٿس. تاريخي مضمون
اڳي به ڪيترن صاحبن لکيا آهن، پر اهڙن مضمونن
جو الڳ ڪتاب اڄ تائين شايع نه ٿيو آهي. هرهڪ
مضمون تصديق ٿيل حقيقتن سان ڀرپور آهي ۽ نهايت
سليس مگر مائيدار عبارت ۾ لکيل آهي. ڪتاب
جي پڙهڻ مان نه فقط علمي خزاني جي واڌاري ٿيڻ جو
امڪان آهي، پر لطف ۽ مزو به حاصل ٿيندو
مونکي پوري اميد آهي ته سنڌي تاريخ ۽ ساهت
جا ڳوليندڙ هن ڪتاب جي (لکندڙ جي) هر طرح همت افزائي ڪندا
هوتچند مولچند گربخشاڻي

ڪراچي
٢٠ مئي ١٩٤٧ع

سنڌ جي قابل صد احترام عالم ۽ شاهه جي رسالي جي هاڪاري محقق ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا هٿ اکر

# ڪهاڻيون / ليک

"...بنيادي طرح اسين قصاگو آهيون. اسين پنهنجي ذهني معيار ۽ مشاهدن جي آڌار تي لکون ٿا. نقاد انهن جي درجابندي ڪري مختلف نانءُ ڏين ٿا. علامت نگاري، حقيقت نگاري، سرئيلزم، اسٽرڪچرزم، ماڊرنزم وغيره. تخليقڪار وٽ اهڙا ڪي بـ مخصوص سانچا نـ هوندا آهن جن ۾ هو پنهنجين لکڻين کي ماپي توري ناهي پوءِ پيش ڪندو هجي، پر هن وٽ لاشعور ۾ ايڏي تـ آنڌ مانڌ ۽ پالوٽ هوندي آهي جو هن جو تخليقي عمل هڻ ٺوڪيو ڏگ وڻڻ بدران هڪ لاوي جي صورت ۾ اپري ڪوبـ رستو وٺي هلڻ شروع ڪندو آهي. اهو تڪڻ تورڻ نقاد جو ڪم آهي تـ انهن راهن ۽ نون تجربن کي ڪهڙي ڪانچي ۾ بند ڪري ٿو.

بلب جي ايجاد قصي جو رومانس ڪسي ورتو. سياري جي ڪاري رات ۾ سوڙ اندر ڏيئي جي لڏندڙ لاٽ تي ماءُ جي ڪهاڻي ٻڌندڙ اوجاڳي سان پريل پرتجسس چمڪندڙ اکيون هاڻي روشنين جي تيزيءَ ۾ بند ٿي چڪيون آهن. مون کي ياد آهي تـ ڏاڏا احمد نواز جڏهن پٽر ۾ ٻرندڙ چمنيءَ هيٺان کٽ تي ويهي ٻيڙيءَ جا سُوٽا هڻي ڳالهه ڪندو هيو تـ سندس ٻيڙيءَ جي ڪاري دونهي ۾ اوندهه جون ڇڳون چمنيءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ ڇيلهه لوڏي نچڻ لڳنديون هيون. اتي جن پريون، شهزادا، بادشاهه، راڻيون، جادوگر ۽ سوداگر پنهنجا منهن ڪڍي ڪڏهن کلندا، روئندا ۽ ڪڏهن ڊيڄاريندا نظر ايندا هئا. احمد نواز اهڙو بادشاهه هوندو هو جيڪو چپن جي اشارن سان دنيا جي هر شيءِ تي حڪم هلائي ان کي جيئاريندو، ماريندو، سنواريندو ۽ ڪاريندو هو. جڏهن بلب ٻريو تـ ان جي روشنيءَ ۾ سڀ عڪس رک ٿي ڊهي پيا. بيشڪ تخليقڪار رب جي ذات آهي پر ڪهاڻيڪار ڇڻ رب سان ريس ڪري ٿو. هن جي تصور جي دنيا ۽ ڪردار حقيقت کان نرالا ۽ منفرد آهن...."

"...سنڌي ڪهاڻيءَ جي عمارت اهڙين آهي جو اُن جا بنياد تـ مضبوط ۽ هيٺ ڊرتيءَ ۾ کتل آهن پر اُها عمارت جيئن بلند ٿيندي پئي وڃي تيئن ان جي اڏاوت ۾ ڪيترين فني ۽ فڪري خامين ۽ ڪمزورين نروار پيون ٿينديون وڃن، پر مضبوط بنيادن تي بيٺل اُن عمارت جي ڊهڻ يا ڪِرڻ جو ڪوبـ خطرو نـ آهي. محنت جي ضرورت آهي. هڪ ڏينهن صديق منگيي جهڙا دوست ان عمارت کي نئين سر سنوارڻ ۾ ضرور سرخرو ٿيندا ۽ سنڌي ڪهاڻي دنيا جي ٻين عظيم ڪهاڻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندي.

آوازن جي هن دور ۾ جڏهن هر طرف هڪ گوڙ متو پيو آهي، چپ چُري رهيا آهن، ڪن ٻُڌي رهيا آهن، ڪردار هلي رهيا آهن ۽ اکيون ڏسي رهيون آهن. اهڙي دور ۾ ڪتاب جي حيثيت ڪڏهن گهٽ ڪونـ ٿيندي ۽ ادب جي اهميت هر دور ۾ رهندي. ادب قومن جو دستاويز آهي، هڪ تاريخ آهي، جيڪا ارتقائي ترقي ۾ مدد ڏئي ٿي. اسان کي جيئرو رهڻو آهي، اسان جي زندگيءَ جو دارومدار پاڻ سڃاڻڻ ۾ آهي ۽ اسان جي سڃاڻ اسان جو ادب ۽ تاريخ آهي..."

- رسول ميمڻ

"وجود جا عذاب" محمد صديق منگئي جون ڪهاڻيون

[ مهاڳ مان اقتباس]

حجم جو گهر هيءُ آهي. اندر گهڙياسين تہ ننيڙي اڱڻ ۾ ڪير ڪونہ هو. هوءَ اسان جي اڳواٽي ڪندي ورانڊو لتاڙي هڪ گهٽي مان ٿيندي جاءِ جي پويان نهيل هڪ ڪمري تي هلي بيهي رهي.

"هيءَ جاءِ منهنجي ڏٺل آهي. جڏهن تنهنجو ڏاڏو حيات هو تہ هتي شادي غمي تي ايندي هيس. ڪمونءَ جي گهرواري شادي جي موقعي تي پنهنجيون پاڇايون وٺي اسان جي گهر ڏيڳڙين جا ٿها پچائي ڏئي ويندي هئي."

هن ساهي کڻي مون ڏي ڏٺو. پوءِ بيڪڙيل در تي ٺڪ ٺڪ ڪيائين. اندران مڙداڻو آواز آيو.

"ابا! ڪير آ... هليو آ."

ڏاڏي ڪا پل بيٺي رهي. اٺين جهونڙو ڪمون حجم، جيڪو هر هفتي اُسان ۽ اسان جي سوٽن جا وار لاهيندو هو. ڪڏهن اُبتي پاڪي وهائي من الپٽي ڪري ڇڏيندو هو. "ابا هينئر نوڙهو ڪرائيندو تہ وڏي هوندي ڏاڍا گهاٽا وار اينديءُ... اڇو اڇو..." اسان مان ڪي پڇي ويندا هئا، ڪي سندس جهڙپ ۾ ايندا هئا. شادي غمي ۾ اچي رڌ پچاءُ ڪندو هو. رڌپچاءُ جو وڏو ڪاريگر هو. پلاءُ ۽ پساهہ اهڙو پچائيندو هو جو چٽي ڪٽي بس ڪر. ڪمري جو در ڪليو. ڪمون جيڪو پوڙهو ٿيو هو پر ڪڙو تڙو سامهون بيٺو هو. هن مون ڪي جو ڏٺو تہ يڪدم سڃاتائين. ڏاڏي جيڪا هڪ اک ظاهر ڪريو بيٺي هئي پر ان جي بيهڪ ۽ ڪڙي تڙي ڳالهائڻ مان سمجهيائين تہ حويلي جي وڏڙي آئي آ.

"ابا! ادي ممل ڪي پڇڻ آيا آهيون... ڪٿي آ."

هو اڳيئي هَڪو ٻَڪو ٿيل بيٺو هو اڪر نہ اڪليس. يڪدم در ڪولي اشارو ڪيائين. اسان ڏٺو ماسي ممل منهن ويڙهيو پئي هئي. ڏاڏي اندر گهڙي ۽ ڪمون گولي ٿي ويو. ڏاڏيءَ جڏهن منهن تان چادري جو پلئہ هٽايو تہ ماسي ممل جيڪا بيماري وگهي ساٽي ٿيو پئي هئي ٽپ ڏئي اُٿي ويهي رهي. ڏاڏي پرسان ويهي دلجوئي ڪيس تہ مائي جڻ مُني چاڪ. گهڙيءَ ۾ ماسي ممل جون ڏيئر ڀين ڪمرن مان نڪري تروار ٿيون. ڪي شربت تہ ڪي سگر مرملا ۽ بسڪوٽ کڻي آيون. ڏاڏيءَ سپ سوري مون اڏو رکيو. ڏاڏي گهڻو وقت نہ ويٺي پر پُريهار ٿي اُٿي. اڱڻ تي آئي تہ در ۾ در هو. هوءَ هڪدم ٻئي گهر هلي وئي. اٺين ڪيئي گهر گهمي آئي. ڪنهن گهر ڪنهن کي پٽڙيَ جو اولاد ٿيو هو تہ ڪنهن گهر اڳهائي هئي. ڏاڏي طوفاني دورو ڪندي اچي ٽانگي ۾ ويٺي. مون کي ڇڪي مٿي ڪيائين ۽ پاڪر ۾ جهليائين. گلو اهو ٿي اڳيان. يڪي دير ٿي نہ ڪئي. پاڇا لڙي هليا هيا. ڏگهين ڪجين پويان سج لڪندو پئي ويو. شام وارو هڳاءُ رستي تي جام هيو. ڏاڏي وڏا ساهہ پئي کڻي ۽ هڳاءُ ڪيس ڪنهن ٻئي ديس پئي نيو. مون بہ ٽي دفعا وڏا ساهہ کنيا ۽ وٺن ٻوٽن جي خوشبو مزو ڏئي ڇڏيو. هاڻ منزل پري ڪانہ هئي. گهوڙي جي سنبن جو آواز آهستي آهستي گهٽبو ويو ۽ پوءَ بيهي ويو. حويلي اچي وئي هئي. گهوڙو حويليءَ جي ٻاهران گهيڙ وٽ بيهي رهيو. ڏاڏيءَ چادري اندران، رئي کي سٽ ڏئي ٿورو ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪنڊ ۾ ٻڌل ڳنڍِ مان ٻہ ڏينگلا رپيا ڪڍي يڪي کي ڏنا. هو واٽڙو ٿي ويو. پاڙو ڪيس اوطاق تان ملندو هو. ٻيو اَنُ اناج الڳ ملندو هو. هن گهٽي نہ نہ ڪئي پر ڏاڏيءَ دڙڪو ئي هڪ ڏنس.

"اڙي بابا وٺ. مکڻ پئي مٿو ٿو رِڃئي. مان چوانءِ ٿي تہ وٺ... فائدي ۾ رهندين. هاڻ تون هوندين ئي منهنجي ڊيوٽيءَ ۾." يڪي وڏيڪ دڙڪن ڪان ٻچڻ لاءِ ڏينگلا ورتا. ڏاڏي حويليءَ ۾ داخل ٿي تہ ڏاڏي عثمان جو گوڙ لڳو پيو هو. اڄ تاريخي حڪم عدولي ٿي هئي. سڄو گهر هن جي آواز سان گونجيو پئي ۽ مسڪين ويچارا سهميا پيا هئا. ڪيڻ جي بات نہ هئي. ڏاڏي کي ڏسي سيني جي پيٽ ۾ ساهہ پيو. سندن منهن تي رونقون موٽي آيون. ڏاڏي چادري لاهي کٽ تي سٽي.

"چائي... گوڙ لاٿو اٿئي عثمان! اسان کي جيئڻ بہ ڏيندين يا نہ." پوءِ هن منهنجي چاچي ۽ پنهنجي نندي پٽ کي سڏ ڪرايو.

"اڙي، حاجن ڪاٿي آهي، سڏ ڪيوس."

چاچو حاجن ڪمري مان اکيون مهٽيندو ڊوڙندو نڪتو.

"جي قبلا! جي قبلا!"

"حاجن! مون جو توکي چيو هو تہ ڪا جاءِ هٿ ڪر، اسان

ڪي هن حويليءَ ۾ نـاهي رهڻـو. هـت گهـُـٽَ ٻوسـٽُ آ. ڇوٽڪارو کپي، هن عذاب کان ڇوٽڪارو!"

"قبلا جاءِ وٺي ڇڏي آ... ڀرسان ادي وڏي لاءِ جاءِ بہ ورتي آهي. هيءَ واٽڪيون جايون هيون، ڪليمن ۾ مهاجرن ڪي مليون هيون. ڪجهہ ڪاڳرن ۾ ۽ ڪجهہ مرمت ۾ وقت تہ لڳي ويندو. توهان سياٽي هلو."

"سياٽي ڇو؟ اسين اڄ هلنداسين." ڏاڏيءَ جي ڳالهائڻ ۾ ٺَلڪَ هئي. هن ڏاڏي عثمان ڪي ٻڌائڻ پئي چاهيو.

"بابلا! وچ يڪي ڪي ڇٺو تہ گهڙيءَ ۾ موٽي اچي داين جي سڄي آکهہ جا جيڪي ٽانگا اٿس وٺي اچي. اسين اڄ لڏيون ٿا. جيڪي ديوان لڏي ويا تہ اسين سندن جاءِ ڀريندا سين. اسان جا وڏڙا بہ لـُهاڻا هيا. اسين ڪانئن کهڙو جدا آهيون. وڃ جلدي ٽانگن جو ڇئي آ. هن گهر جو تہ پاڻي بہ حرام آ."

بس وٺ وٺان ٿي وئي، سامان ٻڌجي ويو. ڪجهہ ٽانگن تي ويو ڪجهہ هٿوهٿ ويو. جڏهن ڏاڏي وڪرَ ۽ نهرن سان حويليءَ مان هلڻ لڳي تہ سج لهي چڪو هو. لالٽين جي روشني تي هن اداس چهرن ڪي ڏٺو، جن ڪي ڏاڏي عثمان جي حاڪميت ۾ اجا گذارڻو هو. هوءَ مرڪي پئي.

"دل نہ لاهيو، نئين سج نڪرڻ سان توهان بہ هتئون نيٺ نڪرندو، هر هڪ ڪي پنهنجو گهر هوندو. عثمان گهڻا ڏينهن جيئرو هوندو."

پوءِ پٺي ورائي ڏاڏي عثمان ڪي گهوري ڏنائين. هو پينگهي ۾ خاموش ويٺو هو. "عثمان مان وڃان ٿي، پين ڪي تنگ نہ ڪجانءِ، اهي پکي بہ اڏري ويندءِ. تون هنن جي ڳڻتي نہ ڪر، رڳو پنهنجو فڪر ڪر تہ ڪڏهن ٿو تنهنجي پاپن جو گهڙو ڇور ٿئي. اڙي معصوم ماريا اٿئي، معصومن ۽ ابهمن جي مار پوندءِ. گنهگار تہ مان بہ آهيان پر ڏٺي منهنجا گناهہ بخشيندو. ڪا خير خيرات ڪندس، هنن ابهمن ڪي آجو ڪري پڙهائينديس. ٻي دنيا ڏيکاريندس تہ ڪجهہ ڇڙهي پوندس.هن جمعي تي خيرات آهي. سڄي ڳوٺ ڪي دعوت آهي، توکي ۽ باقي هن ٻڇيل ڪتنب ڪي بہ دعوت آهي پر اهو خيال ڪجانءِ تہ هن دعوت ۾ غريب ڪاسائي ڪاسائيون، حجم ۽ حجمياڻيون دايا ۽ دايون، ڪڙمي ۽ ڪاسبي سڀ هوندا. پلڻ سوگها ڪجانءِ ۽ ڏسجانءِ متان تنهنجو پلڻ لڳي پوي ۽ مان هيٺ ٿئي." ڏاڏي ايئن، اهو ٺي چادري جو بـُـڪل هٺي ڏيڍيءَ کان ٻاهر نڪري وئي. هيل ڪيس ڏيڍي سڌي ۽ بنا ور وڪڙن جي لڳي. هوءَ سڌو يڪي واري ٽانگي ۾ اچي چڙهي. يڪي مون ڪي مٿي چاڙهيو. ڏاڏي پاڪر ۾ جهليو. ائين ڪنهن آواز ڪيو.

"ڏاڏي امان!"

هيءُ گلو هو جيڪو گهٽيءَ ۾ يڪو ويٺو رهيو هو ۽ هاڻ ڏاڏيءَ ڪيس ڇڪي مٿي ڪيو ۽ پنهنجي ڀٺي پاسي ويهاريائين ۽ ڪلي چيائين، "اڙي تون تہ منهنجي سـِرَ سان آهين."

ڏاڏي ڏاڍي ڪـَرُ و فـَر سان ويٺي ۽ اچي نئين جاءِ ۾ داخل ٿي. ڳوٺ وارا چون ٿا تہ هڙئو خيرُ اسان حياتيءَ ۾ ڪڏهن ڪونہ ڏٺو. ڳوٺ جو ڪو ڪٽنب ڪو قبيلو نہ رهيو هو. ڪو غريب غربو، پورهيت ڪونہ رهيو هو. رڳو عثمان بچيو هو جيڪو خاموش حويلي ۾ ويٺو رهيو ۽ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ واءُ ٿي ويو. ڪيس ڪير بہ ياد ڪونہ ٿو ڪري. پر اڄ بہ ڏاڏي سونل سڀ ڪنهن ڪي ياد آهي. هن جا سپني سان پير پريل ياد آهن ۽ مون کان ڏاڏي سونل نہ ٿي وسري. خاص طرح هن جو ڇوٽڪاري ۽ آجپي وارو هڳاءُ وارو سفر جنهن سان ڇوڏاري ڇوٽڪاري جي هوا گهلي وئي. اڄ هندن وارا گهر آباد آهن پر نوان گهرَ ٺهيا آهن. ور وڪڙ ڏيڍين واريون قديمي حويليون ڊهي چڪيون آهن. ان سان ڏاڏي سونل جهڙا مڻيادار ماڻهو بہ ڊهي پري پنهنجن قدرن جي پرچار جي وزن سان گڏ زمين اندر دفن ٿي ويا آهن. پر سندن ڏنل پيغام اڄ بہ "انسان جي ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇوٽڪاري" جي صورت ۾ ڇوڏاري گونجي پيو.

[ هيءَ ڪهاڻي "مهراڻ" جي گذريل پرچي ۾ ڇپيل ڪهاڻي "اڪڙيون ميگهہ ملهار" جي تسلسل ۾ لکي وئي آهي.]

★



انور ڪليم

# موڪل

مون هن بشنيءَ کي گهوريندي پنهنجي ماتحت ايس آءِ کان پڇيو: "هن بشنيءَ همراهه جي ڪيسي مان ڇا ڪڍيو؟"

"هي آهي سر ...."

ايس. آءِ منهنجي اڳيان هڪ ڦوڪيل پٽون رکيو. مون پٽون کولي ڏٺو جيڪو ڪوڙ سارن ڪاغذن سان ڀريل هو، پر پٽون مان هڪ روپيو به نه نڪتو.!

"اڙي ٻڪر جا پٽ ....." ايس آءِ بشنيءَ کي ڪنڌ ۾ هلڪي مُڪ هڻندي چيو: "هن پٽون جو مال.... يعني پيسا ڪڍي ڪاڏي ڪيئي؟"

نوجوان بشنيءَ روئڻ هارڪو ٿيندي چيو:

"سائين، الله جو قسم... هن پٽونءَ مان هڪ رپيو به نه نڪتو."

"اڙي صاحب سان ڪوڙ ٿو ڳالهائين!"

"سائين! الله جو قسم، سچ پيو چوان."

مون پٽونءَ مان سمورا ڪاغذ ڪڍيا ۽ پڙهڻ لڳس. هي سڀ ڪنهن ڇوڪريءَ جا لکيل محبت ڀريا خط هيا جنهن ۾ رواجي محبت جون ڳالهيون لکيل هيون. صرف هڪ خط، جنهن تي ڪجهه ڏينهن اڳ جي تاريخ لکيل هئي ٿورو ڇرڪائيندڙ هو. جنهن ۾ ڇوڪريءَ لکيو هو: "تون جلدي منهنجيءَ ماءُ سان مل ۽ منهنجو سڱ گهر ڇو ته مان تنهنجي ٻار جي ماءُ ٻڻجڻ واري آهيان. ڪٿي ائين نه ٿئي جو منهنجي پاءُ کي خبر پئجي وڃي، هو مون کي ماري ڇڏيندو."

مون ڪجهه سوچي صرف اهو خط پٽونءَ ۾ واپس وڌو ۽ ٻيا خط ڦاڙي ڇڏيم.

ايتري ۾ ٽپالي آيو ۽ مون کي سلام ڪري هڪ خط ڏنائين. خط يقينن منهنجي ماءُ طرفان هيو. مون بشنيءَ وارو پٽون جلدي پينٽ جي ڪيسي ۾ وڌو ۽ بشني ۽ ايس آءِ کي اتان وڃڻ جو اشارو ڪري ماءُ طرفان موڪليل خط پڙهڻ لڳس، جنهن ۾ انتهائي مختصر انداز ۾ لکيل هو ته: "ڳوٺ جلدي پهچ نه ته فصل تباهه ٿي ويندو."

مان ان وقت ئي خط اتي ڇڏي، ٽوپي پائي، ڪپڙا ڇنڊيندي ايس ايچ او جي ڪمري ۾ آيس.

"سر! گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن ڏينهن جي موڪل کپي"، مون عرض ڪيو.

"پندرنهن ڏينهن!" ايس ايچ او رڙ ڪئي.

"ايترا ڏينهن ڇو؟"

"سر! توهان کي ته خبر آهي ته ڳوٺ ۾ منهنجي ٿورڙي زمين آهي. امڙ لکيو آهي ته فصل کي بيماري جو خطرو آهي انڪري ....."

ايس ايچ او منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيو:

"نه نه.... تو کي ته خبر آهي حالتون خراب آهن، ڊيوٽي جي سختي آهي. ڊي ايس پي صاحب سخت ماٺو آهي. مان پنهنجي طرفان توکي صرف ٻه ڏينهن موڪل ڏئي سگهان ٿو."

"نه سر! گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن ڏينهن"

"نه بلڪل نه"

آءُ مايوس ٿي اتان نڪري آيس ۽ ٻاهر بيهي ڪاوڙ مان نرڙ جي پگهر اگهندي سوچڻ لڳس ته ڪهڙي طريقي سان موڪل وٺڻ گهرجي؟

هڪ ٻيو طريقو سمجهه ۾ اچي ويو. ڪجهه گفٽ وٺي پوليس لائين جي ڊاڪٽر توحيد جي آفيس آيس.

گفٽ پيڪٽ ڏسي هن مرڪي پڇيو.

"ڪٿي آهيو؟ ڪهڙا حال اٿو؟"

"سر! توهان جي دعا سان ٺيڪ آهيان"

هڪ لمحي جي خاموشي کان پوءِ چيم:

# پير حُسام الدين شاهہ راشدي

## (ڪجهہ ذاتي تاثرات)

ڊاڪٽر عباس علي گهُمرو

**اڻ ڄاتل** عرصي کان وٺي سائين حسام الدين شاهہ راشدي ۽ اسان جو خاندان هڪ ٻئي جي ٻنهہ ويجهو پئي رهيو آهي. ڳوٺ هڪ ٻئي کان فقط سَٽ پنڌ تي ۽ جهنگ جو اڙٻنگ وڪ ورائي تہ ڪلاڪ ۾ وڃيو سلام ورائي، پر پلو گهوڙو يا اُٺ وٺي مورڳو ويهہ منٽ!

ٻني ٻارو ڪچي ۾ ٻُڏي تہ ڪيچ ڪيو وڃهي. ديهون ديهين سان، ديرا درياهہ پِڪ، دڳ، تڙ ۽ پنڌ پيچرا ساڳيا. رشتي ۾ رليل، پيري مريدي پوين کان، رسم رواج ريت سڀ ساڳي، شاديءَ ۾ شريڪ، غميءَ ۾ گڏ، ڏک سک ۾ ساٿي. ڪڏهن ڪا رُس رُساڻ ٿئي تہ دنگ دڙيءَ تي، سا بہ ٿوري رَسُ گَسُ سان راس ٿيو وڃي.

پاڻ عمر ۾ مون کان وڏا هئا. مربي ۽ بزرگ هئا. حجت سان گڏ نياز ۽ نوڙت بہ هئي ۽ هوڏانهن سندن شفقت ۽ مهرباني کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ ڪونہ ٿا سُجهن.



سيد حسام الدين راشدي

والد سائينءَ طبابت جو علم سندن ڏاڏي سائين پير شاهہ راشديءَ جي صحبت ۾ رهي پرايو ۽ سندس علم ادب جي ڪچهرين ۽ ميڙن ۾ ڪٺو رهيو. راشدي صاحب جا وڏا وقت جا مشهور حڪيم ٿي گذريا آهن. جن جي هاڪ سنڌ تہ ٺهيو، پر بمبئيءَ تائين نشانبر هوندي هئي. طب جو علم سندن ڏاڏي تائين ختم ٿي وين ۽ ان بعد بابا سائينءَ ان سلسلي کي جاري رکيو. ٿوري بہ تڪليف ٿيندي هئي تہ سندن ماڻهو پلو اُٺ ڪاهي اچي بابا سائينءَ کي ڪٺي ويندو هو. ان زماني ۾ سفر جو ڪو پوءَ پُلڪو ڪونہ هوندو هو ۽ مهل ڪمهل جي اچڻ وڃڻ تي ڪو الڪو نہ رهندو هو.

راشدي صاحب والد سائينءَ کي تمام عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا ۽ انڪري اسان اولاد کي بہ اُنهن ئي مشفقانہ نظرن سان ڏٺائون. اُنهن قرب جي ڪوٺن ۾ رهي مون پير صاحب کي جيترو ڏٺو ان لاءِ عرض ڪندس تہ اهو منهنجو سراسر هڪ ذاتي مشاهدو ۽ سرسري جائزو آهي، صرف سَنباڻ برابر- راشدي صاحب علم جا اجهاڳ سمنڊ ۽ ٻاجهہ سٻاجهہ جا تارن ڀريا آڪاش هئا. مون کي مجال نہ آهي جو سيني سپين کي سڌ ڪري سندن سينو کولي موتي ميڙيان ۽ نہ وري ايتري صلاحيت آهي جو تارن کي تڪي ۽ توري سگهان. مان تہ سچ پچو تہ ڪناري تي ويهي مهراڻ جون موجون ڏٺيون آهن. تارن جا ترورا ۽ چنڊ جو اڻ ڪٽنڌڙ پاڇولو. راشدي صاحب کي ٿورو ڏٺم، پر هر رنگ ۽ ڍنگ ۾ ڏٺم. جوءِ ۽ جهنگ ۾ ڏٺم. سندس جوانيءَ جا جوش ۽ ٺاٺ باٺ بہ ڏٺم. ورندڙ عمر جا اوج بہ ڏٺم تہ پوئين وقت جا پيار بہ ڏٺم. زميني ذوق ڏٺم تہ ڪتابن جا ڪوٽ بہ ڏٺم. علم ۽ ادب جي آس ۾ پير صاحب جا پنڌ ۽ پيچرا بہ ڏٺم. مچن مٿي ميڙ ڏٺم ۽ درياهہ جا سير ڏٺم.

سائين حسام الدين شاهہ جا ڳوناٺا دلي دوست پير هادل شاهہ راشدي ۽ منهنجو چاچو شاهنواز خان اڄ هن دنيا ۾ نہ آهن، مگر اُهي ٽيئي جڏهن ڪٺي ملندا هئا تہ پوڳ

چرچي جي بازار گرم ٿي ويندي هئي ۽ ڪچهرين ۾ ڪوڪرا هوندا هئا. اڄ ٽيئي هي دنيا ڇڏي چڪا آهن، مگر ويجهي تر ۾ ڪنهن ڪان بہ وسريا نہ آهن. هنن ۾ جا خاص خوبي هئي تہ سڀ سان هڪ جهڙا. پوڳ ڪچهريءَ ۾ نوڪر سان بہ ڪبو تہ بخشبو وڏي ڪان وڏي ڪي بہ نہ.
راشدي صاحب طبيعت جا ذرا حساس هوندا هئا. مٺا تہ ماڪيءَ جهڙا، نہ تہ ڪٺا تہ ٽڙا! روح ريڊل هوندو تہ راند رس ۾ پئي هلندي، پر جي ڪٿان ڪر ڪنيائون تہ ڏيل پيا ڏرندا. خوش پوش، خوش اخلاق، سخت اصول پسند، وقت جا نهايت قدردان، ڳالهائڻ جا ڳورا، رک رڪان نہ ڪبي، ڦهڪائبو هجن يا آفيس، اوطاق يا گهر ۾، دڳ ۾ يا درياہ تي، سير تي يا شڪار تي. ڪپڙو وقت ۽ نزاڪت، مُند ۽ موسم مطابق پائبو. هڪ دفعي مان ڪچي ۾ پنهنجي زمين ۾ بيٺو هيس تہ اوچتو اُٺ اچي پرسان ويٺو ۽ راشدي صاحب اُن تان لٿو. مٿي ۾ ٽوپلو (سولو هيٽ) هجيس ۽ لهڻ سان فرمايائون: "بابا خوش آهيو!.. دُر محمد خان (منهنجو والد) ڪيئن آهي؟... منهنجا نياز ڏجوس". منهنجي عمر ان وقت ڏهہ ٻارنهن سال مشڪل هئي، مگر سندن محبت، قرب ۽ خلوص جي اها انتها هئي.



سن ۾ سائينءَ جي سالگرہ جي هڪ موقعي تي راشدي صاحب، سائين جي.ايم.سيد، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي نمايان نظر اچي رهيا آهن.

منهن تي، سڌا سنوان اڻڪي ٻنڪي اصل نہ، نہ اُرہ زورائي ڪبي نہ ڏاڍ ڏيکاربو. لُچ لوفر کي حشمت نہ ڏيندي جو ويجهو ويهن. پيري مريديءَ کان تہ سندن وڏن ئي ويڇو ڪيو هو ۽ پاڻ تہ مورڳو ان روايت کان مُتنفر هو. وڏيرو ٿي ڪري بہ ڪنهن سان وير نہ وڌائين. ظلم، زوري، زبردستيءَ کان بنهہ دور. سراپا همدرد، رحمدل ۽ اصول پرست!
سائين حسام الدين شاهہ لٽي ڪپڙي جو انتهائي شوقين هوندو هو. ڪو ڪپڙو پسند آيو تہ درزنن جي حساب سان ان مان وڳا نهرائيا. هر وقت صاف سٿرا رهندا هئا ۽ ڪڏهن بہ ائين نہ ڏٺو ويو تہ شيو ٿيل نہ هجي يا وارن کي ڦڻي نہ هجي. هميشہ اپ ٽُديٽ. پوءِ ڇو نہ ڳوٺ ۾ ٻني ٻاري تي علم جي ابتدا پنهنجن وڏن جي سرپرستيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ ٻهمڻ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڪيائون ۽ سنڌي، فارسي ۽ انگريزي ايتري پڙهيائون، جيترو عموماً وڏيرن، ميرن ۽ پيرن جا ٻار اُن زماني ۾ پڙهندا هئا. يعني ايتري جو لکي پڙهي ڄاڻن. باقي نوڪري اهي طبقا اُن وقت بي عزتي سمجهندا هئا.
اڪثر ڪري وڏن ماڻهن جا ٻار ٿورو گهڻو علم حاصل ڪري شوق شڪار جي ڪڍ لڳي بنهہ وساري ڇڏيندا هئا. مگر راشدي صاحب ڪتابي ڪيڙو بڻجي بنيادي تعليم کي نہ رڳو ثابت ۽ قائم رکيو، پر اُن ۾ حيرت انگيز علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪري مشرق ۽ مغرب ۾ پنهنجو ناماچار پيدا ڪيائين.

خانداني زمينداري ڏنڊو پنهنجي هٿ ۾ رکيو ۽ ڪراچي ڇڏي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٻهمڻ کي اچي وسايائون. جيئن تہ اُن وقت اُتي بجلي ۽ آمدرفت جي سهوليت نہ هئي، انڪري هڪ جاءِ نئين ديري ۾ وٺي اُتي رهڻ لڳا. ٿوري ئي عرصي ۾ پير صاحب جو چوڌطرف چوٻول ٿي ويو ۽ هر وقت ماڻهن جا ميڙ سندس جاءِ تي ڪٺا ٿيڻ لڳا. ڪو ڏينهن خالي نہ هوندو هو جڏهن ڪو فيصلو ڦَڙو رکيل نہ هجي. پير صاحب سخت انصاف پسند هوندو هو ۽ عام روايتي وڏيري وانگر نہ چور جو ساٿي نہ ڀُنگي وٺڻ جو عادي.



راشدي صاحب کان انٽرويو:- ڊاڪٽر نواز علي "شوق"، خان محمد پنهور، شمشيرالحيدري ۽ ن.ا.ش

انڪري مظلوم ماڻهن ٻيا در ڇڏي هيڏانهن انصاف حاصل ڪرڻ خاطر رخ رکيو. زمينن جو ڪم بہ تمام سٺي نموني هلايائون ۽ ڪچي جي زمين ڀلي اَٽ تي چڙهي گهمي ايندا هئا. هاري ناري منجهانئن ڏاڍا خوش هوندا هئا.

پير صاحب خوديءَ وارو انسان هو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن ڪلڪٽر يا ڪمانيءَ جي آفيس جي در تي نہ ويٺا، مورڳو اُهي عملدار دعوتن ۽ شڪارن جي دوستيءَ ۾ اچي سندس در جا سلامي هوندا هئا..

پير صاحب ڪردار جو آئيني وانگر صاف شفاف ۽ بلند اخلاق ۽ قول جو پڪو پختو هو. عام وڏيرن وانگر نہ ڪنهن جي ننگ کي تڪيائون ۽ نہ وري ڪنهن کي هٿ سان يا زبان سان ڳالهاءِ ڏنائون، ۽ نہ وري ڪنهن کي پوليس کان مارايائون. ظلم ۽ ڏاڍ جي تہ اصولاً خلاف هئا ۽ پاڙي سان بہ ڪڏهن نہ اُچايائون.

پير صاحب کي نئين ديري ۾ آخر وڏيرن نہ سَٺو ۽ سندس گهري دوست احمد خان ڀُٽي ڪيس چورائي موڪليو تہ "مائٽن جي آزار کان ميرپور ڇڏي هت آيس. هاڻي توهان جي ڪهڙي مرضي آهي تہ هتان بہ وري لَڏ ڪڻان؟" اهو اشارو هن لاءِ ڪافي هو ۽ جلد ئي زمينداريءَ کي خيرباد

چئي ڪراچيءَ موٽي ويا.

پاڻ خوش پوشاڪ، خوش خوراڪ هئا ۽ صحت جو بہ ڏاڍو خيال رکندا هئا. مگر رات ڏينهن گهٽي علمي ڪم ڪرڻ جي ڪري 1958ع ڌاري دل جو پهريون دورو ٿين ۽ اُن بعد اُن مرض رکي رکي پٺي ڪين ڇڏايو. آخر 1976ع ڌاري ڪينسر جي لاعلاج مرض ۾ مبتلا ٿي پيا ۽ چار دفعا هتي ۽ ٻاهرين ملڪن (ماسڪو) ۾ علاج بہ ڪرائي آيا، مگر انسان آخر بي بقا آهي. پهرين اپريل 1982ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. اُن کان ٿورو وقت اڳ ۾ مون کين جمشيد روڊ واري بنگلي جي ٻاهران ڪار ۾ ويٺل ڏٺو. مون ڪار مان لهي کين سلام ڪيو ۽ خير عافيت پڇي. پير صاحب کي مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو دلگير ڏٺو. ڀريل آواز سان وراڻيائين: "ڊاڪٽر...!... ڪهڙي بيماريءَ جو حال ٻڌائي ڪهڙيءَ جو ٻڌايانءِ... پاڻ تہ هر بيماريءَ کي ڏٺو آهي... معاف ڪجانءِ... هاڻي وري گوڏن ۾ سور آهي... ڇُري نہ ٿو سگهان... دعا ڪجو". مون ادب سان عرض ڪيو "خدا چڱي ڪندو". مگر اها ملاقات سندن آخري ديدار ثابت ٿي!

نما رسالي ۾ غوطي هڻڻ لاءِ سڀ کان پهرين هن جو ڌيان سائين محمد ابراهيم جويي صاحب ڇڪايو ۽ ان علمي ڪم ۾ جڏهن هو پوري ڪمٽمينٽ سان تحليل ٿي ويو ته، پير حسام الدين راشدي جهڙي سنڌ سينگار دانشور ۽ وطن دوست اسڪالر شيخ اياز کي پٽائيءَ کي اردو ۾ ترجمي ڪرڻ ڏانهن مائل ڪيو. ته مون چيو پئي ته انهن ٻنهي اعليٰ مرتبي جي اسڪالرن پٽائيءَ کي پنهنجي بصيرت مطابق جيترو سمجهيو اوترو ئي سندس فن ۽ فڪر جو جيڪو اعتراف ڪيو آهي، سو پٽائيءَ ڏانهن وڌيڪ صادق رويو پيدا ڪرڻ لاءِ هر هڪ پڙهندڙ جو پيچ پختو ڪري ٿو. ايچ.ٽي سورلي پٽائيءَ جي شاعريءَ جو تقابلي مطالعو دنيا جي 13 عظيم شاعرن جي غنائي شاعريءَ (Lyrical poetry) سان انتهائي احسن طريقي سان پيش ڪيو آهي. هن اهو مطالعو ستين صدي ق.م کان ويهين صديءَ تائين جي شاعرن جو پيش ڪيو آهي. پنهنجي مطالعي تي ٻڌل پنهنجي شاهڪار ڪتاب ۾ سورلي هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "جيڪڏهن اعليٰ ۽ عظيم غنائي شاعريءَ جي پسمنظر کي جاچي ۽ پرکي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته دنيا جو سڀني کان اُتم ۽ اعليٰ شاعر سنڌ جو شاهه عبداللطيف آهي، جنهن جي هر هڪ بيت جي اسلوب ۾ حُسن ۽ جمال جو تقدس موجود آهي. هن جو ڪلام ٻڌي سندس ادب ۽ احترام سبب ماڻهوءَ تي هڪ قسم جو وجد طاري ٿي ويندو آهي."(1)

ايچ. ٽي. سورلي شاهه صاحب جي ڪلام کي جيترو سمجهيو، پروڙيو ۽ پرکيو، اوترو ئي ان جي باري ۾ پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو شدت سان اظهار ڪيو آهي. ان پرڏيهي محقق کان علاوه ڏيهي دانشورن مان شاهه عبداللطيف پٽائيءَ سان انتهائي عقيدت ۽ محبت جو اظهار جيڪو شيخ اياز ڪيو آهي، اُن جهڙو مثال ٻئي ڪنهن دانشور/شاعر جو مشڪل سان ملي سگهندو. شاهه عبداللطيف پٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام بابت شيخ اياز جي اعتراف جو رنگ، ڍنگ ۽ انداز ئي نرالو آهي.

انهيءَ نرالي انداز کي اياز لڳ ڀڳ 1954ع کان پوءِ اختيار ڪيو هو. 1953ع ڌاري هن جو پهريون شعري مجموعو اردوءَ ۾ شايع ٿيو هو، پر نهايت جلد، لطيف جي رسالي جي مطالعي کان پوءِ هن سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنفن بيت ۽ وائيءَ ۾ شديد دلچسپي ورتي ۽ سنڌ ۾ شاعريءَ جو نيو ڪلاسڪ دؤر شروع ٿيو. خود اياز جي رنگ ۾ جيڪا بغاوت پيدا ٿي ۽ هن جي تخيل ۾ حالتن خلاف تلخ اظهار ۽ بيزاري جو مظاهرو سامهون آيو ته، هن کان جڏهن ان جو سبب پڇيو ويو ته. شيخ اياز ان جي وضاحت ۾ به لطيف جي سٽ مثال طور پيش ڪندي چيو هو:

"آسڻ جن اريج، تن جي وهه جو ورن ٻيو."

هتي آءٌ هڪڙي ٻي ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿي سمجهان ته شاهه جي رسالي جي ترتيب ۽ تدوين توڙي تشريح جي نوعيت پنهنجيءَ جاءِ تي وڏو ڪم آهي. شاهه صاحب سان عقيدت جو اهو به هڪ اهم اعتراف چئي سگهجي ٿو، پر ڪلام ۽ پيغام کي سمجهڻ ۽ اُن جي تشريح ۽ تفسير جو سلسلو قائم رکڻ ٻي ڳالهه آهي. جا شاهه صاحب کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڇڪائي ٿي. اهو ڌيان ۽ گيانُ ان ٿُـٻيءَ جو ئي مرهون منت آهي، جنهن بابت شيخ اياز لکي ٿو ته: "غواصن واري گت هر ڪنهن کي نٿي ملي ۽ نه هر ڪو ئي پاتار ۾ پيهي، موتي ميڙي ٿو." (2)

شيخ اياز فطري طور شاعر هو. سندس وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي ڪري جيئن جيئن سندس شعور ۽ احساس ۽ ادراڪ جي ارتقا ٿي آهي، تيئن تيئن هن پنهنجي فن ۾ ان جو ڀرپور اظهار ڪيو آهي. ان ارتقا جي عمل دؤران شيخ اياز جيئن پٽائيءَ کي سمجهيو آهي، تيئن اُن لاءِ اظهار ۽ اعتراف به ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ جڏهن پٽائيءَ جي سٽن "سر نسريا پاند، اُتر لڳا، آءٌ پرين!" ۽ "لڳي اُتر واءُ، ڪينجهر هندورو لئي" جي حُسن جو احساس ڏياري ٿو، تڏهن انهن سٽن لاءِ بي مثال تشبيهه استعمال ڪندي چوي ٿو: "واهه لطيف! هر سِٽ ڄڻ ته مور جو پَرُ آهي! جي اها شاعري آهي ته اُهو وقت دور نه آهي، جڏهن آرٽ. مذهب جي جاءِ وٺندو. لطيف سائينءَ سان ته ڪنهن جي به پيٽ نه آهي." (3)

ادب ۽ آرٽ توڙي فن کي پاڻ اريڻ وارو رويو جڏهن شيخ اياز شاهه پٽائيءَ جو محسوس ڪيو، تڏهن چئي ڏنائين ته:



# "ميان مير سنڌي"

## (سنڌو ماٿريءَ جو منفرد صوفي دانشور)

امان الله شيخ

**سنڌو ماٿريءَ** ۾ صوفيانه تحريڪن جو ڦهلاءُ ۽ اثر رسوخ شهرن کان وٺي واهڻن ۽ وسندين تائين صدين کان هلندو پيو اچي. ان حوالي سان ماضيءَ ۾ صوفي هلچل جا مکيه مرڪز سيوهڻ، ٺٽو، ٻکر، ملتان ۽ لاهور ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن مرڪزن صوفي تحريڪن لاءِ ڪيترين ئي اعليٰ هستين کي جنم ڏنو، جن انسانذات جي ڀلائي ۽ نجات لاءِ رهنمائيءَ جو ڪردار ادا ڪيو. اڄ صوفين جي سٽ منجهان هڪ اهڙي دانشور جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، جنهن جي پيدائش ته سيوهڻ ۾ ٿي، پر هن عظيم انسان اُپکنڊ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ تي دائمي عڪس چٽي ڇڏيا. جنهنڪري اڄ به تصوف جي تاريخ ۾ سندس نالو عزت ۽ احترام سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. اهو آهي سنڌ ڄائو "ميان مير سنڌي".

اهو ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو به انسان هن ڌرتيءَ جي گولي تي رهي ٿو، ته سندس چوڌاري سياسي ۽ سماجي حالتون هن جي سوچ، فڪر ۽ عمل تي اثرانداز ٿين ٿيون.


شبيه حضرت ميان مير سنڌي
(سعيد لاهوري جو ٺاهيل چِٽر)

انڪري ميان مير جي حياتي ۽ ڪردار بابت پيرائتي آگاهي حاصل ڪرڻ لاءِ ان دور جي سياسي، سماجي ۽ فڪري سٿاءُ کي سمجهڻ لازمي آهي. اُپکنڊ/ ڏکڻ ايشيا ۾ تصوف ۽ ويدانت جا به اسم روشن خيالي، سهپ ۽ رواداريءَ جي زمري ۾ فڪر ۽ فهم جو جوهر ليکيا وڃن ٿا، جنهنڪري تصوف ۽ ويدانت نه رڳو هندو ۽ مسلم جاتين، پر ٻين مذهبي گروهن کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ جو وسيلو ۽ انساني ايڪتا/اتحاد جو اظهار بڻيا آهن. ائين اُپکنڊ ۾ عربن ۽ ايرانين جي آمد ان جو لاڀ ٻارهين صدي جي اڳياڙيءَ ۾ ڀڳتي تحريڪ جي شڪل ۾ نمودار ٿيو. انهيءَ تحريڪ جي بانيڪار جو نالو سوامي رامانج (1137ع-1016ع) آهي. ابتدا ۾ ڀڳتي تحريڪ جي ڦهلجڻ جو مکيه علائقو ڏکڻ هندوستان بڻيو، ڇو ته تصوف ۽ ويدانت جي ٻن سدا بهار ٻوٽن جي پيوندڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول ۽ زرخيز مٽي اهوئي علائقو بڻيو. ان جو اهم ڪارڻ اِهو ته عرب واپارين ۽ جهازرانن جون ڪيتريون ئي وسنديون گجرات، مالابار ۽ ڪارومنڊل جي سامونڊي ڪنارن سان آباد هيون. ان کان سواءِ حجاج بن يوسف جي ظلم ۽ جبر جي ڪري بني هاشم گهراڻي جي ڪيترن ئي ماڻهن ڏکڻ ايشيا جي مختلف علائقن ڏانهن نقل مڪاني ڪئي. ان کان علاوه نائين ۽ ڏهين صدي عيسويءَ ۾ اسماعيلي فرقي جي پرچارڪن پڻ هيڏانهن جو رخ ڪيو. انهن اسماعيلي مبلغن ۾ شيخ زيدالدين ابويحيٰ (923ع-873ع)، نورست گرو ۽ پير صدرالدين سپني ڪان وڌيڪ ناليرا آهن. انهن اسماعيلي مبلغن، هندوجاتيءَ سان وڌيڪ ويجهو اچڻ لاءِ پنهنجي تبليغ جو آغاز غيرفرقيوارانه بنيادن تي ڪيو. ان جي نتيجي ۾ اڳتي هلي، ڀڳتي تحريڪ جي سنت- پنٿي فرقي جو باني پڻ هڪ اسماعيلي سيد امام الدين ٿيو. انهيءَ ڀڳتي تحريڪ کي اتر هندوستان ۾ مذهبي تنگدلي ۽ فرقيواريت جي جاءِ تي انسان دوست سلوڪن کي پکيڙڻ ۾ سوامي رامانند جو نالو اهم آهي. ان

راماننـد جـي چيلـن ۾ ڀڳـت ڪبيـر (1528ع-1425ع) راءِ داس، ڏنو ۽ سائين جا نالا قابلِ ذڪر آهن. انهن چيلن مان ڏنو سيوهڻ جي پيدائش هو. ڏنو جي ڄم بابت ڪابہ پڪي پختي ڄاڻ تہ ڪانہ ٿي ملـي، پـر سمجهيـو وڃـي ٿـو تـہ پندرهيـن صديءَ (1415ع) جي اڳيـاڙيءَ ۾ ڄائو هو. ڏنـي فقير جو آبائي پيشو ڪاسائڪو هو، پـر سـاڌن، صوفيـن ۽ سنتن جي صحبت ۾ اٿڻ ويهڻ جي ڪري، ڏنڌي ڪي تيـاڳ ڪري، ساڌو بڻجي پريم ۽ ڀائپيءَ جو پرچار ڪرڻ لڳو. اهو سلسلو واضح ڪري ٿـو تـہ سنڌ ڪيئن ڀڳتي، تحريڪ کان متاثر ٿي.

هـاڻي اچـون ٿـا صوفيـن سـڳورن ڏانهـن، جـن اُپکنـڊ ۾ وحـدت الوجـود جـون مشـعلون روشـن ڪيـون. هونئـن تـہ اسماعيلي مبلغ الهيشم 883ع ۾ يمـن ڪـان ٿينـدو سنڌ ۾ داخل ٿيو هو. اسماعيلي مبلغ گهڻو ڪري هيٺين طبقن جهڙوڪ ڪڙميـن ڪاسبين، پورهيتـن ۽ مڇـي مـاني لائـق طبقن ۾ پرچار ڪندا هئا. پر صوفين منجهان جن شخصن عام ماڻهن ۾ اسلام جو امن ۽ انسان دوستيءَ وارو سنيهو پهچايو. انهن مان هڪ ڀهڳڻ هستي داتا گنج بخش (1072ع-1009ع) آهي. هو اصل ۾ حسين بن منصور (921ع- 858ع) جو معتقد هو ۽ پنهنجي ڪتاب "ڪشف المحجوب" ۾ چوي ٿـو: 'هندوستان ڏانهـن اينـدي واٽ تـي خراسـان ۽ فـارس منجهان لنگهندي حسين بن منصور جون پنجاھ کن لکڻيون پڙهيـون. مـان منصـور جـو معتقـد آهيـان." سـاڳئي ڪتـاب ۾ بـايزيد بسـطامي (874ع- 746ع) جـي سـاراھ ۽ ثنـا جـا ڏِڪ پري لو. جنهن جو استاد هڪ صاحبِ تصوف ابو علي سنڌي هو. انهيءَ ابو علي سنڌي جي واڪاڻ مولانا جامي (1492ع-1414ع) هن ريت ڪئي آهي:

"بـايزيد گويـم مـن از ابـو علي سندهي فنـا و توحيد آمـوز ختم و ابو علي از من....."

بهرحال انهيءَ انسان دوست تحريڪ جي سلسلي ڪي برصغير جي ڪندڪڙڇ ۾ پهچائڻ ۾ صوفي سٽ جي جن اعليٰ انسانن پـاڻ پتوڙيـو، انهـن ۾ خواجـہ معيـن الديـن چشـتي (1225ع-1138ع)، خواجـہ نظـام الديـن اوليـاء (1325ع- 1238ع)، سرائڪي علائقي منجهـان اُچ جـو سـيد جـلال الديـن بخـاري، (1291ع- 1191ع)، سنڌ مان قلندر شهباز (1374ع- 1274ع) ۽ پنجاب منجهان بابـا گـرو نـانڪ (1539ع- 1459ع) جا نالا مٿانهين پـَد ۾ اچن ٿا. لاشـڪ تـہ انهـن صوفيـن وحدانيت، عشق الاهي ۽ انسـانذات سـان بنـا ڪنهن ڀيد ڀاو جـي، پيـار ڪرڻ جو درس ڏنو ۽ خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو تہ ويدانت ۽ تصوف جي ميلاپ سان ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ نئين ڪلچر ڪي متعارف ڪرائڻ ڏانهن پيش رفت ٿي چڪي هئي.

جڏهن سنڌوماٿريءَ ۾ ڀڳتـي تحريـڪ، وحدت الوجود جـو ذڪـر هلـي رهيـو هـو ۽ سنڌ بـہ اُن اثـر ڪـان متـاثر ٿـي رهي هئي، تڏهن سنڌ ساڳئي دور ۾ هڪ ٻي تحريڪ جي اثر ڪان بـہ محفوظ ڪانـہ هئي- اها آهي مهدوي تحريڪ. ان تحريڪ جي بانيڪار سيد محمد ميران جونپوري (1504ع-1443ع) "مهدي" هئڻ جي دعويٰ ڪئي. اهـو بزرگ تبليغ ڪندو گجرات ڪان ٿيندو ننڍي جي رستي سنڌ ۾ داخل ٿيو. اهو زمانو سنڌ ۾ سما گهراڻي جـي لائـق بادشـاھ ڄـام نظام الدين جو هو. مهدوي ذاتـي ملڪيت جـي تصور جي خلاف هئا. ڇو تہ سندن عقيدي موجب اسلام ذاتي ملڪيت جي مخالفت ڪري ٿو. سنڌ منجهان ناميارا عالم جهڙوڪ قاضي قاضن، مولوي الياس ۽ مـرزا شاهين بـہ ان تحريـڪ ۾ شامل ٿيا. اهڙيءَ ريت جنهن زماني ۾ ميان مير ڄائو تـہ سنڌ ۾ ڀڳتي تحريڪ/ويدانت، تصوف ۽ مهدوي تحريڪ جا اثر نمايان نظر اچن ٿا.

ميـان ميـر عـرف شـيخ ميرمحمـد، جنهـن جـي والـد جـو نـالو قاضي سائين ڏنو ولد قاضي قلندر ۽ والده جو نالو فاطمہ بنت قـاضي قـاضن آهـي، ان جـو حسـب نسـب هيٺينءَ ريت ڄاڻايو ويو آهي:

**قاضي سائين ڏنو. فاطمہ بي بي**

قاضي بوني | قاضي طاهر | قاضي عثمان | بيبي جمال خاتون | ميان مير | مائي ڄامل خاتون

ميان مير (وفات 1647ع) (1550ع) پيدائش

قاضي محمد شريف

(وفات 1664ع)

(نوٽ: ميان مير جي وفات کان پوءِ پهريون گادي نشين)



# مولانا غلام محمد "گرامي"

## [هڪ تاثر]

مراد علي مرزا

ٽپهريءَ جو وقت آهي. هڪ ابدال قسم جو انسان هن جي اکين تي پاتل عينڪ ڇڪي لاهي ٿو ۽ هن جي ميري گنجيءَ ۾ هٿ وجهي هن کي ڪٽ تان اُٿاري چويس ٿو، 'هل مون سان'. ۽ هو هن کي مُرڪندي ليلائي ٿو ته 'ڏس! مون کي گوڏ ٻَڌي پئي آهي. ڀلا ترس ته ڪپڙا مَٽايان'. 'نه هرگز نه! هل، هل مون سان'. ابدال هن کي ميري گنجيءَ کان جهلي، هن کي گهليندو سندس گهر جي ڏاڪڻ تان هيٺ لاهيندو گهٽيءَ ۾ اچي ٿو. 'ڀلا هاڻي ته اجازت ڏي ۽ مهرباني ڪري مون کي عينڪ به ڏي'. 'نه نه نه ڏيندس توکي عينڪ. تون مون سان هل'. ايترو چئي ابدال هن کي گهليندو رستي تي اُن پاسي وڃي ٿو، جتي ڪوٽڙيءَ جي بس بيٺي آهي. ان عام رستي تي هڪ شخص مٿي اگهاڙو، ميري گنجي پاتل ۽ پوتڙي جي گوڏ ٻَڌل اهائي دانهن پيو ڪري ته 'ڀلا مون کي عينڪ ته ڏي'. 'نه هرگز نه'. جواب ۾ ابدال چوندو هلي ٿو ۽ هو هن جي پٺيان گهلبو وڃي ٿو ڪوٽڙيءَ جي بس اسٽينڊ ڏانهن.

ابدال بس ۾ چڙهي وڃي ٿو ۽ گنجي پاتل ۽ گوڏ ٻَڌل شخص بيوسي ۽ لاچاريءَ سان هن کي وري ليلائي ٿو، 'هاڻي ته ڀلا مون کي عينڪ ڏي، تو ته قميص به پائڻ نه ڏني. پئسو به ڪونه اٿم. گهر ڪيئن وڃان؟' 'وٺ هيءَ تنهنجي عينڪ ۽ وڃي گهر ڏس ته پئسا اُتي رکيا اٿئي!'

ايتري ۾ بس رواني ٿي وڃي ٿي ۽ ميري گنجي پاتل ۽ گوڏ ٻڌل شخص اکين تي عينڪ رکي واپس وڃي ٿو ۽ پوءِ ماڻهو ڏسن ٿا، ته اهو شخص سنڌي ٻوليءَ جو مشهور عالم ۽ اديب، ٽه ماهي رسالي مهراڻ جو ايڊيٽر، بي مثال مقرر ۽ خوش گفتار مولانا غلام محمد گرامي آهي ۽ اُهي حيرت ۾ پئجي وڃن ٿا. گرامي صاحب تڪڙو تڪڙو پنهنجي گهر اچي ٿو ۽ ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهچي ڏسي ٿو ته دروازي وٽ هڪ ڳنڍ رکي آهي نوٽن جي!

ان واقعي جو راوي منهنجو ماروٽ ۽ ممتاز مرزا مرحوم جو ننڍو ڀاءُ ظفر آهي، جيڪو مولانا گرامي صاحب سان هميشه ڀاڄي وانگر گڏ هوندو هو. مون ظفر ڏانهن حيرت سان ڏسندي هن کان پڇيو، 'ڇا تون سچ چوين ٿو؟' 'هائو دادا! اهو ته منهنجي اکين ڏٺو واقعو آهي.' اهو ٻڌي آءٌ ماٺ ۾ پئجي ويس ۽ پوءِ هن کي چيم 'ڀلا، هاڻي ڪو ٻيو واقعو ٻڌاءِ.' ظفر اکيون پوري، ذهن تي زور ڏيندي وراڻيو، 'هائو! گرامي صاحب عجب انسان هو. هن ۾ هڪ اهڙي ڇِڪَ هئي جو جيڪو به هن جي اکين ۾ ڏسندو هو ته اهو ڄڻ ته هن جي انهن اسرار ڀريل اکين ۾ ڦاسي پوندو هو.'

'تون صحيح چوين ٿو'، مون ظفر کي چيو: 'هن جون اکيون نه رڳو پراسرار هيون، پر انهن ۾ مُرڪن سان ڀرپور شرارت به هوندي هئي، جيڪا هن جي غيرمعمولي ذهانت جي خاص نشاني هئي.'

'دادا! آءٌ اوهان کي ڇا ٻڌايان....' ظفر مون کي "دادا" چئي مخاطب ڪندو آهي. 'مون کي لکڻ اچي ته آءٌ اهي سڀئي ڳالهيون لکي ڇڏيان.' هن چيو.

'هائو، سو مون پئي چيو ته عجب انسان هو مولانا صاحب. هڪڙي ڀيري ويٺي ويٺي چوڻ لڳو ته آءٌ ڪي به پڙهيل نه آهيان. ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهڻ ويس ته اتي جو مُلو مون ڏانهن ڏسڻ به مناسب نه سمجهي نظر انداز ڪرڻ لڳو. ٻيا هر ڪلاسي عربي ۽ فارسيءَ جا سمورا ڪتاب پڙهي مدرسو ڇڏي هليا ويا، پر آءٌ جهڙو آيو هوس اهڙو ئي ويٺو هوس. سخت مايوس ٿي ويس ۽ پڙهڻ تان دل ڪٽجي ٿي ويئي. وري به همت ڪري مُلي کي عرض ڪيم ته

# شبير "هاتف"

## غزل

جي مون سان تنهنجا ناتا بادلِ ناخواستا ٿي ويا،
الائي وقت سان ڪئن ايترا پختا پڪا ٿي ويا.

هتي ڏسندي ئي ڏسندي ڪهڙا ڪهڙا واقعا ٿي ويا،
پيالو شيخ جي هٿ ۾، شرابي پارسا ٿي ويا.

نہ ڪچيوسين نہ پچيوسين، مگر ڪئين واعدا ٿي ويا،
نگاهن ئي نگاهن ۾ سمورا فيصلا ٿي ويا.

اسان جا تو ڏي ورهن کان ڪئين حرف ۽ حساب آهن،
توماڻن ساڻ جئن مُرڪيو تہ سڀئي حق ادا ٿي ويا.

تِڙيا گلرنگ انگن مان سنڌ اي گلبدن هي گل،
چپن مان گل گلابي ٿيا، ڏندن مان موتيا ٿي ويا.

انهن کي ڇا ڪري سگهنديون حياتيءَ جو ڏڍيون ڪوسيون،
اهي خوشبخت جن جا تنهنجي نيڻن ۾ اُجها ٿي ويا.

وفاداري پراڻي هيرَ آهي ڪئن ڇڏي سگهبي،
اسين پنهنجي نيايون پيا پلي هو بيوفا ٿي ويا.

ڪڏهن ناآشنائن فخر سان ٿي آشنائي ڪئي،
۽ هاڻي آشنائن کي ڏسو ناآشنا ٿي ويا.

پڇاڙيءَ ۾ بہ تنهنجي نام جي تسبيح پيا ڦيريون،
پڇاڙيءَ ۾ بہ فرض ۽ سُنتون واجب قضا ٿي ويا.

اها تاريخي سچائي تہ جيڪو ڏاڍو سو ڳابو،
تہ پو حيرانگي ڇاجي جي رهزن رهنما ٿي ويا.

اجهو "هاتف" ڇوي پيو پاڻ ئي کي ٻوليون ٻوليون،
چمن جون بلبليون، چيها، ڇَتون سڀ بي نوا ٿي ويا.

## غزل

هُو جو بس مُرڪي ملائي ويو نظر، آهي ڪٿي؟
زندگيءَ کي ويو ڪري زير و زبر، آهي ڪٿي؟

سوڪ سونهريءَ ۾ پئي، ڪينجهر ۾ جر آهي ڪٿي؟
مُند موٽي آئي ڪونجن جو ولر آهي ڪٿي؟

هيل نيڻن تي بہ آهي خشڪ ساليءَ جو اثر،
هيل فرقت ۾ هنجون هارڻ لئہ جر آهي ڪٿي؟

جنهن جي چهري مان سدا ٿي پرهہ جون ٻاڪون ڦٽيون،
منهنجي شامِ زندگيءَ جو سو سحر آهي ڪٿي؟

پاپ جون پَڙيون اڪيلي سر کڻي هلبو عدم،
هن سفر ۾ ڪرب ڏيندو همسفر آهي ڪٿي!

آءُ هن پيڙهيءَ يڪو بيٺو آهيان ان سوچ ۾،
زندگي آهي سفر پر همسفر آهي ڪٿي؟

هن جهان جون پاڻ وٽ آهن سڀئي آسائشون،
هُن جهان جي لاءِ جو گهرجي سمر، آهي ڪٿي؟

ڪو اسان پاران هُتي ڦارون پارن کان پڇي،
سيم و زر آهي ڪٿي لعل و گُهر آهي ڪٿي!

شيخ صاحب پنهنجي حق ۾ فيصلو ڏيندو، مگر،
هن کي گهرجي جيڪو لقمو تر بہ تر، آهي ڪٿي؟

هرڪو پنهنجي پنهنجي فتوا ڏئي ڪري ويو سنگسار،
تون ئي رهجي وئين سچڻ، تنهنجو پٿر آهي ڪٿي؟

وقت جي بازر ۾ سڪو آهہ رائج ڪوڙ جو،
صدق ۽ سچ سان ملي جيڪو وکر، آهي ڪٿي؟

مُنهن جا ميرا هوندا آهن، اصل ۾ من جا ملوڪ،
سونهن اهڙيءَ کي سڃاڻڻ جو نظر آهي ڪٿي؟

مئڪدا، اوتارا، دُونهيون، مسجدون، مندر پڇيم،
ڪونہ ٿو ڄاڻي تہ "هاتف" دربدر آهي ڪٿي!

## ادل سومرو

### نئين صبح جي نئين عذاب تائين

گهر جي دروازي کان
ٻاهر نڪرندڙ
هر ڇوڪريءَ جو
ڪي مڪروهه اکيون
پيڇو ڪنديون آهن.
اسپتالن ۽ آفيسن ۾
ڊيوٽي ڪندڙ ڇوڪريون
فيڪٽرين ۽ دُڪانن ۾
ڪم ڪندڙ ڇوڪريون
گهر گهر وڃي
ضرورت جون شيون
وڪڻندڙ ڇوڪريون
جڏهن صبح سويري
گهر کان نڪرنديون آهن
ته مائرن جون دعائون ڏيندڙ
شفيق اکيون
انهن کي الوداع ڪنديون آهن.
۽ پوءِ سڄو ڏينهن انهن کي
بدبودار ۽ شڪاري اکين منجهان
گذرڻو پوندو آهي.
جڏهن سڄ جون اکيون
سمنڊ ۾ ٻُڏي وينديون آهن
ته اهي ٿڪل ڇوڪريون
پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ سفر ڪري
هزارن اکين جي
گدلاڻ مان گذري
گهر پهچنديون آهن
۽ مائرن جي مقدس اکين مان
گذرندي ئي
صاف شفاف ٿي وينديون آهن.
۽ پوءِ نئين صبح جي
نئين عذاب تائين
مائرن جون فڪرمند
جاڳندڙ اکيون
انهن کي
پنهنجيءَ پناهه ۾
رکنديون آهن.

### وائي

سمنڊ! تنهنجي جهول ۾،
ڪيڏا ڪوڏ، سپون-
مون وٽ آهي شاعري.

ناهي ٻيو هٿيار ڪو،
منهنجي سَگهه سِٽون-
مون وٽ آهي شاعري.

جڏهن ايندئي عاشقي،
سمجهي ويندين ءِ تون!
مون وٽ آهي شاعري.

مون کان پڇيو مائٽن،
ڇا هي ميڙيو مون؟
مون وٽ آهي شاعري.

توکي ارپڻ لئه رکو،
منهنجي منڙي ڀون!
مون وٽ آهي شاعري.

# سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي

## غزل

سُکن جي ڳالهه مان يارو، ڏکن جي ڳالهه نڪري پئي،
گلن جو ذڪر ڪرڻو هو، ڪنڊن جي ڳالهه نڪري پئي.
سَگهن جي سامهون سائين، اگهن جي ڳالهه نڪري پئي،
نڌڻڪن، انگ اُگهاڙن ۽ سُڃن جي ڳالهه نڪري پئي.
گهٽيون ٿي پيٽ پرين جون ٿيون ڳالهيون ڪچهرين ۾،
پري محفل ۾ اڄ مون کان ٻُکين جي ڳالهه نڪري پئي.
مهانگائي ملاوت جو چيو، مون وياج خورن کي،
نڱن اڳيان الاجي ڪيئن نڱن جي ڳالهه نڪري پئي،
پڪو پهه هو ته دلبر لاءِ سهڻي سوکڙي وٺبي،
ارادو ترڪ ٿيو جنهن دم، اگهن جي ڳالهه نڪري پئي.
وڏي غلطي ٿي مون کان جو وڏي ماڻهو جي دعوت ۾،
غريبن جي سُکل مانيءَ ڳڀن جي ڳالهه نڪري پئي.
گهڻو ٿي پاڻ کي روڪيم اڳيان اختيار وارن جي،
تڏهن پي وات مان ڌاڙن، ڦُرن جي ڳالهه نڪري پئي.
نٿي چاهيم چوڻ راشين، جوارين ۽ دلالن کي،
مگر مون کان چندن آڏو چندن جي ڳالهه نڪري پئي.
بلاشڪ پنهنجي ڀُل چُڪ تي مياري "مرتضيٰ" آهي،
جو هن بزمِ مسرت ۾ غمن جي ڳالهه نڪري پئي.

## غزل

پٽڪون پيا بيگانن وانگر،
دنيا ۾ ديوانن وانگر.
ڪيئن ڪجي ۽ ڪنهن کي چئجي،
ماڻهو سڀ مستانن وانگر.
هيڏي ساري جڳ ۾ جاني،
ڪو ڪو آ انسانن وانگر.
آهن خوشيون خواب اسان جون،
مفلس جي ارمانن وانگر.
وقت هيو جو پاڻ هٿاسين،
غربت ۾ سلطانن وانگر.
پنهنجون ڳالهيون آهن هاڻي،
ماضي جي افسانن وانگر.
قرب ۾ تي قربان وياسين،
پيارن تان پروانن وانگر.
محبت ۾ به ملاوت آهي،
سودي ۽ سامانن وانگر.
"ڏاڏاهي" پيا ڏينهن گذاريون،
پنهنجي گهر مهمانن وانگر.

## غزل

دل چوي ٿي پيار جون ڳالهيون ڪجن،
ياد حسنِ يار جون ڳالهيون ڪجن.
نرم هٿ، چشمِ غزالان، سروقد،
زلف ۽ رخسار جون ڳالهيون ڪجن.
نازنين نازڪ بدن جي ناز جون،
درشن و ديدار جون ڳالهيون ڪجن.
بين، بازو، بي مثل دندان سنديون،
لب، لسان، گفتار جون ڳالهيون ڪجن.
خال مشڪين، مه جبين، دل آفرين،
ابروءِ خمدار جون ڳالهيون ڪجن.
مُرڪ تان محبوب جي دنيا فدا،
محب مٺيادار جون ڳالهيون ڪجن.
ذڪر جنهن جي سان اچي دل کي سرور،
تنهن مٺي منٺار جون ڳالهيون ڪجن.
مهڪ جنهن سان ٿو ٿئي معطر دماغ،
جسم خوشبودار جون ڳالهيون ڪجن.
"مرتضيٰ" وردِ زبان، وصفِ صنم،
سونهن جي سردار جون ڳالهيون ڪجن.

## ذوالفقار سيال

### غزل

مُرڪ منهن تي سجائي، ڪريان آجيان.
لڙڪ پنهنجا لڪائي، ڪريان آجيان.
توتان دنيا سموريءَ کي گهوري ڇڏيان،
نينهن پنهنجو نباهي، ڪريان آجيان.
واءُ ڪوسو نه توکي ڪڏهن به لڳي،
توکي دل ۾ سمائي، ڪريان آجيان.
مُلهه تنهنجو ڪٿي، ڪوئي سگهندو ڪيئن؟
توکي پارس بڻائي، ڪريان آجيان.
توکي پيٽيان، ڪو ثاني سُجهي ئي نٿو،
پنهنجي نيڻين وسائي، ڪريان آجيان.
زلف، هي زندگي ڏاڍي گهٽ، مختصر،
سڀ زمانا وِرائي، ڪريان آجيان.

### غزل

جيئان ٿو تنهنجي جڳ ۾، انعام ٿي ويو هان.
توکان سواءِ او جاني! بي نام ٿي ويو هان.
پيئان نٿو مگر پوءِ به ٿو وتان خماريو،
پنهنجي اکين ڪري مان، بدنام ٿي ويو هان.
ايڏا ستم سَناسين، جيءُ هي جهُري پيو آ،
بي مهر بي وفا جو انجام ٿي ويو هان.
ڳوليو نٿو لڀين پر، تون چنڊ به ته ناهين،
انسان وانگي هر جاءِ مان جام ٿي ويو هان.
تنهنجي محبتن جو، اهڙو اثر به آهي،
ڪيڏو به ڪرجهڙو پر گلفام ٿي ويو هان.
تنهنجي ڪري زمانو، مون کي پيو سجائي،
مان زلف هاڻي جڳ ۾ بي دام ٿي ويو هان.

### غزل

بنده پوکي ڇڏيا آهن،
ڪنڊا پوکي ڇڏيا آهن.
روشن روشن راهن تي ڪنهن،
ڪنڊا پوکي ڇڏيا آهن.
ماڻهن پنهنجن دروازن تي،
جهنڊا پوکي ڇڏيا آهن.
قلمن جي بدران هاڻي هرڪنهن،
ڏنڊا پوکي ڇڏيا آهن.
سياست ۾ سيڙائي ڪي ٿي،
ڌنڌا پوکي ڇڏيا آهن.
کهڙي حق جي ڳالهه ڪرين ٿو؟
انڌا پوکي ڇڏيا آهن.
سونهن جڏهن پيدا ناهي ٿي،
گندا پوکي ڇڏيا آهن.

### غزل

وار تنهنجا وڏا ڪارا گهاٽا کُليا،
شهر، ماڻهو ته ڇا، هي زمانا رُليا.
ساريون نظرون وڃي راهه ۾ ٿي ويون،
توکي ايندو ڏسي ڪهڙا ڪهڙا پُليا.
نيڻ تنهنجا نشيلا جي مُرڪيا وري،
ٿيڙ ڪائي ائين ڪيڏا ماڻهو ڪِريا.
تنهنجي انگ انگ ۾ خوشبو جو آ واس ڪو،
تنهنجي ٻولن ۾ ڄڻ سمنڊ اُٿلي پيا.
جنهن ڏنو توکي پنهنجو ڪري آ ويو،
هُل هن شهر ۾ "زلف" ڪيڏا هُليا.

## خاڪي جويو

### وايون

(1)

آڌيءَ رات وٺـان، ڪپـرُ "ڪـاري واهـہ" جـو،
ڏيئو ٻاري ڏاهہ جو.

ڪڏان پنهنجي ڪنڌ مان، نِـڳرو نيئر مـان،
ڏيئو ٻاري ڏاهہ جو.

جيڪـر پنهنجـيءَ جـُـوءِ ۾، ڏٻـرن ڏڍ ڏيـان،
ڏيئو ٻاري ڏاهہ جو.

"خاڪي"خيال خمار جا، چت مٿان چاڙهيان،
ڏيئو ٻاري ڏاهہ جو.

(2)

پنهنجي دنيـا خيـال او سـائين،
پنهنجـــي دنيـــا خيـــال...

جـڳ سـچي جـي جيـوت جـي لئـہ، سـوين آهــن سـوال،
او ســــــائين،
پنهنجـــي دنيـــا خيـــال...

آهـــن چـــو انڌيرنـــگر جـــا، رهـــزن ٿيـــا رکـــوال،
او ســــــائين،
پنهنجـــي دنيـــا خيـــال...

مـــاڻهوءَ مـــاڻهو جـــي لئـہ جوڙيـــا، "خـــاڪي"خـــام خيـــال
او ســــــائين،
پنهنجـــي دنيـــا خيـــال...

## مريم مجيدي

### نظم

چنڊ منهنجو!

چنڊ منهنجو چاهہ جو!
مون ڪان رهيو ڪيڏو اوپرو!
آءٌ ڳهيلي، هانوَ هنيلي ساڻ هيڪل.
ائين جُڳن ڪان،
آس لڳائي،
واٽ ۾ ويٺي رهيس!
هو دل جي ڌرتي مٿان،
پيار جا پيرا مٽائي،
منهن ڦيرائي،
ڪنهن ڏورانهين دنگ تان،
ائين پراون جيئن سدا،
ايندو رهيو، ويندو رهيو!
جڳ ۾ وکيرڻ روشني!
پر مون کي اهڙي ڪين سگهيو،
هڪڙو ڪرڻو قرب جو!
ڪيڏو نہ ڏس!
ڪنجوس نڪتو!
چنڊ منهنجو چاهہ جو!
چنڊ منهنجو چاهہ جو!

# روشن گهانگهرو

## غزل

سونهن سينگارجي هلي آهي،
واسجي وئي ٻلي ٻلي آهي.

هن جي گفتار، ناز، فرمائش،
سادڙي آ صفا ڀلي آهي.

هوءِ معصوم آ فرشتن جان،
صاف دل آ ڪچي ڪلي آهي.

چاهتن جي جهان ۾ اڪثر،
دل ٻهيلي ڇو هيڪلي آهي!

## غزل

احساس جو جُهڙ فڪرات ياد آ.
ترپڻ شعور جو سڪرات ياد آ.

کهڙي هوا گهلي جو بَرُ ڪري وئي!
سرسبز سونهن جي باغات ياد آ.

جذبن جي سيج تي لفظن جو رقص هو
مُرڪڻ خيال جو ءِ ذات ياد آ.

توسان حسين لمحا، ٽهڪ، چاندني
سُرتار پيار جي جذبات ياد آ.

ڪا سونهن ڪنوار هئي، ڪو چنڊ گهوٽ جو،
پَرين جي ناچ جي بارات ياد آ.

گنڍڻيءَ ڪراڙ تي سپنن جي عيد هئي
لفظن جي نُور جي برسات ياد آ.

ڪويل جي ڪُوڪ "روشن" ٽور مور جي،
بلبل جي پيار واري لات ياد آ.

## غزل

چانڊنيءَ کان حسين تن غزل ٿو لڳي
ميل تارن جو تنهنجو بڪل ٿو لڳي.

هي جي مهڪيل جوان سُرمئي شام آ،
تنهنجي نيڻن جو وکريل ڪجل ٿو لڳي.

تون جو گڏ آن پرين! روشني هي پهر،
پاڳ پنهنجو رنگن ۾ رتل ٿو لڳي.

"جونِ" جي واءُ ٽانڊا رڳو باهه آ،
ڏينهن دوزخ جيان ڇڻ تتل ٿو لڳي.

خودڪشي ڪئي اٿس سڀ چون ٿا مگر،
هو مُئو پاڻ ناهي، قتل ٿو لڳي.

چا وري سچ تي سِر ڏنو ڪنهن سچي،
ميڙ مقتل جي حد ۾ متل ٿو لڳي!

## غزل

سوج زخمي گمان پيلو آ،
ڌرتي رت آسمان پيلو آ!

صرف تَن ئي نه روح رهڙيل هن،
مُرڪ پيلي جهان پيلو آ!

ٿر ۾ افلاس ٿو رڙي ڪيڏو،
ٻار، ٻڍڙو، جوان پيلو آ!

ساڻ مون سان رهي ٿي تنهائي،
عزم پختو، ڌيان پيلو آ!

هجر جي ٿي هوا گهلي "روشن"،
عشق جو آستان پيلو آ!

**زاهد دارا ابڙو**

## خواب-گر جي دل

اسان مڪمل ۾ رهندا آهيون!
مڪمل ۾ ڪا کوٽ ناهي
مڪمل جامع ڪل، بي بدل جماليات آ
هتي جي رستن تي مينهن جو پاڻي نہ بيهندو آ
هتي جو سائو گاهہ ڪڏهن ناهي سُڪندو
هتي جي رهواسي جي هر ضرورت
مڪمل کي هلائيندڙ انتظاميا پوري ڪندي آ
مڪمل ۾ ممڪن حد تائين ڪو بکايل ناهي رهندو
۽ جيئن تہ مڪمل خود هڪ خواب آ
انڪري هت خوابن جي ڪا ضرورت ناهي.
تنهن هوندي بہ انتظاميا خواب ڏسڻ تي پابندي هڻي
ڇڏي آ
اهو ڄاڻندي تہ
جيئن تہ سڀ خواب سچا ناهن هوندا
۽ ڪوڙ خواب ٻيچاريندڙ پڻ هوندا آهن ۽ ڇاڪاڻ
تہ
"خواب آخر خواب ئي آهن- ڪا حقيقت تہ ناهن."
ان ڪري هر خاص ۽ عام کي ڄاڻ لئي ڏجي
تہ
"جيڪڏهن مڪمل جو ڪو رهواسي، خواب ڏسندي
پڪڙجي پيو تہ ان کي جوڳي سزا ملندي."
انڪري هتي ڪو خواب ناهي ڏسندو
گهٽ ۾ گهٽ سڀ چوندا تہ ائين ئي آهن
پر
مان لڪي لڪي خواب ڏسندو آهيان
۽ ڪوشش ڪري انهن کي ياد بہ رکندو آهيان
يا ڪڏهن ڪڏهن يادگيريءَ لاءِ
پنهنجن خوابن جا فوٽوگرافس ڪڍي وٺندو آهيان.
اهو هڪ نهايت خطرناڪ عمل آهي
مان ڪنهن وقت بہ پڪڙجي سگهان ٿو
پر جڏهن کان منهنجي دل جي پيوندڪاري ٿي آهي
مان ڊڄان نہ ٿو!
هيءَ نئين دل موت جي کوهہ ۾ موٽرسائيڪل هلائڻ واري
هڪ بازيگر جي آ
جنهن ناحق جنگ تي وڃڻ جي لازمي حڪم کان انڪار
ڪيو هو ۽
فائرنگ اسڪواڊ آڏو
پنهنجي بازيگري نہ
ڏيکاري سگهيو ۽ مارجي ويو.
۽ پُڪي ۾ هن جي دل منهنجي نالي الاٽ ٿي
الاٽمينٽ مهل مون کي هڪ خط بہ مليو
جنهن تي بين ڳالهين سان گڏ اهو بہ لکيل هو تہ:
"هيءَ هڪ دلير بازيگر جي دل آ"
۽ مان لڪي لڪي خوابَ لهڻ شروع ڪيا
شروع شروع ۾ تہ
اهي خوبصورت وشال هُرمچي جا ست- رنگا خواب ها
جن جي
پلڻ مون کي اڪثر پنهنجي محنتاڻي جا ڪٽمڙا
تہ
ڪڏهن حقيقت جا ڪوتا سڪا ملندا ها!
پوءِ الائجي ڇو منهنجا خواب مُنجهندا ويا عجيب بي ربط
ٽڪرن ۾
مان انهن کي سمجهي نہ سگهندو هوس.
سڄي جو سڄو ڪنڍ بيمار!
اجتماعي قبرون!
(سڄي دنيا کي زوريءَ پيار سيکارڻ جي دعويٰ
ڪندڙ هڪ عجيب ماڻهو چوندو آ)
"اسان هر ڳجهارت کي پڃنداسين
هر ڪُهري متاڇري کي زوريءَ رَندو هڻي لسو ڪنداسين
هر پور کي پريندداسين
هر آواز کي وسعت تي سڄي ڳنڍ ڏئي ڇڏينداسين!"
مان اهڙا خواب ڏسي پريشان رهڻ لڳس
۽ انهيءَ بيقراريءَ ۾
مون کان ڪٿي منهنجن خوابن جا فوٽوگراف ڪري پيا
۽ سرڪاري اهلڪار کي ملي ويا
پوءِ منهنجو بچڻ ناممڪن هو!
نيٺ مون کي منهنجن ئي خوابن ۾ جيئرو پوريو ويو
۽ منهنجي دل ڪنهن ٻئي جي نالي الاٽ ڪئي وئي
الاٽي اُن جي الاٽمنٽ ليٽر ۾ اهو لکيل هوندو يا نہ. تہ:
"هيءَ هڪ گُم سُم خواب-گر جي دل آ."

## ايرڪ ڪئسٽنر

سنڌيڪار: ممتاز مهر

### پيار

أهي جڏهن تہ اٺن سالن کان هڪ ٻئي کي ڄاڻندا هئا
(سمجهيائون ٿي تہ ائين ئي هميشہ رهندو ايندو).
اوچتو سندن سمورو پيار
ڪنهن لَڪڻ يا هٽ جيئان گُم ٿي ويو.
أهي هئا غمگين، پر ظاهر ۾ خوش
هجڻ جو ناٽڪ پئي ڪيائون
ڄڻ تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ هو
هڪ ٻئي ڏانهن نهاريائون ٿي، پر
ڪين ڪا راهہ نظر نٿي آئي،
هُن آخر روئي ڏنو ۽ هو
سندس پر ۾ ويٺو رهيو.
أهي ٻئي ٻاهر نڪري
ويندڙ سامونڊي جهاز کي
الوداع ڪري ٿي سگهيا.
"ساڍا چار لڳا آهن"، هُن چيو
"وقت ٿيو آ ڪافي يا چانهہ پيئڻ جو".
پر واري ڪمري ۾ ڪو شخص،
پيانو وڄائي رهيو هو.
أهي پر واري
هڪ ننڍڙي ڪيفي ۾ ويا
۽ اُتي ويهي
پنهنجي پنهنجي ڪوپ ۾
چمچو گهمائڻ لڳا.
جڏهن سَنجها ٿي، ٻئي
اڃا تائين هڪ ٻئي جي سامهون
ويٺا هئا.
اُتي اڪيلا ويٺا رهيا
۽ خلا ۾ تڪيندا رهيا
پر پيار جي ڌهڻ کي
ڪوئہ سمجهي سگهيا.

[اصل جرمن ٻوليءَ مان انگريزي ترجمو Walter Schweppe جو ڪيل.
ايرڪ ڪئسٽنر جديد جرمن شاعريءَ ۾ اهم سڃاڻپ رکي ٿو.]

## فريڊرڪ نيٽشي

سنڌيڪار: ممتاز مهر

### اڪيلو

ڪانوَ هاڻ ڪان ڪان ڪندا،
پرڙاٽ ڪندا،
شهر ڏانهن اڏامن ٿا،
سُتت برف جا تهن مٿي تهہ چڙهندا،
أهو شخص ڪيترو تہ خوش هوندو
جنهن کي پنهنجو هڪ گهر آهي!
هاڻ ٿڌ سبب تنهنجو
بدن بہ سيٺجي ويو آهي،
بيٺي بيٺي گهڻي دير کان تون
گذريل وقت تي سوچين ٿو
۽ لوڇين ٿو.
اهڙي تهہ سياري ۾
اڙي بيوقوف! تون دنيا جي پيڙ
ڏانهن
ڇو ڀڄين!
دنيا- هڪ دروازو
هزارين ٿڌن ڪَکن ريگستانن
ڏانهن
داخل ٿيڻ لاءِ!
جنهن بہ تو جيان نقصان سَٺو
أهو ڪٿان جو بہ نہ رهندو.
اي زرد چهري وارا
پنهنجي غلاميءَ جي طوق
تي لعنت وجهہ
۽ ان بي لطف راهہ تان مٿي چڙهہ،
ان دونهين جيان
جيڪو هميشہ سرد کان سرد
اوچين فضائن جو رُخ ڪندو آهي.
اُڏر، پکي، ڪا ٻولي ٻول
صحرائي پکيءَ جهڙي ڪا لات لنوءَ.
اڙي بي عقل، رت ڳاڙيندڙ دل کي
برف ۾ چُور چُور
۽ حقارت سان نهار!



# ”مون کان کو الف-بي نہ کسي!“

## (ڪرشن راهيءَ جي ياد ۾)

تاج جويو

**سال** 2007ع سنڌ ۽ سنڌ جي ساڃهوندن لاءِ ويڇوڙن، صدمن ۽ سُورن جو سال بڻجي ويو آهي. هن سال، سنڌ جا ڪيترائي عاشق، اديب، شاعر، مصور، محقق، لطيف جا پارکو ۽ صحافي اسان کان کسي ورتا آهن ۽ سنڌ اُداس ٿي پيئي آهي. جنوريءَ کان اپريل جي 21- تاريخ تائين ڪهڙا ڪهڙا نہ ماڻڪ ۽ موتي انسانَ اسان کان وڇڙي چڪا آهن: انور پيرزادو (وفات: 7 جنوري 2007ع)، ظفر ڪاظمي (وفات: 12 جنوري 2007ع)، الياس عشقي (وفات: 12 جنوري 2007ع)، احسن الهاشمي (وفات: 24 جنوري 2007ع)، امير بخاري (وفات: 25 جنوري 2007ع)، الهنواز رڪشائي (وفات: 13 فيبروري 2007ع)، ڪرشن راهي (وفات: 6 اپريل 2007ع)، حسين شاهہ راشدي (وفات: 15 اپريل 2007ع)، ۽ ايم.ايڇ.پنهور (وفات: 21 اپريل 2007ع). اهڙيءَ ريت گذريل سال 2006ع ۾ اسان کان اسان جا ڪيئي سدا ملوڪ اديب، شاعر ۽ عالم کسي ورتا. ڪير وساري سگهي ٿو ڪاڪي هري موٽواڻي (ديهانت: 7 مئي 2006ع)، آذر ناياب صديقي (وفات: 2 اپريل 2006ع)، ولي محمد طاهرزادي (وفات: 31 مئي 2006ع)، نثار حسيني (وفات: 2 جون 2006ع)، اظهرگيلاني (وفات: 22- جولاءِ 2006ع)، آثم ناٿن شاهي (وفات: 6 آڪٽوبر 2006ع)، ارجن شاد (وفات: 3 نومبر 2006ع) ۽ محمد هاشم ’سائل‘ لاکي (وفات: 21 نومبر 2006ع) کي، جن جي سنڌي ڪهاڻي، پبلشنگ تحقيق، لوڪ ادب، ڊراما، صحافت ۽ شاعريءَ جي ميدانن ۾ مُهر ثبت ٿيل آهي. اُهي سڀ سنڌ جي سونهن هئا. جيڪي چپ چاپ اسان جي ”ادبي محفل“ مان اُٿي هليا ويا ۽ ’ارجن شاد‘ جي لفظن ۾ چوندا ويا:

احسان قدير شمع جا ساقيءَ جي حُسن تي،
محفل ۾ پورو ذڪر پي اسان جو ٿيڻ ڏيو!

ڪنهن تي لکي ڪنهن تي لکجي! منجهانئن هرهڪ اسان جي قلم جي خراج تحسين جو لائق آهي. پر اڄوڪي محفل ۾ هن ڪهڪشان جي صرف هڪ ستاري جو ذڪر ڪريان ٿو:

6- اپريل 2007ع تي اوچتو هڪ ڏک ۽ صدمي جي خبر هوائن جي دوش تي سوار ٿي سنڌ پهتي تہ ڪرشن راهي، جنم ڀوميءَ کان دور، پنهنجي ڪرم ڀوميءَ واري گهر، هٿيي ويلي، چيتل سر، ٿاڻي (اولهہ) مُمبئيءَ جي پنج ماڙ واري فليٽ ۾ گذاري ويو. هُن کي اوچتو دل جو سور پيو. عين اُن وقت شهر جي بجلي بہ الوداع چئي وئي، ۽ ڪرشن کي اسپتال نيندي، پلازا جي ڏاڪڻين تي ئي پنهنجا پساهہ پورا ڪرڻا پيا. ڪرشن راهي، جيڪو 56 سالن جي وڇوڙي کان پوءِ، ڊسمبر 2004ع ۾سنڌ آيو هو، ۽ پنهنجو جنم جو شهر لاڙڪاڻو ڏسي جڏهن مُمبئيءَ موٽيو هو تہ کيس دل جي تڪليف ٿي هئي. شايد هُو دل جو ڪجهہ حصو سنڌ ۾ ئي وساري ويو هو ۽ اڌوري دل کيس صرف ڊ سال. ٽي مهينا ۽ ڇهہ ڏينهن ساٿ ڏئي سگهي هئي. هو ’سنڌ ماتا‘ جي تصوير نيڻن ۾ سمائي، 6 اپريل 2006ع تي روحاني طرح سنڌ پهچي ويو.

ڪرشن راهيءَ جي من وطن جو وڇوڙو مڃيو ئي نہ هو. هن جي شاعريءَ جو اڀياس ڪجي ٿو تہ خبر پوي ٿي تہ وطن

جي جدائيءَ هن جو جيءُ جهير ڪري ڇڏيو هو. هُو جو دم زنده رهيو، پڳل دل سان جيئرو رهيو. بيرحم سياست جي سانگن خلاف لکندي، هن ديوار پنيان واجهائيندي، دڳ جي تلاش پئي ڪئي. ڪرشن جي پهرئين شعري مجموعي "ڪماچ" ۾ شامل وائيءَ جا هيٺيان بند سندس مَن- احساسن جا سچا روپ آهن.

ڪوئي آهي، ڪوئي آهي! سڏ اُونائي،
آهي ڪوئي؟
ننگي سياست ڏس ڇا ڇا ٿي سانگ رچائي!
ڪوئي آهي؟
آهي ڪوئي جو لونيءَ جا لِڱَ لڪائي!
ڪوئي آهي؟
دِلبر لئه ديوار پُنيان دلبر واجهائي!
آهي ڪوئي؟
آهي ڪوئي جو ديوار ڀڃي دڳُ ناهي!
ڪوئي آهي!

سو دلبر لاءِ ديوار پنيان واجهائيندڙ ڪرشن راهي ٻي ڪا ديوار ڀڃي نه سگهيو، ته پنهنجي دل جي ديوار ڀڃي، دڳ ناهي، دلبر وٽ وڃي پهتو!

ڪرشن راهي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڇورو ڪري ويو. هند ۾ "سنڌيءَ جي عاشقن جي سنگت" مان هڪڙو يار ڪُٽي پيو. منهنجي ذهن تي محسن ڪڪڙائيءَ جي غزل جو مقطع تري ٿو اچي. 'محسن' ۽ 'ڪرشن' ساڳئي وزن وارا لفظ آهن، سو پنهنجي محسن جي روح کان معافي وٺندي، سندس غزل جو بند، هڪ لفظ جي تبديليءَ سان پيش ڪريان ٿو:

اَبول! ڪيڏو نه 'ڪرشن' فقير ماڻهو هو،
اَبول! پنهنجي "سنگت" مان ٻه هڪڙو يارُ ڪٽو!

ڪرشن راهي، 25 مئي 1932ع ۾ موهن جي دڙي جي تهذيبي ۽ سڀداسي ڄانورن جي هڪساڻ واري شهر، ڪشچند بيوس، رام پنجواڻي، هوندراج دکايل، هري دلگير، اياز قادري، ارجن شاد، نواز علي نياز جعفري ۽ پريو وفا جي ڀوميءَ لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو هو.

ڪرشن راهي جديد سنڌي شاعريءَ جي گلاب- واسئين واٽ جو پانڌيئڙو هو. هن تمام مختصر لکيو، پر سندس شاعري، روايتي ۽ جديد شاعريءَ جو سهڻو ميلاپ هئي. هن 75 سالن جي عمر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر ۽ شاعريءَ ۾ ٿورا ڪتاب ڏنا، جي هيٺيان آهن:

(1) مُرڪ ۽ لُڙڪ (ڪهاڻيون:1956ع)
(2) ڪُماچ (شاعري: 1969ع)
(3) وَسڻ سندا ويس (شاعري: 1987ع)
(4) همعصر سنڌي شعر (ارجن شاد سان گڏ، جديد شاعريءَ جي هند ۾ 15 نمائنده شاعرن جي شاعريءَ جو ترتيب ڏنل انتخاب: 1989ع)
(5) گيانديو (مراٺي ٻوليءَ جي شاعر بابت 'پرشوتم يشونت ديشپانڊي' جي ڪتاب جو ترجمو: 1979ع)
(6) وَرقَ سپ ويچارَ (سنڌي شاعريءَ ۽ نثري ادب بابت مضمونن جو تخليقي مجموعو: 2003ع)

ڪرشن راهي مختصر نويس هو. هن گهڻي شاعري ڪانه ڪئي، هن سنڌي شاعريءَ ۽ نثري ادب تي ڪيترائي تنقيدي مضمون لکيا، پر اُنهن ۾ به اجائي پٽاڙ بدران هن اختصار کان ڪم ورتو. هن شاعريءَ جا صرف ٻه ڪتاب ڏنا آهن. اياز، شيام ۽ هري دلگير وانگر سمورين شعري صنفن تي لکيائين، پر جيڪو ڪجهه لکيائين، پختو، فني سٽاءَ ۽ فڪري طرح سگهارو لکيائين. بيت، ڪافيون، وايون، لاڏا، گيت، سهرا، لوليون، اوراڻا، ڇيج، جهُمر، دوها، سورٺا به لکيائين ته سنڌيءَ ۾ ٻين زبانن جون نئوارد صنفون- هيڪو، ترائيل، سانيٽ ۽ رباعيون به لکيائين. پر سندس شاعريءَ جو وڏو حصو- غزلن، نظمن، آزاد نظمن ۽ ڪوتائن (نثري نظمن) تي مشتمل آهي. هن پنهنجي ٻنهي شعري مجموعن جا عنوان، "ڪماچ" ۽ "وسڻ سندا ويس" لطيف سائينءَ جي هيٺين بيتن تان ورتا هئا:

- ڪهان جو 'ڪماچ' سين، سو سُڻ سڀاجهي ڪَنِ.

—

- اڄ پڻ منهنجي يار، 'وسڻ جا ويس' ڪيا!

اِن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته ڪرشن جي شاعريءَ جون پاڙون پنهنجي ڪلاسيڪي تهذيبي ورثي ۾ کتل آهن، هن سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي ساهُ ۽ هڳاءُ جهٽيو آهي، پر ائين به ناهي ته نئين جُڳ جي مسئلن ۽ ٻوليءَ کي ڪو هن نه اپنايو آهي. ڪرشن، اياز ۽ شيام وانگر اُنهن شاعرن مان



ڪرشن "راهي"

آهي، جن جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هيئت، اُسلوب، گهاڙيٽن ۽ نئين مواد آڻڻ جي تجربن جو جوکم کنيو ۽ ڪامياب تجربا ڪيا. اها ڳالهه ٻي آهي تہ ڪرشن تمام ٿورو لکيو آهي، پر هن جيڪو بہ لکيو آهي، اُهو سٺو آهي، پختو آهي.

ڪرشن جي پهرئين شعري مجموعي ۾ بيتن، دوهن، سورٺن، واين، ڪافين ۽ گيتن جو چڱو تعداد ملي ٿو، جڏهن تہ ٻئي مجموعي ۾ صرف هڪ گيت آهي- باقي غزل، نظم ۽ آزاد نظم آهن. هن جا بيت، سواءِ ٿورن جي، باقي سڀ ئي فن جي لحاظ کان پختا ۽ فڪري طرح سگهارا آهن. بيتن جو وڏو حصو، وطن جي وڇوڙي، وطن ۽ وطن واسين جي ياد، سنڌ جي عوامي زندگيءَ، هوائن، لڪن، موسمن، وٿڪار ۽ درياهہ جي نظارن جي ذڪر ۽ ياد تي مشتمل آهي. سندس ڪجهہ بيت سڄڻ جي سار، محبوب سان ملاقات، فطرت ۽ جماليات جي رنگ ۾ پڻ رڱيل آهن. جڏهن تہ دوهن ۾ ارمانن، اُنسن، سپنن، اوجاڳي ۽ آس، سڪ ۽ سار، چنڊ ۽ چانڊنيءَ جو بيان آهي. اهڙيءَ طرح سورٺن ۾ پڻ پريتءَ سان پيچ، نيهي ۽ نينهن، قربن جي ڪاڻ، اکين جي اُشڪن، اُلڪن، اوسيئڙن، عشق ۽ عاشق سان گڏ وطن جي مٽيءَ جي سار بہ شامل آهي.

ڪجهہ مثال:

بيت: مُند تہ ڏسن مهل ڪا، اندر جون آهون،
مُلڪ موٽي وڃڻ جون، بند ٿيون واهون،
سي دليون ڪن دانهون، وطن ويو جن هٿان!

—

جيڪي هتي جميا، سي پي سنڌي سڏبا،
سنڌي ٿي پي سنڌ کي، ڏسڻ کان سڪندا،
ڏارين وانگيان جڏهين، سنڌ وڃي ڏسندا،
ماٺهو اِئين چوندا، 'سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ!'

—

اکيان اوت پروت ٿيو، اندر جو اُمنگ،
انگڙا آلاپڻ لڳا، سيني سوَ سارنگ،
چپن چاڙهي چنگ، ڳائي رهيو ڳائٹو!

—

نيسر هينان نار، ميٺ مليل لڳن سان،
جهرجهر ڪندو جَل وهي، تواني تن تان،
اُجرو ٿي اڳ کان، ٿو نکري سون سرير جو!

دوها: ساري ساري رات رهي، اوجاڳو ۽ آس،
سڪ سمرٿيءَ جا ٿين ٿا داٺا منهنجا ساسَ.

—

ڪرڙن ڪهڙو رنگَ ٿئي، ڪجين ڪهڙي ڇانوَ،
ڇيئڻ جا جهان کي، ٿيا پنهنجا پنهنجا ڏانوَ!

سورٺا: آ عاشق جا اهڃاڻ، اُلڪو ۽ اوسيئڙو،
وڃيس وسري پاڻ، ٻين سنڌيءَ سار ۾!

—

هيڏي ساري ٻون، تہ بہ نہ پنهنجي پانئيان،
ڪڏهن جي وطن وڃين تون، مٽي آڃ مون لئہ!

ڪرشن جون وايون ڪلاسيڪي رنگَ ۾ رڱيل آهن، پر اُنهن ۾ موجوده دور جو شعور، ورهاڱي جي وڍن جو سور ۽ جلاوطنيءَ جو ڪرب ۽ پيڙا جو مذڪور بہ آهي.

هِتي جٹن منهنجي دل ۾ درد، هُتي پي آهون هونديون سردُ،
مگر ڪيئن ڄاڻان؟

—

سياست سانگ، پونءِ پڙيانگ، نچي ٿو نانگَ،
ڪرت آ ڪاري ڙي، ڪاري!
حياتي هاءِ! هاءِ! هاءِ!
حياتي هاءِ! هاءِ! هاءِ!

ڪرشن جون ڪافيون، مارئيءَ جي ملڪي ياد، سهڻيءَ جي ميهر لاءِ سڪ، ليلا جي پڇتاءَ، سسئيءَ جي سورن، مومل جي اوجاڳن ۽ اوسيئڙن جو پڙاڏو آهن، پر اُنهن ۾ جدت نالي ماتر آهي! اهڙيءَ ريت جڏهن ڪرشن جي هيڪو، ترائيل ۽ سانيٽ تي نظر وجهجي ٿي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ

واهہ رباني وٽي هليو ويو آهي! هن پير حسام الدين سان ڪيل واعدا پاڙيا ۽ سندس هر شيءِ سانڍي. سندس حال ۽ ماضي کي سانڍيو. هاڻ ذميواري آهي سندس وارث علي رضا جي، جنهن کي هيءُ قومي ورثو سنڀالڻو آهي. سندس والدہ بہ ان علمي خزاني کي واهہ جو سنڀاليو آهي. هاڻ اميد تہ علي رضا کي همت ڏياري. هيءُ جبل جيڏي زندگي گهارڻ لاءِ تيار ڪندي ۽ مون کي يقين آهي تہ جلد ٻيو حسين شاهہ نڪري نروار ٿيندو.

- حميد سنڌي

* * * * *

## حسين شاهہ راشدي- روايتن جو امين

1- اپريل 1982ع تي سنڌ جي نامور عالم، محقق ۽ تاريخدان پير حسام الدين راشدي وفات ڪئي. 2- اپريل تي تاريخي ماڳ "مڪلي" تي راشدي صاحب کي سپرد خاڪ ڪيو ويو. ان موقعي تي آءٌ بہ پڇي ڏکي قبرستان پهتو هئس. مون حسين شاهہ راشدي صاحب کي پهريون پيرو ان موقعي تي ڏٺو هو.

سنڌ جي باوقار عالم پير حسام الدين راشدي صاحب سان مون پهريون پيرو 1977ع ۾ ڪراچي شهر ۾، سندن رهائش گاهہ "علي رضا هائوس" تي ملاقات ڪئي هئي، بعد ۾ سال ۾ هڪ ٻہ پيرو ملاقات جو شرف حاصل ڪبو هو. ليڪن 1980ع ۽ 1981ع ۾ اسان جون باقاعدہ ڪچهريون ٿيون. مون 1981ع ۾ سندن اردو ڪتاب "سنڌي ادب" ترجمو ڪري ڇپرايو. منهنجو ڪيل ڪم راشدي صاحب کي پسند آيو ۽ مون کي ڪوڙ دعائون ڏنائين. ان ريت منهنجي مطالعي ۽ ڪوجنا ۾ پير حسام الدين راشدي هڪ اهم عنوان طور شامل ٿي ويو.

شايد ان پس منظر ۾ سائين حسين شاهہ راشدي مون ڏي توجهہ ڪيو ۽ راشدي صاحب جي ورسين ۾ مون کي باقاعدہ سڏڻ وارو سلسلو شروع ٿيو. ابتدا ۾ ليٽر ملندو ۽ پوءِ فون تي پروگرام ۾ شرڪت لاءِ تاڪيد ڪندو. مون ڪوشش ڪري هر پروگرام ۾ شرڪت ڪئي. ڪڏهن مضمون پڙهيم تہ ڪڏهن تقرير ڪيم. ان ڪان علاوہ بہ مون راشدي صاحب بابت پنهنجو مطالعو جاري رکيو.

1987ع ۾ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت ملي. پانيان ٿو تہ 1988ع جي ابتدا ۾، سنڌالاجي اداري جي ڏهوڪي ڊائريڪٽر ميڊم مهتاب اڪبر راشدي هڪ ڀيري مون کي پنهنجي آفيس ۾ سڏيو. گفتگو ڪندي پاڻ چيائين تہ ادارو پير حسام الدين راشدي تي ڪم ڪرڻ گهري ٿو. ۽ حسين شاهہ جو چوڻ آهي تہ غلام محمد لاکو ڪم ڪندو تہ اُن جي همت افزائي بہ ڪنداسين ۽ مدد بہ ڪنداسين. هڪ ٻن ملاقاتن کان پوءِ پير حسام الدين راشدي صاحب بابت ڪم ڪار جي حوالي سان، اسان ڪجهہ نڪتن تي اتفاق ڪيو. شايد ڪجهہ ڪاغذن تي مون کان دستخط بہ ورتا ويا هئا. ۽ سنت پوءِ ميڊم صاحبہ سنڌ يونيورسٽي ڇڏي سنڌ سرڪار ۾ ملازمت اختيار ڪئي. ان ريت منهنجي حوالي سان سنڌالاجي ۽ پير حسام الدين راشدي وارو باب بند ٿي ويو. ان هوندي بہ مون بنا ڪنهن لالچ يا نفعي نقصان جي، سيد حسام الدين راشدي بابت پنهنجو تحقيقي ڪم جاري رکيو. راشدي صاحب جو ٽڙيل پکڙيل مواد، تحريرون، تقريرون ۽ انٽرويوز، مطلب تہ جو ڪجهہ مواد ملي سگهيو- ان کي سهيڙيم. ان سان گڏ راشدي صاحب جي علمي ڪمن بابت هڪ مختصر مگر جامع مقدمو پڻ لکيو ويو. منهنجي سهيڙيل مواد تي مبني ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" نالي سان، سنڌي ادبي بورڊ 1992ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. ان طرح سنڌ جي هن باوقار عالم جي فن، فڪر ۽ سوچ کي عام ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿي.

ڪجهہ سال پوءِ ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي معرفت، راشدي صاحب جي هڪ عزيز دوست ڊاڪٽر رياض الاسلام صاحب، خط لکي سنڌ جي هن سدابهار عالم جي منتشر اردو تحريرن کي مرتب ڪرڻ ۽ ايڊٽ ڪرڻ جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو. مون الله جو نالو وٺي ڪم شروع ڪيو. مون کي يارن دوستن جي مدد سان ڪاميابي ٿي ۽ ڪل ايڪيهہ ننڍا وڏا اردو مقالا ۽ مضمون گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيم. هي ڪتاب پوءِ "مقالات راشدي" جي نالي سان، راشدي صاحب جي ويهين ورسيءَ جي موقعي تي ڇپجي پڌرو ٿيو. ڊاڪٽر رياض الاسلام صاحب هي اردو ڪتاب، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ قائم انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز پاران ڇاپي نروار ڪيو هو. سائين حسين شاهہ

ڪيائين. پوءِ روبرو هلي مسئلي حل ڪرائڻ ۾ ڀرپور مدد ڪيائين. اهو دور سندس حشمت ۽ جاهه و جلال جو هو. ڪجهه بنجي وڃڻ کان پوءِ چڱا ڀلا ماڻهو اکيون ڦيري ڇڏيندا آهن، پر حسين شاهه جيئن اڳ هو، تيئن ئي برقرار رهيو. نه آڪڙ نه وڏائي، نه تڪبر نه غرور!

ائين به نه هو ته حسين شاهه جي مون ۾ دلچسپي رڳو چاچا حسام الدين جي علمي ڪمن ڪارين جي حوالي سان هئي. سنڌي ادبي بورڊ منهنجو ڪتاب "سمن جي سلطنت" سندس ذاتي دلچسپيءَ سان ڇپرايو هو. منهنجي مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل ڪتاب "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو" سال 1997ع ۾ هڪ دوست ڇپرائي پڌرو ڪيو. ان ڪتاب جي اشاعت لاءِ، مختلف طريقن سان ڏوڪڙ پيسي جو بندوبست سائين حسين شاهه راشدي صاحب ڪيو. ڪراچي شهر ۾ ڪتاب جي رونمائي تقريب ٿي، ان جلسي جي صدارت به پاڻ ڪيائين. ان موقعي تي دل کولي تقرير ڪيائين ۽ منهنجي ادبي ڪم جي خوب تعريف ڏنائين. هي به رڪارڊ جي ڳالهه آهي ته ان ڪتاب جي وڪري ۾ به وڏي مدد ڪيائين. اهڙيءَ طرح سان سنڌ جي هن لائق فرزند، منهنجي علمي ادبي ڪمن جي هر طرح سان همت افزائي ڪئي.

نومبر 2006ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي هڪ سيمينار جو بندوبست ڪيو. سيمينار جي پهرين بيٺڪ پير سائين حسام الدين راشدي جي نالي ۾ منعقد ٿي. ان موقعي تي مون کي به مختصر مضمون پڙهڻ لاءِ چيو ويو. سائين حسين شاهه موقعي جو ڀرپور فائدو ورتو. پير حسام الدين جي سوانح، علمي ڪمن ۽ ادبي حاصلات تي ڀرپور تقرير ڪيائين. سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن طرفان پير حسام الدين جي باري ۾ موجوده لاتعلقي جو سفارتي انداز سان خوب ذڪر ڪيائين. بلڪل صحتمند. حشاش بشاش ۽ گفتگو ۾ روايتي رعب ۽ ڪڙڪو. چانهه جي وقفي تي سائين حسام الدين راشدي جي اپريل ۾ ايندڙ ورسيءَ جو اونو ڏيکاريائين. دوران گفتگو اداس ٿي چيائين ته وقت گذرندي دير نٿي لڳي. چاچا جي وفات کي اپريل ۾ پنجويهه ورهيه ٿيندا. هيل ورسيءَ جو ڀرپور پروگرام ڪبو!

مون کي سال کن اڳ سنڌي ادبي بورڊ پاران ليٽر مليو ته اوهان جو مرتب ڪيل پير حسام الدين راشديءَ جو ڪتاب "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" اسٽاڪ مان ختم ٿي چڪو آهي، ڪتاب جو نئون ڇاپو ڪڍڻ جو ارادو آهي. اگر ڪي سڌارا ۽ واڌارا ڪرڻا هجن ته ڪري ڏيو. ڪجهه مهينا اڳ گهريل واڌارن سان ڪتاب تيار ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو ويو. پندرهن سالن کان پوءِ "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" 1- اپريل تي ڇپجي ظاهر ٿيو. جناب نفيس احمد شيخ جي رٿا سان، هن ڀيري سنڌي ادبي بورڊ مذڪوره ڪتاب جي پڌرائي سان گڏ، پير صاحب جي ورسي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو. 1- اپريل تي جلسي ۾ خبر پيئي ته حسين شاهه راشدي سخت بيمار هجڻ سبب، پروگرام ۾شريڪ نه ٿي سگهندو. جلسو به ڪاميابيءَ سان ٿي ويو ته ڪتاب جي منهن- ڏيکائي به ٿي، پر حسين شاهه جو نه اچڻ ۽ سخت بيمار ٿيڻ هڪ پريشان ڪندڙ خبر هئي. مون 3- اپريل تي فون ڪري مزاج پُرسي ڪئي. پاڻ چيائين ته مون ٻڌو آهي ته اوهان جو مرتب ڪيل چاچا جو ڪتاب (ڳالهيون منهنجي سنڌ جون) واڌارن سان ڏاڍو خوبصورت ڇپيو آهي. يار هڪڙي ڪاپي ته جلدي موڪلي ڏي. وڌيڪ چيائين ته چاچا جي مسودن جي چند چاڻ ڪئي اٿم، بيماريءَ مان اٿان ته گڏجي ويهي انهن جي اشاعت بابت صلاح مشورو ڪجي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حسين شاهه اسپتال داخل ٿيو. آءٌ روز ياءِ ناشاد ۽ عادل راشديءَ کان فون تي سندن طبيعت جو پڇندو رهيس. 15- اپريل تي يارهين وڳي ڌاري هڪ دوست فون ڪري حسين شاهه جي وفات جو اطلاع ڏنو. افسوس ته حسين شاهه کي آءٌ ڪتاب جي ڪاپي به نه موڪلي سگهيس. ڪهڙي خبر ته پاڻ هي حسرت ڪٺي، ترت اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويندو.

حسين شاهه راشدي علم جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد پير علي محمد شاهه راشدي بهترين نثرنگار هو. چاچو پير حسام الدين، محقق، اسڪالر ۽ تاريخدان هو. سندس پرورش ۽ تعليم تربيت ان ماحول ۾ ٿي. ^روع جي دور ۾ سندس ڪجهه مضمون رسالي "نئين زندگي" ۾ ڇپيا هئا. پوئين دور ۾ پاڻ "جاڳو" ۽ "برسات" اخبارن لاءِ وٺندڙ ڪالم لکيائين. هڪ ٻن ڪتابن تي سندس لکيل

راشدي صاحب. ان موقعي تي ڪراچيءَ جي هڪ هوٽل ۾ ورسيءَ جو شاندار پروگرام ترتيب ڏنو. سنڌ جو گورنر محمد ميان سومرو پروگرام ۾ شريڪ ٿيو. پاڻ پنهنجن هٿن سان "مقالاتِ راشدي" جي پڌرائي ڪيائين. هي هڪ اهم علمي ڪم هو جنهن جي تڪميل تي مون کي تہ خوشي ٿي، پر حسين شاهہ راشدي صاحب جي خوشي بہ ڏسڻ وٽان هئي!

سائين حسين شاهہ راشدي صاحب سياسي ڪيريئر پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت سان شروع ڪيو. پاڻ پوري زندگي هن پارٽيءَ ۾ رهيو ۽ اڳتي هلي سينيٽر بہ منتخب ٿيو. ان سان گڏ سنڌي ادبي بورڊ جي سرواڻي (31- آڪٽوبر 1994ع کان 30- نومبر 1996ع) بہ سندس حصي ۾ آئي. هڪ برجستہ سينيٽر جي حيثيت ۾ پاڻ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڀرپور موقف رکڻ ڪري، سنڌي ميمبرن ۾ بلڪل نمايان ڏسڻ ۾ ايندو هو. 1996ع جي آخر ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت ختم ٿي ۽ مسلم ليگ (ن) جو دور آيو ۽ پوءِ موجوده راڄ شروع ٿيو. هڪ مرحلي تي حسين شاهہ تي بہ آزمائش جو دور اچي ويو. ماڻهن چيو تہ حسين شاهہ اجهو ٿو پارٽي تبديل ڪري- ليڪن اندازا غلط ثابت ٿيا. حسين شاهہ آخر تائين پارٽيءَ سان مڪمل وفادار رهيو.

جناب حسين شاهہ خانداني روايتن ۽ قدرن جي تحفظ ۽ انهن کي وڌائڻ جو هر وقت پورو پورو جتن ڪيو. سائين حسام الدين راشدي جي وصيت ۽ هدايتن تي پورو پورو عمل ڪيائين. راشدي صاحب جي دوستن ۽ تعلق وارن سان آخر دم تائين دل کولي پورو پورو نباهيائين. راشدي برادران جي علمي ۽ ادبي ورثي کي بہ خوب سنڀاليائين. سائين حسام الدين شاهہ عالمُن، اديبن ۽ ليکڪن جو وڏو قدردان هو. هن ڏس ۾ حسين شاهہ پڻ ساڳيو ڪردار ادا ڪيو. راشدي صاحب لکندڙن ۽ اسڪالرن کي پنهنجي گهر تي سڏيندو هو ۽ سندن مان ۾ عاليشان دعوتون ڪندو هو. ان ريت رسم کي حسين شاهہ بہ برقرار رکيو. گذريل سال 2006ع ۾ پڻ پنهنجي ڊفينس واري گهر ۾، عالمن، اديبن ۽ دوستن جي لاءِ هڪ عاليشان دعوت جو بندوبست ڪيائين. حسب دستور دعوت جو ڪارڊ موڪلي ڏنائين ۽ بعد ۾ فون ڪري شرڪت لاءِ تاڪيد ڪيائين. مون



حسين شاهہ راشدي، سينيٽ جي اجلاس ۾ تقرير ڪندي

معذرت ڪئي تہ خفگي ڏيکاريندي، دعوت ۾ شرڪت لاءِ حجت ڪيائين ۽ سندس حجت کي مان ڏيندي، آءٌ ان ۾ شريڪ ٿيس. گاڏيءَ جو انتظام محترم شوڪت حسين شوري ڪيو، جنهن ۾ پاڻ نفيس احمد شيخ، تاج جويو ۽ ٻيا ڪي دوست گڏ هئاسون.

سائين حسين شاهہ سان منهنجو پنجويهن ورهين جو تعلق رهيو. ادبي ڪم ڪار جي حوالي سان ڏيٺ ويٺ ٿي. اڳتي هلي ذاتي تعلقات قائم ٿيا. نياڻين جي شادين ۾ توڙي پياري علي رضا جي شاديءَ جي موقعي تي ياد ڪيائين. ڪراچي شهر مون لاءِ هڪ آزمائش جي برابر آهي. ٻيو وري هي تہ شهرن ۾ شادين جون تقريبون رات جو هڪ ٻين تائين هلن. ٻئي مامرا مون لاءِ مشڪل. ليڪن حسين شاهہ راشديءَ جي سڪ جي سڏ کان منهن موڙڻ اچا بہ مشڪل. اپريل 2000ع ۾ مون پنهنجي ڳوٺ (مناخان جوکيو) ۾، ننڍي ڀاءُ جي شاديءَ جو ڪاڄ ڪيو. مون هٻڪندي سائين حسين شاهہ کي بہ ڪارڊ موڪلي ڏنو. حسين شاهہ راشدي اسان جي آبرومندي ڪري، وڏا وڙ ڪري اچي ڳوٺ پهتو. بہ ڪلاڪ ويٺو رهيو. مانيءَ سان گڏ ڪچهري بہ واهہ جي مچايائين.

پاڻ سينيٽر هو جو مون کي ڪو مسئلو درپيش آيو. روبرو

پيش لفظ ۽ مهاڳ بہ ڇپيل آهن. مختلف مصروفيتن سبب لکڻ طرف گهڻو توجهہ نہ ڏنائين، ورنہ تہ حسين شاهہ جي قلم ۾ وڏي طاقت هئي. باقاعده لکي ها تہ سندس شمار پڻ مثالي سنڌي نثرنويسن ۾ ٿئي ها!

جو ڄائو آهي سو ضرور جهان ڇڏيندو. پر حسين شاهہ جي اچانک بيماري ۽ کمهلي موت تي اجا اعتبارئي نٿو اچي. نہ عمر رسيده بزرگ هو ۽ نہ وري طويل عرصي کان عليل رهندو هو. سندس وفات سان في الحال تہ پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشديءَ جي جملي علمي وراثت بابت تشويش هک فطري امر آهي. اڳتي ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي!

- غلام محمد لاکو

* * * * *

## مون سي ڏٺا ماءُ........

نہ دل ٿي مڃي، نہ ذهن ٿو قبول کري تہ سدا ملوک، کلڻو ملڻو، ٽهک ڏيندڙ ۽ ڏياريندڙ، باغ و بهار شخصيت جو مالک، دل گهريو دوست ۽ دلبر حسين شاهہ راشدي، سڀني سائين سنگتين کان اوچتو منهن مٽائي ان طرف سفر سَنباهيندو ۽ اهڙي ڏورانهين ڏيهہ جو رهواسي ٿي ويندو، جتان ڪوبہ واپس نہ ورندو آهي. دوستي رکڻ ۽ ان کي توڙ نباهڻ سندس وڙ هو. سڀني يارن، دوستن کي ساري سنڀاري ياد رکڻ ۽ ڪنهن مهل موقعي تي سڏي کين پاڻ سان گڏ شريک ڪرڻ، سندس محبوب فطرت جي پختي روايت بڻجي چڪي هئي. آءٌ پنهنجي پوري ايمانداريءَ سان چوان ٿو تہ مون پنهنجي سڄي ڄمار ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ ڏٺا آهن جيڪي زندگيءَ جي خوشين، مسرتن ۽ چلولاين ماڻڻ ۾ حسين شاهہ راشدي جيان ڀرپور رهيا هجن. هو ڪڏهن بہ مون کي ڏکارو يا پريشان نظر نہ آيو. بس جڏهن بہ ملندو هو تہ وڏا پاڪر پائي، کلي خوش ٿي، ٽهڪ ڏئي ۽ ڀاڪرين پائي ملندو هو. مون کي چوندو هو: "سهڻا ماڻهو مون کي هونئن بہ ڏاڍا وڻندا آهن. پر توسان وڌيک دل انکري آهي جو چاچا سائين پير حسام الدين راشدي جن کي تون ڏاڍو پيارو هئين ۽ جيڪي ماڻهو پير صاحب کي پيارا رهيا آهن، سي منهنجي سِرَ جا سائين آهن."

سچي ڳالهہ بہ اها آهي تہ حسين شاهہ سان واقفيت، گهرائپ ۽ پوءِ دوستيءَ جو رشتو بہ فقط انکري جڙيو جو آءٌ الحمرا



پير حسام الدين راشدي ۽ حسين شاهہ راشدي

سوسائٽي ڪراچيءَ ۾ 60- علي رضا هائوس جا چڪر اڪثر پيو ڪاٽيندو هوس تہ قبلہ پير حسام الدين راشدي جن جي صحبت ۾ ڪي گهڙيون ميسر ٿي وڃن تہ من سنڌن علم، ادب، ڏاهپَ ۽ تاريخ جي ڇوليون ڏيندڙ سمنڊ جي اگوندري آبَ مان ڪا سُرڪ مون کي بہ ملي وڃي ۽ علمي آسودگي ميسر ٿي وڃي. قبلہ پير صاحب جن جي صحبت ۾ گوشائتيون گهڙيون ميسر ٿيون هجن يا سنڌن بنگلي جي هال يا ٻاهر لان ۾ ويٺل ڪراچي يونيورسٽي توڙي شهر جي پي.ايچ.ڊي ڊاڪٽرن، پروفيسرن، عالمن، دانشورن، مدبرن، اديبن ۽ شاعرن جي گڏيل ڪچهري نصيب ٿي هجي، جيڪي پڻ مون جيان پير صاحب جن وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ حاضري ڀريندڙ هيا. آءٌ بهرحال، اهڙين خوش نصيبيءَ وارين ڪچهرين مان پنهنجي حصي جي وَنڊ وٺي پوءِ واپس ٿيندو هوس.

اهڙين ئي ماناڻتين ۽ علم، ادب، تاريخ، تحقيق ۽ تخليق جي روح رچندين رهاڻين ۽ قربائتين ڪچهرين ۾ حسين شاهہ سان ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو. هو پاڻ بہ علم ۽ ادب جو وڻجارو هو ڇو تہ هر طرف کان مالامال ۽ فيضياب هو. پير علي محمد راشدي جهڙي نامياري ليکک ۽ انوکي انداز جي مايہ ناز قلمڪار جو لائق پٽ ۽ پير حسام الدين راشدي جهڙي بيمثال محقق ۽ تاريخدان جو فرمانبردار ڀائٽيو هو. تنهنکري سندس عام ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ کِل ڀوڳ، مزاح، ظرافت، برجستگي، ۽ چست فقرن جي استعمال جي ڏات، سندس والد صاحب کان کيس ملي هئي ۽ گفتگو ۾ شائستگي تهذيب، ادب، نهٺائي ۽ ميٺ مروت جو رُنگ پنهنجي عظيم چاچا کان کيس عطا ٿيو هو.

حسين شاهہ مرحوم پنهنجن محسنن يعني پنهنجي والد ۽ چاچا



ڊاڪٽر انيمري شمل ۽ حسين شاهہ راشدي

لهجي ٻڌڻ ۾ ايڏو تہ منهمڪ ٿي ويس، جو ڪا گهڙي تہ اسڪرين تي هيٺان ڦرندڙ سندس وصال واري خبر- پٽيءَ تي منهنجي نظر ئي ڪانہ پيئي.

۽ بس، ڪجھ گهڙين بعد هيٺان ڦرندڙ ان پٽيءَ تي نگاهہ پيم. لکيل هو: "حسين شاهہ راشدي لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ميوہ شاهہ ڪراچيءَ جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ....." ۽ بس يڪدم ڏک ۾ ونجي ويس. سوچيم: خدايا! حسين شاهہ راشديءَ جهڙي تروتازہ، ڦڙت، چست ۽ خوش گفتار ۽ هر وقت باغ بهار ۽ تيز طرار نظر ايندڙ، خوشبو خوشبو انسان سان ڇا ٿي ويو. ڪڏهن بہ ملي نہ سگهندس... ۽ بس اهڙي ڏيان اچڻ سان، تنهائين ۾ اداس ٿيندو پئي ويس. (۽ ٿيان بہ ڇو نہ ها، جو دوست ڪان دوست جدا ٿي چڪو هو) ۽ اجهو هن وقت، جڏهن، هن بابت، هي تعزيتي ليک لکڻ لاءِ ٽيبل ڪرسي تي اچي ويٺو آهيان، تڏهن هڪ هڪ ڪري اُهي سڀ ملاقاتون اکين جي اڳيان پيون ڦرنم... جن ۾ هن ڇمڪندڙ ٻهڪندڙ انسان هر دفعي مون کي گهڻو موهيو ۽ اڪير مان ڀاڪرن ۾ ڀري ڇڏيو هو.

ياد پيو اچيم، 85-1984ع وارو سال هو. آئون نئون نئون پروڊيوسر ٿي ريڊيو حيدرآباد تي آيو هوس. صبح جا يارنهن پئي وڳا، جو ڊائريڪٽر سائين عنايت بلوچ صاحب پنهنجي آفيس ۾ سڏرايو. پهتس تہ، زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هُن کي مون روبرو ڏٺو. لحيم شحيم، ويل ڊريسڊ، پرفيومڊ پرفيومڊ ۽ ٽپ ٽاپ...

مون سلام ڪري معزز مهمان ڏانهن هٿ وڌايو - تہ هُن مون سان هٿ ملائيندي گجندڙ آواز ۾ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو: "حسين شاهہ راشدي."

جيتوڻيڪ آئون هُن جي نالي کان اڳ ئي واقف هوس، پر ساڻس روبرو... اها منهنجي بلڪل ئي پهرين ملاقات هئي.

خوش دليءَ سان چيائين: يار! معاف ڪجئين مرزا! مون ئي توکي هتي سڏرايو آهي، ۽ ڪم تو ۾ صرف ايترو آهي جو.. تو جيڪو تازو "پارس" رسالي ۾ مانيٽي اوني مرحوم پاران... بهشت مان خط لکي ڇپرايو آهي. يار، مون کي ڏاڍو وڻيو. سوچيو هئم... توکي ڪڏهن ان جو داد... ملندين تہ روبرو ڏيندس. بس هن وقت منهنجو ڪم تو ۾ اجهو ايترو ئي هو... باقي سڀ خير... خوش... ڇڱو ڀلو...

۽ خوش مزاج انسان حسين شاهہ سان ٿيل ان مختصر ڪچهريءَ بعد، اُتان اُٿندي مهل، ڪانئس موڪلائيءَ وارو هٿ ملايم، تہ يڪدم محسوس ٿيم تہ حسين شاهہ راشدي... پُٽ پير علي محمد شاهہ راشدي، ايڊوڪيٽ هاءِ ڪورٽ... مون کي نہ فقط دل ڏيڻ چاهي ٿو، پر مون کي "پنهنجو بہ ڪرڻ چاهي ٿو".

۽ اجهو اِن ملاقات جي تصور ۾ ئي آهيان، تہ ذهن ۾ هن سان ٿيلَ هڪڙي ٻي ملاقات جي تصوير اُڀرندي پئي اچيم. غالباً 1988ع جو سال هو.

فون تي هن جو گجندڙ آواز ٻڌم... (۽ هن ليک لکڻ وقت بہ جهڙوڪر ڪنن ۾ ٻُرندو پيو پانيان) اُهوئي نج نبار اُترادي لهجو... چيائين پئي: يار مرزا!! ڇاڇا سائينءَ حسام الدين جي، گورنمينٽ زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ ورسي پيا ملهايون... يار! وارو ڪر... راڳ رنگ جي آڳ واڳ تہ اچي سنڀال.

وراڻيم: جي سائين... حڪم اوهان جو...

۽ بس اِجهو اِهو آواز بہ الوپ... ۽ ان جي مٿان 2001ع جي جولاءِ مهيني جو هي منظر اُڀري پيو اچي.

سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ ڪائي تقريب هئي. آئون ٻاهر دروازي وٽ بيٺو هوس جو هن جي پيجارو اچي بريڪ هنيو. لٿو، تہ وڏي وجي مليوسانس، ۽ بيٺي بيٺي کيس پنهنجو تازو شايع ٿيل ڪتاب "خيمي ۾ شام" محبت سان

ڳالهائڻ جو لاجواب فن هو. هو کلندي کلندي اهڙي ڳالهہ چئي ويندو هو، جنهن ۾ کڙي سچ سان گڏوگڏ هڪ مزاحيہ پهلو بہ هوندو هو.

سائين حسين شاهہ راشدي رومان پرور شخصيت جو مالڪ هوندو هو. هو يارن جو يار ۽ مخلص دوست هوندو هو دوستن جي پرگهور لهڻ وارو ۽ انهن کي هميشہ ياد ڪرڻ وارو. حسين شاهہ راشدي، پنهنجي نالي جي اڳيان پير لکرائڻ واري روايت کي ختم ڪيو. هن ڪڏهن بہ پير حسين شاهہ راشدي نہ لکيو. سياست کان وٺي ادب تائين، هن ڏنو تہ سڀني کي، پر ورتو ڪجهہ بہ نہ.

حسين شاهہ سان منهنجا چرچا پوڳ ٿيندا رهندا هئا. ساوڻ جي گرمي ۽ حڪم ٿئي تہ فلاڻي جاءِ پهچ. پوءِ پلو ان ۾ هوندو هيو تہ ڏنل ڏس پتي تي پهچي وڃجي، جو ادبي پروگرام ۾ راشدي صاحب جو ساٿ ڏيٺو آهي سندس اڪير جو اهو عالم هوندو هو تہ دعوت ڏنائين تہ فلاڻي بجي فلاڻي جي شان ۾ ڊنر آهي، تہ پوءِ هر هر فون: "اڙي ادا! ڪٿي آهين؟" جواب ڏيندو هيس: "سائين گِذري وٽ پهتو آهيان". فون جي ٻئي پاسي کان آواز ايندو هو "جلدي پهچ". وري پنجن منٽن کان پوءِ فون "يار! ڪٿي آهين؟" "قبلا سائين خيابان بادبان تي آهيان." "جلدي اچ سنگت ويٺي آهي، تو اجان تائين دير ڪئي آهي" ۽ پوءِ جڏهن گهر پهچبو هو تہ سائين اياز شاهہ، سائين عادل شاهہ ۽ هڪ اڌ ٻيو دوست موجود هوندا. پوءِ چوندو هو "دل چيو پئي تہ ڪچهري ڪريون." مان کيس چوندو هيس، "سائين! اوهان جي دل ٻڍايو تہ نوجوان آهي، ۽ اوهان جوان، ڪو راز تہ ٻڌايو تہ ڇا ٿا کائو؟" کِلي چوندو هو: "اها تنهنجي بدمعاشي آهي. بس ادا جوان رهڻ گهرجي."

هڪ ڏينهن ڊنر کان پوءِ سائينءَ کان موڪلائڻ لاءِ کيس پئي ڳوليم، خبر پئي تہ پاڻ لائبريريءَ جي دوري تي آهن. ان وقت هو ماهين هيسباڻي ۽ سبرين هيسباڻي کي لائبريري ۽ ان جا تفصيل ٻڌائي رهيو هيو. کيس چيم تہ: "اجازت ڏيو، مان وڃان ٿو." چيائين: "اڙي! ويهہ تہ هنن سان هڪ فوٽو ٿو ڪڍائون" ۽ پوءِ ماهين ۽ سبرين سان گڏجي هن پنهنجي لائبريريءَ ۾ فوٽو ڪڍيو.

پوءِ مختلف فنڪشنن ۾ ملندو هو، يا فون تي ڳالهہ ٻولهہ



پير صاحب پاڳاري سان گڏ

ٿيندي هئي تہ مان اُن فوٽوءَ جي ڪاپي لاءِ گذارش ڪندو هيس، تہ جواب ملندو هو: "اها ڪاپي هزار روپئي جي آهي، واهہ جو فوٽو آيو آهي!"

کيس چوندو هيس تہ "ٻہ هزار وٺو، پر فوٽو تہ ڏيو."

پوءِ اچ نہ، چانهہ بہ پي وڃ، ۽ فوٽو بہ وٺي وڃ، واهہ جو فوٽو آيو اٿئي!"

۽ پنهنجي سستي ڪري ڪانئس اهو فوٽو نہ وٺي سگهيس جيڪو راشدي صاحب جي اک سان ورتل هيو.

هڪ ڏينهن گهر وڃي کيس گذارش ڪيم تہ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي گولڊن جوبلي ملهائي رهيا آهيون، اوهان مهمانن کي ڊنر ڏيو. هڪدم چيائين: "ٺيڪ آهي." پوءِ حڪم ڪيائين "ريجنٽ پلازہ وارن کان مينو سيٽ ڪرائي، بل ٻڌاءِ، تہ هلي پيمنٽ ڪريون."

پوءِ جڏهن بہ ملندو هيو تہ چوندو هيو: "اڙي ادا! اُها منڊلي ڪڏهن ٿو مچائين؟" چوندو هيس تہ ڪجهہ گهرو وسيلا تہ پيدا ڪريون نہ. يڪدم چوندو هو، "مان تيار آهيان ۽ پنهنجو واعدو برقرار آهي، هاڻي ان دير جو ذميوار تون پاڻ آهين."

سائينءَ جون ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن ڪهڙيون بيان ڪجن؟ هڪ ڏينهن آفيس ۾ آيو، سندس هٿن ۾ ڪارڊ هئا. هوٽل ريجنٽ پلازہ ۾ "راشدي پائرن جي ورسي" هئي، چيائين: "هي پروگرام تنهنجي تہ بلڪل ويجهو آهي، دل چيو تہ تنهنجي آفيس بہ ڏسان ۽ گڏجي چانهہ بہ پيئان" ۽ پوءِ ڪافي دير آفيس ۾ ويٺو رهيو.

سائين حسين شاهه راشديءَ لاءِ مان اهو چئي سگهان ٿو تہ هو تمام وڏي دل جو مالڪ هيو. هن جهڙو بردبار. هڏڏوڪي، مخلص ماڻهو، مون ويجهڙائيءَ ۾ ڪو ڏٺو ئي ناهي. سڀني سان محبت ڪرڻ وارو ۽ سندس ان محبت ۾ ڪيترائي "محبوب" شامل آهن. جن سان هن آخر دم تائين نباهيو.

ها پر مون کي هڪ افسوس رهجي ويو.

مان قمر ٻڻي جي عيادت ڪري، واپس نيشنل ميڊيڪل سينٽر ڪالا پل ڪراچيءَ، مان هيٺ لهي رهيو هيس تہ "ڊي ڪيئر" روم جي ٻاهران مون کي شمع ڪيريو نظر آئي. مون ان کان خيريت پڇي تہ چيائين: "سائين! حسين شاهه هتي ائڊمٽ آهي، طبيعت ٺيڪ نہ اٿس" ۽ مان فوري طور اندر هليو ويس. سائين مانيٽر تي هيو. ان وقت سائينءَ جي گهر واري بستري پرسان موجود هئي. چيائين: "ادا! هينئر ننڊ جون سُيون هنيون اٿن. سائينءَ کي ننڊ اچي وئي آهي."

مون ڏٺو تہ سائين ستو پيو هو. مون مانيٽر کي ڏٺو ۽ اُتي موجود ڊاڪٽر کان پڇيو، جنهن چيو تہ طبيعت بهتر آهي. پوءِ مون اطلاع ڇڏيو تہ توهان سائينءَ کي جڏهن ننڊ مان اٿي تہ ٻڌائي ڇڏجو ۽ صبح جو مان لاڙڪاڻي لاءِ روانو ٿي ويس. جو اُتي "لاڙڪاڻو- صدين کان ۽ موهن جو دڙو بچاءُ سيمينار" جو بندوبست ڪرڻو هو. ۽ مان وري راٺيپور هليو ويس. پوءِ هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچي اچي صبح جو پيهر لاڙڪاڻي ويس. اتي لاڙڪاڻو صدين کان سيمينار هلندي انعام شيخ ٻڌايو تہ سائين حسين شاهه راشدي لاڏاڻو ڪري ويو آهي. انتهائي گهڻو ڏک ٿيو. اسان سيمينار ۾ تعزيت ڪري، اُتي ئي تعزيتي ميڙ سليم ڪورائيءَ جي صدارت ۾ ڪوٺايوسين. پر مون کي اها حسرت رهجي وئي تہ مان سائينءَ سان ڪچهري ڪري نہ سگهيس. ۽ ان جي خدمت ڪري نہ سگهيس.

پر هڪ ڳالهہ چوان ٿو تہ حسين شاهه راشدي هڪ دور هيو. هڪ پيار هيو ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هيو هن جهڙو ڪوبہ ڪونهي، جيڪو سڏائي. اهو اهڙو ٿي تہ ڏيکاري! جيڪڏهن ڪو آهي تہ!!؟؟

- ذوالفقار سيال

* * * * * *

## خوش خُلق حسين شاهه

موت برحق آهي. جيڪو پيدا ٿيو آهي اهو اوس وڃڻو آهي. پر ڪي اهڙا منفرد انسان ٿين ٿا جيڪي پنهنجا نشان ابدي ڇڏي ٿا وڃن. حسين شاهه راشدي جو موت بہ هڪ نهايت تڪليف ڏيندڙ الميو آهي، نہ فقط پنهنجن عزيزن قريبن لاءِ پر سڀني علم جي چاهڻ وارن لاءِ. حسين شاهه اهڙي جاءِ تي ويو هليو، جتان ڪوبہ ڪونہ موٽيو



حسين شاهه، بيگم ممتاز راشدي ۽ سيد حسام الدين راشدي، فلپين جي وزير خارجہ سان گڏ [منيلا، 1956ع)]

آهي. ڪلڻو، رلڻو ملڻو، خوش خلق ۽ خوش مزاج. حسين شاهه ڪيترين ئي حساس دلين کي رنج و الم جي اٿاهہ ڇولين ۾ ڇڏي ويو آهي.

ٻن عالم ڀائرن جي تعليم ۽ تربيت جو گڏيل نچوڙ حسين شاهه جنهن بہ محفل ۾ موجود هجي ۽ جنهن بہ اسٽيج تان لفظن جي گُل پاشي ڪندو هجي، ان خوشبوءِ سان سڄي محفل کي زعفران زار بنائي ڇڏيندو هو.

مون ڪيس ڀيريون پيرو مزاحيہ گفتن جي پلٽار ڪندي تڏهن ٻڌو جڏهن سنڌ ثقافت کاتي طرفان علي احمد بروهيءَ سان هڪ شام لياقت نيشنل لائبريريءَ ۾ ملهائي وئي هئي. مون کي حسين شاهه ظرافت ۽ شگفتہ مزاجيءَ جو بي تاج ٻادشاهه تہ لڳو. پر سندس ڪمال آهي جو هو اَدب آداب ۽ وضعداري جي دائري کان ٻڙيءَ برابر بہ ٻاهر ڪونہ نڪتو. سڄي ڪچهريءَ کي پنهنجن من موهيندڙ لفظن جي جادوءَ ۾ جڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هئائين.

راشدي صاحب سان پوءِ بہ ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ هو هميشہ انڪساري، خوش خلقي، خنده پيشاني ۽ وڏي چاهت سان ملندو



# Profile of HUSSAIN SHAH RASHDI

| | |
|---|---|
| Name: | HUSSAIN SHAH RASHDI |
| Father's Name: | Pir Ali Muhummed Rashdi |
| Date of Birth: | 15 January, 1938 |
| Place of Birth: | Village Bahman, Taluka Ratodero, District Larkana, Sindh. |
| Academic qualifications: | B.A., LL.B. |
| Enrolled as: | Pleader (1965), Advocate (1966), High Courts (1973), Supreme Court (1980). |
| MEMBER, SENATE OF PAKISTAN | 1994-2000 |
| Member, Standing Committees of the Senate on: | |
| 1. Culture, Sports, Tourism, Women Development & Youth Affairs | 1994-1997 |
| 2. Law, Justice & Parliamentary Affairs | 1994-2000 |
| 3. Information & Broadcasting | 1994-2000 |
| Member, other Committees of the Senate: | |
| 1. Library Committee | 1994-2000 |
| 2. Functional Committee on Problems of Less Developed Areas | 1997-2000 |
| 3. National Assembly Lobbies Committee | 1994-1997 |
| 4. Joint Parliamentary Kashmir Committee | |
| ASSOCIATION WITH LEARNED BODIES: | |
| CHAIRMAN: | |
| Sindhi Adabi Board | 1994-1996 |
| MEMBER: | |
| Advisory Committee, Institute of Sindhology, | 1988-1994 |
| Advisory Committee, Sachal Chair | 1994-1997 |
| BOG, Instutite of Central & West Asian Studies, University of Karachi | 1982 |
| BOG, National Commission on History & Culture | 1988-1991 |
| BOG, Pakistan Academy of Letters, Islamabad | 1994-1997 |
| National Language Authority, Islamabad | 1994-1997 |

ASSOCIATION WITH OTHER NATIONAL BODIES:

MEMBER:

| | |
|---|---|
| National Institute of Strategic Studies, Islamabad | 1995-1997 |
| Quaid-e-Azam Mazar Management Board | 1996-1999 |

ASSOCIATION WITH BAR BODIES:

MEMBER:

| | |
|---|---|
| Government Law Colleges in Karachi | 1994-1997 |
| Working Committee, Sindh High Court Bar Association, Karachi. | 1982-1983 |

VICE PRESIDENT:

| | |
|---|---|
| Sindh High Court Bar Association, Karachi. | 1983-1984 |

ASSOCIATION WITH PRINT MEDIA:

CORRESPONDENT:

(1) The Daily SUN, Karachi
(2) The Daily JANG, Karachi

COLUMN WRITER:

(1) The Daily HILAL-E-PAKISTAN
(2) The Daily JAGO
(3) The Daily JAN,
(4) The Daily HURRIYET
(5) The Daily AMN
(6) The Daily MUSAWAT

PARTICIPATION IN INTERNATIONAL CONFERENCES

Member, Pakistan's official Delegation to:

1. UNESCO Conference on Education, Manila (1961)
2. UN General Assembly (44th Session), New York (1989)
3. UN Human Rights Commission, Geneva (1994)
4. European Parliament, UNESCO Human Rights Commission, Amnesty International to highlight Indian atrocities in Chirar Sharif (Occupied Kashmir) (1995)
5. European countries and Human rights-Related organization to moblize international opinion regarding Occupied Kahshmir (1996)

Leader of Pakistan's Official Delegation to:

E.C.O. Conference, Tehran (1996)

TRAVELS:

Austria, Azerbaijan, Belgium, Canada, France, Germany, Hong Kong, Italy, Iran, Luxemberg, Monaco, Philippines, Spain, Switzerland, Turkmenistan, United Kingdom, United States of America.

# ايم. ايچ. پنهور جي ياد ۾

## محمد حسين پنهور- هڪ مشن

مون جڏهن هُن کي ڏٺو تہ هُو ان وقت جوانڙو آفيسر هو. انگريزن وارا ٽوپلا. گهڻو تڻو ڪڪائون ٽوپلو ۽ انگريزن ۽ آمريڪين وانگر وڏي شورليٽ يا امپالا يا بيوڪ يا ڪي اهڙيون وڏيون گاڏيون واپرائيندڙ هيءُ هو محمد حسين پنهور، جيڪو زرعي انجنيئر هو ۽ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هو. مون کيس پنهنجي والد صاحب محترم محمد اسماعيل ميمڻ وٽ ايندي ويندي ڏٺو. بعد ۾ منهنجي سهري محترم عبدالرحيم ميمڻ وٽ بہ مون کيس ڏٺو. چاڪاڻ تہ عبدالرحيم ميمڻ صاحب پاڻ بہ انجنيئر هو ۽ پاڻيءَ جي ماهرن منجهان هو. وقت ويو ڏاڪا لهندو، ڪن لاءِ ڏاڪا ٽپندو، محمد حسين الاٽي ڏاڪا ٽپي مٿي چڙهيو. الاٽي ڏکين حالتن ۾ هيٺ بہ لٿو هوندو، پر هو آخر تائين اهڙو ئي رهيو. هڪ اڏول جاکوڙي انسان، جيڪو گرمي سردي ۾ ساڳيو هو. شايد ڄائو هو تہ ملائڪ سندس آڏو دنيا جا بهترين ڪتاب کنيو بيٺا هئا. هو آخر تائين ڪتابن جي جهڳٽي ۾ رهيو، جن سندس ذهانت جي حفاظت ڪئي. انگريزي هجي يا ڪا ٻي ٻولي يا پنهنجي مٺڙي ٻولي، فصاحت ۽ بلاغت سان گڏ سندس ڇپر ڇانءُ بڻيو. آخر تائين پنهنجي عقل سليم ۽ هوش حواس سان سنڌ جي خزاني لاءِ ان اُپائيندڙ ڌرتي اُن جي ماڻهن ۽ ان جي ٽيڪنيڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو نون رواجن ۽ اصولن پٽاندر. گرائونڊ واٽر جا مسئلا هجن يا نين پوکن ۽ باغن جا زرعي مسئلا هجن يا نئين ڪان نوان پراجيڪٽس هجن هر هنڌ پنهنجو ڏاڪو ڄمايائين. مون زراعت ۾ ٻہ چار پراڻا نالا ٻڌا بہ هئا ۽ کين ڏٺو بہ هو. گهڻو تڻو بابي سائينءَ جا دوست ۽ همسفر هئا. محترم ڊاڪٽر عبدالباقي شيخ، محترم عبدالغني پيرزادو، محترم ڪريم ڏنو راڄپر ۽ ٻيا ڪيترا هوندا، جن "ڪيتي سرسيتي" واري نعري سان گڏ ٻانهن ٻيلين ۽ ساٿ ڏٿين جو ڪردار ادا ڪيو. ان ئي ڏس ۾ جديد دور جي نين مشينن ۽ تحقيق جي روشني ۾ ڪيئي جوان اڳتي وڌيا. پر



بيگم فرزانہ ۽ ايم. ايچ. پنهور
(مثالي ساٿ)

محترم محمد حسين پنهور جنهن نموني سنڌ جي پاڻي ۽ زراعت جي ترقي لاءِ جا مشعل ٻاري هئي ان جي روشني ڪجهہ سرس هئي. ان سان گڏ رهبري ۽ هدايت جا ڪئين رخ جديد تحقيق وسيلي ڏسيا هئائين. ان جي شاهدي سندس تصنيف ڪيل گهڻ سارا ڪتاب ۽ ٻيو ڇڏي ويل مواد ڏيندا. سندس وسيع لائبرري جو هڪ هڪ ڪتاب ساکي ڏيندو تہ ان کي ڇڳيءَ پر واپرايو ويو آهي. محمد حسين پنهور سنڌ جي زراعت ۽ پاڻي جي مسئلن کي جديد دور تائين ان جي جديد حل لاءِ ڪئين ئي نوان حل ۽ نيون رٿون ڪڍندو آيو. ڪن تي عمل ٿيو ڪن کي سردخاني حوالي ڪيو ويو. اسان وٽ سائنسدانن ۽ جاکوڙ ڪندڙ محققن جي ڪوٽ ضرور پئي رهي آهي، پر سنڌ جي سرزمين بنهہ سنڍ نہ ٿي آهي، جو هت هر ميدان ۾ محترم محمد حسين پنهور جهڙا محقق پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ پيدا ٿيندا رهندا.

محمد حسين پنهور جديد دور جي نوجوان محققن ۽ سائنسدانن لاءِ هڪ استاد جي حيثيت ٿو رکي. هو انهن نوجوانن لاءِ "ايم. ايچ. پنهور ٽرسٽ" ناهي ويو آهي، جنهن لاءِ هن پنهنجي زمين وقف ڪئي آهي ۽ هڪ سکيا جي مرڪز طور گهر ۽ لائبرري جو عطيو ڏنو آهي.

سندس جيون ساٿي محترمہ فرزانہ پنهور ساڻس گڏ رهي،

انهي ميدان ۾ ڪم ڪيو ۽ سنڌن مددگار رهي. هاڻ هوءَ به هڪ ٽرسٽي آهي. هن وقت هڪ ٻئي ٽرسٽي سنڌس فرزند سني پنهور جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اميد ته هو پڻ هن ٽرسٽ جي وهنوار کي جديد سوچ، فڪر ۽ گهرجن مطابق وڌائيندو ته جيئن پنهور صاحب جو هن ميدان ۾ اختيار ڪيل مشن وارو پنڌ پورو ٿي سگهي.

- حميد سنڌي

* * * * *

**ايم.ايڇ.پنهور- روشن خيال اديب ۽ ترقي پسند آبادگار**

محمد حسين پنهور هڪ غير معمولي ذهانت سان پرپور عالم هو. هو طرح طرح جي مشغلن ۽ خوبين جو مالڪ هو. بنيادي طور تي هو هڪ انجنيئر هو. پر هڪ ترقي پسند آبادگار به هو ته برک محقق به. جنهن جون تاريخ، علم البشر، جاگرافي، نقشا سازي، معاشرتي علوم ۽ آبادگاريءَ تي أملهه لکڻيون موجود آهن. هن جون عالمانه خدمتون ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ساراهيون ويون آهن.

هن دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ ابراهيم پنهور ۾ آبادگار گهر ۾ جنم ورتو. هن ننڍپڻ ۾ ئي مختلف موضوعن تي مضمون لکڻ شروع ڪيا، آخر ۾ تاريخ، جاگرافي ۽ علم البشر سندس اهم دلچسپيءَ وارا مضمون رهيا. ٻهراڙيءَ جي فرد هجڻ ڪري ٻني ٻاري سان هن جي دلچسپي فطري هئي. انهيءَ دلچسپيءَ سبب هن پيداوار وڌائڻ جي جديد طريقن ۽ فصلن جي بيمارين جي خاتمي سميت زراعت جي مختلف ترقياتي پهلوئن جو اڀياس ڪيو.

1949ع ۾ اين.اي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ هن پنهنجي پيشيوارانه علمي زندگيءَ جو آغاز زرعي ماهر جي حيثيت ۾ ڪيو. 1953ع ۾ هن وسڪونسن يونيورسٽي آمريڪا مان زراعت جي شعبي ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪئي ۽ سنڌ سرڪار وٽ ملازمت اختيار ڪئي ۽ اڳتي هلي هو سنڌ ۽ بلوچستان جي زرعي انجنيئرنگ شعبن جو چيف انجنيئر به ٿي رهيو. ڪوٽڙي، سکر ۽ گڊوبئراج جي حدن ۾ غير آباد دڙن جي صورت ۾ پيل زمين کي هموار ڪرڻ جو محنت طلب ڪم پنهنجي ذمي ڪنيائين.

سورهن سالن تائين هن زرعي انجنيئر طور ۽ زيرزمين



ايم.ايڇ.پنهور پنهنجي پٽ سنيءَ سان گڏ

پاڻيءَ جي حاصلات ۽ ان سان گڏوگڏ ٻنيءَ رک (Soil conservation) تي ڪم ڪيو. جيڪي ملڪ ۾ ٻي ڌيانيءَ جي ور چڙهيل ويران موضوع هئا. جاگرافي، تاريخ، آثار قديمه ۽ علم البشر جهڙن مضمونن ۾ پنهنجي دلچسپيءَ جي ڪري هن پنهنجي روزمره واري ڪاروهنوار مان ڪجهه وقت لکڻ پڙهڻ کي به ڏنو. گهارو کان ڪشمور تائين سفر ڪري هن زمين، ماڻهن، سنڌن رهڻي ڪهڻي ۽ معاشيات جو جائزو گهرو ورتو. هن نقشاسازيءَ (Cartography) جو علم سکيو ۽ اوائلي دور کان موجوده دور تائين جا قيمتي نقشا تيار ڪيا. هن لڳ ڀڳ 3000 نقشا تيار ڪيا، جيڪي ٻين مصنفن ۽ ليکڪن طرفان به ڪتب آندا ويا. هن مثالي ڪم جي ڪري کيس 1980ع ۾ رائل جاگرافيائي سوسائٽي لنڊن طرفان کيس فيلوشپ سان نوازيو ويو. خصوصي مهارت جي ڪري، هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ورهين جا ورهيه ڪنسلٽنٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو ۽ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ وقتي استاد (Vistiting Professor) جي طور تي پڙهايو.

محقق جي حيثيت ۾ ڪيترائي منفرد ڪتاب هن جي شهرت جو سبب بڻيا، بشمول سنڌ جي تاريخوار تاريخ، سنڌ جي سماجي تاريخ، سورس مٽيريئل آن سنڌ، گرائونڊ واٽر ان سنڌ، سنڌ ڪڇ جا لاڳاپا، پاڻيءَ سان لاڳاپيل مسئلا، قدرتي وسيلا ۽ جديد آبادگاري وغيره. هن کي هڪ وڏي ذاتي لائبريري هئي، جنهن ۾ پنجاهه هزار ڪتاب هئا، جيڪي ٻين مصنفن ۽ ليکڪن جي پڻ

سدائين ڪتب ايندا هئا. تاريخ جي سائنسي طالب علم هئڻ جي ڪري هن جو خيال هو تہ مشهور رومانوي نيم تاريخي قصا حقيقت تي ٻڌل نہ هئا. پر جيئن تہ انهيءَ سان تڪرار ڪڙو ٿئي ها، تنهنڪري هن انهن تي گهڻو اصرار نہ ڪيو.

پنهور صاحب هڪ جديد ترقي پسند آبادگار هو. هن پنهنجي ٻنيءَ کي سائنسي خطوط تي ترقي وٺرائي. هن ڪيترن ئي قسمن جي نون ميون کي متعارف ڪرايو. جيڪي اڳ سنڌ ۾ ڪونہ پوکيا ويندا هئا. هن جي باغ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 25 اهڙيون جنسون موجود آهن، جيڪي ٻاهران آڻي هن ڪامياب بڻايون هيون. هن پنهنجي باغ جي ڪنهن بہ حصي ۾ جديد مروج ڀاڻ جو استعمال نہ ڪيو. ان جي بدران فصلن جي ڪُٽَي مٽي مان ڀاڻ ايجاد ڪيائين. جيڪو ڏاڍو اثرائتو ثابت ٿيو.

هن فصلن جي بيمارين جي خاتمي لاءِ ديسي طريقا ايجاد ڪيا. 1988ع ۾ ڪيلن جي فصل کي هڪ پراسرار بيماري لڳي وئي، جنهن سان سنڌ ۾ آبادگارن کي وڏو نقصان پهتو. هن ان مرض جو خاتمو مڪاني اُپائن سان ڪيو. ان ڪاميابيءَ تي 1991ع ۾ هن کي "ستارهٔ امتياز" سان نوازيو ويو. هن جو خيال هو تہ جيڪڏهن سرڪار زرعي تحقيق کي فروغ ڏيندي تہ ان سان پرڏيهي ناڻو خرچ ڪرڻ بنا فصلن جي ڪيترين ئي بيمارين جو علاج ڪري سگهجي ٿو.

هن کي ڪوبہ ڪمدار ڪونہ هو، جيئن اڪثر زميندارن وٽ هوندا آهن. هن جي فارم تي ڪم ڪندڙ سمورا ملازم زراعت ۾ گريجوئيٽ هئا. جيڪي مختلف تجربن ۾ رُڌل هوندا هئا. آبادگاريءَ ۾ دلچسپيءَ سبب پنهنجي ڄاڻ کي وڌائڻ خاطر هن ڪيترن ئي ملڪن جي دورن جو سلسلو آخر تائين قائم رکيو. پنهور صاحب شخصي طرح مهمانواز، وضعدار، زنده دل ۽ فياض شخص هو. جنهن تعليم ۽ تحقيق جي مختلف شعبن ۽ سائنس ۾ نوجوان اڀرندڙ محققن جي ڀرپور مدد ڪئي. هن جي تجربن مان فائدو وٺندي، ڪيترين ئي تنظيمن هن کان فني صلاح مشورا ورتا. هن جي وفات سان ملڪ نہ رڳو منفرد زرعي سائنسدان، پر هڪڙي عالم ۽ محقق کان بہ محروم ٿي ويو آهي.

- شيخ عزيز

* * * * *

## ايم. ايڇ. پنهور ۽ سنڌ شناسي

جناب ايم. ايڇ. پنهور 21 اپريل 2007ع تي اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو. پنهور صاحب دادوضلعي جي ڳوٺ ابراهيم ڪڇيءَ ۾، 25 ڊسمبر 1925ع تي ڄائو. ان پسمنظر ۾ سنڌ جي هن نامور اسڪالر، 81 سال ۽ ڪجهہ مهينا عمر ماڻي. پاڻ ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم کان پوءِ اين.اِي.ڊي انجنيئرنگ ڪاليج مان گريجوئيشن ڪئي. بي.اي مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل مضمونن ۾ امتيازي نمبرن سان پاس ڪري، اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا روانو ٿيو. آمريڪا جي وسڪانسن يونيورسٽيءَ مان زرعي انجنيئرنگ ۾ ماسٽرز جي ڊگري وٺي وطن واپس آيو. سال 1953ع ۾ سنڌ زراعت کاتي ۾ زرعي انجنيئر طور سروس ۾ داخل ٿيو. سال 1970ع ۾ پنهور صاحب کي سرڪاري ملازمت مان فارغ ڪيو ويو، تڏهن پاڻ زرعي مشينري ونگ جي ڏاکڻي علائقي جو سپرنٽينڊنگ انجنيئر هو. سندس آفيس ٽنڊي ڄام ۾ هوندي هئي.

سرڪاري ملازمت مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پنهور صاحب گذرسفر ۽ سٺي زندگي گذارڻ لاءِ وڏي جفاڪشي ڪئي. هڪ طرف پنهنجي زرعي فارم تي توجهہ ڏنائين تہ ٻئي طرف هڪ بهترين ماهر انجنيئر طور مختلف ڪمپنين ۽ سرڪاري ڪمن جي مشاورت ڪيائين. پنهنجي زمين تي باغ قائم ڪري اتي جدا جدا ميون جا ٻوٽا رکي، فارم مان بهترين نتيجا حاصل ڪيائين. ساڳئي وقت سندس زرعي فارم مختلف ٻوٽن ۽ ميويدار وڻن جي تحقيقي نرسري طور پڻ ڪم اچڻ لڳو. دنيا جي مختلف ملڪن مان انيڪ قسمن جي ميون جا ٻوٽا آڻي، پنهنجي زرعي فارم تي لڳائي، انهن تي تجربا ڪري، سنڌ کي ڪيئي نوان ميوا ڏنائين. خاص ڪري انبن جي مختلف قسمن تي تجربا ڪري، سنڌ کي ستاريهہ نيون جنسون پيدا ڪري ڏنائين. ان ريت پنهور صاحب نہ رڳو سنڌ ۾ پر پاڪستان ۾ بہ هڪ نامور زرعي ماهر طور سڃاتو ويو. ان پس منظر ۾ ڪيس صدر پاڪستان پاران "ستاره امتياز" ڏنو ويو. زراعت جي مضمون تي پاڻ کي ڪتاب بہ لکيائين. انهن مان ڪجهہ ڇپيا آهن ۽ ڪجھ اڃا اڻ ڇپيل آهن. پاڻ سنڌ ۾

ترقي پسند سائنسي آبادگار طور مشهور ٿيو. هن صديون پراڻي ڪمدار ڪلچر کي ختم ڪيو ۽ ان جي جاءِ تي ماهوار پگهار جي بنياد تي تعليم يافته ماهر مئنيجر ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا.

سنڌ شناسيءَ ۾ حصو:

ايم. ايڇ. پنهور صاحب ڪراچيءَ ۾ شاگرديءَ وقت لکڻ پڙهڻ واري دنيا ۾ قدم رکيو. سندس پهريون ڪتاب ويهن سالن جي عمر ۾ ڇپيو. "مسلم عورت" واحد ڪتاب آهي جو پنهور صاحب سنڌي زبان ۾ لکيو. بعد ۾ پاڻ ڪجھ سالن لاءِ اعليٰ تعليم واسطي آمريڪا هليو ويو. وطن موٽي اچڻ کان پوءِ ملازمت سان گڏ سنڌ متعلق مطالعو پڻ جاري رکيائين. ان دور ۾ سندس هڪ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو. ليڪن ملازمت مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي هن ماناڻي اسڪالر خوب لکيو ۽ واهه جو لکيو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ تحقيق ۽ تاريخي مطالعن جا ٻه رجحان اڀريا. هڪ رجحان جو باني مباني محمد ابراهيم جويو آهي. هن مڪتب فڪر موجب رڳو روايتون گڏ ڪري، ڪتابن يا رسالن جو پيٽ ڀرڻو نه هو. هن فڪر موجب دهقاني ادب ۽ تاريخ ۾ واضح فرق رکيو ويو. صدري روايتن ۽ لوڪ ادب کي تاريخ جو رتبو ڏيڻ هڪ زيادتي هئي، جنهن تي هن مڪتب فڪر واضح ردعمل ڏيکاريو. لکڻ کي با مقصد بنائڻ تي زور ڏنو ويو. اونده کي اونده چوڻ، حق سچ جي ڳولا ۽ ڪنهن به طرح سان تاريخ ۾ تعصب کي فوقيت ڏيڻ جي به هن طبقي مخالفت ڪئي. تاريخ بابت ڪوڙنا ڪندي، لکندي پڙهندي، عوامي جاڳرتا تي زور ڏيندي، ظالمن، جاگيردارن ۽ حملي آورن کي واضح طرح سان وائکو ڪرڻ تي توجهه ڏنو ويو. تحقيق ۽ تلاش سان لاڳاپيل هن روشن طبقي جي اسڪالرن، معاصر دور ۾ سنڌ ۽ اهل سنڌ سان ٿيندڙ ڏاڍاين تي به آواز اٿاريو. پير حسام الدين راشدي سنڌ اندر تاريخ تي ڪم ڪندي هنن جديد ۽ لازمي رخن ۽ نڪتن تي خاص توجهه ڏيئي ان جا بنياد مضبوط ڪيا. جناب ايم. ايڇ. پنهور پڻ سنڌ بابت ڪم ڪندي راشدي صاحب واري واٽ کي اختيار ڪيو. راشدي صاحب سنڌ بابت ڪم ڪندي فارسي، سنڌي ۽



پنهور صاحب ليڪچر ڏيندي

اردو ٻولين ۾ لکيو. جڏهن ته پنهور صاحب لکڻ پڙهڻ جو سمورو ڪم انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيو. سندس تحقيقي ڪم سائنٽفڪ ۽ اعليٰ درجي جو هو. پنهور صاحب سنڌ بابت لکندي ان ۾ نقشن، چارٽن ۽ تصويرن کي شامل ڪيو. سنڌ اندر هن نوعيت جو ڪم صرف پنهور صاحب ڪيو. ان کان اڳ پٽاوالا البت هن نوعيت جو ڪم ڪيو هو. اسان هيٺ پنهور صاحب جي سنڌ بابت ڇپيل ڪتابن جو سرسري ذڪر ڪنداسين. پنهور صاحب جي ڪوڙنا جي جهان کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

1. زراعت ۽ سائنس سان لاڳاپيل عنوانن تي ڪيل ڪم.
2. سنڌ جي متعلق ٺوس تحقيقي ڪم.

هن مضمون ۾ صرف ٻئي حصي ۾ آيل مواد جو جائزوپيش ڪيو ويندو.

1. مسلم عورت:

هي واحد ڪتاب آهي جو پنهور صاحب سنڌي زبان ۾ لکيو. هن ڪتاب جي اشاعت جو سال 1945ع ڇپيو وڃي ٿو، ان جو مطلب ته هي ڪتاب مصنف ويهن سالن جي عمر ۾ لکيو. مصنف جي روايت آهي ته هن ڪتاب جو پيش لفظ علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب لکيو. هن ڪتاب تي ڪجهه مخالف رد عمل به ٿيو. مون هي ڪتاب نه ڏٺو آهي. خود مصنف وٽ به ان جي ڪاپي نه هئي. عورتازاد ادب جي دلدادن کي ڪپي ته هي ڪتاب ڪٿان ڳولي ٻيهر ڇپرائي پڌرو ڪن.

2. گرائونڊ واٽر ان سنڌ:

2. سنڌ متعلق پنهور صاحب جو هي پهريون سنجيدو ڪم آهي . سنڌ اندر زير زمين پاڻيءَ بابت لکيل هي ڪتاب پهريون ڀيرو 1964ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب جو ٻيو وڌايل ڇاپو 1969ع ۾ ڊئريڪٽوريٽ آف ايگريڪلچر حيدرآباد ريجن پاران نڪتو. ان وقت ون يونٽ جو دور هو ۽ سنڌ جو نالو لکڻ آسان ڪم نہ هو، ان ڪري هن ڪتاب جو نالو "گرائونڊ واٽر اِن حيدرآباد اينڊ خيرپور ڊويزن" رکيو ويو. هن ڪتاب ۾ ڪل 5 باب آهن. ان کان علاوه واڌو نوٽس ۽ ضميما بہ شامل ڪيل آهن. هن ڪتاب ۾ گهڻ نقشا ۽ چارٽ ڏنل آهن، مختلف علامتن ذريعي نشاندهي ڪئي وئي آهي، تہ سنڌ جي ڪهڙي ضلعي ۾ ڪٿي مٺو پاڻي آهي، ڪٿي ڪڙو پاڻي آهي، ڪٿي ڪيترو هيٺ پاڻي آهي، ۽ مختلف قسمن جو اهو پاڻي زراعت ۽ پوکن لاءِ ڪيئن ڪمائتو ٿي سگهي ٿو. هي ڪتاب (ٻيو ڇاپو) اٺيهہ سال اڳ ڇپيو ۽ هن وقت ڪٿي بہ دستياب ڪونهي.

3. سورس مٽيريئل آن سنڌ:

سنڌ بابت پهرين ببليوگرافي اين.ايم.بليموريا تيار ڪئي. هن ببليوگرافيءَ جو ٻيو وڌايل ڇاپو 1930ع ۾ ڇپيو. بليموريا ڪڇ جي پوليٽيڪل ايجنٽ جي آفيس ۾ سپرنٽينڊنٽ طور ڪم ڪيو هو. هن ببليوگرافيءَ ۾ سنڌ ۽ بلوچستان بابت اٽڪل روءِ هڪ هزار ڪتابن ۽ لکڻين جو اندراج ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ هن ڏس ۾ ڪجهہ ڪم پٽاوالا بہ ڪيو.

پنهور صاحب اڌ صدي پوءِ سنڌ متعلق ببليوگرافي پڌري ڪئي. هي ڪتاب خاص سنڌ جي حوالي سان تيار ڪيو ويو. پنهور صاحب "سورس مٽيريئل آن سنڌ" نالي هن ڪتاب ۾ لڳ ڀڳ پنج هزار ڪتاب، مضمون ۽ مقالا توڙي سرڪاري رپورٽن جو اندراج ڪيو آهي. سنڌ جي حوالي سان هي هڪ ڀرپور ببليوگرافي آهي. مصنف ڪتاب جا ٻہ حصا ڪيا آهن. پهريون حصو ٽن ڀاڱن تي مشتمل آهي، جو صفحي 1 کان شروع ٿي صفحي 384 تي ختم ٿئي ٿو. ٻيو حصو واڌو نوٽس تي مدار رکي ٿو. هن حصي جا پڻ ٽي ڀاڱا ڪيا ويا آهن. پهريون ڀاڱو سنڌ جي نقشن بابت آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ سنڌ متعلق فارسيءَ ۾ لکيل مکيہ تاريخي ڪتابن جي اپٽار ڪيل آهي. ٽيون ڀاڱو متفرقہ عنوانن تي آهي، جنهن ۾ ڪل ٽيونجاهہ عنوان ڏنل آهن. آخر ۾ انڊيڪس ڏنل آهي. باوجود ايڏي ڪشالي جي بہ، مصنف واضح ڪيو آهي تہ هن ڪتاب ۾ سنڌ بابت انگريزي، سنڌي، فارسي ۽ اردو مواد کي تہ شامل ڪيو ويو آهي، پر عربي، فرينچ، جرمن، اسپيني، پورچوگيز ۽ ڊچ ٻولين کي شامل نہ ڪيو ويو آهي. "هنن ٻولين ۾ سنڌ متعلق ڪوڙ مواد موجود آهي پر مون کي هنن ٻولين جي ڪابہ ڄاڻ سڃاڻ ڪونهي." پنهور صاحب جو سنڌ بابت هي پهريون ڀرپور ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1977ع ۾ شايع ڪيو.

4. سنڌ ڪڇ رليشنس:

هي مختصر ڪتابچو هڪ ليڪچر تي مبني آهي. سنڌ ۽ ڪڇ لاڳاپن تي ڪلچر کاتي 1979ع ۾ هڪ ليڪچر جو بندوبست ڪيو هو. پنهور صاحب هن عنوان تي هڪ ڀرپور ليڪچر ڏنو. بعد ۾ 1980ع ۾ ساڳئي شعبي ان کي ڪتابي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. آخر ۾ نقشن جو چڱو تعداد پڻ شامل ڪيل آهي. مون هن ڪتابچي کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جو رسالي "مهراڻ" (نمبر، 1-2، سال 1994ع) ۾ ڇپيو. 2004ع ۾ مون ان کي پنهنجي ڪتاب "مطالعو سنڌ جو" (جلد-2) ۾ پڻ ٻيهر ڇپرايو.

5. ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ:

سورس مٽيريئل آن سنڌ کان پوءِ سنڌ جي هن نامور اسڪالر جو سنڌ بابت هي ٻيو ڀرپور ڪتاب آهي. سنڌ جي واقعاتي لغت نالي هن ڪتاب ۾ تخليق ڪائنات کان ڪري، سمن ڄامن جي زوال تائين، سنڌ جي تاريخ کي واقعن ۽ سالن موجب ڀيرائتو بيان ڪيو ويو آهي. سنڌ جي حوالي سان هي پهريون منفرد نوعيت جو ڪم آهي. پنهور صاحب هي ڪتاب وڏي محنت ۽ هڪ خاص جذبي تحت تيار ڪيو. هي ڪتاب ڪل ڇوٽيهن بابن تي مشتمل آهي ۽ اٽڪل روءِ ڇهن سون صفحن تي پکڙيل آهي. متن جي خاتمي تي ڪتب آندل مواد جي ببليوگرافي ڏنل آهي، جا ڇاهٺ صفحن تي پکڙيل آهي. ان کان پوءِ ڏسٽي ڏني وئي آهي، جنهن کي جيوگرافيڪل انڊيڪس جو عنوان ڏنو ويو

آهي. ڪتاب ۾ سٺ عدد قيمتي نقشا ۽ چارٽ شامل ڪيا ويا آهن، جي اڪثر ڪري پنهور صاحب جا پنهنجا تيار ڪيل آهن. ان کان علاوه هڪ سؤ اوڻيهه تصويرن جو لاڳاپيل سيٽ به ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي مُهڙ ۾ نقشن، چارٽن ۽ تصويرن جي فهرست پڻ ڏني وئي آهي. سنڌ بابت هن منفرد نوعيت جي ڪتاب جي پاڪستان کان علاوه ٻاهرين علمي دنيا ۾ به وڏي پذيرائي ٿي. هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1983ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

6. هسٽري آف سنڌ اريگيشن:

پنهور صاحب سنڌ جي تاريخ کان علاوه سنڌ جي آبپاشي نظام جو پڻ وڏو ڄاڻو هو. مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته 1964ع ۾ پنهور صاحب سنڌ اندر زير زمين پاڻيءَ بابت ڪتاب لکيو هو. سنڌ جي پاڻيءَ جي حوالي سان مصنف جو هي ٻيو ڪتاب آهي. ليڪن هي ڪتاب درياهي پاڻي ۽ ان کي آبپاشي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ جي تاريخ تي مشتمل آهي. جائزي هيٺ ڪتاب ۾ پنهور صاحب سنڌ جي آبپاشي نظام بابت پنجن هزارن سالن جي تاريخ کي نروار ڪيو آهي. پنهنجي عنوان جي لحاظ کان هي هڪ بهترين ڪتاب آهي. ان کان اڳ سنڌ ۾ هن عنوان تي ڪم نه ٿيو هو. سنڌ جي آبپاشي نظام جي تاريخ نالي هي ڪتاب ٽيٽيهن بابن، ٽيرهن ضميمن، اوڻيهه نقشن ۽ ويهن صفحن جي خاتمي (پوسٽ اسڪرپٽ) تي مشتمل آهي. هي ڪتاب وڏي سائيز ۾ ٻه سؤ صفحن تي پکڙيل آهي. وزارت سائنس ۽ ٽيڪنالاجي حڪومت پاڪستان پاران هي ڪتاب اسلام آباد مان سال 1991ع ۾ ڇپيو هو. مصنف ڪتاب جي اشاعت مان مطمئن نه هو. انڪري ان تي نظرثاني ڪندي واڌارا پڻ ڪيائين. هن ڪتاب جو وڌايل ڇاپو زير اشاعت آهي.

7. واٽر رڪئارمينٽ آف رورين ايريا آف سنڌ:

سنڌ جي زراعت ۽ پاڻيءَ جي حوالي سان پنهور صاحب جو هي ٽيون ڪتاب آهي. سنڌ جي نديءَ (سنڌو درياهه) جي آسپاس جي علائقن ۾ پاڻيءَ جي گهرج واري عنوان تي هي مختصر ڪتاب ان پسمنظر ۾ لکيو ويو آهي ته اگر ڪڇي جي علائقي ۾ وڏي مقدار ۾ ٽيوب ويل هنيا ويا ته مجموعي طرح سان سنڌ جي پاڻي ۽ زراعت توڙي ماحوليات تي ان جا سنگين نتيجا مرتب ٿيندا. ڪتاب جي شروع ۾ اٺ نقشا ڏنل، سنڌ جي رورين ايريا جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هي ڪتاب محمد ابراهيم جويو سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ پاران 2002ع ۾ ڇپرايو.

8. سومرا ڪنگڊم آف سنڌ:

سنڌ تي عربن کان پوءِ سومرن جي مقامي خاندان ٽن صدين کان به وڌيڪ عرصي لاءِ حڪمراني ڪئي. جيئن ته هن دور بابت معاصر ذريعن ۾ مواد جي گهٽتي ڪوٽ آهي. ان ڪري سومرن جي حڪومت واري زماني تي ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو مسئلو آهي. هن ڏس ۾ البت راشدي صاحب "تحفة الڪرام" (فارسي) ۾ نئون مواد مهيا ڪيو.

سنڌ جي ڏاهي ايم. ايڇ. پنهور سومرن جي دور تي ڪتاب لکڻ جي تياري ڪئي. سندس ڪتاب جو مڪمل نالو "اين السٽريٽيڊ هسٽاريڪل ائٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ" آهي. هي ڪتاب اناويهن بابن تي مشتمل آهي. حسب روايت پنهور صاحب ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ان ۾ نقشن، چارٽن ۽ تصويرن جو پڻ وڏو تعداد شامل ڪيو آهي. ڪتاب ۾ سٽر نقشا، ايڪيهه چارٽ ۽ ايڪانوي تصويرون ڏنيون ويون آهن. نقشا ۽ چارٽ خود مصنف جا تيار ڪيل آهن. پنهور صاحب سنڌ جي تاريخ جي هن نظرانداز ڪيل دور کي سلجهائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. ڪتاب جي تياريءَ دوران مصنف مون سان به مشورو ڪيو ۽ منهنجي ڏنل ڪجهه تجويزن کي منظور ڪيو. ان حقيقت جو لائق ليکڪ خود به اقرار ڪيو آهي. هي ڪتاب وڏي سائيز تي ٻه سؤ چائيتاليهن صفحن تي ڇپيو آهي. هي ڪتاب نالي ۾ ته سومرن جي بادشاهت بابت آهي، پر حقيقت هي آهي ته لائق محقق پنهنجي خاص تحقيقي ڏانءَ سان، ان دور جي سنڌ سان گڏ پوري ننڍي کنڊ کي به پنهنجي اڀياس جي دائري ۾ آندو آهي. ڪتاب جي اشاعت پڻ معياري آهي. ڪتاب جو انتساب مصنف پنهنجي گهرواري ۽ تحقيقي- ساٿي مسز فرزانه پنهور جي نالي ڪيو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ انڊيڪس پڻ ڏني وئي آهي. جناب عمر سومري هي ڪتاب وڏي اهتمام ۽ آب و تاب

سان "سومرا نيشنل ڪائونسل پاڪستان" پاران 2003ع ۾ ڪراچيءَ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

9. ڪيرٿر:

هي ڪتاب پڻ انگريزي زبان ۾ آهي. مختلف بابن ۾ ڪيرٿر جي جيالاجي، جاگرافي، قبل از تاريخ وارو زمانو، تاريخ، جبلن ۾ زندگي، پاڻي، مذهب ۽ تصوف، ڏندڪٿائون ۽ داستان، نباتات، حيوانات ۽ تفريح جهڙن عنوانن تي لکيو ويو آهي. پنهور صاحب سان گڏ بدر ابڙو، انور پيرزادو ۽ حاڪم علي شاهه بخاري ڪتاب جا ليکڪ ٿاٿايا ويا آهن. ڪيرٿر متعلق هي ڪتاب مسعود لوهار جي تجويز تي اينرِ پاڪستان نالي هڪ ڪمپنيءَ تيار ڪري ڇپرايو. هي ڪتاب 2006ع ۾ ڇپيو، البت ان تي اشاعت جو سال لکيل ڪونهي. ڪتاب نهايت سهڻي ڪاغذ تي رنگين تصويرن سان ڇپيو آهي. هي ڪتاب ڏيڍ سؤ صفحن تي پکڙيل آهي.

10. تصوير سنڌ:

هي ڪتاب مٿي ذڪر ڪيل "سومرن جي بادشاهت" بابت ڪتاب جو سنڌي ترجمو آهي، جو جناب عمر سومري ڪيو آهي. مصنف جي خواهش تي ترجمي جي ايڊيٽنگ هن مضمون جي لکندڙ ڪئي. "تصوير سنڌ" نالي هي ڪتاب بلڪل انگريزي ايڊيشن جي طرز تي ڇپيو آهي. "عمر سومرو اڪيڊمي ڪراچي" هي ڪتاب 2006ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ايم.ايڇ.پنهور صاحب انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيئي مضمون ۽ مقالا لکيا. اهي ڪثرت سان- سنڌ ڪئارٽرلي، سنڌالاجيڪل اسٽڊيز ۽ گراس روٽس- رسالن ۾ ڇپيا. ڪجهه تحريرون پاڪستان کان ٻاهر جي عالمي شهرت يافته تحقيقي جرنلس ۾ به ڇپيون. اِهي مضمون ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ سان سنڌ متعلق بيش بها مواد گڏ ٿي دنيا ۾ پهچندو ۽ ان ريت سنڌ شناسيءَ جي ڪيترن ئي رُخن کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

**- غلام محمد لاکو**

* * * * *

## ايم.ايڇ.پنهور- عظيم سنڌ- پارکو

ايم.ايڇ.پنهور 1925ع جي ڪرسمس ڏهاڙي دادو جي ڳوٺ ابراهيم ڪڇي ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پرائمري اسڪول ابراهيم پنهور ڳوٺ، سيڪنڊري تعليم جي.اي. هاءِ اسڪول ميهڙ ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. انٽر ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان ڪيائين. اين.اِي.ڊِي انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي مان 1949ع ۾ مڪينيڪل ۽ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ بيچلرز ڪري آمريڪا هليو ويو، جتي 1953ع ۾ يونيورسٽي آف وسڪانسن مان ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ۾ ايم.ايس.سي جي ڊگري حاصل ڪيائين.

سنڌس شاگرديءَ واري زماني جي ويجهن دوستن مان محمد خان چاوڙو ۽ الاهي بخش سومرو حال حيات آهن. ويجهن مائٽن مان پنهنجي مامي حڪيم محمد صالح ۽ استادن مان ميهڙ ۾ سائنس ۽ مئٿميٽڪس جي استاد مسٽر چندناڻيءَ ۽ ڪراچيءَ ۾ مسٽر منسڪاڻيءَ ڪيس وڌ ۾ وڌ متاثر ڪيو. استادن لاءِ سندس جذبات هنن لفظن مان پروڙي سگهجن ٿا: "مون پاڻ کي يتيم ان ڏينهن سمجهيو جنهن ڏينهن منهنجو استاد گذاري ويو." زراعت جي ميدان ۾ ٽنڊوڄام زرعي ڪاليج جي اڳوڻي پرنسپال محترم اي.ايم. شيخ، آرڪيالاجي کاتي جي عملدارن ايف.اي.خان، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، شيخ خورشيد حسن ۽ سليم الحق کان سواءِ، انٿروپولاجي ۾ پروفيسر جوناٿن مارڪ ڪينويرَ، پروفيسر ڊاڪٽر لوئس فلئر ۽ پروفيسر ايمريٽس نارما جوائس ڊائمنڊ جو معترف هو. سياسي، سماجي، تعليمي، ادبي ۽ تحقيقي ميدانن ۾ سائين جي.ايم.سيد، ڊاڪٽر شمل، محمد ابراهيم جويو، محمد ايوب کهڙو، ڊاڪٽر دائودپوٽي، رسول بخش پليجي، ذوالفقار علي ڀٽي، غلام مصطفيٰ شاهه، پير الاهي بخش، حاجي مولا بخش سومري، پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي سان سندس سٺي شناسائي رهي.

1953ع کان 1969ع تائين سنڌ ۽ اولهه پاڪستان حڪومتن ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. پهريان چار سال سنڌ ۾ ايگريڪچرل انجنيئر طور ۽ باقي ٻارهن سال سپرنٽينڊنگ انجنيئر ايگريڪلچرل مشينري طور. ان دؤران سنڌ ۽ بلوچستان جي آبادگارن کي ٻنيءَ سنوارڻ ۽ جر جي پاڻي جي ستاري جون سهوليتون مهيا ڪندو رهيو. کاتي ۾ موجود

بلڊوزرن جو انگ تيرهن مان وڌائي ڇهه سو ۽ ملازمن جو انگ هڪ سؤ مان ڇهن هزارن تائين پڄايائين. بلڊوزرن جي مرمت لاءِ تيرهن ورڪشاپ ٺهرايائين. جيڪي اڄا تائين ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ ۾ ٻي هزار ۽ بلوچستان ۾ هڪ هزار ٽيوب ويل لڳرايائين. جر جي پاڻيءَ، ان جي پيدا ٿيڻ ۽ ان کي سنوارڻ، سڌارڻ ۽ سنڀال بابت ڏهه ڪتاب لکيائين. جن مان "گرائونڊ واٽر ان سنڌ"، (1964ع، نظرثاني ٿيل 1969ع). سنڌ جي آبادگارن، سرڪاري رٿاڪارن ۽ ٽيوب ويل هڻڻ وارن لاءِ ڄاڻ جو ڀنڊار ثابت ٿيو ۽ اڄا تائين ان عنوان تي هن کان بهتر ڪو ٻيو ڪتاب ناهي آيو. 1970ع کان وٺي آخري گهڙيءَ تائين آبپاشي، پاڻي نيڪال، جر جي پاڻي، زراعت، تعليم، تحقيق ۽ صنعت لاءِ ڪم ايندڙ سائنسي سامان ۾ مهارت رکندڙ انجنيئرنگ ڪنسلٽنگ ڪمپني هلائيندو رهيو ۽ صرف سرڪاري رٿائن تي ئي ڪم ڪيائين.

پنهنجي اباڻي ڪِرت ٻني ٻارو ۽ پوکي راهي پڻ جاري رکيو آيو. ٽنڊي ڄام ويجهو باغبانيءَ بابت تحقيق جو مرڪز ٺاهيائين. جتي چوويهه نوان ميوا متعارف ڪرايائين. انهن مان ٻارهن پڙيءَ ۾ پهچي ڪامياب وڪرو ٿي رهيا آهن. ڪوڙ سارا نوان ۽ مختلف ميوا پيدا ڪيائين. جيڪي روايتي مُندن کان ڪجهه مهينا پوءِ تائين به لهن ٿا. گذريل پندرهن کن سالن دوران پنهنجي باغ ۾ جيت مار توڙي ٻوٽا مار دوائن جو استعمال بلڪل بند ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪيميائي ڀاڻن بدران مڪمل طور قدرتي ڀاڻن تي ڀاڙيائين. ميون تي تحقيق ڪري هر ميوي لاءِ الڳ مئنيوئل لکيو اٿس. جيڪي سڀ گڏائجن ته چار هزار کن صفحا ٿيندا. ان کان سواءِ لهندڙ ميون ۽ ڀاڄين تي ويڪ ڏهه مئنيوئل لکيا اٿس. سندس انجنيئرنگ ۽ زراعت تي اسي کان وڌيڪ مضمون ۽ ڪتاب ۽ مختلف سائنسي موضوعن تي پنجاهه کان وڌيڪ رپورٽون ڇپجي چڪيون آهن.

اسڪول جي زماني کان ئي سنڌ بابت هر موضوع جو اڀياس سندس خاص مشغلو رهيو. لائبريريون سنڌ، باغباني توڙي انجنيئرنگ تي سمورا ڪتاب وٺي نه سگهنديون هيون، تنهنڪري هي اهي ڪتاب پنهنجي لاءِ پاڻ مُلهه وٺندو رهيو. ائين وٽس چوڏهن هزار کن ڪتاب سنڌ بابت، اٺ ٽي ڪتاب ۽ رسالا ميون بابت، ٻارهن هزار کن ڪتاب



ايم.ايڇ.پنهور پنهنجي ڳوٺ ۾ مٽن مائٽن ۽ دوستن سان گڏ

انجنيئرنگ ۽ ماحوليات بابت ۽ ڏهه هزار کن ٻين سائنسي موضوعن بابت. ڪل ملائي پنجاهه هزار کن ڪتاب گڏ ٿيا. جيڪي سندس ذاتي لائبريريءَ جو حصو آهن. ان کان سواءِ سندس گهرواري مسز فرزانه جا ڏهه هزار کن ڪتاب ۽ ڪوڙ سارا ڇپيل مضمون پڻ ڪيس ڪم ايندا رهيا.

سنڌ جا ماڻهو ڊگهي عرصي تائين پنهنجي تاريخ ۽ سڀيتا سان لاڳاپيل هر قسم جي سوالن جا جواب عربن جي سنڌ تي فتح کان پوءِ نون حاڪمن جي پاڇي ۾ پلجندڙ عالمن ۽ تاريخدانن جي لکيل ڪتابن مان ڳوليندا رهيا. ٻئي پاسي پنهور صاحب هڪ نئين راهه گهڙَي. هن انهن سوالن جا جواب مختلف دؤرن ۾ سنڌ کان ٻاهر لکيل ڪتابن، سنڌ ۾ موجود پراڻن آثارن ۽ مختلف دؤرن ۾ سنڌ ۾ رهندڙ انساني نسلن جي نشانين مان معلوم ڪيا. چوڻي آهي ته "جتي تاريخ ڇيهه ڪندي آهي، پراڻا آثار اڪاڻي اتان اڳتي ڪٿندا آهن."

سندس سنڌ بابت تحقيق مان "سورس مَٽيريئل آن سنڌ"، 1977ع (600 صفحا)، "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، 1983ع (400 صفحا) ۽ "ائن السٽريٽيڊ هسٽاريڪل ائٽلس آف سومرا ڪنگڊم آف سنڌ"، 2003ع (248 صفحا)، سنڌي ترجمو، "تصويرِ سنڌ- سومرن جي بادشاهيءَ جا نقش ۽ نشانيون"، 2007ع، يادگار ڪتاب آهن. سندس ڪتاب "سڪس ٿائوزنڊ ييئرس آف اريگيشن اِن سنڌ"، 1993ع جو نظرثاني ٿيل ڇاپو پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ ڪراچي ۽ "هسٽاريڪل ائٽلس آف سنڌ"، (500 نقشن سان)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ پاران

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي سندس ڪيترائي انگريزيءَ ۾ لکيل اهم ۽ علمي مضمون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا. اهي ترجمو ٿيل مضمون پنهور صاحب کي اهڙا تہ پسند اچي ويا جو اُن ڪان پوءِ پاڻ ٻوليءَ جي خاص طرح سان متبادل لفظن ۽ اصطلاحن جي مدد ڊاڪٽر محبت ڪان ئي وٺندا هئا. پنهور صاحب پنهنجي مزاج ۾ هڪ يونيورسٽي هئا- هڪ اهڙي يونيورسٽي، جنهن ۾ هر ڳالهہ، تجربي ۽ مشاهدي جي بناء تي ڇٽي ويندي آهي. سندس گهر رهائشگاهہ گهٽ تجربيگاهہ (ليبارٽري) وڌ هو. پنهور صاحب زرعي ماهر ۽ ارضي سائنسدان هجڻ سان گڏ هڪ اعليٰ پايي جو مؤرخ بہ هو. هن سنڌ سان لاڳاپيل ڪيترن ئي موضوعن تي مدلل لکيو. سندس علمي ۽ تحقيقي ڪم جو طريقہ ڪار خالص سائنسي بنيادن تي ٻڌل هو. هو هر علمي نُڪتو سائنسي پيرايي ۾ ڏسڻ ۽ بيان ڪرڻ جو حامي هو. سندس لکيل تحقيقي مقالن جو تعداد تقريباً سَوڪن آهي.

پنهور صاحب سنڌ دوست عالم هو ۽ سنڌ کي سنڌ سان سڃاڻپ ڪرائڻ ۾ پنهنجو ذميوارانہ علمي ڪردار ادا ڪيائين. هن تاريخ جي ڪيترن ئي لڪل گوشن کي پنهنجي تحقيقي قلم سان نروار ڪيو. سندس وڇوڙو سنڌ جي علمي، ادبي، تاريخي ۽ سائنسي طور تي هن دور جو وڏي ۾ وڏو سانحو آهي. سندس لاڏاڻي ڪان پوءِ ائين ٿو لڳي، ڄڻ هڪ وڏي تحقيقي ۽ علمي دستاويز جو هڪڙو زرين باب پنهنجي پڄاڻيءَ تي رسيو آهي.

سندن لکيل مقالن مان ڪجهہ مکيہ تحقيقات جو هتي مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو:

1. “Irrigation under soomras to Sammas”

هيءُ مقالو سومرن ۽ سمن جي دور ۾ آبپاشي واري نظام تي لکيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي آبپاشي نظام جا تڏهوڪا انگ اکر ۽ حالات رقم ڪيل آهن.

2. “ Jam Nizamuddin and his times”

ڄام نظام الدين ۽ ان جي دور تي هيءُ نهايت شاندار مضمون آهي. هن مضمون ۾ پنهور صاحب ڄام نندي جي دور کي سنڌ جو ”خوشحاليءَ وارو دور“ سڏيو آهي. مٿيان ٻئي مقالا ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي ڪتاب ”دي سما ڪنگڊم آف سنڌ“ ۾ شامل آهن. هي ڪتاب انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 2006ع ۾ ڇپيو آهي.

3. سومرن ۽ سمن ڪان پوءِ جنهن دور تي پنهور صاحب پوري دلجمعيءَ ۽ لگن سان تحقيقي ڪم ڪيو، اهو آهي ”ڪلهوڙن جو دور“. ڪلهوڙن جي دور کي پنهور صاحب سمن جي دور جو هڪ تسلسل سڏيو آهي، خاص ڪري سمن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ آبپاشيءَ واري نظام تي ڀيل ڪم جي ڀيٽ ڪئي اٿس، ڇو تہ سمن جي دور ڪان پوءِ وارو دور (ارغونن ڪان مغلن تائين) سڄو ويڙهاند ۽ رتوڇاڻ وارو دور هو، جنهن ۾ سنڌ ڳيا ڳيا ٿيندي رهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ وري ڳنڍجڻ لڳي ۽ انتظامي طرح ”سنڌ“ نالو اختيار ڪيائين. ڪلهوڙا دور جي سلسلي ۾ سندن هيٺيان مضمون علمي طرح ڏاڍا ڪارائتا آهن:

1. Enviorment that lead to rise & fall of kalhoras

2. Irrigation under Noor Muhammad Kalhoro

3. Ghulam Shah kalhoro, his relations with kutch

4. History of khudabad, capital of kalhoras

5. History of Kalhoras.

هي مقالو اصل ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي ڪتاب ”ڪلهوڙا دور حڪومت“ جو ڀرپور جائزو آهي. هي مضمون انگريزي ۽ سنڌي زبان ۾ ڇپيل آهي.

6. سنڌي زبان جي اصليت تي پنهور صاحب جي مضمون جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ڪري ڇپرايو هو. اهو مضمون خاص طرح سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ بنياد ۽ قدامت کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، پنهور صاحب جي چند چونڊ تحقيقي ۽ علمي مضمونن کي هڪ جامع ڪتاب جي صورت ۾ ڇاپڻ جون ڪوششون وٺي رهيو آهي. جڏهن پنهور صاحب جا لکيل اهي سمورا مضمون هڪ ئي ڪتاب ۾ ڇپجي منظر عام تي ايندا، تڏهن هن مثالي عالم ۽ محقق جي علمي عظمت ڪان سنڌ جو ماڻهو پوريءَ طرح سان واقف بہ ٿيندو ۽ سندن ڪيل علمي خدمتن مان استفادو بہ ڪندو.

**- دين محمد ڪلهوڙو**



محترمه پروفيسر امينہ خميساڻيءَ جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آخري آمد ۽ انگلش ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ "ڊرامي" واري پروگرام ۾ شرڪت
(2- آڪٽوبر 2005)

ساڄي کان: محترمه بيگم مظهرالحق صديقي، محترمه پروفيسر امينہ خميساڻي، جناب مظهرالحق صديقي وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي، صديقي صاحب جي نياڻي ۽ محترمه فريده پنهور چيئرپرسن انگلش ڊپارٽمينٽ

(تصوير طارق عمراڻيءَ جي ٿورن سان)

پوءِ جونيئر ۽ متاخرين استادن ۾ پروفيسر اَرجن لال جهاماڻي، پروفيسر غياث الدين قريشي، پروفيسر محمد راول ورياماڻي (اڳوڻو سفير پاڪستان ۽ چيئرمن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن)، ڊاڪٽر ڪي.ايم.لاڙڪ، پروفيسر خالده فاروقي، وارث اقبال، ڊاڪٽر اسدالله لاڙڪ، محمد سعيد راشدي، پروفيسر عبدالغني شيخ، ضيا جلباڻي، انور پيرزادو، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، فيروز الدين شاهہ حسيني، راقم الحروف، حبيب الرحمان غوري، ڊاڪٽر سعيده اسدالله (هاڻوڪي وائيس چانسيلر جناح يونيورسٽي)، پروفيسر محمد حسن بودلو ۽ پروفيسر آصف علي سهاڳ شامل آهن. ان کان سواءِ موجوده سمورا استاد جيڪي انگريزي ڊپارٽمينٽ (جيڪو هاڻ ترقي ڪري انسٽيٽيوٽ آف انگلش ٿي چڪو آهي) ۾ تاحال پڙهائين ٿا.

سنڌ جي پنهنجي دؤر جي مشهور عملدار مرحوم علي بخش چنا ڪليڪٽر جي نياڻي اَمينہ چنا لاهور جي Kinnaid College for Girls مان B.A جي ڊگري انگريزيءَ ۾ حاصل ڪئي. هي ڪاليج هند و پاڪ جو هڪ بهترين ڪاليج آهي. شاديءَ کان پوءِ M.A انگريزي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. پروفيسر خميساڻيءَ جي شادي مسٽر غلام محمد خميساڻي DSP سان ٿي، پر شادي کان پوءِ پاڻ کي ڪڏهن بہ "چنا" نہ سڏايائين. سندس خاندان پاڻ جون علمي ثقافتي ادبي ۽ سماجي روايتون ۽ مهذب طور طريقا اڄ تائين نباهيندو اچي. پروفيسر خميساڻيءَ کي پهريون صدمو تڏهن پهتو جڏهن مسٽر غلام محمد 1972ع ۾ هوم سيڪريٽري محمد خان جوڻيجي سان ميٽنگ جي دوران دل جي دوري پوڻ سبب گذاري ويو.

نثري بہ خاصو حيران ٿي ويو.
پروگرام "ڳوناٺن جي ڪچهري" جو پهريون ئي پروگرام هليو تہ هنڌين ماڳين واهہ واهہ ٿي ويئي ۽ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ، ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ، وستي وستي، "فتح خان" جو آواز گونجندو رهيو. ان لاءِ شروعات ۾ تہ سندس معاونت "ميرڻ خان"، (منظور نقوي) ۽ "گنوهر خان" (عبدالڪريم بلوچ) بہ ڪئي ۽ پوءِ پاڻ ئي ڏنڊين ڏانڊ بڻجي ويو. ريڊيو جو اهو پروگرام جيڪو اول پندرهن منٽن جو هفتيوار پروگرام هو، سو هوريان هوريان ترقي ڪندي اڌ ڪلاڪ لاءِ هفتي ۾ ٻہ دفعا ۽ بعد ۾ هڪ ڪلاڪ روزانو جي دورانيہ لاءِ "ڳوناٺن جي ڪچهري"، "جمهور جو آواز"، "سون ورني ڌرتي"، "فتح خان جي ڪچهري" جهڙا نالا بدلائيندو، سانده ڇائيتاليهن سالن کان نشر ٿي رهيو آهي، جيڪو ريڊيو حيدرآباد جي تاريخ جو هڪ طويل ترين باب آهي. نہ صرف اهو پر هي پروگرام ريڊيو جو واحد پروگرام آهي، جيڪو هڪ وڏي عرصي کان "اڻ لکيل پروگرام" طور پيش ٿي رهيو آهي، جنهن ڪي "جهونو فتح خان" هڪ ڳوناٺي اوطاق طور هلائي، ڳوناٺي ماحول کي برقرار رکندو پيو اچي، جا وڏي اعتماد ۽ اعزاز جهڙي ڳالهہ آهي. ان پروگرام جي مقبوليت کي ڏسي ريڊيو جي مختلف اسٽيشنن ان طرز جا پروگرام ترتيب ڏنا. ڪي نقلي ڪردار بہ تيار ڪيا ۽ وارث تلقين شاهہ جهڙا ڪردار بہ مقابلي لاءِ ميدان تي لٿا، پر "ڏاڏا فتح خان" سيني کي ملهون ڏسي ويو.

ريڊيو جي مختلف اسٽيشنن جا صداڪار ۽ صداڪارائون ڪيس ڏسڻ ايندا هئا تہ ڪين يقيني نہ ايندو هو تہ هي جواڻ جماڻ صداڪار "جهور پيرسن" شخص جهڙي هوبهو ادائگي ڪري سگهي ٿو ۽ ڪين يقين ڏيارڻ لاءِ ڏاڏي فتح خان کي هي ڪلمات ادا ڪرڻا پوندا هئا: "چگو پلو... جوڙ ڪُش... چگو پلو .... جوڙ ڪُش...." تہ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا هئا.

هڪ زماني ۾ جهوني فتح خان جي غير معمولي مقبوليت ۽ پذيرائي ڪن هلڪڙن ۽ حاسدن کان سَني نہ ٿي، سو ڪن اڻ وٺندڙ حربن ۽ الزامن ذريعي هن فقير منش فنڪار کي ريڊيو کان پري رکيو ويو ۽ جهونو بہ اوطاق کان گوشائتو ٿي داد شهيد بادشاهہ جي درگاهہ جون حاضريون ڏيندو، ڪچهريون قائم رکندو رهيو. ڏاڏا "فتح خان" جي عوامي مقبوليت جو اندازو تڏهن ٿيو، جڏهن سموري سنڌ سراپا احتجاج بڻجي ويئي. اخبارن ۾ شہ سرخيون لڳيون تہ عوامي دباءَ جا پنيٺ پڙڪي پيا. نتيجي ۾ ان وقت جي وزيراطلاعات و نشريات خواجہ شهاب الدين جي خصوصي هدايتن ذريعي فتح خان کي بحال ڪيو ويو تہ اوطاق وري وَسڻ لڳي ۽ فتح خان سنڌ جي مايہٴ ناز عوامي فنڪار طور پنهنجي ماڳ موٽي آيو.

"فتح خان" گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ آهي. هو ڊرامہ صداڪار سان گڏ شاهہ لطيف جي ڪلام جو پارکو، لوڪ ادب جو ڄاڻو، ٻولي شناس ۽ موسيقي شناس طور بہ معروف آهي. لطيف سائينءَ جو ڪلام جنهن سليقي، انداز ۽ محبتن سان جهونو پڙهي ٿو، ان جو مثال ئي ڪونهي- سو ريڊيو وارن ضروري سمجهي سندس آواز ۾ شاهہ جو ڳچ سارو ڪلام رڪارڊ ڪري ورتو آهي (پر اها جدا ڳالهہ آهي جو سندس سمورو رڪارڊ ٿيل ڪلام نشر نہ ٿي سگهيو آهي)، بهرحال اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ سنڌ ڌرتيءَ هڪ ئي "فتح خان" کي جنم ڏنو آهي، جيڪو سائين صالح محمد شاهہ آهي.

"فتح خان" جي موسيقي شناسيءَ جو اهو عالم آهي جو سندس اوطاق راڳ جي اوطاق طور مشهور آهي. هڪ وڏي عرصي کان وٺي هزارن جي تعداد ۾ ڳائڻا ۽ وڄتا سندس اوطاقي ٿيا آهن. هو ڳائڻن ۽ وڄتن جون اڪثر غلطيون پڪڙيندو هو. پر اهو بہ سچ آهي تہ راڳي سندس اوطاق مان ئي رچي ريٽا ٿيندا آهن.

ٻولي شناسيءَ جي حوالي سان بہ جهوني جو مقام تمام مٿانهون آهي. لڳي ٿو تہ نج نبار ۽ نيٺ سنڌي ٻولي فتح خان جي اوطاق تي ئي قائم آهي، نہ تہ اڄڪلهہ ڪيترن ئي وڏن ادارن ۽ ڪيترن ئي مشهور ليکڪن جي لاتعداد ڪتابن جا ورق ڇنڊ عوامي ٻوليءَ کان وانجهيل نظر اچن ٿا.

ايڪهتر سالن جي هن مثالي صلاحيتمند ۽ زنده دل شخص پنهنجي عمر عزيز جا بهترين پنجاهہ سال فن کي ۽ ريڊيو حيدرآباد کي ارپيا آهن. پر هُو اڃا لڪو ئي ڪٿي آهي.

مليس تہ پاڻ بہ ڏاڍي پاڀوھ مان مليو. پاڪر وجهندي محسوس ڪيم تہ "سائين تہ باقي وڃي ٻچيو آهي!.... هنڌڙن جي مُنڻ!" چيومانس" قبلا اڄ تہ ڏاڍا سهڻا پيا لڳو.... وار بہ سهڻا پيا لڳن... دعا ڪريو تہ اسين بہ جيڪر پوڙها ٿيون تہ توهان جهڙا سهڻا ۽ خوبصورت لڳون." جنهن تي پاڻ مسڪرائيندي چيائين تہ "تون بامراد آهين ۽ انشاالله تنهنجي دعا قبول پوندي.... هاڻ هلان ٿو.... وري ملنداسين." "سائين"، "جهونو" ۽ مائٽن لاءِ "صالح محمد شاھ" ريڊيو پاڪستان جو پروگرام ڪري گاڏيءَ ۾ سوار ٿيو ۽ سُنت ٿي پنهنجي اُن سفر ڏانهن اُسهيو، جتان ڪوبہ وانگي ڪونہ وريو آهي!

نئيا هوندا هئاسين تہ سائينءَ کي ٽي وي تي ڏٺوسين.... قسمت جو چڪر ريڊيو تي وٺي آيو. ريڊيو ۾ نوڪري تہ 1995ع ۾ ملي پر بحيثيت هڪ پروڊيوسر جي 2001ع ۾ چونڊجي اسلام آباد پهتس. ڪراچيءَ ۾ پهرين پوسٽنگ بعد حيدرآباد آيس. اعليٰ عملدارن خواهش ڀڃي تہ ڪهڙو پروگرام توکي ڏنو وڃي. چيم "پروگرام ڪچهري ڪرڻ پسند ڪندس." بهرحال وقت جي بہ تقاضا اها هئي جو پروگرام منهنجي حوالي ڪرڻو پيو ۽ مون کي چاھ هو تہ ڪنهن ريت پروگرام کي بهتر بڻايان. پروگرام "ڪچهري" ۾ منهنجي داخلا هڪ نئين داخل ٿيندڙ ٻار وانگر هئي جنهن کي درسگاھ جون ڀتيون، ڇتيون، وڻ ٽڻ انساني شڪليون نيون ۽ اڇرج ۾ وجهندڙ لڳنديون آهن. ڏينهن گذرندا رهيا. اسٽوڊيو جي گهڙي شام جو 6 وڄائيندي هئي ۽ سائين صالح محمد شاھ جي "ڪچهري" شروع ٿيندي هئي. ساڻس ڪل 5 سال ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. لاريب سائين وضعدار ماڻهو هو. چهري ۾ ڏياءُ، خوش لباس، سهڻا ساروڻا ۽ ڳالهائڻ ۾ باوقار ۽ باڪردار شخص هو. ڪچهريءَ ۾ پاڻ ڪانپ ڪڏي ويهندو هو، چنڊ وانگر پيو ٻهڪندو هو ۽ سندس چوڦير ويٺلن تي سندس شخصيت جو سحر طاري هوندو هو. "فتح خان" روزاني ڪچهري بابت ڪڏهن بہ ڪنهن بہ قسم جا موضوع پاڻ سان گڏ نہ کڻي ايندو هو. هميشہ آسڻ تي ويهڻ کان پوءِ ئي ڳالهائڻ شروع ڪندو هو ۽ معلومات جا وڏڦڙا وسائيندو هو. سائينءَ وٽ سنڌ جي ريتن، رسمن، رواجن، لباس، اُٺي ويٺي، ادب آداب، تهذيب، تمدن، ورثي، تاريخ، سماجي اپياس، سماجي حالتن، اخلاقي قدرن، ماڳن مڪانن، پانن پٽن، ڳائڻن وڄتن، مگڻهارن، ميراثين، لوڪ ادب، سنڌي زبان جي تاريخ، سنڌي لغت، اديبن، مشاهيرن، محققن، دانشورن، پارکوئن، سگهڙن، مشڪرن، پيرن، ولين، زميندارن، وڏيرن، حڪمرانن، نوابن، فقيرن، فقرائن، درگاهن، درسگاهن، راڳ ۽ ويراڳ- مطلب تہ هر موضوع تي فطري مَلڪو حاصل هيو.

سائينءَ جي ڪچهريءَ ۾ سنڌ جي وڏن وڏن فنڪارن ڳايو ۽ وڄايو. استاد منظور علي خان، ماسٽر محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، محمد يوسف، علڻ فقير، جلال چانڊيو، ڊول فقير، فقير عبدالغفور، فقير اميربخش، حسين بخش خادم، فقير يار علي، مير محمد لنڊ، وحيد علي، انور وسطڙو، شفيع فقير، ممتاز لاشاري، سجاد يوسف، ضامن علي، امير علي، حيدر علي، اقرار وحيد علي- مطلب تہ 2007ع تائين 46 سال سنڌ جي تقريباً سمورن فنڪارن ڪچهريءَ ۾ چوڪي ڏني. ڪچهري پروگرام ۾ سائين هندن جي ڏڻن تي ساڻن ڪچهري ڪندو هو ۽ کين مبارڪون ڏيندو هو ۽ سندن ئي ريتن رسمن بابت ڪارائتي گفتگو پڻ ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ حاڪمن کي پنهنجي منفرد طنزيہ انداز ۾ چنڊ بہ ڪڍندو هو ۽ تنبيهہ بہ ڪندو هو. ڪيس ڪڏهن بہ خودثنائي پسند نہ هئي ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ڪڏهن اجازت ڏنائين تہ اسٽوڊيو جي پٺيان ويهي سندس پروگرام ڏسي. هدايت ڪندو هو تہ جيڪڏهن ڪچهري ٻڌڻي اٿو تہ ريڊيو سيٽ تي وڃي ٻڌو. ڪچهري ڏسڻ جي نہ پر ٻُڌڻ جي آهي. شاھ صاحب سان "ڪچهري" ذريعي ڪيترائي ماڻهو پيار ڪندا هئا. اُنهن جو حلقو ڪارونجهر کان ڪراچي ۽ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين ڦهليل هو. وڏي تعداد ۾ سندس پرستارن جا خط ريڊيو جي ايڊريس تي پهچندا رهيا ۽ سندس پريت جو رشتو مائيڪ جي ذريعي ساڻن قائم رهيو. ٻڌندڙن طرفان مٿس ڪيترائي بيت ۽ شعر سرجيا ويا، جن مان خبر پوي ٿي تہ "فتح خان" ٻڌندڙن لاءِ ڪيڏي نہ پرڪشش ۽ دلاويز شخصيت هو!

سچ...! اڄ جڏهن آءٌ "ڪچهري" ڏانهن وڃندو آهيان تہ پيرن جو وزن وڌندو ويندو آهي... تہ اهي پير هاڻي ڪيئن ان "اوطاق" ۾ کڻي وڃان، جتي نہ جهونو آهي، نہ ڏاڏو آهي. نہ فتح خان آهي ۽ نہ ئي سهڻو سڏائيندڙ سيد صالح محمد شاھ موجود آهي!

- عرفان علي انصاري

* * * * *

# سگهڙن جو سينگار: سگهڙ عبدالرحمان مهيسر

52- 1951ع واري دؤر ۾ سنڌ جي مشهور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لوڪ ادب کي سهيڙڻ جو ڪم سنڌ جي سگهڙن سان ڪچهرين ڪرڻ سان شروع ڪيو. کين ڪچهرين جا آداب ۽ طريقا سيکاريائين. ڳجهارتون ڏيڻ ۽ ڳولڻ جا طريقا سمجهايائين ۽ ڏور جي فن کان پڻ واقف ڪيائين. پوءِ سندن همٿ افزائي خاطر کين اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي تي آندائين.

اوائلي دور ۾ سگهڙ بيڙو فقير ڪنڀار سندس ساٿي رهيو. جنهن کي بلوچ صاحب سگهڙپائيءَ جي سکيا ڏني ۽ ڪچهرين جو مور بڻايائين. هڪ لڳا ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ حاجي فقير مهيسر سان سندس ڳوٺ ۾ وڏي ڪچهري ٿي. ان ڪچهريءَ ۾ عبدالرحمان مهيسر بہ موجود هو. بلوچ صاحب جي ڪچهريءَ مان متاثر ٿيو ۽ 1976ع ۾ کيس دعوت ڏئي پنهنجي ڳوٺ ۾ سگهڙن جي وڏي ڪچهري منعقد ڪيائين ۽ ان طرح لاڳيتو ڪچهريون ڪندو رهيو. جڏهن بيڙو فقير وفات ڪري ويو تہ عبد الرحمان بلوچ صاحب سان گهڻو گڏ رهيو ۽ سندس صحبت ۾ گهڻو پرايائين. ويندي حياتيءَ جي آخري ڏينهن تائين.

سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ نومبر 1945ع ۾ ڄائو. سندس والد محمد صالح حافظ قرآن هو ۽ سندس وڏا رياست جي ميرن صاحبن جا مقرره حافظ هئا. عبدالرحمان ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. قرآن پاڪ ناظره ۽ پنج سيپارا حفظ ڪيائين. پوءِ سنڌي ۽ انگريزي پڙهي ميٽرڪ تائين پهتو. پرياسي جي ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۾ ڏور، بيت، ڳجهارتون ٻڌي ياد ڪري حصو وٺندو هو. ڳوٺ جي وڏي سگهڙ حاجي فقير مهيسر کان ڏور جي اصلاح ڪرائڻ ۽ شاعري جي سکيا ورتائين ۽ ان طرح ڏور، سينگار ۽ هنر جا بيت، ڳجهارت، ڏٽ، پرولي ۾ پاڻ ملهايائين.

عبدالرحمان کي قدرت طرفان وڏي ڏات مليل هئي. سندس ذهن ايترو تہ تيز هو جو هو ڪچهريءَ ۾ ويٺي ويٺي، ٻڌن جون ٻڌون قافيي ۽ رديف سان، في البديه جوڙي وٺندو هو. بلوچ صاحب سان گڏ سنڌ گهمڻ وارن سفرن کي بہ پنهنجن بيتن ۾ خوب قلمبند ڪيو اٿس. سندس اعليٰ ذهانت متعلق بلوچ صاحب "سنڌي سينگار شاعري" ۾ لکي ٿو تہ: "عبدالرحمان پنهنجي ذهانت سان پهريائين ڏور جي ڪچهري هٿ ڪئي ۽ پوءِ خاص طرح سينگار جي سگهڙائپ ۾ گوءِ کنيائين. کيس سينگار جو فن گهڻو ياد آهي ۽ ان ۾ هن وقت هو سڀني کان برک آهي"

مهيسر صاحب مکڻ ۽ ماکيءَ وانگر منڊو ۽ منهن تي سدائين مرڪ رکڻ وارو پُربهار شخص هو. چاپڻيئين سونهاري ۽ مٿي تي سنڌي اڇو پٽڪو سڄ پيچ سنڌ جي ساڃهہ وند ۽ چڱي مڙس جو ڏيک ڏيندو هو.

عبدالرحمان ريڊيو حيدرآباد تي نوجوانيءَ کان وابستہ رهيو. ڪيترائي پروگرام ريڊيو ڪراچيءَ تي ڪيائين ۽ ريڊيو خيرپور سان لاڳيتو منسلڪ رهيو. 1975ع کان وٺي ٽي وي ڪراچيءَ تي مهراڻ رنگ، سنڌ سينگار، اوطاق، ڪچهري ۽ رس رهاڻ ۾ گهڻو نڀايائين. سندس فن جي مڃتا ۾ کيس ايوارڊ ۽ اعزاز انعام اڪرام مليا.

عبدالرحمان جا ٽي ڪتاب گهڻو مشهور آهن: مهيسر جي مامر، مهيسر جي موج ۽ مهيسر جي مرڪ.

ان طرح سندس بيو گهڻو مواد اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي. سندس مرتب ڪيل ڪتابن ۾ "ڊاڪٽر بلوچ صاحب جون قرب ڀريون ڪچهريون، سگهڙن جا سلام ۽ دعائون"، "ضلعي خيرپور جا حال حيات سگهڙ"، "فقير مياداد بابت روايتون" ۽ "گنيءَ جا گن" شامل آهن.

سنڌ جو هي ناميارو سگهڙ 7 مئي 2007ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ رفيق مهيسر ۾ گذاري ويو. الله کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي آمين.

- احسان علي لغاري

انسان جي تخليق آهي- جيڪا:

ڍڪي اُگھاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ

سٽي لاءِ شاهه سائينءَ جي اها توصيف اُن کي سمنڊ کان اُتاهون ڪري ٿي. لفظ بہ انسان جي تخليق آهي. سٽي ۽ سمنڊ بہ لفظ آهن، جيڪي انسان جا عطا ڪيل آهن. انڪري تنقيد جي جائزيڪار کي 'لفظ' جي واهپي ۾ سچيت رهڻ جڳائي. پنهنجي لکڻيءَ ۾ عزيز پاڻ بہ ان کي "ڪمزوري" مڃي ويو آهي! ان پاڱي ۾ هن لطيف کي بہ وچ ۾ آندو آهي:

"مان محترم ۽ مڪرم نقادن کي نماڻي گذارش ڪري ويهندو آهيان تہ اوهان ڪڏهن شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ڇند وديا جو ڇيد ڪيو آهي؟" (ص 80)

تہ ان جو جواب آهي 'ها'. ڪيس ان ڏس ۾ ڊاڪٽر جهمٽ مل خوبچند ڀاوناڻيءَ جو "ڇند سڳنڌ" پڙهڻ کپي. گڏوگڏ ڊاڪٽر الياس عشقيءَ جو ان ڏس ۾ ڪيل ڪم بہ ڏسڻ کپيس ۽ تنوير عباسيءَ جو بہ. اهو سمورو مواد ٽہ- ماهي "مهراڻ" ۾ ڇپيل آهي.

فياض ڇندڪليريءَ جي بيت جي حوالي سان لکندي عزيز ماترڪ ڇند ۽ عروض کي ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عزيز پاڻ بہ بيت لکيا آهن ۽ مون کي لڳي ٿو تہ هن ماترڪ ڇند بدران عروض تي ئي بيت لکيا آهن. هو انهن کي هيئن ٿو ٺهڪائي:

دوها ڇند

13 ÷ 11 (عروض موجب: فعلن فعلن فاعلن، فعلن فعلن فاع)

سورٺا ڇند

11 + 13 (عروض موجب: فعلن فعلن فاع، فعلن فعلن فاعلن) (ص 86)

ماترڪ ڇند ۽ عروض ڌار ڌار گهاڙيٽا (Formats) آهن. هتي آءٌ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ لاءِ اياز جو هڪ دوهو (للت پد) ڏيان ٿو (هڪ ڀيري اسحاق سميجي جڏهن چيو تہ "اياز نوجوانن جو شاعر ناهي" تڏهن بہ مون اهو دوهو سندس راءِ کي رد ڪندي پڙهيو هو):

پريت ڪئيسي، گيت ڇياسي، ٿيو اهو انجام
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳالهه اسان جي، نگر نگر بدنام

'ٿيو اهو'، "ڳليءَ ڳليءَ" ۽ "نگر نگر" ۾ ٽوڙي جو 6 ماترائون آهن، پر اهو 'فعلن فع' ڪونہ ٿيندو.

تنوير جون سٽون آهن:

سانت سانت ۾، پانت پانت جون
ڳالهيون ٿينديون گهٽيون گهٽيون
سانت سانت ۾، پانت پانت جون

انهن ۾ 8 ماترائون آهن، پر اهي "فعلن فعلن" نہ ٿينديون. پنهنجي ان جائزي جي هڪ پاڱي ۾ "شهر" نظم جي ڪجهه سٽن جي عزيز پنهنجي ليکي تقطيع ڪئي آهي ۽ انهن ۾ 'وزن جي اٿاٿ' کي واضح ڪيو آهي. هو 'وري بہ وزن جي ڪوٽ کي ظاهر ڪرڻ کي ڪارنامو' نٿو سمجهي!

ان کان وڏو اختلاف هن کي ٻوليءَ/ لفظ/اُچار جي حوالي سان آهي، جنهن کي پاڻ 'بگاڙ' سان تعبير ڪري ٿو ۽ 'امداد حسينيءَ جي اهڙي مشق دڪدائڪ محسوس' ٿي ٿئيس! ڇو تہ ائين سندس چوڻ پٽاندر "ٻوليءَ ٽوڙي شعر جي نغمگي ۽ ردم ڏڪجن ٿا." پوءِ هن هي لفظ ڏنا آهن: "ٻُٽ" "ڄڀ" "ٽڙڪيل" "پيل" "ٻج" "نج" "ويل" "اُپ" "ڦٽ" "لٽل" کان پوءِ "وغيره" لکڻ بہ هن ضروري ڄاتو آهي. اهي هن جي چوڻ موجب "سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۽ اصلي اُچارن موجب ڪم آيل نہ آهن. هن پاڻ بہ انهن لفظن تي اعرابون نہ ڏنيون آهن. ويلُ اهو آهي تہ جڏهن پوري اُچار سان لفظ آيو آهي تہ اُن تي بہ اعتراض ڪيو ويو آهي، مثلاً:

- ٻج ڪيترو بہ نِجُ سهي پر مريو وڃي
- هي منگهہ ڄڻ تہ ڦاهي تي ڳاٽو ڪو ٽڙڪيل
- وڻ ساڻ جيئن وَلِ هجي ڪا ٻڪين پيلَ

انهن لفظن تي اعرابون ناهن ۽ ڪٿي پروف جون چُڪون آهن. مثلاً:

ٻج ڪيترو بہ نج سهي پر مريو وڃي

ان سٽ ۾ 'نج' جي 'ج' تي 'پيش' ناهي ۽ بجاءِ ان جي تہ عزيز ان کي زورائتي اُچار سان پڙهي ها. ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ بہ شاعر آهي، ان کي ماڳهين 'وزن جي اٿاٿ' وزن جي ڪوٽ، ٻوليءَ جو 'بگاڙ' 'ٻولي ٽوڙي شعر جي نغمگيءَ ۽ ردم' جي ڏڪجڻ جهڙيون فتوائون صادر ٿو ڪري! وزن/ ردم/ نغمگيءَ سان نہ پڙهي سگهڻ جو ڏوهہ سٽ تي اُڇلي ٿو وڃي، جيڪو اُن ۾ موجود آهي.

۽ گهڻو آڳاٽو محسوس ٿيندو. لڳي ٿو تہ اهو شهر ڪو اجا ڀيو هو، جنهن جي ڦٽڻ وڃڻ کان پوءِ پنهورن جي آبادڪاريءَ سان پيهر انهيءَ شهر "قنبر" جي نالي سان جنم ورتو آهي. قنبر جي اولهہ ۾ تقريباً 50 ڪلوميٽرن جي مفاصلي کان جابلو پٽي آهي، جتي تاريخي ماڳن مڪانن جا ڦٽل آثار دڙن جي شڪل ۾ مليا آهن. لِهور جو دڙو، نوزمان جو دڙو، دانوءَ جو دڙو، ياروءَ جو دڙو، ڏانديهڙ، راڀاري، ڏيروءَ جو دڙو، بدام جو دڙو، ليلا چنيسر جو دڙو ۽ باجڪ وغيره. اهي دڙا اڪثر ڪري"ساروهہ" جي ڪپ تي واقع آهن. "ساروهہ" ڪنهن زماني ۾ درياهہ جو وهڪرو هو. جيڪو ڪشمور وٽان درياهہ مان نڪري ڪاڇي مان گذرندو منڇر ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هن وهڪري جي ڀرپاسي شهر آباد هئا. ساروهہ جي وهڪري تبديل ٿيڻ کان پوءِ اهي شهر ڦٽي ويا. گمان غالب آهي تہ انهن شهرن جي ڦِٽڻ کان پوءِ اُتان جي ماڻهن موجوده قنبر طرف اچڻ شروع ڪيو هوندو. پوءِ هيءَ شهر پهريان ڪنهن ٻئي نالي سان آباد ٿيو هوندو.

قنبر ڪاڇي ۾ ٻرڙا قديمي قبيلو آهي. جيڪو اجا تائين اُتي رهائش پذير آهي. هن علائقي جي اوائلي تاريخ کي سمجهڻ ۾ ليلا چنيسر جو دڙو ۽ لهور جو دڙو ٻہ وڏي اهميت رکن ٿا. هي تاريخي ماڳ، قنبر ۾ ڳوٺ غيبي ديري جي ڀرسان ڦٽل صورت ۾ واقع آهن. لهور جا دڙا قنبر جي اولهہ ۾ "ساروهہ" جي ڪپ تي واقع آهن.

آءٌ سمجهان ٿو تہ هيءَ ڪتاب هن علائقي تي وڌيڪ ڪوجنا ڪرڻ ۾ محققن لاءِ بيحد معاون ثابت ٿي سگهندو. تحقيق جو ڪم مسلسل هلندڙ ٿئي ٿو، تنهنڪري هيءَ ڪتاب بہ قنبر جي تحقيق ۾ آخرين نہ آهي.

هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ لک ٿورا مڃجن، ڊي.سي.او قنبر- شهدادڪوٽ جناب مختيار حسين سومري ۽ اڪيڊميءَ جي بنيادي ميمبر ستار هڪڙي جا، جن صاحبن مالي معاونت ڪئي.

- دين محمد ڪلهوڙو

* * * * *

## شهيد مخدوم بلاول

سنڌ جي ادبي حلقن ۾ آزاد قاضيءَ جو نالو ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي. سندس ان ادبي ڏاهپ جي خزاني مان ٻہ ڊزن کن ڪتاب ترجمي، ترتيب ۽ تخليق جي صورت وٺي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي چڪا آهن. ڪتاب "شهيد مخدوم بلاول" سندس ان تحقيقي پورهئي ۾ هڪ وڌيڪ وٺندڙ ڪوشش آهي.

ڪتاب "شهيد مخدوم بلاول" سما دور جي تاريخي ٻرگُٺي باغبان ۽ موجوده دادو واري علائقي سان تعلق رکندڙ مشهور هستي مخدوم بلاول جي حيات، احوال ۽ سندس شهادت واري واقعي سان تعلق رکي ٿو.

نسب جي حساب سان لس ٻيلي جي ڄام /سمي خاندان سان تعلق رکندڙ هن بزرگ، سما ۽ ارغون حڪومتن جي عروج ۽ زوال کي پنهنجي اکين سان ڏٺو. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ سنڌ جي مقامي سمن جي حڪومت جو عروج ۽ زوال ۽ ڌارين ارغونن جو سنڌ تي تسلط، ۽ انهن جي نائبن هٿان سنڌ جي ماڻهن تي ٿيندڙ ڏاڍ، تشدد،جبر ۽ ظلم جو اکين ڏٺو گواهہ هو. سنڌ ۾ سندس علمي فضيلت ۽ پاڪيزگيءَ جي وڏي هاڪ هئي. تفسير، فقهہ ۽ حديث جي وڏن عالمن مان ليکيو ويندو هو. تنهنڪري سنڌ جي عوامي حلقن ۾ ڪيس انتهائي احترام واري نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. سندس ان تعظيم ۾ پورهيو ڪري حلال جي روزي ڪمائي کائڻ واري عمل اجا بہ وڌيڪ واڌارو ڪيو، پر سنڌ سان سندس "عشق" جو جذبو ان دور جي تاريخي حالتن جي تناظر ۾ سندس باقي عملن کان سگهارو عمل آهي. دريا خان کان پوءِ سنڌ ۾ مخدوم صاحب جي شخصيت ئي اها واحد هستي هئي، جنهن جي سنڌ سان محبت جي سچائيءَ تي سنڌ جي ماڻهن کي اعتماد ۽ ناز هو. اهوئي سبب هو جو دريا خان جي شهادت کان پوءِ سنڌ جي هن صوفي بزرگ، سنڌ جي وحدت جي بقا ۽ ڌارين حڪمرانن جي غلاميءَ خلاف ويڙهہ ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي محب وطن قوتن کي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏيئي ٽلٽيءَ جي ميدان تي گڏ ڪيو.

جيتوڻيڪ اها پڻ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته سنڌ تي شاهه بيگ جي حملي لاءِ هڪ مذهبي تحريڪ "مهدوي تحريڪ" جي آڙ ورتي وئي، جنهن جو مهندار سيد ميران محمد جونپوري نالي هڪ عالم هو. سنڌ ۾ اُن تحريڪ کي متعارف ڪرائڻ وارو قاضي قاضن هو. جيڪو سنڌس مريد هو، جنهن پنهنجي مرشد کي سنڌ ۾ تحريڪ جي ڦهلاءَ لاءِ تبليغ جي دعوت ڏني، جيڪا ظاهر ۾ ته مذهبي تحريڪ هئي، مگر اصل ۾ شاهه بيگ جي سنڌ تي قبضي ڄمائڻ لاءِ راهه هموار ڪرڻ جو بهانو هئي. ڇاڪاڻ ته شاهه بيگ پڻ ميران محمد جو مريد هو. تنهنڪري قاضي قاضن پنهنجي مرشد جي چوڻ تي مدد ڪرڻ ضروري سمجهيو. هوڏانهن مخدوم بلاول جڏهن محسوس ڪيو ته سنڌ جي وحدت جي بنيادن کي ڪمزور ڪندي، ان جي سياسي، ثقافتي ۽ اقتصادي قرلٽ کي مذهب جي آڙ ۾ جائز قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، تڏهن سنڌ جي هن معامله فهم، دورانديش ۽ وطن دوست عالم، استاد ۽ پاڪيزه صفت بزرگ ان پروپيگنڊه خلاف ۽ سنڌ مان مهدوي تحريڪ ۽ ارغوني حاڪميت کي ڌڪي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ بغاوت جو عَلم بلند ڪيو. ٽلٽيءَ جي ميدان تي محب وطن قوتن جي شڪست ۽ ارغونن طرفان سنڌ تي پنهنجو غلبو مضبوط ڪرڻ ڪان پوءِ، شاهه بيگ جي پٽ شاهه حسن، قاضي قاضن جي صلاح سان مخدوم بلاول کي راهه تان هٽائڻ لاءِ، ان کي سخت ترين سزا ڏيڻ جو پختو ارادو ڪيو ۽ گهاڻي ۾ پيڙايو.

"شهيد مخدوم بلاول" ۾ آيل مواد مخدوم صاحب جي ان المناڪ واقعي بابت بنيادي معلومات فراهم ڪري ٿو. جنهن جي فهرست ۾ سنڌ جي محققن جا مخدوم صاحب جي حيات، علمي فضيلت ۽ سنڌ جي وحدت جي قيام لاءِ ڪيل جدوجهد بابت مختلف وقتن تي لکيل مضمون شامل ڪيا ويا آهن.

فاضل مرتب ڪتاب کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي: حصو پهريون سوانحي خاڪو، حصو ٻيو علمي مباحثو ۽ ٽئين حصي ۾ ٻه ضميما شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ مخدوم صاحب جي شهادت واري واقعي تي ڪيل علمي بحث جو نچوڙ ڪڍي نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جو ٻيو حصو مخدوم بلاول جي شهادت واري واقعي جي سچائي، اصل حقيقت ۽ ان دؤر جي تاريخي حالتن کي سمجهڻ ۾ اهم ۽ مکيه مدد فراهم ڪري ٿو. جنهن کي وڏي ڌيان سان پڙهڻ جي ضرورت آهي. ان مواد جي اڀياس ڪان پوءِ ٿي خبر پئجي سگهندي ته ڪيڏي نه چالاڪيءَ سان ڇاٽي واٽي هڪ سازشي منصوبي هيٺ مخدوم صاحب جي شهادت جي واقعي کي تعصب ۽ نفرت جي بنياد تي متضاد بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اسان جي فاضل مرتب جي هيءَ ڪوشش نهايت ئي قابل تحسين آهي جو مفروضن جي بنياد تي پيش ڪيل غير صحتمند ۽ غير علمي رجحانن جي آڏو بند ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس ته ٻئي پاسي اصل تاريخي حقيقت ۽ سچ کي پڌرو ڪري تاريخ کي صحيح ڏگ تي لاٿڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي. خاطري آهي ته محترم آزاد قاضيءَ جنهن محبت، پيار ۽ پابوهه سان هيءَ علمي پورهيو ڪري، تاريخي ذميواريءَ جي فرض ادائي ڪئي آهي، سندس اهو پورهيو سنڌ جي نوجوان نسل ۽ مستقبل جي ساڄاهه کي سنڌ جي تاريخ کي سمجهڻ ۾ اهم معلومات فراهم ڪندو. هيءَ ڪتاب گلشن پبليڪيشن حيدرآباد شايع ڪيو آهي ۽ ان جي قيمت اڍائي سؤ رپيا آهي.

- محمد آدم ٻُٽ

سنڌي لکو

سنڌي پڙهو

سنڌي سکو

سنڌي ڳالهايو!


البم البم البم البم البم
گوري تو ۾ گهنج پيا،
يا روپ ڏنءُ رانيوتو ڙي،
هاءِ جواني جهوتو ڙي!
(اياز)



قرة العين حيدر جو ننڍپڻ



عيني جي هيءَ تصوير سندن
ڊرائيور تڏير پنهنجي ڪوارٽر ۾
بڻايل اسٽوڊيو ۾ ڪڍي



قرة العين حيدر ۽ يلدرم (والد)

آلبم آلبم آلبم آلبم آلبم آل




ای ٹی جوزف، راج، ق - ح،
چنچل کماری ماتُر، نفیس بانو حسن،
سنجیدہ سید محمد - بی اے کلاس میں۔



قرۃ العین حیدر، اسٹوڈیو فوٹوگراف



قرۃ العین حیدر، پینٹنگ کرتے ہوئے



آنند شنڪري، ڪملا ڊونگر ڪيري ۽ ق - ح
PEN ڪانگريس ٽوڪيو (1957ع)



دستاويزي فلم "پڪچر پوسٽ ڪارڊ فرام نهٽور"
جي شوٽنگ دوران (1995ع)



انگريزي رسالي "امپرنٽ" جي آفيس ۾ جتي
ليکڪا پهرين مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ پوءِ ايڊيٽر
جي حيثيت ۾ 1924ع کان 1968ع تائين ڪم ڪيو



لکنؤ ويجهو ڳوٺ ملھور ۾ پڪنڪ-
ساڄي: اي نلبي، ڪملا جسپال، ق-ح،
وملا جسپال ۽ باغ جو مالهي

آلبم آلبم آلبم آلبم آلبم آل



اڄو ۽ ق-ح



فيملي پڪنڪ، هاڪس بي

راسپوٽين جي زندگيءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. وٽس ڪهڙي طاقت هئي، جنهن جي زور تي جڏهن هو نڪولس زار جي پٽ جو هٿ وٺي پڙهندو هو ته هن جو وهندڙ رت بند ٿي ويندو هو. هن جي اکين ۽ هن جي ڳالهين ۾ وڏو اثر هو. ۽ پڇاڙيءَ ۾ هن زار جي بادشاهت جي ختم ٿيڻ بابت به دعا گهري هئي!"

- "۽ پوءِ استاد! واقعي ٿيو به ائين." مون پنهنجي گلاس مان وڏو ڍڪ ڀريندي چيو هو. "راسپوٽين جي موت کان پوءِ زار جي بادشاهت جا تڏا ويڙهجي ويا. ۽ 1917ع ۾ نڪولس زار جو سڄو ڪٽنب قتل ٿي ويو."

ايتري ۾ جويو صاحب ۽ ڪوسو، جيڪي هٿ ڌوئڻ لاءِ اُٿي ويا هئا، تن مان ڪوسي موٽي ٽوڪ مان چيو هو. "تڏهن ته توهان کي چوندو آهيان ته وڌيڪ نه پيئندا ڪريو. دنيا پراسرار، زندگي سمجهه ۾ نه ايندڙ.... سڀ ٺيڪ، پر رشين انقلاب عوام جي طاقت سبب نه. ۽ زار جي بادشاهت به ماڻهن جي سکه سبب نه پر هن راسپوٽين جي دعا سبب ختم ٿي. اها ڳالهه واقعي اڄوڪي رات ۽ مدد جي گهر ۾ ٿيل هن دعوت جو وڏو واقعو آهي." چڱو ٿيو جو اُن مهل جويو صاحب هٿ ڌوئڻ لاءِ ويل هو، نه ته اها ڳالهه ٻڌي وڏو ممڻ مچي ها!

مون اُن مهل مٿي آسمان کي ڏٺو هو. جنهن ۾ سمورا ستارا ڄڻ اسان کي ڏسي رهيا هئا. هندن جي دور جي ٺهيل اها ماڙيءَ جي ڇت، هيٺ ويندڙ ڪاٺ جي ڏاڪڻ، اسان جي کابي پاسي "ڪياني مينشن" جي شاندار بلڊنگ جي هڪ ڪمري ۾ ٻرندڙ اڪيلو بلب ۽ اسان جي ساڄي پاسي سامهون چامر شوري جي پُل جون جهل مل جهل مل ڪندڙ بتيون عجيب لڳي رهيون هيون ۽ ان مهل هوا تيز گهوگهٽ ڪندي پنهنجي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندڙ آوازن سان لنگهندي هلي ويئي هئي.

* * *

دنيا خواب آهي، ۽ زندگاني درد آهي،
ازل جي اسرار کي نه تون ڄاڻين نه مان.
هي ڳجهارت نه تو ٻجهي آهي نه مان.
هي غم جنهن کي تون بيتاب ڏسين ٿو،
عڪس آهي جيڪو پاڻيءَ ۾ ڏسين ٿو.
خواب به اهڙو ڄڻ خواب ۾ خواب کي ڏسين ٿو!
(عمر خيام)

* * * *

هوءَ جيڪا هئي تاريخ جو گمشده ڪردار.....الاڪي ڇو ڪڏهن ڪڏهن هن کي پڙهندي، مون کي هوءَ ڪنهن سنسان خانقاه جيان لڳندي آهي. ڪنهن اتهاسڪ مقبري جيان، جنهن جي مٿان بيرحم وقت پنهنجي مختلف دورن جي اڻمٽ اڻڳڻيل ڪاراڻ ڇڏي ويندو آهي....تاريخ، جيڪا ڏاڍي بيرحم آهي، جلاد آهي، ڪنهن غنيم جي حملي جي آواز جيان.... ۽ وقت! وقت.... پنجيں صدي قبل مسيح جي يوناني فلاسفر زينو چواڻي وقت ننڍڙن ٽڪرن ۾ آهي ورهايل ۽ هر دور جي اتهاسڪ ماڻهن جيڪي ڪجهه لکيو ڪاغذ تي. (عربيءَ جي ان مشهور شعر جيان: "ڪاغذ تي لکيل لکت گهڻي وقت تائين روشن آهي /رهندي، پر ان جي لکڻ وارو مٽيءَ سان گڏجي وڃي ٿو سڙي!")

مسعود مفتي ڪٿي لکيو آهي: "اک ته هڪڙي ئي هوندي آهي پر ڪڏهن اُها مُرڪ سان روشن ٿي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڏک مان اُجهامي ويندي آهي!"

***

جب چاند چھپے گا
تو اُجالا نہ رہے گا.

***

"مان گهڻو اڳ پيدا ٿي ويو آهيان، يا تون دير سان پيدا ٿئين. مان وڃان پيو ۽ تون داخل ٿي رهيو آهين. تنهنجي لاءِ باغ روشن آهي ۽ قلعي جي اندر مانجهاندو تيار. تون نئون آيل مهمان آهين ۽ منهنجي روانگي جا گهوڙا تيار آهن. مان هن محل ۽ باغ کان چڱيءَ ريت واقف آهيان. جيڪر ڪجهه مهل اڳ اچي وڃين ها ته توکي ان جو سير ڪرايان ها. باغ ۾ گل ڪڙيل آهن. تون مون ويندڙ لاءِ گلاب

ٿيو آهيان. توهان جي ميموري واقعي ڏاڍي تيز آهي.
- توهان اهڙو ئي شاندار مضمون قرة العين حيدر تي بہ لکي سگهو ٿا. ايزراپائونڊ سان توهان جون چند ملاقاتون هيون پر...
- ها، قرة العين حيدر سان تہ هڪ پوري دور جي يادگيري ڳنڍيل آهي.
مون کي ياد آهي تہ قرة العين حيدر "ڪار جهان دراز هے" ۾ لکيو آهي تہ لنڊن ۾ هڪ ڀيري بي بي سي جي ڪينٽين ۾ توهان سڀ گڏ ويٺا هئا، تہ اوچتو ٻاهر برسات شروع ٿي ويئي هئي. توهان في البديهہ هي شعر چئي ڏنو هو:
"قرة العين حيدر هے... ڪہ حيدر هے... آج ڪيسا ويدر هے!"

* * *

تو نے فرهاد، نہ کهودا کبهي ويرانۂ دل.

(اقبال)

* * *

واريءَ سان ڀريل هوا،
اُترئين دروازي کان آڏامي ٿي،
ازل کان وٺي اڃا تائين تنها،
وڻ ڪرن ٿا،
گاهہ جو رنگ سرءَ کان زرد ٿي ويندو آهي.
مان وحشي ڌرتيءَ کي ڏسڻ لاءِ
مينار مينار چڙهان...!

(ايزرا پائونڊ)

* * *

کب تک دل کي خير منائين، کب تک رہ دکهلاؤ گے،
کب تک چين کي مهلت دوگے، کب تک ياد نہ آؤگے.

(فيض)

* * *

هي منهنجي تاريخ جو کنڊر آهي. هتي ۾ غمن جي بيرڪن جا عَلم ۽ اکين ۾ هجر جي رات! يا رب! ڏکن جي هن سمنڊ ۾ لڙهندي، ڪٿي هٿ چڙهي ڪائي سپ! هن شهر طلسمات ۾ هي انتظار ۾ پٿر ٿيل اکيون ڪنهن جي آهن اوسيئڙي ۾. وڇڙي توکان هليو ويس ڪنهن بيابان ۾ ۽ پوءِ سپنن جا سمورا عالم پناهہ ۽ هو سامهون ويساک جو زرد چنڊ آڪاش ۾ اٽڪيل. من ڪنهن رولاڪ چنڊول پکي جيان بن بن ڀٽڪندڙ ڪنهن عبراني عشقيہ شعر جيان:
"هڪ ڪنوار پنهنجي ڳهڻ ۽ پنهنجي هار سينگار کي نٿي وساري سگهي. پر منهنجا محبوب! تون مونکي وساري ويهي رهئين... هاءِ منهنجي دل، هاءِ منهنجي دل!"

* * *

۽ مبارڪ آهن اُهي جن سوچي سمجهي ڇاتي واٺي ڏک جي راهہ چونڊي ورتي. اي اونداهين راتين ۾ روشني جي ڳولا ڪندڙ مسافر! تنهنجي ۽ منهنجي قسمت جو ستارو آڪاش ۾ ڪٿي ڳوليون؟ هي ڏينهن رات جو سفر، هي رات ۽ ڏينهن جي سفر ۾ سرگردان. اسين پوئين پهر جا پانڌيڙا پنهنجن ڪلهن تي خواهشن جي ٽياسن جا بار کڻي گذرندڙ هر شام ۽ هر رات جي اونداهيءَ کان اڻڄاڻ، شفق جي رنگن ۾ ٿي وياسين گم. زرد اکين سان ڦليلي جي ڪپ وٽ ڪنهن ٻڙ جي اوٽ مان نما شام مهل هو اوڀر کان اڀرندڙ چوڏهينءَ جو چنڊ... ۽ اڄ اسين پيا ملهايون سوڳ! لکان پيو مرثيو هن تي ۽ ڏک پيا ونڊيون هن بهار رفتہ جو، جنهن لاءِ جهل مل ڪندڙ رنگارنگي رنگ آهن، انڌلڻ جي رنگن جيان! هڪ پوري عهد تي آهن ڪنهن مُهر جيان لڳل ۽ جيڪا پنهنجي پويان بي سرو سامان ۽ سنسان بيابان جهڙو ويراني جو ياس انگيز منظر ويئي آهي ڇڏي. هڪ هڪ پل تاريخ جو هڪ ڪتاب، جيڪو اُماس راتين ۾ ٿي ويو گم.... ورق ورق ٿي ويئي زندگي... هڪ ڪتاب تاريخ جو ۽ هڪ باب تاريخ جو ويو پورجي، بقول قتيل شفائيءَ جي:

دور اُفق پار کسي وادي سے،
هم کو آواز ديئے جائے گا،
آسمانون کان وہ همسفر هم کو،
ذوق پرواز ديئے جائے گا هم کو،
کل بهي جو هم مين رهے گا شامل،
ياد پهر آئي هے اس کي اے دل.

* * *

ڪي ڪي ماڻهو پاڻ تاريخ هوندا آهن ۽ تاريخ جا اونداها ۽ روشن پاڇا هن جي چوگرد پيا ڦرندا آهن. هوءَ ڪائي بيچين آتما هئي، جنهن دهليءَ جي پسگردائيءَ واري شهر نوئيڊا جي هڪ ننڍڙي فليٽ ۾ پنهنجي جيون جا پڇاڙڪا

هئي. منهنجي پيءُ جو تعلق ٻيٽن جي مالي کاتي سان هو. پينل سيٽلمينٽ جو انتظام جدا ۽ انگريزن جي پنهنجي هٿ ۾ هو. پر انهيءَ هوندي بہ ٻيٽ ۾ بغاوت جي ڊپ کان ٻاره بنگلي جي هٿيارٻند گارڊ ويٺي ڪئي ويئي هئي.

ٻئي ڏينهن هڪ سياسي قيدي کي اسٽريچر تي کڻي هيٺ رستي تان لنگهيا.

"سڌير ڪمار بوس اهوئي آهي!" پرڪاش چند ڪلينر آهستي آهستي برمي ٽيوٽر کي ٻڌائڻ لڳو. هو ٻئي منهنجي پيءُ سان گڏ پاسي واري ورانڊي جي جهنگلي تي


سيلولر جيل، انڊيمان

نوڙي هيٺ ڏسي رهيا هئا. مان بہ جهنگلي جي چاريءَ مان هيٺ نهارڻ لڳس.

"ٻڌو اٿون تہ ڪالهہ وڏو صاحب پاڻ سندس ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ ويو هو مار مرچڙا ڏيڻ. پر هن نٻل جونجهار ڪٽ تان ٽپ ڏيئي اُلر ڪئي وڏي صاحب تي، تہ صاحب وٺي ڀڳو ٻاهر ۽ پوليس کي اچي حڪم ڏنائين تہ ڪيس ٺاهوڪي مار ڪڍوس!" نور محمد چيو.

"مسٽر اينڊرسن پنهنجون چنگهون ساڻ کڻي ويو هو. تڏهن ٿي ڊڪ پائي سگهيو!" مون ڏاڍي اطمينان سان وراڻي ڏني. "هاڻ شايد مار ڪڍي اسپتال وٺي پيا وڃنس سول سرجن واري اسپتال، پر مري ويندو!" نور محمد آهستي چوڻ لڳو.

نومبر 1961ع.... ڪلڪتي جي مهاجيتي سدن ۾ للت ڪلامندر جي ساليانو ڪانفرنس شروع ٿيڻ ۾ ڪجهہ دير باقي هئي. بڙي غلام علي خان، بسم الله خان، مشتاق علي خان، بيگم اختر اشتياق ۽ ٻين وڏن فنڪارن کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر رستي تي ماڻهن جا هشام اچي مڙيا هئا. پر هال


استاد بڙے غلام علي خان

اڃا خالي پيو هو. منهنجا ساٿي ڏاڪڻ جي هيٺان ڳالهين ۾ مشغول هئا. مان گهمندي هال جي اندر ويس ۽ هال جي پٺين ڀت تي ٽنگيل رنگين تصويرن جي قطارن مون کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو. سموري هال ۾ ڪئين سئو تصويرون لڳل هيون، جن جي هيٺان ڪنڊن ۾ بنگال جي ناميارن فنڪارن جون صحيحون پيل هيون "هي ڪهڙي قسم جي پورٽريٽ گيلري آهي!" مون ڪجهہ اچرج وچان سوچيو ۽ چوڪرن ۽ چوڪرين جي انهن تصويرن جي ويجهو وڃي انهن کي ڏسڻ لڳس.

ڳولاٺو، بيچين اکيون، سڪون ڀريل اکيون، اداس مرڪ، مطمئن ۽ شانت مرڪ، مسرور چهرا، گنڀير چهرا، مضطرب ۽ سوچيندڙ چهرا- اهي ڪير آهن؟ مون اچرج وچان انهن تصويرن جي هيٺان پٽل جي ننڍين ننڍين تختين تي اُڪريل نالا پڙهڻ شروع ڪيا:

خودرام باسو، ڦاسي 1908ع

پرفلاچڪي، جيل ۾ آپگهات 1927ع

اشفاق الله، ڦاسي 1929ع

ڀڳت سنگهہ، ڦاسي 1931ع.

پرتي لتا داديدا، ڦاسي 1932ع.

راجندر لهري، ڦاسي 1927ع

گوپي ناٿ ساها، ڦاسي 1924ع

جيتش گوها، پوليس جي تشدد سبب مري ويو، 1930ع.

ديپ پرشاد گپتا گولي هڻي ماريو ويو.

ماتا نگني حاجره پوليس جي گوليءَ سان شهيد 1942.

سڌير ڪمار بوس: انڊيمان ۾ بک هڙتال سبب مري ويو.

مان هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهيس. سڌير ڪمار بوس انڊيمان ۾ بک هڙتال سبب مري ويو!

اوچتو مون محسوس ڪيو، منهنجي پويان ڪوئي بيٺو آهي.

کيون آهن. اتان جي نينگرين سان هھڙو ظالماڻو ورتاءُ؟"
ڊرائيور هڪ پيٽرول پمپ جي سامهون لينڊرووَر بيهاري.
بروهي صاحب هڪ چاءِ جي هوٽل ڏانهن هليو ويو. مون
چيو "ايوب ڀائي! هي بروهي صاحب هڪ عجيب ماڻهو
نڪتو! هڪ انقلابي تحريڪ ۾ ڀرو ڀ وٺي چڪو آهي.
ايتريون ساريون پروگريسو ڳالهيون ڀ ڀيو ڪري. پر پوءِ
هڪڙي نينگريءَ کي موت جي سزا ڏيڻ جي حمايت پيو
ڪري!"
ايوب چيو. "ڪيترن وڏن عالمن وٽ مرتد جو قتل جائز
هو. بي ڳالهه اها تہ قديم قبيلائي ذهنيت اڄا تائين هنن
ماڻهن جي لاشعور ۾ ڪٿي لڪل هوندي. هو پوڙهو. جنهن
جو نالو ڪارل مارڪس آهي، چوي ٿو."
"ڳنڍيريون ڪائو" بروهي صاحب جو آواز آيو. ڪارن
ڪپڙن. وڏي پڳ. ۽ ڪارين غلافي اکين وارو سنڌي.
ڳنڍيريون کنيو. ڪنهن آلادين جي جن وانگر ڊنڊلڪي مان
ظاهر ٿيو.
بروهي صاحب کلي چوڻ لڳو تہ "مون فقط توهان کي
'شاڪ' ڪرڻ لاءِ چيو هو. اها قبيلائي رسم اسان وٽ
گذريل صديءَ تائين رائج هئي. هاڻ ائين گهٽ ٿو ٿئي.
ظاهر آهي تہ مان اهڙي ظالماڻي رسم کي ڪيئن ٿو
صحيح سمجهي سگهان. مون فقط اوهان جو ردعمل ڏسڻ
پئي گهريو."
ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سج لهڻ جي رنگارنگي روشنيءَ ۾
اسان موهن جي دڙي ڏانهن پنهنجو سفر جاري رکيو. هڪ
قديم انسان سان گڏ. جنهن جا شروعاتي دراوڙي اباڻا
ڪنعان. سُمير ۽ عراق جي ساموندي ڪنارن کان نڪتا
هئا. وقت ۾ اسين پوئتي سفر ڪري رهيا هئاسين. پوئتي
۽ پوئتي ۽ پوئتي....!
When you Hear the Tone The Time Will Be-
When You Hear the Tone
موهن جي دڙي جي ميوزيم جي هڪ ڪٻٽ ۾ پين
رانديڪن سان هڪ ننڍڙي مٽيءَ جي ڏڳي گاڏي رکيل هئي
۽ ميوزيم جي ٻاهران بلڪل اهڙي ساڳي ڏڳي گاڏي ڪچي
رستي تان پئي ويئي. پنجن هزارن ورهين اندر انهيءَ ڏڳي
گاڏيءَ ۾ ڪوئي فرق ڦيرو نہ آيو هو!



موهن جو دڙو

موهن جي دڙي جي اڄين اجرين گهٽين مان لنگهندي
ڊائريڪٽر آف آرڪيالاجي هڪ پٿ جي سرن مان ڪجهہ
ٽانون جا ٻہ چار ٽڪرا مون کي ڏنا. (جيڪي بدقسمتيءَ
سان مون بعد ۾ ڪٿي وڃائي ڇڏيا.) هڪ هنڌان هن
هڪڙو ننڍڙو هڏو کڻي ان کي ڏيان سان ڏٺو. ۽ مون چيو تہ
مان ڪنهن نوجوان جو هڏو تحفي ۾ ٿو توهان کي ڏيان.
اٿليپ سوکڙي آهي."
مون هُن جو ٿورو مڃي پنج هزار ورهيہ اڳ مري ويل انهيءَ
انسان جو هڏو کڻي پرس ۾ رکي ڇڏيو!
اڄي واريءَ جون ڇُرندڙ پِٽون. زرد صحرا. سرمئي
شاهراهہ. اُٺن جا قافلا ۽ ٺٽي جو مشرقي گوٺڪ. جنهن جي
رازن جي کوجنا ڪرڻ گهرجي. قديم اوچين قبرن جو منفرد
حسن. جهڙيءَ ريت ترڪيءَ جي ٽڪنڊن گنبذن وارا مقبرا.
پراسرار ملتان. سر رچرڊ برٽن جي ليٿوگراف مان اوچتو
نڪري اسان ڏي وڌيا. اوليائن جي مزارن جو پورو هجوم
اسان سان گڏوگڏ هلندو ٿو رهي. وارث شاهہ جا ڪن ڦاڙ
جوڳي. وٽن هيٺان مرليون وڄائيندا هئا. ڪنڊرن ۾
سائيبريا کان آيل پکي آرام ڪري رهيا هئا. قيد ٿيل
انسان جو ڏک ڏاڍو گهرو آهي. مرو. بلخ ۽ ملتان جا
مسافر. سنڌو درياهہ جو سفر ڊگهو آهي .... وقت هڪ
اهڙو ڪتو آهي. جيڪو پونڪندو پونڪندو اسان کي دوزخ
جي ڦاٽڪن تي ٿو پهچائي ڇڏي. ڪنهن چيو هو دوزخ
هِتي بہ آهي. ۽ هُتي بہ!
خيمو گاهہ عمر مارئي ....

Ustad Badc Ghulam Ali Khan, His Life And Music.

ڪيس استاد بڙي غلام علي خان ۽ استاد بسم الله خان سان بيحد محبت هوندي هئي. بيئي هندستاني موسيقيءَ جا بادشاهه ۽ سندس وانگر خودداريءَ جا راجا هئا. استاد بڙي غلام علي خان کي مون ننڍڙي هوندي سيوهڻ ۾ حضرت قلندر لال شهباز جي سجاده نشين سيد گل محمد شاهه لڪياري جي اوطاق تي ڳائيندي ڏٺو هو. بابي مرحوم سان گڏ راڳ جي محفل ۾ ويٺا هئاسين. محفل ۾ لاهور جون ناچڻيون ۽ ڳائڻيون گهڻيون هيون، پر استاد کي خصوصي وارو ڏنو ويو هو. ياد اٿم، بابا ڏاڍي ڌيان سان هُن جو راڳ ٻڌي رهيو هو ۽ اسين ٽيئي ڀائر بابا جي پير ۾ ويٺا هئاسين. پنڊال ۾ پيٽرومڪس بتين جي روشني هئي.

بعد ۾ استاد پاڪستان ڇڏي ڀارت هليو ويو، جو ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي ريجنل ڊئريڪٽر زيڊ.اي.بخاري سندس ريڊيو پروگرام بند ڪري ڇڏيا هئا. هاڻ استاد جو گذر ڪٿان ٿئي؟ مرحوم پير علي محمد شاهه راشديءَ مون کي هڪ ڀيري ٻڌايو هو ته "جڏهن استاد بڙي غلام علي خان هتان جي حالتن کان مايوس ٿي پاڪستان ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ته مون کيس گهرائي منع ڪئي ته استاد پاڪستان ڇڏي نه وڃ. مان توکي سنڌ ۾ زمين وٺي ٿو ڏياريان. ويهي هتي ڀڄن جو



پير علي محمد شاهه راشدي

گذر سفر ڪر!" انهيءَ تي استاد وراڻي ڏني هئي: "پير صاحب! سڄي زندگي تانپورو ڪنيم، هاڻي اهي هٿ ڪٿان ٿا هر هلائي سگهن!" ۽ پوءِ هو هميشه هميشه لاءِ پاڪستان ڇڏي ڀارت هليو ويو. اها ڳالهه مون اسلام آباد ۾ سنڌ جي اڪوٺي وڏي وزير سيد غوث علي شاهه کي ٻڌائي هئي. ان وقت اسين اسلام آباد ڪلب ۾ ڊنر تي ويٺا هئاسين. سائين غوث علي شاهه تڏهن وفاقي وزير هو ۽ هن منهنجي دعوت ڪئي هئي. شاهه صاحب چيو هو "استاد وڏو فنڪار هو ۽ هن زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري ڀيرو فقط مغل اعظم فلم ۾ به راڳ ڳايا هئا. ڇاڪاڻ ته فلم جو ڊئريڪٽر ڪي.آصف وٽس هلي ويو هو. ڪي.آصف ڪڏهن به پنهنجي ڪار نه ورتي ۽ سدائين ٽيڪسيءَ ۾ هلندو هو. ڪي.آصف جڏهن ٽيڪسيءَ ۾ سوار ٿي استاد وٽ پهتو ته پهرئين استاد انڪار ڪري ڇڏيو. پر پوءِ هن مغل اعظم ۾ ڳائڻ لاءِ هاڪار ڪئي، پر راڳ جو معاوضو هن لتا منگيشڪر کان وڌيڪ ورتو هو.

* * *

مان ديوتائن بابت گهڻو نٿو ڄاڻان،
پر مان سمجهان ٿو ته درياهه
هڪ سگهارو ديوتا آهي، تيز ۽ ڪاوڙيلو،
پنهنجي موسمن ۽ پنهنجي غيض و غضب جو مالڪ،
هو اُنهن شين جي ياد ڏياريندو رهندو آهي، جن کي انسان
وسارڻ گهري ٿو
هو منتظر آهي ۽ ڏسي ٿو ۽ منتظر آهي
درياهه اسان جي اندر آهي، سمنڊ ان کي گهيري رکيو آهي.
انت ڪٿي آهي - بنا آواز دانهن جي،
سرءُ ۾ چپ چپات ۾ ڪرمائيندڙ گلن جو
جيڪي چپ چاپ پنهنجون پنکڙيون ڪيرائيندا آهن
ماٺهو بدلجي وڃن ٿا، مُرڪن به ٿا، پر ڪرب موجود رهي
ٿو
مستقبل هڪ مدم گيت آهي
۽ انهن لاءِ، جيڪي اڃا پشيمان ٿيڻ لاءِ
پيدا نه ٿيا آهن،
پشيمانيءَ جو ڳاڙهو گل
جيڪو هڪ اهڙي ڪتاب جي زرد ورق ۾ رکيل آهي،
جيڪو ڪڏهن به نه کوليو ويو آهي
اڳتي وڌو، توهين جيڪي سمجهو ٿا ته سفر ۾ آهيو،
توهين اُهي ناهيو، جن بندرگاهن کي پوئتي ليندي ڏٺو،
يا جيڪي ٻئي ڪپر تي لهندا،
انهيءَ پل، جو ٻنهي ڪپرن جي وچ ۾ وقت بيٺل آهي
مستقبل ۽ ماضيءَ کي هڪجهڙو ڌيان ڏيو.
اڳتي وڌو!
۽ مسافرو ۽ ملاحو
توهين، جيڪي پتڻ تي لهندؤ ۽
توهين، جن جا جسم سمنڊ جا فيصلا سهندا.

يا جيڪي ڪجهه بہ توهان تي گذرندو، اهو توهان جو ماڳ، هوندو،

ڪرشن، ارجن کي يُڌ جي ميدان ۾ چيو:

موڪلائي نہ، پر - اڳتي وڌو.

مسافرو!

(قرة العين حيدر جي ناول "آگ ڪا دريا" ۾ ڏنل ٽي.ايس.ايليٽ جي هڪ ڪوتا جو اڻپورو ترجمو)

* * *

هوءَ آهستي آهستي هلندي وڃي گجراتي نينگرن ۽ نينگرين جي گربا ۾ وڃي شامل ٿي، جيڪو باغ جي هڪ ڪنڊ ۾ هلندڙ هو.

هے گوند راگهوچرن اب توجيون هارے،
سنده کے کنارے، سنده کے کنارے.

ڇوڪرين ورجايو:

سنده کے کنارے، سنده کے کنارے!

نچندي نچندي هن جي من کي ڇڻ ڪنهن ڌڪ هڻي وڌو. سنڌ؟... سنڌ تہ پاڪستان ۾ آهي. ۽ پوءِ هن کي اوچتو ياد اچي ويو. اها حقيقت آهي، ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو آهي. ٻہ قومون آهن. مان مسلمان آهيان.....

(ناول "آگ ڪا دريا" مان)

* * * *

سکهي پيا ڪو جو مين نہ ديکهون
تو ڪيسے ڪاٽون اندهيري رتيان.

(امير خسرو)

* * *

مهاتما ٻُڌ چيو آهي:

سروم... دکم... دکم!

سڀ ڪجهہ دک آهي. پر دک جو ٿو جنم وٺي؟ اڪيلائپ مايوسي ٿي پيدا ڪري ۽ زندگي سڄي صبح جي تاري جيان آهي، جيڪو اسر مهل اوڀر کان اڪيلو ابري روشنيءَ جي اوسيڙي ۾ ٿو ڪوئجي وڃي.

ابديت ۽ فنا جي ڌنڌ ۾ آهي سڀ ڪجهہ وڪوڙيل. باقي رهجي وڃن ٿا ڇڙو اسان جا آواز ۽ ماڻهن جو آتمائون! آتمائون سدائين وَهندڙ درياهہ جي پاڻيءَ مثان پيون لامارا ڏينديون آهن. تڏهن تہ شاڪيہ مني چوي ٿو تہ حقيقت فقط اها آهي تہ دک موجود آهي. محبت بيڪار آهي، سڀ مهاموهہ آهي، سڀ مايا آهي، سڀ دک آهي. شروع ۾ نہ وجود هو، نہ عدم وجود. هر شيءِ غير حقيقي آهي، پوءِ هتي خواهشن جو گذر ڪٿي؟ ڪير خواهش ڪري ۽ ڪهڙي شيءِ جي؟ ڪنهن بہ شيءِ جو ٻئي ڪنهن سان ڪو بہ تعلق ڪونهي. اسين، جيڪي سمجهون ٿا تہ اسين آهيون، پر اسين فنا ۾ ٻڌل آهيون. هر شيءِ تڪليف آهي. سروم...دکم... دکم! هر شيءِ فنا آهي. جسم ۽ روح جي ڪابہ اصليت ڪونهي. روح لازوال ڪونهي. فقط هن کي ٿاهيندڙ باقي بچن ٿا. روح جو ڪوبہ آواگون ڪونهي. محض ڪرم جو آواگون آهي. انسان اهڙيءَ ريت اوچتو وسامي وڃي ٿو، جيئن ڪنهن ڏيئي کي ڦوڪ هڻي وسائي ڇڏبو آهي. فقط واقعات ۽ احساسات جي دور جو تسلسل قائم آهي، ۽ رهندو!"

* * *

جنوري 1980ع

اروڙ

ادا وڏو ممتاز ۽ آءٌ سکر کان اروڙ گهمڻ آيا هئاسين ۽ اروڙ جي هڪ پهاڙيءَ تي ويهي اولهہ ۾ لهندڙ سج جو نظارو ڪري رهيا هئاسين. مٿي سياري جي آڪاس مان ڌيري ڌيري انڌيرو لهي رهيو هو. پريان ڪنهن ڪڪائين گهر ۾ ٻريل چُلهہ جو دونهون آڪاس جي اونداهيءَ سان مڪاميلو ڪري رهيو هو. اوچتو ادا وڏي چيو هو، "مدد علي! ڇا مرڻ کان پوءِ هر شيءِ ختم ٿيو وڃي؟"

"دادا! چون تہ ائين ٿا.

- مون ڪجهہ وقت اڳ قرة العين حيدر جي ناول "آگ ڪا دريا" جو شروعاتي باب ڏاڍي ڌيان سان بار بار پڙهيو آهي. تنهنجو ڇا خيال آهي.

- دادا، دل تہ ڪانہ ٿي مڃي، تہ مرڻ کان پوءِ ڇا واقعي سڀ ڪجهہ ختم ٿي وڃي ٿو. قرة العين حيدر تي گوتم ٻڌ جو اثر رهيو آهي. ٻڌ جي فلسفي موجب مرڻ کان پوءِ آتما جو ڪوئي وجود باقي نٿو رهي.

- توکي خبر آهي تہ مصر جي، صدر جمال عبدالناصر مرڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ الاهرام اخبار جي ايڊيٽر حسنين هيڪل کي ڇا چيو هو؟

- نہ

- ناصر حسنين هيڪل کي چيو هو ته حسنين ڇا مرڻ کان پوءِ واقعي زندگي ختم ٿيو وڃي؟ ڪجهه به باقي نٿو رهي؟ جواب ۾ هيڪل کيس چيو هو لڳي ته ائين ٿو. ناصر ٻيهر چيو: هيڪل، جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ ڪجهه به باقي نٿو رهي ته اها ڪيڏي نه ٽريجڊي آهي، جو زندگيءَ کان پوءِ ڪجهه به باقي نٿو رهي - ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ناصر مري ويو.

- دادا، ڪي ماڻهو چون ٿا ته روح ختم نٿو ٿئي، زندگيءَ جو تسلسل ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ باقي رهي ٿو.

ادا ممتاز، سامهون، اروڙ جي ميدان ڏانهن ڏسندي اداسي مان چيو هو: ڪيڏي نه ٽريجڊي آهي، جو هڪ ڀيرو زندگي ملي ٿي، ۽ پوءِ مرڻ کانپوءِ سڀ ڪجهه ختم ٿيو وڃي، ڪجهه به باقي نٿو رهي.

۽ انهيءَ کان پوءِ ادا ممتاز 27 آڪٽوبر 1980ع جي آڌيءَ رات جو هيءُ جهان ڇڏي ويو.

* * *

سارئے جهگڑے تهے زندگاني کي انيس،
جب هم نہ رهے تو کچھ بکهيڑا نہ رها.

(انيس)

* * *

آگسٽ 1996ع

خيرپورميرس

آءٌ سرڪٽ هائوس خيرپور جي اولڊ بلڊنگ جي ورانڊي ۾ ويٺو ٻاهر ساوڻ جي وسندڙ مينهن کي ڏسان. ڪا دير ٿي آهي، جو اڃا بجلي نه آئي آهي. سرڪٽ هائوس جي جافري وارين درين مان ساوڻ جو مينهن اندر اچي رهيو آهي. اوچتو ٻاهر کنوڻ چمڪي ٿي، ۽ آسمان ۾ گوڙ جا اينئا وڏا نڪاءَ ٿين ٿا. جو مون کان چرڪ ٿو نڪري وڃي! مان کيسي مان ماچيس ڪڍي تيلي ٻاري پنهنجو وسائل سگار ٿو دکايان. ماچيس جي ٻرندڙ تيلي منهنجي هٿن ۾ آهي ۽ ٻاهر هڪ ڀيرو ٻيهر کنوڻ چمڪي ٿي. مون کي پنهنجي اخباري عيوضي حاجن سمنگ ۽ شاعر مختيار ملڪ جو انتظار آهي، جن سان ٻاهر ڪنهن هوٽل ۾ خيرپور جي اديبن جي دعوت آهي. سڄو اولڊ سرڪٽ هائوس اونده ۾ ٻڏل آهي. مون کي ويٺي ويٺي ياد اچي ٿو ته قرة العين حيدر جڏهن هن ئي سرڪٽ هائوس ۾ اچي رهي هئي. ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين خبر ناهي ته ڪيترا ماڻهو هتي آيا، ۽ وقتي طور تي هتي ترسي هليا ويا. هي اولڊ سرڪٽ هائوس آهي، سرڪٽ هائوس آهي نه. پر ڄڻ هڪ آهي گذر گاهه. مون کي ان وقت الائي ڇو ڏاڍو ڏپ وڪوڙي ويو. اندر سنسان، اونداهيءَ ۾ ٻڏل ڊرائنگ روم، ڪمرا ۽ ورانڊي ۾ ويٺل ڪرسيءَ تي مان اڪيلو اڪيلو. سگار سان گڏ. مان پنهنجي ڏپ کي لڪائڻ لاءِ سگار جا وڏا وڏا ڪش هڻان ٿو. ايتري ۾ ٻاهران ٽارچ جي روشني ۾ ٻه پاڇا ايندي ڏسان ٿو. ويجهو اچڻ تي خبر پوي ٿي ته اهي ٻئي ڄڻا مختيار ملڪ ۽ حاجن سمنگ آهن. هو ٻئي اچن ٿا ته منهنجي اندر جو ڏپ جهڪو ٿئي ٿو. هو ٻئي اچي منهنجي پر ۾ خالي ڪرسين تي ويهي رهن ٿا. مان مختيار کي چوان ٿو، " اڄ مينهن بند ٿيڻ جو نالو ئي نٿو وٺي!"

"ادا! اڄ برسات ڏاڍي پيئي آهي. بس، بند ٿئي ته ٻاهر نڪرون ٿا. دوست هوٽل ۾ پهچڻ وارا هوندا." مختيار ملڪ چوي ٿو.

"مختيار! خبر اٿئي ته قرة العين حيدر به هن سرڪٽ هائوس ۾ اچي رهي هئي!"

"نه ادا! مون کي خبر ناهي، پر هاڻي خبر پيئي ته توهان انهيءَ ڪري هن پراڻي عمارت ۾ رهڻ تي زور پريو هو"

"ها، هن عمارت ۾ مان انهيءَ ڪري ترسڻ ٿي چاهيو."

"تڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر احمد بخش ڪوکر چيو پئي ته مدد صاحب آخرڪار سرڪٽ هائوس جي نئين عمارت ۾ رهڻ بدران پراڻي عمارت ۾ ڇو رهڻ تي ايترو زور ڏئي،" حاجن سمنگ چوي ٿو.

اوچتو لائيٽ اچي وڃي ٿي ۽ چئني پاسن کان چانيل اونده روشني ۾ ٿي بدلجي وڃي. ايتري ۾ وسندڙ مينهن به بند ٿو ٿي وڃي، ته اسين ٻاهر نڪرڻ جي تياري ٿا ڪريون. ڪجهه دير ۾ سرڪٽ هائوس جي عمارت کان ٻاهر نڪرون ٿا. ٻاهر سرڪٽ هائوس جا ڊگها ڊگها وڻ، اُنهن جا پاڇا ۽ سامهون سنسان رستو. اسين ٻاهر ڪار ۾ وڃي ويهون ٿا ۽ خير[illegible]ـپور جي رستن تي ڊوڙندي ٿي وڃي. مٿي آسمان تي جهڙ جي وچ مان اوچتو چنڊ ليئا پائي اسان کي ڏسي رهيو آهي. مون کي خيرپور جا رستا ڏسي، قرة العين حيدر جو ناوليٽ "سيتاهرن" ٿو ياد اچي، جنهن ۾ سيتا ميرچندائي خيرپور اچي ٿي. شايد قرة العين حيدر

چاڪاڻ تہ من آهي تنها ۽ منزل آهي دور

* * * *

دور گهڻي دور! دور گهڻي دور!

سچل سائين چوي ٿو، "منصور هجي يا سرمد، هجي صنم، يا شمس تبريز هجي، هن تنهنجي گهٽيءَ ۾ اي دلبر! هر هڪ جو سِر ڏڄ ڪان ڏار ٿيو!"

* * * *

هن نيري گگن کي
چانيل جهڙ سمهاري ڇڏيو آهي.
چاڪاڻ تہ ڪيتري وقت کان
هن آڪاس ننڊ نہ ڪئي آهي.
انڪري آڪاس بہ سمهي پيو آهي.
پونين تاريخن جو بيمار زرد چنڊ
ننڊ ۾ ستل آسمان تي، حيران ۽ پريشان،
صبح جي اڪيلي تاري سان گڏ رهجي ويو اڪيلو
۽ خواب انيڪ اکين ۾ رهجي ويندا.
خواب اکين ۾ ويندا آهن رهجي،
جڻ پل اُپَل ۾ لنگهي ويون ڪيتريون صديون.

* * * *

ڪو وقت ٿيو تہ هوءَ ٻرندڙ شمع وئي وسامي ۽ هاڻ تہ هن جي مزار تي ناهي ڪوئي ڏيئو ٻارڻ وارو! جمنا نديءَ جي هُـن پر جامعہ مليہ جي مقام ۾ جتي پيا بہ ڪيترا آهن دکهي ننڊ ۾ ستل! جنم عليڱڙهہ ۽ زندگي لکنؤ غازي آباد، ديرادون، ڪراچي، لنڊن، ممبئي ۽ دهلي... ۽ دهلي... ۽ دهلي... وا حسرتا! هو لکنو جي بڙي امام بارگاہ ۾ رکيل جناب علي اصغر جي سبز جهولي ۽ منبر جي سامهون ميڻ بتيون ٻاريندي آغا مشهدي بن آغا ڪربلائي، پنهنجي گونجندڙ اتهاسڪ آواز ۾ زيارت پڙهائڻ شروع ڪري ڏني. السلام عليڪم يا ابن رسول الله... السلام عليڪم يا مظهرالعجائب... سج روز لهندو ۽ اُڀرندو رهندو. چنڊ جي چانڊاڻ سان آڪاش روشن ٿيندو ۽ اماوس جي راتين ۾ آڪاس ٿي ويندو اونداهو! هي تارا روز ٽم ٽم ڪيو ٽمڪندا رهندا... هوائون تيز گهلنديون رهنديون... پر نہ هونداسين، نہ هونداسين. ۽ رهجي ويندا اسان جا آواز ۽ رهجي بہ وڃن ٿا فقط آواز... آواز جيڪي سدائين لاءِ ٿا رهجي وڃن. زندگي سڄي امام بارگاهہ ۽ ماتم خاني جي منبر تي ڪوئي شمع روشن ڪري زندگيءَ جو نوحو پڙهي هر ماڻهو ٿو هليو وڃي. ٻن ٻن پَنڪي ٿو ڪوئجي وڃي، هن رڻ جهڙي ڪاري رات جي گهمسان ۾.

* * * *

## الوداع

الوداع! اشڪ سے لبريز آنکهيں ميري
الوداع! اب نہ نظر آئے گي صورت تيري
الوداع! مهر محبت! تجهے اب سے رخصت
الوداع! قلبِ حزين! درد و کرب سے رخصت
الوداع! جان جهان، روئے حسين! اب رخصت
تيرگي آئي هے، اي ماهِ جبين! اب رخصت
اب تو تقدير ۾ لکهي هے فرقت تيري
الوداع! اشڪ سے لبريز هيں آنکهيں ميري
الوداع! اب نہ نظر آئے گي صورت تيري!

* * *

رات جي پوئين پهر ۾،
جڏهن توکي ننڊ اچي وئي هئي،
تڏهن مون هڪڙو گيت لکيو هو،
گُلن بابت، پوپٽن بابت،
۽ ماڪ ڦڙن بابت!

(ذاتي نوٽ بوڪ ۾ لکيل جپاني هائيڪو، ڪنهن گمنام شاعر جو)

* * * *

... ۽ زندگيءَ جي رنگ پوميءَ تي...
ڪوئي آواز گونجي ٿو،
وقت فقط غم ڏنو آهي،
۽ اسين پوئين پهر جا مسافر،
هٿن ۾ ڏکن جا عَلم کڻي،
غمن جي سياہ بيرڪن ۽ علم طوقن جي ڇانو ۾،
زندگيءَ جي هن رنگ منچ تي،
ٿي وياسين گُم،
چاڪاڻ تہ وقت وڏو ظالم آهي،
جيڪو سدائين ڏيندو رهي ٿو.
فقط غم،
فقط غم!
.........
۽ زندگيءَ جي رنگ پوميءَ تي ڇانئجي وئي خاموشي!

چيف منسٽر هائوس، ڪراچي
(21- آگسٽ 2007/6 - سيپٽمبر 2007)

* * *

نصير مرزا



# عيني آپا، سدائين گڏ!

21 هين آگسٽ علي الصبح موبائيل فون جي گھنٽي ... ۽ SMS جي Tone تي ڇرڪي اک کولير. موبائيل جي اسڪرين تي لکيل هو: "قرة العين حيدر دنيا مان ڪوچ ڪري وئي." هاءِ شام غريبان! گھبرائجي بيڊ تان اٿي ويھي رهيس. لڳم، پيرن هيٺان زمين ڏڏي پئي، جيستائين حواس جائتا ڪريان... ڄام شوري مان طارق عالم جو ايس ايم ايس اچي پھتو. "ويري سيڊ نصير... عيني آپا دنيا مان وڃي ڇڪي ائي... ۽ اوچتو اکين اڳيان ڇڻ ترورا ايندي پانير. دريءَ ڏانھن اکيون کڻي سامھون ڏٺم... سچ، آسمان تي ٽڪرا ٽڪرا نظر آيم... ۽ ايس ايم ايس جي ٽون تي هاڻي ٽيون ميسيج: نصير يا حسين ع.... عيني آپا وئي هلي... ۽ اهي اکر اسحاق سميجي جا هئا ۽ ان کان پوءِ اياز گل، مختيار ملڪ، مرتضيٰ قل، قاضي منظر حيات... امداد سولنگي... جاويد سوز هالائي، ڊاڪٽر سنتوش ڪامراڻي ۽ غلام محمد ميمڻ ميجر جا مون کي پُرسو ڏيندڙ ايس ايم ايس ۽ ايتري ۾ شام اخبار مان مقصود خاصخيليءَ جو فون... پڇيائين: "عيني آپا جي لاڏاڻي تي ... ۽ اڄوڪي ڏينهن ۽ تاريخ لاءِ ڇا چوندئو؟" چيم: "اڄوڪو ڏينهن... منهنجي لاءِ هن صديءَ جو ڏکدائڪ ترين ڏينهن آهي. هڪ المناڪ ڏينهن!" ۽ چيومانس: "ماءُ کانپوءِ هن دنيا ۾، مون کي صرف ٻه عورتون وڻيون. مسز شيرين فيروز نانا، دختر نادر بيگ مرزا ۽ ٻي قرة العين حيدر... دختر سجاد حيدر يعني پنهنجي دور جي سڀ کان وڏي ناول نگار: عيني آپا!

جنھن پنھنجي ناولن "آگ ڪا دريا"، "گردشِ رنگِ چمن"، "سيتا هرن" "هائوسنگ سوسائٽي" ۽ "ڪارِ جهان دراز هي" وغيره ۾ ڇڻ هن، ننڍي کنڊ جي اڍائي هزار سالہ اتهاس جون مجلسون پڙهيون آهن..." ۽ 21 هين آگسٽ جي هن المناڪ ڏينهن کان اڳ واري رات، ڪراچيءَ ۾ مون، پنهنجي ايف ايم ون او ون جي آفيس جي پندرنهين فلور تي گهاري هئي. جنهن کان اڳ رات دير تائين، پٺائي آباد ۾ منظور قناصري جي گهر تي، آغا سليم صاحب سان ڪچهريءَ ۾ اسين سڀ پاڻ ۾ گڏ هئاسين. سميع بلوچ، اياز گل، ادل سومرو.. ۽ ادل سومرو تہ منهنجي آفيس ۾ ئي رهيو هو مون سان! ۽ عيني آپا جي لاڏاڻي جي خبر ٻڌڻ بعد ادل تہ ڪافي پُر سڪون نظر آيو ۽ آئون اوترو ئي بي سڪون. تڏهن سخت ڊپريشن ۾ ڊرائيور کي وٺي ڪراچيءَ جي انهن آبادين ڏانهن نڪري پيو هئس، جن جو ذڪر عيني آپا، ڪنهن وقت پنهنجي تحريرن ۾ نهايت دلفريب انداز ۾ ڪيو هو. گارڊن ايسٽ، پير الاهي بخش ڪالوني، سولجر بازار، هولي فيملي گارڊن روڊ ۽ انهيءَ سموري آباديءَ جي هڪ هڪ بنگلي ۽ وڪٽورين اسٽائيل جي گهرن.... لوهي گول ڏاڪڻين، گهرن جي اجاڙ ايوانن ۾ بيٺل صنوبر.... يوڪلپٽس ۽ بادام جي وڻن سان ڇڻ آئون عيني آپا جون ڳالهيون ڪندو، محفلِ شاهہ خراسان امام بارگاهہ جي ڏاڪڻ تي وڃي ڪي گهڙيون ويهي رهيس. ڏاڪڻ جي ڏاڪن تي دلگير وينو هوس تہ پياري دوست ذوالفقار هاليپوٽي ۽ سائين فضل قادر قلباڻي جا دل کي دلاسو ڏيندڙ فون پهتا.

محفلِ شاهہ خراسان جي ڏاڪڻين تان اٿيس تہ ڊفينس واري

### نصير مرزا

# ’آشيانہ‘ واسين سان عذر خواهي



مسجدِ علي، خيابان محافظ ۽ خيابان، بخاري و فيض vi ڊفينسَ هائوسنگ سوسائيٽي ڪراچي ۾، ٻاويهين آگسٽ جي شام جو، عيني آپا لاءِ زنانہ مردانہ مجلس ۽ قرآن خوانيءَ جي خبر مون Dawn اخبار جي اندرين صفحن ۾ پڙهي هئي. ڪراچي ۾ هئڻ ڪري، قصد ڪيم تہ، شام ٿيندي ئي ڏڪويل خاندان سان عذر خواهي لاءِ، آئون ضرور اُتي ويندس.

ڊفينس خيابان بخاري و فيض جي رستي سان سيد مصطفيٰ حيدر (برادر قرة العين حيدر) جو شاندار ۽ ڪلاسڪ اسٽائيل جو اُهو بنگلو، جيتوڻيڪ منهنجو اڳ ئي ڏٺل هو، پر پوءِ، اوچتو علائقي جي لائيٽ هلي وڃڻ ۽ رستي جي ٻنهي پاسن تازي وٺل مينهن جي بيٺل پاڻي ۽ مسلسل پوندڙ برسات جي بوندن باعث، ڌنڌ ۾ اُهو بنگلو ڳولڻ ۾ اسان کي ڪافي دقت بہ ٿي.

۽ هيءُ جو هتي مون لکيو اسان، تہ اسان معنيٰ ڪير ڪير!؟ حقيقت ۾، سيد مصطفيٰ حيدر ۽ سندس گهرڀاتين سان عذر خواهي لاءِ وڃڻ جي ڏس ۾، مون پنهنجي دوست غلام محمد ميمڻ (ميجر) کي تہ ڪمپنيءَ جي خيال سان گڏ وٺي وڃڻ چاهيو هو پر گڏوگڏ اهو بہ سوچيم، تہ ان Event کي رپورٽ ڪرڻ لاءِ روزانہ ڪاوش جي ڪراچيءَ واري عيوضيءَ ۽ فوٽو گرافر کي بہ ڇو نہ اوڏانهن وٺي وڃان، ۽ اُهي جيڪي بہ دوست مون سان گڏ هئا، سعي هئا امتياز احمد چانڊيو ۽ فوٽوگرافر جاويد احمد. مسجدِ علي ۾ مردانہ مجلس ۽ قران خواني شايد اسان جي دير سان اُتي پهچڻ سبب، ختم ٿي چڪي هئي. ان ڪري مايوس ٿي لامحالہ، زنانہ خاني ۾ ٿيندڙ مجلس ۽ قرآن خواني واري گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، مصطفيٰ حيدر صاحب جي بنگلي ’آشيانہ‘ جو مين گيٽ اچي اسان Kanock ڪيو.

ياالله: ڇا تہ و ضعدار انسان هئا اُن آشياني جا رهواسي. ۽ هيڏانهن ٻڌايوسين تہ، اسين سڀ دوست، عيني آپا جا

ڪراچي ريلوي اسٽيشن کان ٽانگي تي سوار ٿي صدر پهتاسين، جتي جنرل پوسٽ آفيس جي گلابي گلابي بلڊنگ ۽ گرينڊ هوٽل تي منهنجي نظر پئي. اتي ٿي ان ايريا ۾ 9 ميرچول بلڊنگ جي ٽين ماڙ تي هڪ فليٽ ۾ اچي اسان سامان کوليو هو.

۽ ڪراچي ۾، هي اسان يوپيءَ جي مهاجر ڪٽنب جو پهريون ڏينهن هو....

۽ اهو، ڊسمبر 1947ع جي ساروٽين بابت، عيني آپا جو بيان هو. ۽ ان کان پوءِ ڪراچيءَ جي 9- ميرچول بلڊنگ ۾ اچي آباد ٿيندڙ هي خاندان نهايت جلد، خيابان بخاري ڊفينس ۾ وڃي آباد ٿيو هو. ۽ اڄهو 22 هين آگسٽ جي رات جو اسين سڀ، ان ٿي گهر جي سجاٿپ، عظيم ناول نگار خاتون، قرة العين حيدر جي عذر خواهي لاءِ سندس ڪٽنب جي وچ ۾ ويٺا هئاسين. وڪٽورين اسٽائيل صوفن ۽ ڪرسين تي ويهي، فاتح خواني بعد عيني آپا جو ڀائيٽو جلال حيدر ٻڌائڻ لڳو: "ڦُڦي جي اوچتي انتقال سبب، ڪنهن بہ گهر ڀاتي کي ڀارت وڃڻ جي ويزا نہ ملي سگهڻ باعث اسان مان ڪوبہ، هن جي تدفين ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو آهي، جنهن جو اسان کي شديد افسوس آهي. آئون البتہ 15 هين جولاءِ تي تازو هن سان دهليءَ ۾ ملي آيو هوس. جو آگسٽ جي ٽئين هفتي ڌاري منهنجي ڌيءَ جي شادي ٿيڻ واري هئي. ۽ ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آئون هن کي دعوت ڏيڻ ويو هوس، باوجود ان جي، جو هوءَ ضعيف ۽ نحيف هئي. ۽ فالج جي خفيف حملي ۽ نمونيا جي اٽيڪ هن کي ڪافي هيٺو بہ ڪري ڇڏيو هو. پران جي باوجود مون سان واعدو ڪيو هئائين تہ آگسٽ جي ٻئين هفتي تائين هوءَ ضرور ڪراچي پهچي ويندي. افسوس... آگسٽ جي پهرين تاريخ تي دهليءَ مان هن جي خدمتگذار خاتون ريحانہ فون ڪيو تہ... "ساهہ ۾ شديد سهڪي سبب، هن کي اسپتال ۾ داخل ڪيا ڪرايون."

"جا جولاءِ ۾ توهان سان ملڻ وقت عيني آپا جي ڳالهين ۽ رويي مان لڳو- پئي تہ، هاڻي تمام جلد، هوءَ دنيا مان وڃڻ واري آهي؟."

مون جلال حيدر کان، اتاولائي مان پڇيو هو... چيائين: "نہ"! هن کي تہ خود بہ اعتماد هو تہ هوءَ اچا ايترو جلد دنيا مان نہ ويندي، علاوه ازين Death لفظ ٻڌڻ، اچان هن کي بلڪل ئي پسند ڪونہ هو. چوندي هئي، ان جو تذڪرو منهنجي اڳيان ڪريو ئي نہ!.... ها! اهو جڏهن بہ آيو،

آئون ان کي پاڻيءَ ڀريل گلاس وانگر ڏڌو هئي. ڦينگون اڏائيندي، اڳتي وڌي ويندس."

"چوندي هئي، موت منهنجي لاءِ موزارٽ جي سمفنيءَ وانگر آهي. خليل جبران جو هڪ نظم، The Beauty Of Death تہ مون ڪيئي دفعا هن جي واتان ٻڌو هو. خاص ڪري هي سٽون تہ هوءَ اڪثر اسان جي آڏو بطور وصيت دهرائيندي رهندي هئي:

Do not wear black at my funeral
but white as at a betrothal
Do not Speak of my departure
with tear in your voices rather
Close your eyes
and you will See me among you
to day and tomorrow
we shall See each other again
and we Shall drink
the morning dew
from the cups
of narcissus flowers

"هونئن عيني ڦڦي مون کي.... جلال حيدر، اسان کي وڌيڪ ٻڌائي ٿو..... "آخري ملاقات ۾ پنهنجي وصيت کان بہ، آگاهہ ڪندي چيو پئي، "هتي ڀارت ۾ پنهنجي نوئيڊا واري گهر پرسان رهندڙ ڀاڻيجي هما حيدر (عرف بچن) ۽ ان جي گهر واري رفيع الحسن کي قانوني طرح سان وصيت ۾ لکرائي ڇڏيو آهي تہ، مرڻ کان پوءِ، گهر کان ڪتابن، زيورن ۽ فرنيچر تائين، هر شيءِ وڪڻي، Cash ۾ ان کي تبديل ڪيو وڃي ۽ عين اسلامي قانون مطابق، ان کي سيد مصطفيٰ حيدر جي پوري پريوار، پٽن ۽ ڌيئن ۾ حصي پتيءَ مطابق ورهائي ڏنو وڃي."

"جا پنهنجي تدفين بابت بہ هن ڪائي وصيت ڪئي هئي!؟". آئون جلال حيدر کان پڇان ٿو.

"تہ لکت ۾ تہ نہ. البتہ چوندي رهندي هئي تہ، مون کي ضلع بجنور جي قصبي نهٽور جي قديم قبرستان ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن سان گڏ پوريو وڃي، يا لکنؤ جي عيش باغ واري قبرستان ۾، والد سيد سجاد حيدر يلدرم جي پيراندي کان." آئون دل ۾ چوڻ ٿو لڳان: "افسوس عيني آپا جون اهي پيئي وصيتون نظرانداز ڪري کيس جامع مليہ اسلاميہ دهلي جي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو ويو."

"چو!؟ ۽ ائين چو ڪيو ويو!؟" آئون جلال حيدر کان اهو پڇڻ کان رهي نٿو سگهان! "اهو شايد ان ڪري جو ....

کي بغداد ۾ برطانوي قونصل جنرل جو ترجمان مقرر ڪيو ويو. بغداد کان پوءِ هو اهڙي ساڳئي منصب سان قسطنطنيه جي سفارت خاني ۾ پڻ ڪم ڪندو رهيو. ترڪيءَ کان واپسي تي 1912ع ڌاري يلدرم جي شادي (ان سال نادر بيگ مرزا بار ايٽ لا ٿي لنڊن مان ننڍي نوڙهي موٽيو هو) يو پي جي شيعه خاندان جي، ان وقت جي نوخيز ليکڪا نذر زهرا بيگم سان ٿي. جيڪا خان بهادر سيد نذر الباقر جي ڌيءَ هئي. مس نذر الباقر 1908ع ڌاري لاهور مان نڪرندڙ ٻارن جي رسالي ’پھول‘ جي ايڊيٽر پڻ رهي چڪي هئي. جوانيءَ ۾ هن ڪجهه ناول به لکيا هئا جن تي بقول عيني آپا، هن جي والده کي بڙوده جي مها راڻي انعام طور تمغه پڻ ڏنا هئا.

نذر زهره، ننڍي ڪند جي منفرد خاتون عطيه فيضي کان اڳ، هڪ روشن خيال ۽ جديد ذهن رکندڙ خاتون هئي. عيني آپا چواڻي: 1923ع ۾ هن يلدرم جي اجازت سان پردو ترڪ ڪيو، ۽ ترڪِ موالات تحريڪ جي زماني ۾ هن ’کاڌي تحريڪ ۾ پڻ حصو ورتو‘.

1914ع ۾ يلدرم... راجه محمود آباد جو پرائيويٽ ۽ پوليٽيڪل سيڪريٽري مقرر ٿيو. (اهو پهرين مهاڀاري يڌ جو زمانو هو) وڌندڙ عمر ۽ پيريءَ جي ويجهو اچڻ سبب، سجاد حيدر يلدرم 1935ع کان پوءِ ’دهره دون‘ ۾ پنهنجو شاندار بنگلو تعمير ڪرايو ۽ ان جي دروازي تي گهر جو سرنامو تجويز ڪيائين: ’آشيانو‘.

سجاد حيدر ۽ نذر زهره کي هوندڻ ته ٻار ٻيا به ڄاوا پر بچيا صرف به. مصطفيٰ حيدر صاحب (حال حيات، ساڪن ڪراچي) ۽ ٻي شهره آفاق: ليکڪا: قرة العين حيدر.

عيني آپا 20 جنوري 1926ع ۾ علي ڳڙهه ۾ پيدا ٿي، جنهن وقت هن جو والد اتي مسلم علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ رجسٽرار هو. هن دهره دون ڪانوينٽ، لکنؤ ڪاليج، لکنؤ يونيورسٽيءَ جهڙين تعليم گاهن مان انگريزيءَ ۾ ايم اي ڪئي.

موسيقي، مصوري، راڳداري، پيانو وڄائڻ، انگريزي ڊرامن ۾ پارٽ ڪرڻ... ادب جو مطالعو... ۽ اهي سڀ شوق ننڍپڻ کان ئي هن جي ذات جو حصو بڻيل هئا. پنهنجي ڪن سرگرمين جي باري ۾ عيني لکيو آهي.

- اسپورٽس ۽ رياضي کان ته منهنجو ساهه نڪرندو هو. اسڪول جي زماني ۾ باسڪيٽ بال راند سان ته منهنجي اصل ئي ڪاٺ پوندي هئي، ساهيڙين کي پاڻ ۾ اٽڪائي ڇڏڻ ۾ ڏاڍو لطف ايندو هو ڪين ويڙهائي وري ڦيرو ڏيئي انهن کي پرچائڻ ۾ به مون کي وڏي مهارت حاصل هوندي هئي. ان ڪري ڪاليج جي سياست ۾ منهنجو وڏو عمل دخل رهيو.

قرة العين حيدر جي بقول سندس والد... نيڪ، اشراف، ڊيمو ۽ شفيق انسان هوندو هو ۽ والده نهايت تيز... بي باڪ، بهادر ۽ منهن تي ڦهڪائي ڏيڻ واري عورت هوندي هئي، ۽ بقول عيني آپا جي، هن جي سڀاوَ ۾ ماءُ پيءُ واريون اهي ٻيئي خصلتون هونديون هيون. قرة العين حيدر کي دلڪش نثر ۽ رومانوي نوع ۾ افسانه لکڻ جو اتساهه معروف ليکڪ ۽ پنهنجي والد سجاد حيدر يلدرم وٽان مليو ۽ بولڊنيس پنهنجي والده نذر سجاد وٽان ورثي ۾ ملي.

پنهنجي والدجي پيريءَ جي ’تصوير‘ ڪجهه هن انداز سان پنهنجن اکرن ۾ پينٽ ڪئي اٿس:

- بابا سائين، هلڪو ڦلڪو، سنهڙو سيپڪڙو.. ترڪي ٽوپي پائيندو هو ته لڳندو هو مهاتما گانڌي پوڙهو ٿي چڪو آهي. ايترا وڏا وڏا منصب ملڻ جي باوجود پائيندو ۽ چوندو هو... پئي آئون ته ڪجهه به ناهيان. ڪڏهن به ڪنهن سان ’تون‘ (تم) ڪري مخاطب نه ٿيو. سڀني سان توهان (آپ) چئي مخاطب ٿيندو هو.

بقول عينيءَ جي، ادب ۾ منهنجو آئيڊيل صرف منهنجو پيءُ هو. سجاد حيدر يلدرم، جنهن منهنجي ادبي تربيت به ڪئي. مون کي ياد آهي رات ٿيندي ئي، هن جي

1984ع ۾، هن کي 'پدم شري' ۽ غالب ايوارڊ ڏنا ويا.
1990ع ۾ هن کي سندس شاندار ادبي خدمتن تي هندستان جو سڀ کان وڏو ايوارڊ: گيان پيٺ ايوارڊ ڏنو ويو.
قرة العين دهليءَ ۾، جن گهرن ۾ گهڻو وقت رهي، انهن جا ڏس پتا.

Flat: 8, Tower'A'
Zakir Bagh Okhla Road
Jamia Nagar
New DELHI - 110025

جنهن گهر مان بيمار ٿي اسپتال ايڊمٽ ٿي ان جو ڏس پتو:

J-140, Sactor: 25
Noida 201301
new dehli
Ph: 8937340

قرة العين حيدر کي دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي.

| | | |
|---|---|---|
| آگ کا دريا | روسي ٻوليءَ ۾. | |
| آگ کا دريا | انگريزي ٻوليءَ ۾. | مترجم: قرة العين حيدر |
| سيتا هرن | سنڌي ٻوليءَ ۾. | مترجم: ولي رام ولڀ |
| قلندر | قرة العين حيدر جون چونڊ ڪهاڻيون | مترجم: مدد علي سنڌي |
| پت جهڙ کی آواز | ڪهاڻين جو مجموعو انگريزي ۾ | مترجم: قرة العين حيدر. |

وفات جو سبب:
نمونيا جو بخار، فالج جو حملو ۽ ساهه ۾ شديد سهڪو. سهڪي سبب، وفات کان پهرين، وات مان نڪتل

آخري لفظ:
"ريحانہ!! 'جلال' کو کهين، سي بلائو."
(جلال حيدر: پاڪستان ۾ رهندڙ قرة العين صاحبہ جو وڏو ڀائيٽو).

وفات جو وقت، تاريخ ۽ عمر:
آڌي رات (ٽي لڳي ٽيهہ منٽ)، 21 هين آگسٽ 2007ع. تقريباً 81 ورهيہ.

وفات جو هنڌ ۽ تدفين:
نوئيڊا هاسپٽل، نيو دهلي ۽ تدفين: جامع مليہ اسلاميہ دهلي جو قبرستان، هندستان.



آصف فرخي، بيگم آصف فرخي ۽ شيما ڪرماني قرة العين حيدر سان گڏ

دعوت قبول ڪيم. جو پاڻئيم تہ اهڙا موقعا ڪي روز روز ٿورو ئي ملندا.

بمبئي ۾ ڪم جي سانگي ٽي ڏينهن رهڻ ٿيو ۽ ٽيئي ڏينهن آئون هن سان ملندو رهيس.

آئون بمبئي جي تاج هوٽل ۾ ٽڪيل هوس. جتي هڪ ڏينهن... عيني ڪي مون لنچ تي بہ دعوت ڏيئي گهرايو هو. انهيءَ دعوت ۾ اي. جي نوراني بہ اسان سان شريڪ هو. انهيءَ دوران عيني مون کي اجنتا جون گفائون گهمائڻ لاءِ اورنگ آبادي بہ وٺي هلي، جتي مون هن جي تصوير بہ ڪڍي هئي. جنهن ۾ هن کي گلابي رنگ جي ساڙهي پاتل هئي، بمبئي ياترا وقت هوءَ مون کي مشهور فلمي شاعر جاويد اختر جي گهر بہ وٺي هلي هئي. جنهن عينيءَ جي فرمائش تي اسان کي پنهنجو هڪڙو نظم ٻڌايو هو. جنهن جو عنوان هو. 'آوارگي'.

بمبئي مان واپسي کان پوءِ عيني سان منهنجي خط و ڪتابت جو سلسلو جو شروع ٿيو تہ... هلندو ئي رهيو.

عيني هاڻي بمبئي بدران دهلي ۾ ذاڪر باغ واري فليٽ ۾ رهڻ لڳي هئي، ۽ ڪم سانگي منهنجو جڏهن بہ دهلي وڃڻ ٿيندو هو. عينيءَ سان ضرور ملاقات ٿيندي هئي.

1999ع ڌاري هُوءَ پاڪستان آئي ۽ اسلام آباد ۾ پنهنجي پياري سوٽ حميرا جري احمد (يعني دشڪا حيدر جي ماءُ ۽ مشاهد حسين جي سس) جي گهر. ڪي ئي هفتا اچي رهي هئي تہ اُتي بہ هن سان منهنجون ڪيئي ملاقاتون ٿيون.

عيني جي ان پاڪستان ياترا وقت ڪشور ناهيد هن جي اعزاز ۾ هڪ شاندار دعوت رکي هئي، جنهن ۾ اهڙن سڀني اديبن شاعرن دانشورن کي سڏيو ويو هو جيڪي خود بہ عيني سان ملڻ جا شديد خواهش مند هئا.

مون کي ياد آهي، آڌي رات وقت، عيني جڏهن پنهنجي رهائشگاهہ ڏانهن واپس وڃڻ لاءِ ڪار ۾ سوار ٿي رهي هئي تہ، ڪار جي دروازي بند ڪرڻ وقت، مون آهستگيءَ سان هن کي چيو هو: عيني "*I Love you*".

۽ اهو... اڄ بہ سچ آهي. ۽ عيني کي بہ اِن ڳالهہ جو علم هو تہ...

۽ اڄ ان ڳالهہ تي، توهان پاڻ ئي چئو، ڇا مون کي حق ناهي تہ سچي زندگي ناز ڪندو رهان؟

(ڪتاب: قرة العين حيدر ڪے خطوط: ايڪ دوست ڪے نام - جو مهاڳ: دُردانہ نصير)



ڊاڪٽر جميل جالبي قرة العين حيدر سان گڏ

تڏهن هن نهه پهه وراڻيو هو: ”تنهنو مون کي کپي کو ئي مئو مرد.“

۽ عيني آپا جي ننڍپڻ ۾ ڏنل ان بي ساخته جواب تي ياد پيو اچيم ته، منهنجي ڄاڻ مطابق، ڪيترن ئي مشهور وڪيلن، ججن، ليڪڪن، اعليٰ سرڪاري آفيسرن هن سان شادي ڪرڻ پئي چاهي... ۽ ان لاءِ ڪڏهن هن کي روبرو، ته ڪڏهن ڪنهن جي معرفت رشتو موڪليو ويو، پر موٽ ۾ هن سڀني کي مايوس ڪيو. پاڪستان مان لڏي ڀارت وڃڻ کان پوءِ به، السٽريٽيڊ ويڪلي ۾ نوڪري دوران يا سينسر بورڊ ۾ چيئرمين شپ واري وقت، ڪيترن ئي مشهور ماڻهن، اتي به اهڙي ڪوشش ڪئي، پر قرة العين حيدر ڪنهن تي به، پنهنجي دل جا دروازا نه کوليا.

هندستان ۾، عيني آپا کي مون وانگر ئي دوستن جي دعوتن ڪرڻ جو ڏاڍو شوق رهندو هو ۽ دعوت سان گڏ هوءِ اهو حڪم ۽ حجت به ڪندي هئي ته پارٽيءَ ۾، 1960ع جي زماني واري فيشن وارو لباس پائي اچجو يا هن دعوت ۾ پنهنجي ماءُ جي زماني وارا ڪپڙا پائي پوءِ اچجو.

ڏهه کن ورهيه اڳ، هن جي هٿ تي فالج جو حملو ٿيو، پر لکڻ ته پوءِ به هن ڪونه ڇڏيو. هڪ پوسٽ گريجوئيٽ شاگرديائي کي سڏي پر ۾ ويهاري، ويٺي لکرائيندي هئي. ڪارِ جهان دراز هي، جو ٽيون واليوم هُن، اِن ريت ئي مڪمل ڪيو هو. ’دامانِ باغبان‘ (خطن جو مجموعو) ’ڪُفِ گُلفروش‘(تصويرن جو البم) هن ان طرح سان ئي ليٽي ليٽي مرتب ڪيو هو.

ڪاوڙ ته جهڙوڪر عيني آپا جي نڪ تي هر وقت رهندي ئي رهندي هئي، شل نه ڪو پڇيس ته، شادي ڇو نه ڪيوَ ته ان پڇندڙ کي ته اصل پڇاڙي ڇڏيندي هئي.

هڪ ڏينهن موڊ ۾ اچي ٻڌائڻ لڳي: ”آئون ڇهن سالن جي عمر کان پئي لکان.“

عيني آپا... زندگيءَ ۾ رڳو لکيو، پڙهايو يا ڳالهايو... ماني پچائڻ يا رڌ پچاءَ وغيره جو ڪم، هن کي ڪڏهن آيو ئي ڪونه. ۽ اڄ جي عام ليکڪائن جي پيٽ ۾... سگريٽ... شراب... ’نه‘ هوءِ اهڙي ڪنهن به شئي جي ويجهو ڪونه هئي. ڦهر جي witty هئي. ادبي نشستن ۾ جملن ڇڏڻ کان ته اصل باز ڪانه ايندي هئي. ڪنهن تقريب ۾ وائيس چانسلر جي زال شوخ رنگ جا ڪپڙا ۽ ضرورت کان وڌيڪ ڳرا زيور پائي هن جي آڏو اچي لنگهي، ته اهو ڄاڻندي به، ته هوءِ وائيس چانسلر جي زال آهي، زور سان چيائين: ”هيءَ چمڪَ چلو وري ڪير...؟“ لاهور ۾ قيام دوران، مستنصر حسين تارڙ، ساڻس گڏ فوٽو ڪيرائي ٻئي ڏينهن ڪنهن اخبار ۾ شايع ڪرائي ڇڏيو. صبح جو اخبار ڏسندي ئي عينيءَ آپا روئڻ شروع ڪري ڏنو. هر هر پئي چيائين ته: هي فوٽو آخر ڇو ڇپرايو ويو آهي.“ تڏهن ڪلندي چيومانس: ”عيني آپا! ان جي هيٺان ڪٿي لکيل آهي، ته هي نئين پرٽيل جوڙي جو فوٽو آهي!“

اهڙي ڳالهه تي ته وڌيڪ چڙندي چيائين: ”نالائق آهين تون وڏي! اهڙيون اجايون ڳالهيون نه ڪندي ڪر مون سان.“

۽ 2006ع ۾، ’هوءَ پويون پيرو پاڪستان آئي هئي. هڪ ملاقات ۾ ٻڌايائين پئي، ته جنهن ڏينهن پُٽي صاحب کي ڦاسي آئي هئي، آئون لکنؤ ۾ هئس ۽ پنهنجي ساهيڙيءَ عزيز بانو سان بازار مان پئي لنگهيس... ته ڪٿي جو ڏسان، ته ڪي دڪان ان سوڳ ۾ بند، ته ڪي اڌ بند هئا. ۽ بازار ۾ هر طرف اِها ئي چوٻچو هئي ته: ”ڪهڙي نه ڇگي ماڻهوءَ کي هنن ماري ڇڏيو آهي!“

وڌيڪ ٻڌايائين ته ان شام جو لکنؤ کان بمبئي وڃڻ لاءِ ريل جي انتظار ۾، جڏهن ويٽنگ روم ۾ وڃي ويٺيس ته ڇا ڏسان... هڪ خاتون ويٺي آهي ۽ ساڙهيءَ جي پلئه سان ڳوڙها ويٺي اگهي روئڻ جو سبب پڇيومانس، ته چيائين: ”هيءَ ته عجيب قوم آهي، جنهن پنهنجي راجا کي ماري ڇڏيو آهي....“

عيني آپا جي خاندان ۾ هڪ ٻئي سان ڏاڍي محبت ۽ چاهت روا رکي ويندي آهي، ۽ ماساتيون، سوٽيون ۽ عيني آپا، اهي سڀ خواتين ائين نظر ايندڀون هيون، ڄڻ سڳيون ڀيڻون هجن پاڻ ۾. اهڙيءَ ريت عيني آپا، جن ليکڪن اديبن شاعرن ۽ فنڪارن سان قربت جو رستو رکندي هئي، خاندان جي فردن وانگر پوءِ هوءَ انهن کي به ڄڻ پنهنجي ئي ڪٽنب جو هڪ حصو سمجهڻ لڳندي هئي، ۽ انهن سان رلي ملي ويندي هئي.

(ڪتاب: شناسائيان رسوائيان مان ڪوريل هڪ باب.

ترجمو: عرفان علي انصاري)

## مهربان لکندڙن لاءِ ڪجھ گذارشون

1. مهراڻ ۾ ڇپيل مواد ۾ درج ٿيل رايا، تجزيا، نتيجا ۽ علمي فڪري زاويا جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سنڌي ادبي بورڊ جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڏيڻ گهرجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ موڪليل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.
5. مهراڻ لاءِ مواد پڙهڻ لاءِ سمجهہ ۾ ايندڙ صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، فئڪس، اي ميل ۽ موبائيل نمبر هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نکور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).
6. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نہ رهندو.
7. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم ۽ نقطۂ نظر قائم رهي.
8. نظرثاني ڪان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ اداري کي گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيترو قدر ٿي سگهي، آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
9. اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. مواد جي چونڊ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾ سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نہ رهندو.



TASSCO
The shining star of private seed sector in pakistan
The first research based seed company in pakistan
One of the biggest seed company in pakistan
The name of trust in pakistan
Tassco Seed Multiplication Farm
Tassco Seed Focused on a Common Goal of Reliable, Productive, High Quality, High Yielding Seeds of Cotton, Wheat, Onion, Okra, Cauliflower and Rice Crops.
COTTON SEED
NIAB-78
TASSCO SEED CORPORATION.
WHEAT SEED
KIRAN-95-کرن
TASSCO SEED CORPORATION.
TASSCO SEEDS
TASSCO SEED CORPORATION
asar Pur Road Tando Allahyar Sindh.
Ph: 022-3890422 Fax: 022-3891622 Email:ta coseeds@yahoo.com Web: www.tasscoseeds.com